

# جُوٽِيُون جيءَ جهانَ جُون

(زندگيءَ جو سفرنامو)

سرڪش سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جُوٽِيُون جِيءَ جَهانَ جُون

## (زندگيءَ جو سفرنامو)

سرڪش سنڌي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جُوٽِيُون جيءَ جَهانَ جُون

(زندگيءَ جو سفر نامو)

## سرڪش سنڌي

زخمي پبليڪيشن ڏکڻ
ضلع شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ هٿيڪا

BOOK NO: (02)

ڪتاب ـ نالو: جُوٽيئون جيءَ جهان جون
موضوع: زندگيءَ جو سفر نامو (آتم ڪٿا)
ليکڪ: سرڪش سنڌي
ڇاپو پهريون: جولاءِ 2007ع
ڇپائيندڙ: زخمي پبليڪيشن ڍڪڻ
ڪمپوزنگ: روشني پبليڪيشن

ڪچي ڪاپي : 200 روپيه
پڪي ڪاپي : 250 روپيه

ڪتاب گهرائڻ لاءِ رابطو:

زخمي پبليڪيشن پي او ڍڪڻ، ضلعو شڪارپور
0300_3416472 0333 7289275
سرڪش سنڌي ـ لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ارپنا

والد محترم مولوي عبدالله چانڊيي

والده محترمه جادل

محترم ڀاءُ مولوي عبدالحميد

محترم ڀاءُ فقير عبدالرشيد

ڀيڻ زبيده

۽

شريڪ - سفر

عُمراهه جي ناني

ساٿي نہ پسان سي، جي هُنر هِينين ٽُوٽيون
هاٿي ڪنين جي، وڃنو اگڙِ آئيان.
(شاهه رحه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اداري پاران:

دنيا جي ڪيترين ئي شخصيتن پنهنجي حياتيءَ جو سربستو احوالAuto Biography لکي پيش ڪيو آهي، سنڌي ادب ۾ شمار ٿيندڙ آتم ڪٿائن مان، ڪوڙ سارين آتم ڪٿائن جي اڄ سوڌي بہ اهميت برقرار آهي.

سرڪش سنڌيءَ جو نالو سنڌي ادب ۾ مزاحمتي شاعريءَ جي حوالي سان نهايت اهميت وارو آهي، شاعريءَ کان علاوه سندس شبنڌ قومپرست سياست سان پڻ رهيو آهي، جنهن ڪري شاعر وٽ اول بہ سنڌ تہ آخر بہ سنڌ نظر ايندي. سندس محبتون شاندار سنڌ جو اثاثو آهن.

سرڪش سنڌيءَ جي زندگيءَ جو سفرنامو **’جُوٽيُون جيءَ جهانَ جون‘** سندس، پيار، محبت ۽ عشق جو اظهار آهن. زخمي پبليڪيشن طرفان هي ڪتاب جاري ڪندي انتهائي خوشي محسوس ڪيون ٿا.

پڙهندڙ پنهنجي خوبصورت راءِ کان اسان کي آگاهہ ڪندا تہ سنڌن ورڻ ٿيندا.

خالد چانڊيو
زخمي پبليڪيشن ڏکڻ
0300_3416472
0333_7289275

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پنهنجي پاران:

# سچ جي اُس ۾ اگهاڙو بيٺل آنءُ

ڊاٽن، هُريي ۽ ڳاڙهن هيرن جي اکلڻ مند پهچڻ واري هئي تہ منَ ۾ مَستي رکندڙ ڳيرن جي سنڌپرستي انهيءَ حدَ کي پهتي جو سنڌي قوم سان ٿيندڙ اُره زوراين کان دنيا جي قومن کي آگاهہ ڪرڻ لئہ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪئي وڃي تہ دنيا ڏسي ۽ ٻڌي.

اها آخري ڏاڪي تي پير رکڻ واري صلاح الائجي ڪهڙي عقل جي اڪابر جي ڏنل هئي، پر عشق سان سرشار تي عمل جي دنيا تي فيبروري 2004ع ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ جا ڳيرو پريس ڪلب ڪراچي جي اڳيان، پنهنجي اهڙي پرپور جواني داءَ تي لڳائي ويهي رهيا، جيڪا نو وَرني وينگس جي جرڪندڙ نيڻن ۽ ريشم جهڙن ٻڪن جي حوالي ڪئي ويندي آهي. مان بہ انهيءَ عشق جي عمل ۾ پنهنجي اندر جي اڪير جي سموري سونهن ڪٺي پنهنجي نهايت پياري ادڙي نوجوان عامر وڳڻ سان گڏجي ڪراچي پهچي بک هڙتال ۾ علامتي طور تي شريڪ ٿيو هوس. جڏهن تہ اهڙن احتجاجن جو هاڻي ڪو لاڀ نہ رهيو آهي، ڇو تہ جن قومن اڳيان اهو مظلوم آواز پهچائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي وڃي، اهي پاڻ ئي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ظالم، غاصب ۽ استحصالي بنجي بيٺيون آهن.

عامر وڳڻ، خوشحال گهراڻي ۾ اعليٰ ڪردار جو مالڪ ۽ باضمير، همدرد نوجوان آهي. پنهنجيون مجبوريون پاسيريون رکي بہ مُنجهيل ماڻهن جي مدد ڪرڻ جا احساس تمام گهڻا اٿس. ڪنهن کي بہ خالي هٿين نہ موٽايو اٿس ڇو تہ سواليءَ کي خالي موٽائڻ وارا لاڙا منجهس پيدا ئي نہ ٿيا آهن. صاف گوئي، ڪلمکي ۽ ڪشادو دسترخوان رکڻ سندس ضمير، خمير ۾ اوتيل آهي، اهو ئي سبب آهي جو مون اهڙي ادڙي جي ويجهو ٿيڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي تہ جئين منجهس آزاد سنڌ جي تصور جو بنياد رکي سگهجي تہ اڳتي مسئلن جي حل ٿيڻ ۾ آساني پيدا ٿئي. مون سان سندس ورتاءُ ايترو تہ شاندار رهيو آهي جو منهنجي ٻن نياڻين (پنهنجي پينرن) جيڪي انگريزي ادب ۾ ايم اي آهن، کان منهنجي هن ڪتاب **'جُوٽيون جيءَ جهان جون'** تي تبصرو لکائي ڏنو. اهي نياڻيون پوسٽ گريجوئيٽ هوندي بہ بي روزگار آهن. جڏهن تہ هڪ نياڻي ايم اي انگريزي فرسٽ ڪلاس، ايم ايڊ فرسٽ ڪلاس ۽ ايچ ـ ايس ـ ٽي جي تحريري امتحان ۾ فرسٽ پوزيشن ڪئي آهي. آفر ليٽر مليو پرحڪومت جي ڪارندن پنهنجا نوازيءَ جي ڪمينگيءَ جي ڇانوَ ۾ اچي ميرٽ وارا آفر ليٽر رد ڪري ڇڏيا آهن ۽ 2050 ٽيچرس بکن ۽ بدحالي جو شڪار آهن. هوڏي پاڻ امير، وزير پنهنجي اقتدار کي بچائڻ لاءِ چوڌرين ۽ پرويز مشرف جي پيرن تي ڪرڻ کان بہ نہ پيا لنوائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن مون کي پيءُ جي حيثيت ڏني، انهن اڳتي هلي گارين بہ ڏنيون تہ هٿ بہ اُلاريا. ڪي تہ بنهہ اتر ڏکڻ ٿي ويا. ڪن تہ اچاترائي سبب بي انتها بيزاريءَ جو اظهار بہ ڪيو ۽ پنهنجي گذريل ورتاءَ کي معصوميت جو نانءُ ڏئي غلطي ڪوٺيو پر مون هميشہ پيار، محبت ۽ عشق پٺيءَ ڪيو آهي، نفرت ڪئي آهي تہ قومي دشمن کان ۽ ان جي دوست کان، چو تہ دشمن جو دوست بہ دشمن هجي ٿو. سنڌي وڏيرن ۾ لُوسپو گهڻو آهي، اقتدار، نوڪري، پيسي جي حاصلات لاءِ ماڻهو پنهنجا اعليٰ قدر وڃائي ڇڏين ٿا. مفاد لاءِ خوشامد جي چڪر ۾ ڦاسي ٿو ۽ خوشامد ڪان وٺندي وٺندي اعليٰ خوشامدي بنجي وڃي ٿو. اسين اهي ماڻهو اقتداري ڪرسين تي ڏسي سگهون ٿا.

ماڻهوءَ جي اهميت وڏي شيءِ آهي. اهميت مرڻ کان اڳ ان ماڻهوءَ کي مري وڃڻ ڪيپ. اهڙو مثال علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو آهي. ماڻهو کي پنهنجي اهميت بچائڻ لاءِ اعليٰ ڪردار ۽ شاندار سياوَ کان مدد وٺڻ ڪيپ. اهڙيءَ طرح قوم جي اهميت بہ ٿئي ٿي، اها تہ وري انفرادي اهميت کان ايتري گهڻي ۽ اهم هجي ٿي جيترا ڪنهن قوم جي ماضي، حال، مستقبل لاڳيتي جا فرد. قومي اهميت کي بچائڻ لاءِ هزارين مالي جاني قربانيون ڏيڻ جي ضرورت هجي ٿي. تڏهن وڃي اها قوم باهمت، باڪردار ۽ هميشہ لازوال بنجي وڃڻ جي ليکي کي ڇهي ٿي ۽ دنيا جي لازوال قومن سان گڏ لازوال بنجي جيئي ٿي. ان لاءِ بنيادي نقطو پنهنجي ڌرتيءَ تي غير جو قبضو ٿيڻ نہ ڏيڻو آهي، پنهنجي ٻوليءَ کي لازوال بڻائڻو آهي، ان لاءِ بي خبر ماڻهن ۾ شعور جاڳائڻ نهايت لازمي آهي، تڏهن ئي تہ جناب ممتاز علي ڀٽو، پنهنجي وزارت اعليٰ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي ۽ سرڪاري ٻولي قرار ڏنو هو، جنهن ڪري سنڌي اردو فساد ٿيا هئا ۽ رئيس امروهي لکيو هيو: 'اردو کا جنازا هي ذرا دوم سي نکلي' ۽ اهو هيو اسان کي پنهنجي قربانين جو 'صلو'، جيڪو اردو آباديءَ کي هٿي اچڻ ٿي، انهن جي مدد ڪئي سون، ان کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس سنڌ جي وزارت اعليٰ تان هٽايو هو.

منهنجي راءِ ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جمهوريت دشمن ماڻهو ۽ اقتدار جي حوس جو شڪار هو. جيڪڏهن جمهوريت دوست هجي ها تہ اقتدار شيخ مجيب الرحمان کي ڏيارڻ ۾ مدد ڪري ها ۽ ائين نہ چوي ها تہ 'جيڪو ڍاڪا ويندو تہ ان جون ٽنگون ڀڃيون وينديون' نہ رڳو ايترو پر جنرلن کي بنگلاديش جي بي ڏوهہ بنگالين تي حملي ڪرڻ کان بہ نہ روڪيائين، آخر ۾ لکين بنگالين جا قتل ۽ عورتن جون عصمت دريون ڪنهن جي ليکي ۾ لکجن. توڙي جو ڪيس ڦاسي اچڻ کان پوءِ ڀهريون مون سنڌس قبر کي ان لاءِ چمي ڏني هئي تہ هڪ سنڌيءَ کي ڦاسي ڏني وئي هئي، پوءِ اهو منهنجو جذباتي فيصلو ئي چو نہ هيو.

سيد اعظم سائين جي . ايم سيد سنڌي قوم جي دائمي ڇڳائي، ان جي آزاديءَ ۾ ڏسي آزاديءَ جو فڪر ڏنو، جنهن کي هاڻي سنڌس پوٽا غلط ڪوئي پارليماني سياست جي چڪر ۾ آهن ۽ پنهنجي پارٽي ناهي اٿن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حليم الله ٻگهيو، علي دوست عاجز، صداقت سمون، عبدالرسول چانڊيو، سليم چانڊيو، منل چانڊيو، عنايت الله، خالد زخمي، ساجد زخمي، حفيظ، هزار خان، وغيره سٺا دوست رهيا آهن. سٺي دوست لاءِ چيو ويجي ٿو تہ اک جو ڦهريون ڳوڙهو ڏسندو تہ ٻئي کي اگهڻ شروع ڪندو، تئين کي اڇڻ نہ ڏيندو ۽ روئڻ کي مرڪڻ ۾ بدلائيندو آهي.

19 _02_2006 تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي عهديدارن جي چونڊ ٿي رهي هئي، مون کي ڪجھ پيارن دوستن زور پريو تہ سيڪريٽري جنرل لاءِ بيهان. گهڻو ئي انڪار ڪيم پر هڪ بہ نہ ٻڌائون. چونڊ جي ورڪ لاءِ سامهون بيٺل اميدوار هڪ چلولو ۽ اينٽرو يا هوٽرو دوست وڏيرڪي ذهنيت جو مالڪ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال هو. جنهن ادبي ڪرپشن جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. جنهن ۾ سنڌس خاص مددگار انعام شيخ هو. روڪ پئسا ڏيڻ، تعليم کاتي جي ڪارندن کي استعمال ڪرڻ، غير ادبي وڏن ماڻهن کان فونيون ڪرائي ڌمڪائڻ وغيره کان بہ نہ ڳتو. آخر 242 ووٽ صحيح ٿيا. جن ۾ 121 منهنجا ۽ 121 ڊاڪٽر جا ٿيا. پيهر ڳڻپ ۾ 242 مان هڪ منهنجو گهٽائي 241 ڪيا ويا ۽ اهڙي طرح 120 منهنجا ۽ 121 ڊاڪٽر جا ٿيا، ائين جون 2006ع ۾ واپسيءَ تي سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبر شپ تان استعيفا ڏئي ڇڏي پر شاخ لاڙڪاڻي جي سنگتين قبول نہ ڪئي. هاڻي لاڙڪاڻي شاخ جو سيڪريٽري تہ آهيان پر سنگت جي سهڪار ايتري نہ آهي جيتري چاهيان پيو. هيءَ تنظيم رضاڪاراڻي آهي جنهن لاءِ غير سرگرم ميمبر کي نيڪالي ئي ڏئي سگهجي ٿي، ڊاڪٽر صاحب آئيني پيچڪڙيون ڪندو رهيو آهي ۽ ڪيس بار بار ميڊيا جي ذريعي خبردار ڪيو ويو آهي، تڏهن بہ پنهجي ڪڏين حرڪتن کان باز نہ پيو اچي. عجب تہ آهي سنڌي ادبي سنگت جي سينئير دوستن شمشيرالحيدري، تاج بلوچ جهڙن جو، جيڪي الائي ڪهڙي غرض هيٺ سندس پوئلڳ ٿي پيا آهن ۽ ڪيس اهڙي ادبي عظمتن واري تنظيم جي آئين جي پوئواري ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ کان جڻ تہ ڇپن تي ايلفي هڻي ڇڏي اٿن. خبر نہ ٿي پوي تہ آخر ايڏي شاندار تنظيم جو مستقبل ڇا ٿيندو!؟

آتم ڪٿا لکڻ کان ڪجھ اڳ ۽ لکي پوري ڪرڻ تائين منهنجي منَ تي، اڻ ڪٽ ڏک ڇانيل رهيو ۽ جابجا ان ڏک جو بي اختيار اظهار بہ ٿي پئي ويو آهي، انهيءَ ذاتي ڏک مان مس وڃي جند ڇڏائي ۽ وجود ۾ وچايل ٽمڪ پيهر لهي سگهيو آهيان.

'ڪڏهن منُ ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن' واري ڪار. جن ماڻهن لاءِ زندگي وقف ڪري ڇڏي هجي، اهي جڏهن سامهون ڏسندي گهر در جا ٽاڪَ ٻوٽي ڇڏين تہ ماڻهو اندر ۾ ذريون ذريون تہ ٿيندو ئي. اهڙيون ئي ذريون ٽيل وجود کي ميڙي سيڙي پنهنجو پاڻ جوڙي سگهيو آهيان.

تمام مختصر ماڻهو، اڃا بہ اڌ ماڻهو رهيو آهيان، جنهن جي آتم ڪٿا جي سياسي توڙي سماجي ڪا بہ اهميت نہ هئي، تاهم هڪ سچ بہ پاڇا، ڇا ٿيو، ڇا ٿئي پيو ۽ ڇا ٿيڻو آهي، نظر ۾ رکندي پنهنجي اولاد لاءِ خاص ۽ گهٽگهرن لاءِ عام، پنهنجي زندگيءَ جون، ٻرندڙ ٽانڊن تي گذاريل گهڙيون لکيت جي حوالي ڪري رهيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جُوٽيُون
# جيءَ
# جَهانَ
# جُون

سرڪش سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنجاب وارن جي رَوش، جيڪا سنڌ، بنگال، بلوچستان توڙي سرحد سان رهي آهي، سا تڏهن وڌيڪ وائکي ٿي پيئي، جڏهن شيخ مجيب، بنگالين جي آزاديءَ لاءِ اُتي ڪڙو ٿيو ۽ بنگال آزاد ٿي ويو. بنگالين سان اڳ ۾ سنڌن ٻولي بنگاليءَ جي واڌ ويجهه تي ويڙهه ڪندا رهيا. جڏهن ته پنجابين جي ٻولي ته پنجابي هئي پر بنگالي ٻوليءَ جي پيٽ ۾ اردوءَ کي ترجيح ڏيڻ لاءِ گولين ڪان مدد وٺندا رهيا، جو ته بنگالين جي اڪثريت ڪين مُنجهائي وڌو هو. خود اقبال به پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ڇڏي سموري شاعري اردوءَ توڙي فارسيءَ ۾ ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح صوفي بزرگن وارث شاهه، بُلهي شاهه وغيره جي زباني قدرن جي لتاڙ ڪئي وئي هئي. بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ ڪان پوءِ، جنهن ۾ لکين نوجوانن جو قتل ۽ لکين ڪُنوارين عورتن جي عزت جو نيلام عام ٿيو هو. هاڻي وري سنڌ توڙي بلوچستان جي ماڻهن سان هر طرح جي زيادتي ڪئي پئي وڃي. بهرحال بنگالين اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته قومي آزاديءَ اڳيان، لکين ماڻهن جون حياتيون ۽ لکين عورتن جون عصمت دريون رڪاوٽ نه ٿي گهرجن. اهڙين زيادتين جي پرواهه نه ڪندي هر صورت ۾ قومي آزادي حاصل ڪرڻ، هر مظلوم قوم لاءِ اٽل آهي. ان ڪان اڳ پنجاب جي حاڪم رنجيت سنگهه جي دلي خواهش هئي ته سنڌ کي فتح ڪري، پر ائين ٿي نه سگهيو هو. جڏهن انگريز هتان ڇڏڻ جو ارادو ڪيو ته پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ٿيل پنجابي فوجين کي خلافت عثمانيه کي ٽوڙڻ لاءِ، حملي ۾ شريڪ ٿيڻ تي آماده ڪيو هو، جن ڪعبة الله تي گولا وسائي ترڪن کي پنهنجي ملڪ تُرڪيءَ ڏانهن واپسيءَ تي مجبور ڪيو هو. توڙي جو اهو عمل بلڪل صحيح هو. ترڪن جو عرب دنيا کي خيرباد ڪري ترڪيءَ ڏانهن وڃڻ ضروري هو. ان ڪان پوءِ ننڊي ڪنڊ جي ورهاڱي لاءِ برٽش سرڪار جا تيار ڪيل/ پڙهايل، هتان جا ماڻهو ئي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ويڇا وڌائڻ لاءِ اُڀاريا ويا. جن هڪ پاسي مسلمانن کي، هندن ڪان خوفزده ڪيو ته ٻئي پاسي هندن جي انگريز دلالن به، مسلمانن خلاف زهر پکيڙڻ شروع ڪيو ۽ ساري فضا زهريلي بڻجي وئي. نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جي سادن ماڻهن، چالاڪن جي چالاڪيءَ ۾ اچي ورهاڱي جي ڳُهر ڪئي ۽ ورهاڱو ٿيو. ورهاڱو به وري دائمي ٽڪراءَ جي جاري رهڻ جي بنياد تي ڪيو ويو ته جيئن مستقبل ۾ هندو توڙي مسلمان دوستيءَ جي سگهي ۾ پوئجي نه سگهن ۽ هميشه ٻَمن گولين جي برسات ۾ جيئندا رهن ته جيئن هٿيارن جو وڪرو ٿيندو رهي ۽ ائين ئي ٿئي پيو. جنهَن ۾ ٻنهي ملڪن جي هٿياربند فوجن جو ئي پَلو ٿيندو رهيو آهي ۽ غريب عوام ڏتڙبو رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

والد محترم پنهنجي وقت جو جيد عالم هو. ڪُورَ سليمان جي مدرسي ۾ مُنتهي شاگرد جي حيثيت سان مولانا قاسميءَ کي به سبق پڑهايائين. باقي پير وارو بزرگ عبدالڪريم قريشي، ڊاڪٽر خالد محمود سومري جو والد مولوي علي محمد حقاني، ميان محمد شاهه امروٽي ۽ ٻيا ڪيترا وڏا عالم باقاعدي شاگرد رهيس. سندس ذهين شاگردن ۾ پير وارو بزرگ، عبدالواحد مهر، مولوي عبدالرحمان ڪوٽ لالوءَ وارو، جامي چانڊيو جو والد مولوي عبدالحَيّ چانڊيو وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌ ۾ والد محترم کي سنڌ جو شاهه ولي الله سڏيو ويندو هو. پاڻ قرآن، حديث، فقه، فلسفي ۽ منطق تي عبور رکندو هو. وڏا وڏا عالم سندس سامهون گوڏا کوڙي ويهندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ليڪچر ٻڌندا هئا. سندس استاد، سندس علمي رتبي سبب، سندس پيرانديءَ کان ويهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته: "مولوي عبدالله! اسان تنهنجي علم جي پيرن ۾ سُونهون ٿا."

ديني عالم هئڻ سان گڏ دُورانديش به ڪمال جو هو. سياست کان پري رهندي به دانائي ۽ علم جي زور تي اڳ ڪٿيون ڪندو هو ۽ اهي پوريون ٿينديون هيون. پاڻ چوندو هو ته: دين ۽ سياست گڏائي نه ٿا سگهجن، جو ته سياست ۾ دين هوندو ئي نه آهي، تنهنڪري ديندارن کي دين سان ۽ سياستدانن کي سياست سان سچو هئڻ گهرجي.

مون کان اڳ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ عبدالحميد هو، جيڪو پنهنجي وقت جو برک سنڌي شيعا عالم هو، جنهن جي تقرير ۾ ڪمال جو اثر هوندو هو. والد محترم کي ڏاڍو پيارو هو. شيعي ٿيڻ کان پوءِ به جڏهن ڀاءُ محترم مجلسن تي ويندي پندرهن ويهه ڏينهن گهر کان غائب هوندو هو، ته والد محترم يوسف سورة پڑهڻ شروع ڪندو هو ته اچي نڪرندو هو. ڪيس چوندا هئاسين ته اڄ جو آيا. سيائي اچو ها! ته چوندو هو ته پيرن هيٺان تاندا لڳي ويندا آهن ۽ هليو ايندو آهيان.

مون کي ننڍپڻ ۾ لال ڪُنوار پنيورين ڦاسائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ڪنهن سُڪلَ ڪانڊيري سان انهن کي ڦاسائيندو هوس ۽ ڪافي وقت کان پوءِ انهن کي آزاد هوائن ۾ اڏاري ڇڏيندو هوس. جوان ٿيڻ کان پوءِ به ڳاڙهين پنيورين ڦاسائڻ جو شوق زنده رهيو. اهڙيءَ طرح نوڪريءَ ۾ جهرڪيون به ڦاسائيندو هوس ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ اهي به اُڏاري ڇڏيندو هوس. لال ڪُنوار پنيوريون اڄ تائين به ڏاڍيون وڻنديون آهن. ڳوٺ ۾ ونجهوٽي راند ڏينهن جو ۽ رات جو ڊوڙ پڇاڙڻ جو به خفت رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مذهبي علم حاصل ڪرڻ معنيٰ مُفت خوري. محلي جي، ڳوٺ جي يا شهر جي ماڻهن کان ٽڪيون پني اچي کائڻ. ڪارائڻ ۾ مدرسو هلائڻ توڙي جو مدرسن ۾ ديني تعليم سان گڏ طِبي تعليم به ڏني ويندي هئي، پر طب جو ڪم اهي مولوي ڪندا هئا جن ڪي درس تدريس تي پهچ نه هئي. والد محترم به وڏي عالم جي حيثيت سان مدرس ٿيڻ کي اوليت ڏني ۽ اسان مفت جي مانين جي ڳولا ۾ ساڻس گڏ، هڪ مدرسي کان ٻئي مدرسي، هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ علائقي کان ٻئي علائقي ڏانهن، دربدر خاڪ بسر ٿيندا رهياسين ۽ ڏاڍي خوشيءَ سان ٿيندا رهياسين.

سڀ کان اڳ ۾ والد محترم "مُلان جي ڳوٺ" ۾ مدرسو کولي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي هئي. اتي ئي پير وارو بزرگ به پڙهڻ آيو هو ۽ پيا ڪيترائي شاگرد علم جي دنيا وَسائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. والد محترم مسجد جي اڳيان طالبن توڙي ڳوٺائن جي سهولت لاءِ کُوهي تيار ڪرائي، اها خبر اتي جي آسپاس جي زمينن جي مالڪ، ڍڪڻ جي وڏيري غلام محمد کي پيئي ته ماڻهن کي گهرائي مدرسي بند ڪرائڻ ۽ مانيون ٽڪيون نه ڏيڻ لاءِ حڪم ڏنائين ۽ چيائين ته: عبدالله ڪير ٿيندو آهي جو اسان جي ڳوٺ ۾ ڪشت پيو ڪري! اهڙيءَ طرح ڳوٺائن، وڏيري کان ڊڄي مسافر طالبن کي مانيون نه ڏيڻ لڳا، ته مدرسو بند ٿي ويو. جنهن کان پوءِ حيدرآباد ضلعي جي سعيد آباد پرسان پير جهنڊي ڳوٺ ۾ راشدين جي مدرسي ۾ وڃڻ ٿيو هو. راشدي صاحبان مکتب - فڪر جي لحاظ کان اهل حديث آهن. سندن ذاتي اُٿڻيون ويهڻيون به چرڪائيندڙ آهن. هن مدرسي ۾ گهڻو رهڻ نه ٿيو هو ۽ روئبن جي موسم ۾ رات جو ڳوٺ کان اچي نڪتاسين. نانو لعل بخش جن به اتي موتي آيا هئا ۽ والده محترمه وٽن رهندي هئي. رات جو روئبي جي ڪَپَ چِڪَ ۾ تڦجي پيا هئاسين ته اَمڙ اهي پير ڌوتا هئا.

● 1942ع جي وڏي ٻوڏ ۾ ٽيون ڀاءُ عبدالرشيد به ڄائو هو ۽ ڪجهه ورهين کان پوءِ امروٽ ڏانهن روانا ٿيا هئاسين. امروٽ جو شهر، اباڻي ڳوٺ کان اٽڪل ويهه پاويهه ڪلوميٽرن جي فاصلي تي، ڳوٺ جي اتر - اوڀر ۾، ڳڙهي ياسين کان رُڪَ اسٽيشن ڏانهن ويندڙ رستي تي واقع آهي. انهيءَ اسٽيشن تي هڪ بيڏوهه سَنت ڪَنور رام، مذهبي جُنونيءَ جي جنون جو شڪار ٿيندي قتل ٿيو هو. اها اسٽيشن جيڪا لاڙڪاڻي کان سکر ريلوي تي نهايت بَرسيل ۽ شاهوڪار اسٽيشن هئي، سا هِن وقت پنهنجي اوج عروج ۽ جوانيءَ کان محروم ٿي چُڪي آهي. ريل ته هاڻي به بيهندي اٿس، پر رونق ذري جي به نه اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳڙهي ياسين کان ويندڙ روڊ، امروٽ وٽان گذرندي، لاڙڪاڻي کان سکر ڏانهن ويندڙ روڊ سان کيرٿر جي پُل وٽ ملي ٿو. (امروٽ، ڳوٺ کان وڏو آهي، تنهنکري شهر پيو لکائنس.) امروٽ جي اولهه ۾ روڊ سان لڳ وڏيون ڏگهيون ڪچيون آهن ۽ ڪچين مان نظر گذرندي مسجد ۽ مدرسي تي پوندي آهي. وڏن منارن سان نهيل مسجد جو اڱڻ ڪافي ڪشادو آهي، جو هڪ ئي وقت اٽڪل ٽي چار هزار ماڻهو جمع ٿي سگهن ٿا. مسجد جي بلڪل اوڀر ۾ نار - کُوهه هوندو هو، جيڪو مٿان ڍڪيل هو ۽ ان سان گڏ ٽي چار غسلخانا ٺهيل هوندا هئا. نارَ ۾ ڏاند يا اُٺ وهندو هو ته پاڻي وچي غسلخاني جي ٽانڪين ۾ پوندو هو، جتان نلڪين جي ذريعي مدرسي جا طالب وغيره وهنجندا هئا ۽ گڏوگڏ وضوءَ لاءِ به جڳهه هوندي هئي. غسلخانن ۾ پاڻيءَ جي موجودگي هڪڙي قسم جي پوسل واري بُوءِ پيدا ڪندي هئي جيڪا ڏاڍي وٽندڙ محسوس ٿيندي هئي. البت اونهاري ۾ ڏينهن ۽ ماکيءَ جي مکين جا هجوم ڏيچاري رکندا هئا.

مسجد جي اتر ۾ اسان جي رهڻ جي جاءِ ۽ اوڀر اتر ۾ سيدن جي حاويلي هوندي هئي. حاويليءَ جي دروازي تي خادم وچي لَآالهَ اِلاَّاللهُ چوندو هو ته اندران خادمياڻي نکري ايندي هئي، جيڪا کم چوندي يا ٻُڌندي هئي. اسان کي ماني ٽِڪيءَ کان سواءِ اويل سويل به ٽي ڏوڪڙ به ضرور ملندا هوندا. تڏهن اها خبر نه هوندي هئي ته آخر اسان ماٽئن عزيزن، ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي ڇڏي ٻئي شهر يا ڳوٺ ۾ ڇو ٿا رهون! بس اَبو امان ٿيا اسان جي ڪائنات، جتي اهي، اتي اسين. پين سان پنهنجو چا! ۽ پين سان پنهنجو چا وارو خيال ته اسان کي تمام ننڍپڻ ۾ رهيو، پر سنڌ جي ڪيترن بي حَس ماڻهن ۾ وڏي هوندي به اهو خيال آهي ته: ”پين سان پنهنجو چا.“

بس ماني ٽِڪي، ڪپڙو لَٽو ۽ اويل سَويل لائي يا وڙي لاءِ پائي پيسو ته گنجُ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ پائيءَ کان رپئي تائين جو سِڪو هوندو هو ۽ رپيو چانديءَ جو ٺهيل هوندو جنهن تي انگريز جارج جي ٺوڙهي تصوير هوندي هئي. انهيءَ رپئي جي تور تولو هوندي هئي. انهيءَ سِڪي جي ترتيب هن ريت هوندي هئي:

پنج ڇونڪ يا 20 ڪوڏيون هڪ پائيءَ ۾.
3 پايون يا ٻه آڌيلا هڪ پئسي ۾.
2 پئسا هڪ ٽَڪي ۾.
4 پئسا يا ٻه ٽَڪا هڪ آني ۾.
16 آنا يا 192 پايون هڪ رپئي ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيو تہ نهيو پر نبي بہ پنجابيءَ کي کٽي کيائون ۽ لالچ جي ڪري خواري خجالت کان بہ نہ پيا ڊچن. مولوي عبدالرئوف ابڙي جي خلاف محترم نجم الدين ابڙي ۽ شمس الدين ابڙي جو والد مولوي ولي محمد ابڙو بہ محاذ آرائي ۾ شامل هو. ياد اٿم تہ ان جلسي ۾ والد متحرم پنهنجي تقرير جي شروعات "وَقَتَلَ داؤدُ جالُوتَ" آيت سان ڪئي هئي. انهيءَ جلسي کان پوءِ گهنهڙ، تعلقي قمبر جي پرڙا رئيسن والد محترم کي گهنهڙ ۾ مدرسو کولي طالبن کي پڙهائڻ جي آڇ ڪئي، شايد اهي رئيس انهيءَ جلسي ۾ شريڪ ٿيا هئا. والد محترم هاڪار ڪئي ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اسان ڳوٺ جي ڪکن ڪانن، لوڙهن، لَيَن، لاٽن پيرين پيرن، ۽ ڪبڙن، مِٽن مائٽن کي ڇڏي گهنهڙ وڃي نڪتا هئاسين.

انهيءَ سال ئي يعني 1946ع ۾ 1942ع واري پوڏ کان بہ وڏي پوڏ آئي هئي.

امروٽ ۾ اسان جي آخري ۽ ننڍي پيڻ زبيده ڄائي هئي. گنهڙ جو ڳوٺ، قمبر - وڳڻ کان نصير آباد ڏانهن ويندڙ روڊ جي اولهہ ۾ نهارَ فاصلي تي آهي. پري کان ئي قبائين مسجد ڏيکاربي آهي. مسجد جي اندران ٽيل چِتسالي پنهنجي وقت جي فن جو شاندار نمونو ٿي لڳي. هن ڳوٺ جي اوپر کان هڪ وڏي ڪَڏُ آهي. مسجد جا سنياليندڙ حاجي گل محمد پرڙو ۽ سندس پاءُ علي نواز پرڙو هئا. مدرسي کولڻ کان پوءِ ان جو مهتمم بہ گل محمد پرڙو ٿيو. مسجد جي ڏکڻ ۾ لڳو لڳ هڪ ننڍڙي جاءِ رهڻ لاءِ ڏني ويئي ۽ اسين جڻ قيدي ٻڌجي رهڻ لڳاسين. انهيءَ گهر جي پرسان قاضي عبدالله نالي مست رهندو هو. جيڪو ڇرين وانگر ڊَبرندو وتندو هو. جنهن کان ڏاڍو ڊڄندا هئاسين. توڻي انهيءَ مست جو پٽ محمد شريف منهنجو هم عمر ۽ هم ڪلاسي ٿيو هو. محمد شريف اسان کي سمجهائيندو هو تہ اسين سندس پيءُ کان بنهہ نہ ڊڄون، پر سندس خالي دلاسا، اندرَ مان خوف ڪڍي نہ سگهيا هئا. انهيءَ ئي جاءِ ۾ اسان کي آخري پاءُ سعد الله بہ ڄائو هو.

مسجد جي اوپر ۾ راشدي پير حسين شاهہ جن جي حاويلي هئي. ڪيس هڪ نوجوان پٽ عبدالله شاهہ هو. حسين شاهہ اڇي ڏاڙهي رکندو هو. پاڻ جَهان گشتو، سنجيدو، معتبر ۽ داناءُ ماڻهو هو. والد محترم سان گهٽيون ڪچهريون ڪندو هو. هونئن بہ اسان وٽ واندا ماڻهو، هوٽلن تي، اوطاقن ۾، يا پارڪن ۾ تاس راند ڪيڏندي، وقت جو قتل بيدرديءَ سان ڪندا رهندا آهن. هڪ پيري حسين شاهہ، والد محترم کان پڇيو تہ: رسول سائين نُورُ آهي يا بشر؟ تہ والد محترم سوال پٺيان سوال ڪندي چيس تہ: تون نُور آهين يا انسان؟ شاهہ صاحب چيو تہ مان تہ انسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيان. والد محترم چيس ته ماڻهو اوهان کي رسول سائين جي اولاد تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ انهن جي مٽي ۾ اها ڳالهه، انهن مُلن وڌي آهي، جيڪي پنهنجي مڪاريءَ سان ماڻهن کان پنهنجا پير چُمائڻ گهرن ٿا. نُور کي نه هوندي آزال نه ٿي اولاد. هاڻي توهان جيڪڏهن سيد آهيو ۽ رسول ﷺ جي اولاد آهيو ته پوءِ ڇاٽي چڙهيو ته رسول سائين انسان ٿي آهن ۽ هر جنس پنهنجي جنس مان ٿي ٿيندي آهي. اها ڳالهه جو راشدي پير جي مغز ۾ ويهجي ويئي ته عام جاهلن کي به سمجهائيندو وتندو هو. شاهه صاحب نصير آباد پرسان مرادي ڳوٺ ۾ به وڃي رهندو هو. شايد اتي به ٻنيون ٻارا هُئن. سُنا سُنا گهوڙا ڏاريندو هو. تنهنڪري پاڻ توٽي پُٽس، سُنا گهوڙي سُوار هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪو گهوڙو رسي مان نڪري ويندو هو ته آئي وٺي لاءِ عذاب بڻيو ويندو هو، جيستائين ان کي پڪڙي سوگهو نه ڪيو وڃي.

حسين شاهه جي حاويليءَ سان گڏ، پي به هڪ حاويلي هئي، جنهن ۾ هڪ بيبي صاحبه رهندي هئي. ننڍڙي ٻار کي به اندر وڃڻ جي اجازت نه هوندي هئي. بيبي صاحبه کي معصوم سڏيندا هئا ۽ پاڻ عبدالرحمان شاهه جي نياڻي هئي، جيڪو مسجد جي اتر ۾ دفن ٿيل هو. عبدالرحمان شاهه جي مزار حديري ۾ هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن زيارتي ايندا هئا ۽ سندس پڙن ۾ پياني، پائلي، آڏي يا ربني جو سِڪو ٻڌي هليا ويندا هئا. هڪ ڏينهن منجهند جو ان حديري ۾ داخل ٿيس ۽ پڙن ۾ ٻڌل ڏوڪڙ ڏئم ته ڳنڍيون ڇوڙي ڪٽي ڪنيم ۽ اهڙيءَ طرح هڪ نه ٻئي ڏينهن پير جي چوري ڪندو رهندو هوس. ٻيا ماڻهو يا مالڪ اهي پئسا نه ڪڍندا هئا. شايد ڪين کو اُجاتو خوف ٿيندو هو پيرَ جو. پر مونکي ته پير صاحب ڪڏهن به ڪجهه نه چيو هو. ٻار سمجهي نه چيائين يا وري خبر ئي ڪانه پوندي هُيس. اسان وٽ پير پرستي مڙيو ئي گهٽي رهي آهي، ورنه قبر واري کي کهڙي خبر ته ڪير آيو، ڇا ڪٽي آيو ۽ اها رقم ڪير ڪٽي ويو!

مسجد جي اتر ۾ اٽڪل پنجاهه ميٽر جي وِٿيءَ تي، مولوي عبدالحليم پرڙي جي اسپتال هئي، جنهن ۾ يوناني طب ذريعي علاج ڪيو ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سالٽ جو استعمال به ٿيندو هو. مون پنهنجي زندگي مُلائيت جي دنيا ۾ گذاري آهي، ٽي ماڻهو نهايت فضيلت ڀريا ۽ باوقار، تعصب کان کوهين ڏور ڏسڻ ۾ آيا. جن ۾ اهو مولوي عبدالحليم پرڙو، پير وارو بزرگ مولوي عبدالڪريم قريشي ۽ ٽيون مولوي محمد کوکر لاهوري لاڙڪاڻي وارو هئا.

مولوي عبدالحليم مٿي تي هلڪي بلو رنگ جي لُونگي، پَٽڪي طور ٻَڌندو هو. والد محترم سان بيحد عقيدت هوندي هُيس. کيس پنج پُٽ هئا، جن مان ٽيون پٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد قاسم منهنجو پرائمري استاد رهيو. رئيس حاجي گل محمد جي راءِ سان مدرسو کوليوسين. گل محمد بُت جو پريل، قد جو پورو پنو، ڏاڙهي ڳاڙهي ڪارَسِري، زمينداري ۽ طبابت جو ڏنتو ڪنڌڙ هو. ڏاڍو چڱو حڪيم هو. هڪ پيري مونکي پيٽ ۾ سخت سُور پيو هو ته هڪڙو اڇي رنگ جو ڪَڪُ ڏنائين. ڪک پيٽ ۾ لٿو ۽ سُور ڇڏي ويو. گهنٽڙ ۾ بُرڙن کان سواءِ بڙدي، وَڪا، گبا، گاجرا ۽ راشدي پيير به رهندڙ آهن. اولهه ۾ پيير الله ڏنو شاهه راشدي وارن جا گهر هئا. پيير صاحب ڏيل ڏيا وارو معتبر ۽ راشدي هُنڌ جي ناتي وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هو. برڙن ۽ هن پيير جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هلندڙ هئي، جنهنڪري به عيد نمازون ٽيندون هيون. والد محترم اڄڻ سان بنهي ڌرين کي چوايو ته جيڪڏهن اوهان پاڻ ۾ ناهه ڪري هڪ عيد نماز نه ٿا ڪريو ته پوءِ عبدالله چانديي کي هتي رهڻ جي ايتري لوڙَ نه آهي. نيٺ پيير ۽ برڙا پاڻ ۾ نهي ويا ۽ عيد نماز هڪ ٿيڻ لڳي. هتي پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي. آبڪلاڻيءَ جي مُندَ ۾، ڏڪڻ ۾ گهٽ واهه مان وَهِي ايندڙ، هڪ ننڍڙي واهه تان پاڻي پرجي ملندو هو. ٺڪَرَ جي دلن کي اَندران ڦٽڪِي معتي پاڻي رکبو هو ته لُڙات وچي تَرُ وٺندو هو ته پوءِ پيئڻ جي استعمال ۾ آڻبو هو. جيڪڏهن انهيءَ ڇڙتي پاڻيءَ جي مُند نه هوندي ته اولهه پاسي ۾ هڪ کُوهه هوندو هو. جنهن جو پاڻي پيئڻ لاءِ استعمال ۾ آڻبو هو. انهيءَ کُوهه ۾ سوين ننڍا وڏا ڏيڏر رهندا هئا ۽ ان کان سواءِ سمورو پاڻي پُونترن سان پريل هوندو هو. هڪ دلي کي ڇاڻبو هو ته لَپَ پُونترن جي نڪرندي هئي. پاڻي ڇاڻي ته پيئبو هو، تڏهن اها خبر ڪنهن کي به نه هئي ته پاڻي ڇاڻي، گرم ڪري وري به ڇاڻي، ڍڪي ٺرڻ لاءِ رکجي ۽ پوءِ پيئڻ جي استعمال ۾ آڻجي.

گهنٽڙ جي اوبر اتر ۾ بڙدي قبيلي جو ويڙهو آهي. ماڻهو ڏاندن گوئڻ جا شوقين، پَلا پَلا ڏاند ڏاريندا هئا. اتر طرف کان هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي گوءِ جا چارا هوندا هئا. جتي گوءِ جي ڏينهن، گوءِ جا سوين شو .. اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ وڏي وڏي شرط تَرُ، توڻي چِڪَ رکندا هئا. سنڌي ماڻهن ۾ تعليم بجاءِ گوءِ پچائڻ، ڪُڪڙ ويڙهائڻ، رڇ جي بَڇَ ڪرائڻ يا ڪُتا سُوئر جي ويڙهه ڪرائڻ، ناچڻ ڇوڪرن توڻي عورتن جو راڳ ڪرائڻ جو وڏو شوق رهندو آيو آهي، تڏهن ته سنڌي قوم اڄ سوڏو پٺتي پيل آهي، وري جو غلاميءَ جو گِٽُ راس اچي ويو اٿس، ته تباهيءَ جي ڪناري تي وڃي پهتي آهي.

ٿورڙي ئي وقت ۾ مدرسي ۾ وڏا وڏا عربي تعليم جا شاگرد اچي سَهڙيا، جن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪثريت بروهي قبيلي جي هئي. لڳ ڀڳ ٽيهارو مسافر طالب علم هر وقت رهندا ها. جن کي فارسيءَ جا طالب، ننڍيءَ عمر وارا. گهرن مان ٽِڪيون پِني اچي کارائيندا هئا ۽ پاڻ به کائيندا هئا. اسان کي ٻرڙن رئيسن جي گهرن مان رَڌي پَڪِي ماني اچي ملندي هئي. ٻرڙا ڳاڙها مرچ بنهه نه کائيندا هئا. ٿَنهنڪري ڏاڪوڻ ۾ پاڇي وجهي، ان سان ڊار پينل ڪارا مرچ به موڪليندا هئا. هڪڙي ڏينهن مونکي وري به پيٽ ۾ هلڪو سُور محسوس ٿيو ته پنهنجي استاد کان گهر وڃڻ لاءِ موڪل ورتم. ان ڏينهن به ڪا گوءِ هئي، سو گهر ڏانهن وڃڻ بدران گوءِ ڏانهن ڪٽي رُخ رکيم. والد محترم جو جاچ ڪرائي ته اسڪول جي هيڊ ماستر حاجي خان ٻرڙي پنج ڇهه ڀار گوءِ جي چارڻ ڏانهن، مونکي ڏسڻ لاءِ موڪليا. جيڪي مونکي وٺي اسڪول ۾ آيا ته هيڊ ماستر به لتون زور سان وهائي ڪڍيون هيون. ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ اٽڪل ڏيڍ ڪلوميٽر پنڌ تي واهه وهندڙ آهي، جيڪو آسپاس جي ٻنين کي پاڻي پهچائيندو رهندو آهي. انهيءَ واهه جو نالو گهٽ سڏيو وڃي ٿو. خبر ناهي اهو نالو گهتهڙ جي نالي پٺيان رکيو ويو اٿس يا ڪنهن ٻئي سبب کان. هڪڙي ڏينهن ڏهه ٻارهن طالب علم گڏجي گهٽ تي وِهنجڻ وياسين. اوچتو وڏي پاڻي ۾ وڃڻ ڪري ٻُڏڻ لڳو هوس ۽ رڙيون ڪرڻ لڳس. جڏهن وڏن طالبن کي منهنجي ٻُڏڻ جو علم ٿيو، تڏهن ڪٽي ٻاهر ڪڍيائون ته ٻُڏڻ کان بچي ويس. ان کان پوءِ پرسان ئي ڪڏهن وٽ پاسي ۾ ترڻ سِکيس ۽ ترڻ ۾ ايترو ڀڙُ ٿيس، جو سَڏُ پنڌ جيتري ويڪر ڪَڏ، تارِ پاڻيءَ سان ڀريل، هڪ ساهِي تري ويندو هوس ۽ پرِينءَ ڀِرِ کان ڏيرِ پَٽي ترهو ناهي ان تي واپسي ڪندو هوس. هڪ ڀيري والد محترم ڏسي ورتو هو. مان ۽ وڏو ڀاءُ پرينءَ ڀِرِ هئاسين، ته به ٿي پيرا وڏا وڏا سَڏَ ڪيائين اسان سَڏَ ٻڌي واپسي ڪرڻ لڳاسين ته چيائين ته ڏکڻ کان، جتي ڪڏ ڪُٽي ٿي ڦِري اچو. پاڻيءَ مان نه اچو. ائين ئي ڪيوسين. هلڪي هلڪي سيڪت به ڏنائين. گهتهڙ ۾ مونکي سائِي (جانبس) ٿي پيئي ته اٽڪل چاليهه ورهيه گوشت کائي نه سگهندو هوس، پوءِ وڃي طبيعت ٺهي.

گنهڙ ۾ سوجهري مل جي پٽ جهامنداس سان گهاٽائي هئي. مون کان ڪجهه وڏو هو ۽ چدين راند ۾ مون کان چدا ڪٽي ويندو هو. ان جي ماءُ ڀڳواني به اسان جي گهر ڏي ايندي ويندي هئي. سندس ڪنهن نوجوان هندوءَ سان چار اکيون هيون. اوچتو سوجهرو مل گذاري ويو ته ڀڳواني انهيءَ نوجوان سان فرار ٿي هلي وئي هئي. پوءِ جهامن به پنهنجي مامن سان هندستان هليو ويو.

هتي اچڻ کان پوءِ مان ۽ ڀاءُ عبدالحميد پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وياسين. تڏهن اسڪول جو هيڊ ماستر محترم نهال الدين تنيو پير جو رهاڪو هو. ڏِکي اڇي ڪاري ڏاڙهي، بُت ۾ پريل، قدم جو بندرو، ڏاڍو محنتي سپاجهو استاد هو. پهرئين ڪلاس ۾ اسان جو استاد محترم هزارو خان مجاهد عباسي وڳڻ جو ويٺل هو. تڏهن جا استاد همدرد، خوددار، اورچ ۽ ڪنهن حد تائين سخت منتظم به هوندا هئا. ٻئي ڪلاس ۾ اسان جو استاد محترم محمد اسماعيل چانڊيو ٿي آيو. ڏاڍو برجستو، ٻي ڏيہو، زماني گشتو، دوستن جو دوست، ويرين جو ڪٽر ويري هو. حرڪتي به ڏاڍو هوندو هو. شال نه ڪنهن سان اٽڪي. پوءِ بيلدارن کان لڙهي ايندڙ لاش، چوري لِڪي پئسا ڏيئي دشمنن جي ڳوٺ جي پِرَ ۾ پُورائي، پوليس کي گمنام درخواست ڪري ڇڏيندو هو ته فلاڻي ماڻهوءَ، مهمان ٿي آيل ماڻهوءَ کي پئسن جي لالچ ۾ قتل ڪري ڪٽي گم ڪري ڇڏيو آهي، چڙهندي هئي پوليس. لاش ڪيرائي ان ماڻهوءَ جا ڳيرا ڳاري ڇڏيندي هئي. سندس بدلي ٿيندي هئي ته پاڻ پنهنجي چانڊيا سردار جي حوالي سان، بالا آفيسر کي فون ڪري بدلي روڪائي ڇڏيندو هو. ڪجهه اهڙيون ڳالهيون سندس بنسبت عام هونديون هيون. هڪ ڀيري وارهه جي تعليمي بيٽ آفيسر (سپروائيزر) سان اٽڪاءُ ٿيس، ڊِي آءِ ايس عبدالرحمان انڙ جاچ تي آيو جو محمد اسماعيل مٿي درخواستون ڪيون هيون. شهر جي هڪ پوڙهي عورت کي لالچ طور ڪجهه رقم ڏيئي آندائين، جنهن انڙ آفيسر کي رڙيون ڪندي چيو ته: جڏهن به توهان جو هيءُ آفيسر ِهتي اچي ٿو ته مونکي ڪنهن نه ڪنهن نوجوان عورت آڻڻ لاءِ گهرائي ٿو ۽ پوءِ وري پورا پئسا به نه ٿو ڏئي. اهڙيءَ طرح انهيءَ بيٽ آفيسر کي خوار خراب ڪرائي بدلي ڪرائي ڇڏيائين.

مان جڏهن پهريون درجو پاس ڪري ٻئي ۾ آيس ته ٻئي ڪتاب سان گڏ ٽئين ڪلاس جي شاگردن کان ٽيون ڪتاب به وٺي پڙهي ڇڏيندو هوس. اهڙيءَ طرح هر سال اڳتين ڪلاس جو ڪتاب پڙهي ڇڏيندو هوس. اصل ۾ ڪتڪو هوندو هوم ته ايندڙ ڪتاب، ايندڙ سال پڙهي سگهندس يا نه. انهيءَ ڪري ائين ڪندو هوس ۽ پوءِ سمورا ڪتڪا، خدشا دُور ٿي ويندا هئا. وڏو ڀاءُ عبدالحميد به مون سان گڏ پڙهندو هو پر کيس پڙهائيءَ جو شوق ٻنهه ڪونه هوندو هو. حساب ته اصل نه ايندا هُيس. اهڙيءَ طرح اکر به تمام خراب هئس تنهنڪري سڄي زندگي ڪوبہ خط پاڻ نه لکيائين ۽ گهڻو ڪري مون کان لکائيندو هو.

ٽئين ڪلاس ۾ محترم محمد قاسم ٻرڙو استاد ٿيو. بهترين استاد هو. اسيمبليءَ ۾ وڏي آواز سان تلاوت ڪندو هو. اِنَّا عَرَضنا الامَانَۃَ علي السَّموات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

والارض والجبال فابين ان يحملنها... الخ اهي آيتون مونکي ياد ٿي ويون هيون. هيءُ استاد، مولوي عبدالحليم جو پُٽ هو. وڏي اخلاق وارو هو. اسان جو خاص خيال رکندو هو. شايد 78-1977ع ۾ بيمار ٿي لاڙڪاڻي اسپتال ۾ داخل ٿيو هو. مون کي خبر پئي ته وڃي طبيعت پڇي هئي مانس. سندس والد مولوي عبدالحليم سائس گڏ هو. منهنجي اچڻ تي ڏاڍا خوش ٿيا هئا.

چوٿين ڪلاس ۾ محترم نور احمد قريشي پير وارو استاد ٿيو هو. نهايت خليق ۽ هوشيار استاد هو. پير واري بزرگ جو ويجهو عزيز هو. آخر ۾ ديني تعليم پڙهي دستاربند ٿيو هو. چوٿون پرائمري پاس ڪرڻ کان پوءِ لاهوري لاڙڪاڻي آياسين. انهيءَ وچ ۾ اسڪول جا هيڊ ماستر صاحبان رٽائر ٿيندا بدلبا رهيا هئا. نهال الدين کان پوءِ حاجي خان پرڙو هيڊ ماستر ٿيو. جيڪو گهنهڙ ڳوٺ جو رهاڪو هو. اڇي ڏاڙهي شرعي، سنهڙو، قد جو چڱو. شروعاتي ڏينهن ۾ والد محترم سان تمام گهڻي عقيدت رکندو هو ۽ سندس چِني چُمي اکين تي رکندو هو. نُور بَشر جي مسئلي تي بگڙيو ته اصلي علامو بڻجي نفرت ڪرڻ لڳو هو. جڏهن ته ديني تعليم بنهه پڙهيل ڪين هو. حاجي خان کان پوءِ محترم محمد حسين پرڙو هيڊ ماستر ٿيو. گهنهڙ ڳوٺ جو رهواسي هو. سندس اچڻ سان اسڪول جو انداز ئي بدلجي ويو. شاگردن سان اٿاهه شفقت سان هلڻ وارو هيءُ استاد، شاگردن جي هجوم ۾ هوندو هو. سندس ڪيئي شاگرد پرائمري استاد ٿيا هئا. تڏهن ست درجا پڙهي ورنيڪيولر فائينل جو امتحان ڏيئي پرائمري استاد ٿيڻ جي لائق ٿبو هو. انهيءَ امتحان کي ڪاميٽيءَ جو امتحان به چوندا هئا.

1946ع ۾ گهنهڙ آيا هئاسين. ڪجهه وقت ننڍڙي جاءِ ۾ رهڻ کان پوءِ جتي مست عبدالله کان ڍڄندا هئاسين، مسجد پرسان ڏکڻ اوير ۾ لڳو لڳ خليفي ڏٽي بخشي وَڪي جي جاين جي پُٺ ۾ هڪ وڏي ڪشادي جاءِ نهرائي ڏني ويئي. اسان به سِرون ڍوئي ڏيندا هئاسين ۽ شام جو پائلي خرچي ملندي هئي. خليفو ڏٽي بخش سفيد ريش، فضيلت پريو، قداور ماڻهو هو. هي ماڻهو ذڪريا ملتانيءَ جا مريد هئا. ڪڏهن ڪڏهن پري کان هم مرشد ايندا هُئن يا خود گاديءَ وارا ايندا هُئن ته رات جو گهٽين ۾ گهمندا، سَمهه هٿندا هلندا ويندا هئا. گڏيل آوازن ۾ هڪ قسم جو سُريلو گونجارو ٿيندو هو، جنهن کي "هُو" تي بند ڪندا هئا ۽ وري شروع ٿي ويندا هئا. تن ڏينهن ۾ پرائمري تعليم سان گڏ ديني تعليم به شروع ڪري ڏني هئي. اٽڪل ڏهن ورهين جي عمر ۾ قرآن مجيد ناظره سان گڏ ان جو ترجمو ياد پڙهي چڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. ان کان سواءِ فارسي دُوايو، ٽِوايو، آمدنامو، ڪريما، نام حق ۽ پندنامو پڙهي پورو ڪيو هو. جنهن کان پوءِ گلستان، بوستان، زليخا جي فارسيءَ جا ڪتاب شاعريءَ ۾ سُهڻي لهجي ۽ سُرَ سانَ پڙهڻ سان نتيجو ڏاڍو سٺو ۽ اثرائتو نڪرندو هو. ڪيترائي بيت برزبان ياد ٿيندا ويندا هئا.

1947ع ۾ اوچتو ورهاڱو ٿيو، جنهن بابت اسان کي خبر به نه هئي. خبر تڏهن پئي جڏهن هندن ۾ لڏپلاڻ شروع ٿي ۽ اسان جا هندو دوست شاگرد پنهنجي وڏڻ سان گڏجي اڻ ڏٺي ڏيهه تي، مذهب پرستي ۽ دولت پرستيءَ سان گڏ پنهنجي تحفظ لاءِ لڏڻ جا سانباها ڪرڻ لڳا هئا ۽ گهرَ جو سامان، عاليشان جايون جڳهون، دڪان داڙي، ٻنيون ٻارا ڇڏي تيار ٿيا. گهر جو سامان پڳڙن مُٺ تي نيلام ڪري رهيا هئا. وري جو هتي لياقت علي پنهنجو ووٽ ٻنڪ ٺاهڻ جي فڪر ۾ هو، تنهن بي ڏوهه هندن کي قتل ڪرايو ته ان جي موٽ ۾ هندستان ۾ هزارين مسلمان قتل ٿيا. اهڙيءَ طرح لياقت علي جي خواهش پوري ٿي، جو هتان جا هندو هدستان ڏانهن ۽ هندستان جا مسلمان هيڏي لڏي اچڻ شروع ٿي ويا. هتي اسلام دوستيءَ جي چانوَ ۾ لڏي ايندڙن لاءِ وڏا بندوبست ڪيا ويا. ننڍن ننڍن شهرن ۾ پَٽَ جون ديڳيون لاٿيون ويون ته پناهگير اچي کائين. هندستاني مسلمان جڏهن پنجاب ۾ پهتا ته ڪين پنجاب جي ماڻهن رهڻ نه ڏنو ۽ چيائونِ ته پاڪستان اڳتي آهي. يعني سنڌ ۾. اهڙيءَ طرح سمورا هندستاني اچي سنڌ جي سرزمين تي پهتا. وڏا وڏا شهر ته انهن سان پرجي ويا پر ننڍن ڳوٺن تائين به اچي پهتا. سنڌي ماڻهن ۽ پناهگيرن ۾ جهيڙا ٿيڻ شروع ٿيا. اهڙيءَ طرح ڪين "مَڪَڙ" سڏڻ جو اصطلاح اُڀريو. لياقت سرڪار، هندستان کان آيل پڙهيا لکيا ماڻهو هر کاتي ۾ ڀري ڇڏيا، جو ته هندو آفيسر ته لڏي هليا ويا هئا. پناهگير آفيسرن هتي، سنڌي هندن جي ڇڏيل جاين، دڪانن ۽ ٻنين وغيره تي هندستان کان آيل ماڻهن جو حق ڄاڻايو ۽ انهن کي ڪُوڙا ڪليم ٺاهي ڏنا ويا، جن بابت ڪير به پڇي نٿي سگهيو، انهيءَ بنياد تي سنڌ ۾ ڪروڙن جون ملڪيتون، مفت ۾ ڪين ڏنيون ويون، جڏهن ته هندستان ۾ ڪين ڪجهه به نه هئو. اُنهن کي اها به خبر نه هئي ته ٻني جا ٿيندي آهي ۽ ڪيئن آباد ڪئي ويندي آهي. ڪي ٿورڙا روهتڪ ضلعي جا رهاڪو، ٻني ٻاري کان واقف هئا نه ته ٿيو خير. اهو ڏاڍُ ايتري قدر ٿيو جو هندن جي لڏ پلاڻ يا ورهاڱي کان ٻارهن ورهيه اڳ منهنجي ناني لعل بخش، هڪ هندوءَ کان زمين خريد ڪئي هئي، جيڪا رجسٽرار وٽ به داخل هئي، پر اڻ پڙهيل جي سُستيءَ سبب ستين فارم تي نه چڙهڻ ڪري، هڪ هندستاني ڪليمنٽ کي ڏني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حرڪت هجي، ظاهري طور تي مُلان، مشرف جي مخالفت ۽ موافقت جي وچ ۾ بيٺل آهن ۽ نيٺ اهي ڳالهيون پڌريون ٿينديون!

گهنٽهڙ ۾ ڪشميرين لاءِ چندو ڪيو ويو هو، جيڪو ملڪ جي ٻين هنڌن تي به ٿي رهيو هو. اهو چندو هڪ سؤ چاليهه رپيا هو. جيڪو هڪ ماڻهوءَ جي ذمي ڪيو ويو ته ڪشمير سان سلهاڙيل جماعت کي پهچائي ڏئي. اٽڪل ٻن مهينن کان پوءِ انهيءَ ماڻهوءَ اهي پئسا اهو چئي واپس ڪيا ته پهچائي نه سگهيو آهيان. ان تي والد محترم چندو ڏيندڙ ماڻهن کي گهرائي انهن جي لسٽ موجب پئسا ڪين واپس ڪرڻ گهريا ته انهن ماڻهن چيو: سائين! اهي پئسا اسان خدا واسطي ڏنا آهن، تنهنڪري واپس نه وٺنداسين، اوهان پنهنجي ڪم آڻي ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه تي اهي ماڻهو مچرجي پيا، جيڪي اڳ ۾ نُور بشر جي مسئلي تي ڪاوڙيل هئا. تن ۾ والد محترم جو شاگرد مظفر علي ٻرڙو، ڪوڏوءَ به تي بيا ماڻهو هئا. تن ضلعي جي آفيسر کي درخواست ڪندي شڪايت ڪئي ته مولوي عبدالله چانڊيو ڪشميرين لاءِ چندو وٺي پاڻ هڙپ ڪري ويو آهي. موٽ ۾ والد محترم ۽ ڳوٺ جي ماڻهن ڏانهن نوٽيس ڪڍيا ويا ته قمبر شهر ۾ اچي روبرو صفائي پيش ڪئي وڃي. والد محترم اجا پئسا پنهنجي ڪتب نه آندا هئا. مقرر تاريخ تي ڳوٺ جي سوين ماڻهن سان گڏجي پئسا کڻي مذڪوره آفيسر وٽ پيش ٿيو. پرينءَ ڌر جي طرفان فقط ڇهه ست ماڻهو اچي حاضر ٿيا هئا. منجسٽريٽ، والد محترم سان گڏ پيش ٿيل سوين ماڻهن جي بيان آڌار پرينءَ ڌر کي بي عزتو ڪري ڪڍيو هو. تاهم والد محترم اهي پئسا انهيءَ منجسٽريٽ جي روبرو واپس ڪرڻ گهريا پر انهن نه ورتا. گهنٽهڙ واپسيءَ کان پوءِ والد محترم جماعت کي گهرائي چيو ته: عبدالله ڪٿي به بي مزي نه رهيو آهي، تنهنڪري وڌيڪ گهنٽهڙ ۾ رهي نٿو سگهجي.

● نصير آباد مان ڊاڪٽر عطا الاهي ۽ هڪ رٽائرڊ صوبيدار جي اصرار تي نصير آباد ڏانهن لڏڻ گهريوسون ته سڄي گهنٽهڙ جا ماڻهو روئندا اچي گڏ ٿيا ته اوهان کي هتان لڏڻ نه ڇڏينداسون. والد محترم ڪين چيو ته: عبدالله راند رَسَ ۾ ڇڏيندو آهي، تنهنڪري وڌيڪ رهي نٿو سگهجي. نيٺ گهنٽهڙ وارن کي ناراض ڪري وڃي نصير آباد کان نڪتاسين. اتي به واٽين جون ڇڏيل عاليشان جايون رهڻ لاءِ مليون. تڏهن مان ٽئين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. اجا ڪيترا هندو لڏ پلاڻ ۾ هئا. هڪ ڏينهن اسڪول کان گهر ڏانهن وينديء، وات تي هڪ هندوءَ جي کُليل دڪان تي واجهايم ته ڍگهيون واڻڪيون بنديون ۽ قلم پيل هئا، جيڪي وڪرو پئي ڪيا ويا. ان وقت هُو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏانهن اُٿي ويو هو تہ قلمن ۽ بندين جي جھولي پيري اچي گھر نڪتس. پوءِ اچي دل ۾ ارمانن جو طوفان اُٿيو تہ ويچارا پنهنجو ديس ڇڏي وچي رهيا آهن ۽ مان سندس سامان چورائي آيو آهيان. اهڙيءَ طرح اهو سامان کڻي واپس دڪان تي آيس تہ نوجوان ويٺو هو. کيس ڏاڍي وينتي ڪيم ۽ ڳالھ ٻڌايم. هُن وري موٽ ۾ اهي سموريون شيون مونکي موٽائي ڏيڻ گھريون، پر مان سندس دڪان تي رکي هليو آيو هوس.

نصير آباد ۾ بہ گھنهڙ جا ماڻھو اچي زور پريندا واسطا ڏيندا رهيا هئا. گھنهڙ ۾ اسان کي آخري ڀاءُ سعد الله ڄائو هو. اوچتو اهو بيمار ٿي پيو ۽ نيٺ نصير آباد ۾ گذاري ويو. والده محترمه کي سخت صدمو رسيو. چيائين تہ گھنهڙ جي ماڻھن جي ميڙين منٿن کي موٽائڻ جي رنجش جو نتيجو آهي ۽ زاروزار روئڻ لڳي. نيٺ ننڍڙي جي ميت سميت لڏ کڻي اچي گھنهڙ ۾ پهتاسين. ماڻھو انهيءَ واقعي تي ڏاڍا ڏکارا تہ ٿيا پر اسان جي واپسيءَ تي ڏاڍا خوش بہ ٿيا هئا.

خليفي ڏٽي بخش جي ٻنيءَ تي جڏهن سارين جي وَل ڪڄندي هئي تہ اسان کي وٺي ويندو هو. جتي ڪِرئي ڪرڻ سان تہ وڏا وڏا مُنيا گڏ ڪندا هئاسين پر آخر ۾ پنج پنج سَٽريون (ڪاهيون) بہ ڏيندو هو، جيڪي گھر ۾ آڻي ڪُٽيندا هئاسين، تہ ڪافي خرچي نڪري پوندي هئي. مون سان گڏ پڙهندڙ دوستن مان، مون وانگر ڪي پرائمري ماستر ٿي سگھيا تہ ڪي ڪلارڪ وغيره. اهڙو ڪو وڏو آفيسر نہ ٿي سگھيو هو. گھنهڙ ۾ ڪجھ گھر ڊڪڻن جا بہ هئا. جن مان منهنجو هم ڪلاسي قربان علي هو، جنهن جو والد فيض محمد ڊکاڻکو ڪم ڪندو هو. جنهن سان پوءِ بہ ڪجھ وقت تعلق رهيو، پر جيئن تہ پاڻ پنهنجي وجود ۾ ئي هٽيڪا نہ هئاسون تہ سڀ يار ڇڙوڇڙ ٿيندا ويا. اٽڪل 30 ورهين کان هڪ ٻئي جي ڪا خبر نہ آهي. اهي بہ گھنهڙ مان قمبر شهر ۾ آيا هئا ۽ اچي ڪپڙي جا دڪان کوليا هئائون. ان کان سواءِ عبدالقيوم پٽ محمد اسماعيل سان بہ تعلق رهيو، جيڪو بعد ۾ وٽڪسينيٽر ٿيو هو ۽ شايد پوءِ شهداد ڪوٽ ڏانهن لڏي ويا هئا.

توٽي جو مان، انهن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ويندو رهندو آهيان، جن جي گھٽين ۾ ننڍپڻ جون ڊوڙون، ٺهڪ، سُڏڪا ۽ تڪڙا تڪڙا ساھ سمايل آهن. مڙئي ٽنين چوٽين سال وڃي گھمي ڦري ايندو آهيان ۽ پنهنجي عمر جي واقف ڪارن سان اندر - اوراڻا ڪري پراڻيون يادون تازيون ٻٽائي ايندو آهيان. هتي گھٽو تعلق، ٻرڙي جمعي عرف جمال الدين، خير محمد ۽ سندن ڀاءُ غلام علي سان رهيو. هي ماڻھو اصل ۾ راڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئا. خير محمد سيني کان وڏو هو ۽ گوريو هو. فالج جي بيماريءَ کان اڳ تائين ناچڻ توٽي عورت فنڪارائن سان ڳائيندو رهيو. ٻاهر ڪيس مهينا گذري ويندا هئا ته روزانو سندس پيرسن پيءُ هيبت، پڪيءَ ٽپهريءَ کان سندس اچڻ واري رستي ۾ اکيون وجهي ويهي رهندو هو. جڏهن جاڙي ڪاڏي اوندهه هارجي ويندي هئي ته سُڏڪا پريندو اچي گهر ۾ پنجي رهندو هو. والد محترم سان ڏاڍي پريت هوندي هين، جمعو (جمال الدين) ته والد محترم جا مولودَ چوندو هو ۽ اتان گڏر سفر ڪندو هو ۽ غلام علي ديني تعليم سان گڏ ورنيڪيولر فائينل پاس ڪري پرائمري ٽيچر ٿيو هو. اجا سوڌو حال حيات آهي. خير محمد فالج جون تڪليفون سهندي سهندي گذاري ويو ۽ جمال الدين (جمعو) به ويجهڙائيءَ ۾ گذاري ويو آهي. سندن ڪراڙي ماءُ به والده محترمه جو ڏاڍو خيال ڪندي هئي. منهنجي شاديءَ ۾ به اچي شريڪ ٿي هئي. انهيءَ وچ ۾ رئيس علي نواز گذاري ويو ته سندس پٽ حاجي مير، پيءُ جي ثواب لاءِ اڌائي جريب زمين، والد محترم کي ڏيٽي ڪئي، جيڪا والد محترم نه ورتي هئي. چئي: بابا منهنجو توهان جي زمينن سان کهڙو ڪم. مون ته پنهنجي والد کان به زمين جو حصو نه ورتو هو.

اسڪولن ۾ امتحان وٺڻ وارا صاحب فل سوٽ سان گڏ مٿي تي ٽوپلو پائيندا هئا ته جيئن سندن رعب تاب رهي. تن ڏينهن ۾ مدرسي جا طالب توٽي استاد، سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ ويهي تيل جا ڏيئا يا گاسليٽ جون چمنيون ٻاري، سپاڻي وارن سبقن جي لاءِ اڳواٽ تياري ڪندا هئا، جنهن سان طالبن ۾ مسئلن کي سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي هئي ۽ هوشيار ٿيندا هئا. خود عربي عبارت پڙهڻ جي مهارت به حاصل ٿيندي هئن، ڇو ته عربيءَ جا ڪتاب سواءِ زيرين زيرين ۽ پيشن جي هوندا آهن. ۽ انهن جي عبارت صحيح پڙهڻ ڏاڍي مشڪل هوندي آهي. ان لاءِ ته ان کان اڳ ۾ صَرفَ ۽ نَحو جا ڪتاب پڙهڻا پوندا هئا ۽ ماڻ، شرح ماڻ به پڙهبا هئا. صرف ۾ صيغا ياد ڪبا آهن ۽ نَحو ۾ گرامر ۽ ترڪيب وغيره.

فارسيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

صرفيان را مغز باشد چون سَگان
نَحويان را مغز باشد چون شهان

يعني: صرف پڙهڻ وارن کي ڪُتي وارو مغز هجي ۽ نَحو پڙهندڙن کي بادشاهي دماغ هجي ته جيئن ڳالهه سمجهي سگهن.

مدرسن ۾ تن چئن موضوعن جا ڪتاب گڏ پڙهايا ويندا آهن ۽ جڏهن هڪڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب پڙهي پورا ڪيا ويندا آهن ته پوءِ ان ڪان اڳتي وارا ڪتاب شروع ڪيا ويندا آهن. جڏهن هر شعبي جا ڪتاب پڙهي پورا ڪبا آهن تڏهن دستاربندي ٿيندي آهي ان کي درس نظامي چوندا آهن.

تن ڏينهن ۾ رات جو سفر ڪيو ويندو هو ۽ سفر لاءِ ڏاند گاڏي هوندا هئا. ملڪ ۾ امن امان هوندو هو. اڄڪلهه وانگر ڪارون، جيپون، ڪوچون وغيره نه هونديون هيون، نه ئي اڄ جهڙي بي امني. سفر ڏاڍو وڻندڙ لڳندو هو. پري ڪان ڪنهن گهر ۾، رات جي اونداهيءَ ۾ باهه ٽمڪندي نظر ايندي هئي ته ڏاڍو عجيب منظر لڳندو هو. دل ۾ منزل تي پهچڻ جا احساس ڪَرَ موڙڻ لڳندا هئا ۽ اُميدن جا سوين ڏيئا روشن ٿي ويندا هئا.

گنهڙ ۽ ان جي پرپاسي گهوگهاري ۾ سگداسي چانور ڏاڍا مشهور هوندا هئا ۽ اها ڳالهه نصابي ڪتابن ۾ درج هوندي هئي. سُگداسي چانورن جهڙا لذيذ ۽ خوشبودار چانور بيا شايد ئي ٿيندا هجن! گهتهڙ لاءِ چوٽي هئي ته: ثمر نه هُجني ساڻ ته گهڙي پَٽَ گهتهڙ ۾.

والد محترم سياري جي ڏاڍي ٿڌ ۾ صبح جي نماز پڙهڻ لاءِ اٿاريندو هو ۽ مان اُٿڻ جي نه ڪندو هوس، ته وري ڪجهه دڙڪا داپَ ڏيئي اٿاريندو هو، ته پوءِ مسجد جي ٽانڪيءَ تان ٿڌي پاڻيءَ سان وضو ڪري، مسجد ۾ وڃي مسجد جي پيتين سان نرڙُ گسائي، نماز پڙهڻ ڪان سواءِ ئي موٽي ايندو هوس. سندس ليکي نماز پڙهي آيس.

ڀاءُ عبدالحميد، گهتهڙ ۾ هڪ مَڪڙي گهوڙي ڏاري هئي. هڪ ڏينهن ڀاڻ موجود نه هو ته ان گهوڙيءَ جي پنيءَ تي چڙهي واهه تان پاڻي پيارڻ ويس. پاڻي پيئاري موٽيس ته گهوڙي وڻي ٿي چوٽال پيچي. مان سندس بُشڪن کي وٺي سندس پُنيءَ تي چنبڙي رڙيون ڪرڻ لڳس. گهوڙي بيهي ئي نه. نيٺ ڳوٺ ۾ آئي ته ماڻهن منهنجي رڙين تي اڳ جهليس ته بيهي رهي. هيٺ ته لٿس پر منهنجي دل جا ڌڙڪا ڪنهن مڱڻهار جا دهل تي ڏونڪا هئا. مَس وڃي ساهه ۾ ساهُه پيو هو.

گهتهڙ ۾ رؤنشي طور، اسان ڪان وڏا ڇوڪرا مونکي ۽ ڀاءُ عبدالحميد کي هڪ جاءِ جي چوڏاري پجائيندا هئا. مان هڪ پاسي ڪان ته ڀاءُ ٻئي پاسي ڪان. ڪڏهن ڀاءُ اڳ ۾ پهچندو هو ته ڪڏهن مان. ٻرڙن رئيسن جي گهران مانين ڪان سواءِ ٻارهين مهيني اڍائي تي سؤ رپيا روڪ، لٽي ڪپڙي وٺڻ لئه ملندا هئا. ڀاءُ ۽ مان قمبر شهر مان ڪپڙا وٺي ايندا هئاسون. قمبر جو شهر، گهتهڙ ڪان اٽڪل سٺن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اتر طرف ۾ آهي. ڪا خاص سواري نه هوندي هئي. گهتهڙ جا دڪاندار به پنهنجي گڏهن تي سودو سُود وٺي ايندا هئا. عام طور تي وڃان ئي وڃان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيرن جي ڳوٺ کان پيادل قمبر وڃبو اچبو هو. هڪڙي ڀيري ڀاءُ مونکي منهنجا ڪپڙا وٺي ڏئي باقي پئسا ڪٽي لاڙڪاڻي روانو ٿيو. مان جڏهن گهنگهڙ پهتس ۽ گهر ۾ ڳالهه ڪيم. رمضان جو مهينو هو. والد محترم کي روزو هو. روزي سان قمبر اچي لاڙڪاڻي لاءِ روانو ٿيو. ڪيس اسٽيشن تي ڳوليائين ليي پيو هوس. ڀاءُ انب وٺي ريل جي انتظار ۾ اسٽيشن تي ويٺو هو ته مديجيءَ کان لهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿئي. اچي پڪڙيائينس ته ڀاءُ وٺي رڙيون ڪيون. جنهن تي پوليس وارا گڏ ٿي ويا. جڏهن والد محترم کين حقيقت ٻڌائي تڏهن جند ڇڏيائون ۽ ڀاءُ کي واپس وٺي اچي گهنگهڙ نڪتو هو.

گهنگهڙ ۾ موٽي ته آياسين پر مخالفت وري شروع ٿي ويئي. پير الله ڏنو شاهه راشدي، پڙهو ڏياري اعلان ڪرايو ته جيڪڏهن مولوي صاحب سان ڪا به بدتميزي ٿي ته ٻرڙا پنهنجي عزت سلامت نه سمجهن. مخالف ته ڪٽي ماٺ ٿي ويا پر اسان هندستاني يا پنجابي ته هئاسين ڪين، نه ئي ڪا ملڪيت ئي هئي جو هروڀرو رهي پئون. ايتري ۾ لاهورين لاڙڪاڻي جو مولوي محمد ڪوڪر اچي نڪتو ته هلي لاهورين ۾ مدرسو پڙهايو. لڏو ڪٽي قمبر اسٽيشن تي پهتاسين. اسٽيشن جي اولهه ۾ شهداد ڪوٽ ڏانهن ويندڙ رستي تي هڪ ننڍڙي مسجد وٽ اچي ريل جو انتظار ڪيوسون. پنهنجي غُليل ڪٽي مسجد جي ڀوئتان وڏن ڏيڻ ۾ اڇلايم، ته ڏاڍو ڏک ٿيو هو. اڄ سوڏو اها ڳالهه وساري نه سگهيو آهيان. جڏهن به اتان گذرڻ ٿيندو آهي ته اهي گهڙيون اچي اکيان ٻيهنديون آهن.

گهنگهڙ جي ماڻهن کان رات جو موڪلائي ٿي هئي. سڄي ڳوٺ جا مرد توڙي عورتون اچي گڏ ٿيا هئا. وڏو جلسو ٿيو هو. جنهن ۾ والد محترم چيو هو ته: آءٌ هتي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ آيو هوس. نٿو چاهيان ته منهنجي ڪري اوهان ۾ ڪنهن به قسم جو ڦيٽارو پوي، تنهنڪري عبدالله جي الا توهار! گهنگهڙ لاءِ آماده ڪرڻ ۾ گهڻو ٽٽو هٿ مولوي فتح محمد ٽنيي ڪَنور واري جو هو، جيڪو والد محترم جو شاگرد هو ۽ اڏ مُلو هو. جڪر ڳوٺ ۾ ماستر سونو ۽ سندس، گڏيل مُلان مڪتب هوندو هو، جنهن کي مسلم اسڪول چيو ويندو هو. اهڙن اسڪولن ۾ ملان بي ايماني ڪندا هئا. بيٽ آفيسر جي آشيرواد سان شاگردن جا فرضي نالا داخل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ امتحان جي ڏينهن ۾ ڪنهن ويجهي سرڪاري اسڪول جا شاگرد ويهاري پاس ڪرائي رزلٽ ٺهرائي ساليانا هزارين رپيا گرانٽ طور منظور ڪرائيندا هئا. سڄو سال واندا ۽ سال جي پڇاڙيءَ تي ٿورو ٽڪو خرچ ڪري، ائين پئسا حاصل ڪندا هئا. تن ڏينهن ۾ هزار رپيا وڏي ڳالهه هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

● گهٽهڙ کان 1950ع اپريل ۾ لڏي اچي لاهورين لاڙڪاڻي پهتاسون. ڪجھ ڏينهن تہ مولوي محمد ڪوڪر جي مدرسي ۾ ترسياسون ۽ پوءِ جنهن مسجد لاءِ آندو ويو هو، ان جي پرسان لڳو لڳ جاءِ ۾ رهڻ لاءِ آڇ ڪئي وئي. لاهورين جي جامع مسجد جي اتر ۾ اها جاءِ هن وقت ڪير مائي ٺاهڻ وارن جي قبضي ۾ ڏسندو آهيان. اها جاءِ نواب لاهوريءَ جي هئي، جنهن لاهورين جي ميمڻ جي چوڻ تي اسان جي حوالي ڪئي هئي. اجا مدرسي ۾ئي هئاسين تہ هڪ ڏينهن گهمڻ نڪري پيس ۽ گهمندي گهمندي وڃي لاڙڪاڻي جي ريلوي اسٽيشن ڪان نڪتس. تڏهن اسٽيشن ريلوي لائين جي اولهہ ۾ هئي. پٽي جي ڏوڙ ۾ اسٽيشن جي بلڊنگ، لائين جي اوپر ۾ بنائي وئي، جيڪا اجا سوڌو قائم آهي. گهر ڏانهن اچڻ لاءِ پريشان ٿي ويس جو واپسيءَ جو رستو ڀُلجي ويو هوس. نيٺ ريلوي لائين وٺي اتر طرف هلڻ لڳس جو لائين مدرسي ڪان نظر ايندي هئي. اهڙيءَ طرح مدرسي جي پر ۾ واهُہ وهندو هو، شايد پراڻو گهاڙ هو، اهو وٺي اچي مدرسي ڪان نڪتس.

لاهورين ۾ اچڻ ڪان پوءِ، مونکي پي وي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جو وَجھ مليو هو. گهٽهڙ مان چار درجا پاس ڪري آيو هوس، تنهنڪري هن اسڪول ۾ پنجين درجي ۾ داخلا ورتي. اصل ۾ مون کي پڙهڻ جو ڪو شوق هو، نہ تہ والد محترم جي ڪابہ دلچسپي نہ هئي تہ ڪو دنيوي تعليم پڙهون. تڏهن تہ پاءِ عبدالحميد پرائمري پڙهڻ کان ڪٽي بس ڪئي هئي. هن اسڪول جو هيڊ ماستر شاهہ محمد عباسي. پيرسن، سنهڙو، قداور، ٽي بيءَ جو مريض هو. اسان جو استاد ڏٽي بخش هو، جيڪو صوفي منش هو ۽ سامر جنسنگهاڻي سان عليڪ سليڪ هُيس. ويدانيت جا پوئلڳ هئا. تنهنڪري سندن مَنَ ۾ محبت جي مايا هئي. نفرت جو نالو ئي نہ هو. هُونئن بہ سنڌ ۾، اسلام کان اڳ ويدانيت هئي، جيڪا صوفي ازم جهڙو رنگ ڍنگ رکندي هئي. سنڌي ماڻهن ۾ ميٺ محبت، ذڪر فڪر، راڳ رنگ جو شوق هو جنهن دلين ۾ ايڪتا پيدا ڪئي هئي، سا صوفي بزرگن جي روين، تعليم ۽ محبت جو نتيجو هئي. سچا صُوفي ڪنهن بادشاهہ جي ڪاڻ بہ نہ ڪڍندا هئا، چو تہ بادشاهہ ۾ سندن ڪابہ لالچ نہ هوندي هئي. هڪ اهڙي درويش جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ پيري سياري جي منډ ۾ صبح جو بادشاهہ پنهنجي وزيرن ۽ خاص عمائدين سان گڏجي ان درويش وٽ پهتو ۽ ان کان ڪنهن ضرورت جي پڇا ڪيائين تہ درويش وراڻيس: منهنجي سامهون بيهي سج جي اُسَ نہ روڪ ۽ ڇانوَ نہ ڪر. ٻي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهڙا ئي صوفي ماڻهو، محبتن ڪي عام ڪندا رهيا ۽ هونئن بہ هتان جا ماڻهو نبوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفتن جا مالڪ رهيا آهن. هي ته پاهرين رولاڪن ۽ حملي آورن جي حرڪتن جا پاڇا، هتي جي ماڻهن تي به پيا آهن، ورنه اهي سؤ سيڪڙو تاڃي پيٽي پٽ هئا. ان ڪان سواءِ پيٽ پُوڄاري، نالي جا صُوفي به هئا، جيڪي بادشاهن جي خوشامد ڪري سنڌ ۾ جاگيرون ۽ زمينداريون حاصل ڪري ويهي رهيا ۽ ڪي بدفطرت ماڻهو آهن جي پوئلڳيءَ ۾ اچي ڪري خراب ٿيا ۽ سنڌ سماج کي خراب ڪري ڇڏيائون.

گهٽي زماني کان پوءِ سامرَ سان سَنگُ ٿيو هو. سچ پچ صوفي ماڻهو هو. سندس زمين تي به پيا قبضو ڪري ويهي رهيا هئا. هيءَ ويدانتي عالم، ڊاڪٽر سَرلا ديويءَ سان رهندو هو، جيڪا عمر ۾ ڪانئس ڪافي ننڍي هئي. سامر ۽ سَرلا جا ڳُفتا، سندن ڪتاب "جِيتامڙيءَ جي ڊائري" ۾ آهن. اهو ڪتاب اٽڪل چار سؤ صفحن تي مشتمل آهي. مونکي به ٻه ڪاپيون ڏنيون هئائين. جن مان هڪ ڪاپي خيرپور جي نوجوان ليکڪا، استاد، شهناز رحمان ميمڻ کي سندس شاديءَ تي تحفي طور ڏني هيم. انهيءَ جي شاديءَ ۾ منهنجو ڪٽنب شريڪ ٿيو هو. جنهن کان پوءِ حامي جي پهرين ورسيءَ تي شريڪ ٿيا هئاسين ۽ موٽي اچي شهناز جي گهر رهيا هئاسين. شهناز ميمڻ سان منهنجي ڏيٺ، سکر جي بي ايڊ ڪاليج (يعني ڪاليج آف ايڊيوڪيشن) ۾ ٿي هئي. جتي ڪاليج مان وينڊڙ شاگردن وڏو فنڪشن ڪوٺايو هو ۽ مونکي ان ۾ قومپرست نوجوان وهاب پيو سڏيو هو ۽ شهناز به انهن سان پاڻهن پيلي هئي. مون سان خط ڪتابت شروع ٿيس ته شاديءَ جو سڏ ڏنائين. شاديءَ جي ڏينهن شريڪ نه ٿي سگهيا هئاسين پر ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ شاديءَ جو جوڙو ۽ جيتامڙيءَ جي ڊائري ڪٽي، مان، منهنجي گهر واري عُمراهه ۽ منهنجي شاعرا ڌيءَ رضيه ناياب ويا هئاسين.

پي وي اسڪول ۾ حاضر ٿيس ته هڪ هندو ماستر، شايد گاگن داس نالو هوس، هڪ زباني حساب ڏنو هو. حساب ڏاڍو سولو هو ۽ مونکي حساب پڇڻ کان اڳ ڪِل اچي وئي. حسابن ۾ ڏاڍو هوشيار هوس. پر جڏهن جواب ڏنم ته اهو غلط هو ۽ ابهرائي سبب ڏاڍو لڄي ٿيو هوس. حساب هو ته: پائي ۽ پئسي جا چار ڪنمٽڙا ته پائي گهٽ پئسي جا ڪيترا ڪنمٽڙا ملندا. مون ٺهه پهه چيو ٽي. جيڪو واقعي به غلط هو. مون ابهرائي ۽ پاڻ تي حد کان وڌيڪ اعتماد جو شڪار ٿيندي، پئسي مان پائي ڪاٽ نه ڪئي. ڪاٽ ڪرڻ سان جواب ٻه اچڻو هو. خير، پوءِ ته منهنجي ذهانت جا سمورا استاد قائل ۽ معترف ٿيا هئا. هن اسڪول ۾ مون سان گڏ لطف علي منگي، نثار علي منگي، عبدالواحد ابڙو، محمد امين شاهه، سندس ڀاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روشن علي شاهه، دين محمد بروهي، شمن دايو ۽ ٻيا هئا. منهنجي انهن سان آخر تائين واقفيت رهي. اتي مون سان ڏاڍو پيار ڪندڙ هڪڙي نهايت خوبصورت ڇوڪري به پڙهندي هئي. جيڪا رسيس ٽوٽي موڪل کان پوءِ منهنجا ڪتاب پنهنجي گهر کڻي ويندي هئي ته جيئن انهيءَ بهاني سان مان سندس گهر وڃان. تڏهن سندس عمر ٻارهن ورهيه کن هئي. مون کي به سائس ڏاڍو پيار ٿي ويو هو. گهڙي نه ڏسانس ته پريشان ٿي ويندو هوس. وڏ گهراڻي ڇوڪري هئي. هڪ آچر تي مان قُلفين جو دٻو کڻي سندس گهر کان گذريس ۽ هوڪو ڏنم ته منهنجو آواز سڃاڻي فوري ٻاهر نڪري آئي هئي. ڏاڍي ڪاوڙ ڪئي هئائين، قلفين کپائڻ تي. نيٺ قلفي کارائي مِٺي ڏيئي وئي وعدو ڪيو هومانس ته اڳتي قلفيون نه کپائيندس ته ڏاڍي خوش ٿي هئي ۽ زبردستي پئسا ڪڍي ڏنا هئائين ته گهر وارن کي ڏيان.

ننڍپڻ جون محبتون يا هُوندن به ڪي محبتون نصيب نه ٿينديون آهن ۽ وقت جدا ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن 1951ع مئي ۾ لاهورين مان لڏي وياسين ته هميشه لاءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿي وياسين. هڪ ڏينهن اڳ ۾ کيس ٻڌايو هوم ته هاڻي وري پاڻ مِلون يا نه ملون ته ياڪر پاڻي ڏاڍو رُني هئي ۽ مون به روئڻ جي راهه ورتي هئي ۽ وري نه ملياسين. 1999ع ۾ هڪ نوجوان نياڻي مون وٽ اسلاميات پڙهڻ آئي هئي. پندرهن ويهن ڏينهن کان پوءِ جڏهن سائس واقفيت وڌندي وئي ته کانئس پڇي ورتو هوم ته فلاڻي نالي واري عورت تنهنجي ڇا ٿيندي آهي ۽ ڇا اها زنده آهي! ته ٺهه-پهه چيائين: سَر ٻُڍي. ٺيڪ آهي. منهنجون اکيون آليون ٿي ويون، ته مون کان پڇيائين: سَر! توهان کيس ڪيئن سُڃاڻو؟ چيم: ٻي وي اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسون. ان کان پوءِ سندس باري ۾ ڪافي احوال ورتو هوم ۽ کيس چيو هوم ته جڏهن ٻُڍيءَ سان ملڻ ٿيئي ته چئجانس: اهو ماڻهو توهان کي تمام گهڻا سلام ۽ پيار چوندو آهي، جيڪو توهان سان گڏ ٻي وي اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ جنهن جا ڪتاب توهان پنهنجي گهر ڏي کڻي ويندا هئا. ان کان پوءِ خبر پيئي هيم ته اهي واقعي به وڏا ماڻهو آهن. انهي سارونٽين تي هڪ آزاد نظم چيو هوم، جنهن جو عنوان به سارونٽيون آهي:

## سارونٽيون

ياد ڪيِ ٿي دل ۾ جيڪي سَلَ تي سَلَ، وساريان ڪيئن!
گذريل پَلَ وساريان ڪيئن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پِّرِيان پُورا پنج ڏهاڪا،
اڪرين آڏو ايئن اچن ٿا - جيئن هَوا تي ڳَلَ نچن ٿا.
هڪ اسڪول ۾ ڳڏجي پڙهندي،
موڪل ويلي ٻانهن - وراڪا.
پنهنجا، منهنجا ٻُڪَ سيپيٽي،
چوندي هُئينءَ تون، گهرَ ڏي نيئي:
"ويهُ تہ مون سان شام جو وِرجان."
ءُ ها - صُبح سويري اچجان!
ريشمَ جهڙا هَٿ هٿن ۾،
ڏيئي ڪيئن جهليندين هُئينءَ!
اهڙي جَهلَ وِساريان ڪيئن!
ڳدريل پَلَ وِساريان ڪيئن!

ڪيئي پيار ڳلن تي وِرچي،
سارو اَنتُ سَليندين هُئينءَ.
پوپٽَ جهڙا چَپَ چپن تي،
آٿي هِيئن ڇَني ڏيندي هُئينءَ:
تُنهنجيءَ ڪَچ ۾ پَني هُجان ها.
ڪوبہ نہ ساري، ڪوبہ نہ ڳولي،
اِيئَن ٿني شَلَ! اِيئن ٿِني شَلَ!!
اهڙي شَلَ وساريان ڪيئن!
پيارا پَلَ وساريان ڪيئن!

تن ڏينهن ۾ آچر واري
پَربَت پاري.
مَن موڪلَ وساريان ڪيئن!

جنهن تي قُلفيون ڪٽندو هوس،
گهرَ - ياتين ڪي، پئسا ڏيئي وٺندو هوسِ،
هڪڙي ڏينهن ڏِسي وَرتو هُنہ،
اُرهي ٿيندي ڪيئن چيو هُنہ:
اِڳتي قلفيون مُور نہ ڪٽجان.
هِي وٺ پئسا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهرَ پاتين ڪي ڏيئي وڃان"
اڪڙيون، اڪڙين ۾ اوتيندي،
وَراڻيو هوم:
منهنجي هَٿَ ۾ قلفي ڪاڻ!
نه ڪٺندس اڳتي.
دل - آشا ڪي ماٺيو هوم.
قلفي ڪائي ٻنهي ڳلن تي،
پيار ڪيو هوءِ، مون به ڪيو هو.
اهڙو پيار ۽ اهڙا ڳلَ وساريان ڪيئن!

ٻ

پوءِ اهڙا وِڇڙي وياسين،
پَنَ ڇڻ رتِ ۾،
ٿُڙُ وَڻ جان اُجڙي وياسين،
هاڻي ڪائي چاهَ نه آهي،
توکي مُنهنجي، مونکي تنهنجي،
جڻ هي جيونُ ڀاڻ نه آهي.
تُنهنجيون سارُوٽيون ير آهن.

اڄ ٻيي
تُنهنجي گهرِ جي پرسان،
گذريو آهيان.
واچوڙي ۾ ڪنهن ڪکَ وانگر اُڏريو آهيان.
اڪڙيون، چپَ رکيا ئم تُنهنجي گهرَ جي دَرَ تي.
ديوارن تي.
پنهنجي پيار جي آثارن تي.
جن مان اڄ ٻيي پياري! مونکي،
تُنهنجي ٿي سُرهاڻِ اچي ٿي.
اڪڙين ۾ آلاڻ اچي ٿي.
نيڻَ - ڪَنولَ وساريان ڪيئن!
گذريل پَلَ وساريان ڪيئن!
تنهنجي شَلَ وساريان ڪيئن!
سِڪَ ڪڍي ٿي دل ۾ جيڪي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سَلَ تي سَلَ وساريان ڪيئن!

پر
اُن ڪان پي زياده مونکي،
ڏارين ماٿهن سُور ڏنا هِن،
پُورَ ڏنا هِن:
جيئن ڪو ڪنهنجي جيئري ٻتَ تان
لاهي کَلَ - وساريان ڪيئن!
وساريان ڪيئن!
اهڙا پَلَ وِساريان ڪيئن!!!

•

لاهورين مان ميمڻ برادريءَ جون ٽڪيون اينديون هيون. لڳي ٿو مُفت خور يا پينوءَ جو اَندرُ ٻُڏي وڃي ٿو ۽ ان کي اهڙي ڪم ۾ گهٽتائي نظر ٿي نٿي اچي. اسين ته هڪاسين پار! ميمڻن ۾ حاجي محمد عظيم، سنڌس پٽ غلام صديق مڙيو ئي خيال ڪندا هئا ۽ ورتاءَ ۾ چڱا هئا پر حاجي محمد عظيم جي وڏي پٽ محمد عثمان جو لاڙو مشورين ڏانهن پئي لڳو. حاجي عظيم جو نيرولڪو ڏنڊو هوندو هو. هن وقت جتي عثمان ميڊيڪل اسٽور ۽ ڊاڪٽر اڪرام تنيو وارن جي ڪلينڪ آهي، اهو سڄو پلاٽ حاجي جي قضي ۾ هوندو هو. ٿوري ئي وقت ۾ والد محترم جي وعظ رنگ لاتو ۽ جاڏي ڪاڏي "وهابي وَهابي" جي گُونجَ ٿي ويئي. مخالفتون اوج تي پهچي ويون. مولوي محمد ڪوڪر پنهنجيءَ ذات ۾، نه ته خالص مؤحد هو، نه ئي پير پرست يا قبرن تي ٻاسُون ٻاسيندڙ. پنهنجي رستي وارو ماڻهو هو. نه ٻئي سان نه ٽئين سان. فارسيءَ جو سُٺو ڄاڻو هو. تنهنڪري سنڌس نياڻو لقمان، جيڪو پوءِ لقمان حڪيم جي نالي سان شاعري، توڙي جلد سازي ڪندو هو، قائم شاهه بخاريءَ پرسان ۽ اڄا سوڏو اهو دڪان سنڌس پٽ عبدالمجيد ڪوڪر جي هٿ ۾ آهي ۽ ساڳيو ڌنڌو ٿيندو آهي، سو به فارسي سٺي پڙهيو هو. تڏهن والد محترم کي خط لکيائين جنهن ۾ عبدالله جي بدران عَدوالله لکيو هئائين. شايد تڏهن مذهبي اثر ڪجهه وڌيڪ هوس. گهڻن ورهين ڪان پوءِ جڏهن منهنجي ساڻس شاعراڻي دوستي ٿي ته منجهس مذهب جو ميرُ به ڪونه هو ۽ چوندو هو ته مُلان ڪان ٻلو چڱو آهي. حاضر جواب غضب جو هو. چڱي روايتي شاعري ڪندو هو. هڪ ڀيري سنڌس پٽ سلطان ڪوڪر، لاهورين جي اديبن خلاف ڪي مضمون ڇپايا هئا ته ڪيس مون لاءِ غلط فهمي ٿي هئي، چيو هئائين ته: اهو ڪم تنهنجو آهي، سلطان جي ڪلهي تي، بندوق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رکي هلائي اٿيئي. مون کيس وراڻيو هو: حڪيم صاحب! مون جنهن سان به دوستي رکي آهي ته پڳي نه آهي. تون پڇندين به دڪان تي ايندوسانءِ. ته چُپ ٿي ويو هو. جڏهن کيس اصل حقيقت جي خبر پيئي ته اهو سلطان جو ذاتي ڪم هو، ته مون ڏانهن سندس روين ۾ بهتري آئي ۽ دوستي پيدا ٿي پيئي هئي. پوءِ جڏهن به ڪو مشاعرو ڪرائيندو هو ته صدارت مون کان ڪرائيندو هو.

نيٺ مشوريا ميمڻ مچرجي، مولوي محمد قاسم مشوري وٽ ويا ۽ والد محترم جي وهابيت جي شڪايت ڪيائون. هڪ ڏينهن کيس مولوي محمد ڪوڪر جي مدرسي ۾ آندائون. سؤ سوا سؤ ماڻهو هئا. والد محترم کي به اطلاع ڪيائون، جيڪو مدرسي ۾ آيو ۽ خوش خير عافيت کان پوءِ بحث جي شروعات ٿي.

بحث ڇو ٿيندا هئا؟ انهن جو بنياد ته دڪانداري هو پر گهٽو اڳي به اهي اختلاف شروع هئا. مثلاً چئن مسلڪن وارا، شافعي، مالڪي، حنبلي ۽ حنفي جدا جدا خيال رکندا هئا پر اهي جدا جدا خيال تڏهن محض فقهي مسئلن تي هوندا هئا. هن دؤر ۾ ته وري رڳو ئي رڳو حنفي مسلڪ ۾ ئي اختلاف ايري پيا هئا. جڏهن ته شيعا ٽوٽي، اهل حديث ته وري الڳ هئا. مُلائيت کي ويجهڙائيءَ کان ڏسبو ته مذهب ۾ فرقا پرستيءَ کي اوج تي رسائي، قتل غارت گريءَ کي وڃي پهتا آهن. نه ته ڪو سُني مسجد ۾ سلامت آهي نه ئي ڪو شيعو امام بارگاهه ۾. وري سُني به هڪ ٻئي تي ڪفر جون فتوائون ڏيندا رهيا آهن. خود وقت جي حڪومت به انهن اختلافن ۽ فسادن کي هوا ڏيندي رهي آهي، ته جيئن حڪومت جي خلاف ڪو گڏيل محاذ ڪڙو نه ٿئي. سنڌ ۾ ڏاڙيل ڪلچر کي هٿي ڏني ويئي ۽ امن امان جو مسئلو چاٽي ٻُجهي پيدا ڪيو ويو آهي ته جيئن رياست جا نيم فوجي ماڻهو امن امان قائم ڪرائڻ جي بهاني سان هتي رهن ۽ سنڌ جو ڪاٽين پيئن. ان لاءِ به وري سنڌي ماڻهن کي پرتي نه ٿو ڪيو وڃي يا ته ان ۾ پنجابي آهن يا وري پٺاڻ ۽ جڏهن به انهيءَ مسئلي کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ کنيو وڃي ٿو ته انهن کي ماٺ ڪرائي وڃي ٿي. امن امان آهي ته وري انهن ئي ايجنسين هٿان ڪٿي نه ڪٿي قتل غارتگري ڪرائي وڃي ٿي. خاص ڪري ان ۾ رينجرس جو وڏو ۽ مکيه ڪردار آهي. ايتري قدر جو چوند ملان اڳواڻ، انهن هٿان قتل ڪرائي مخالف ڌُر تي الزام هٽائجي ٿو ته جيئن فساد ئي فساد هجي ۽ ماڻهو حڪومتي حرامپاين ڏانهن توجهه ئي نه ڏئي سگهن. مُلا ازم جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي خيال ۾ صحيح رستي تي آهن ۽ سندن مخالف غلط آهن، ان لاءِ ڪيئي دليل گهڙي ڪٽي پيش ڪندا آهن. مون هڪ ڪتاب ڏٺو هو، جيڪو بريلوي مڪتب - فڪر وارن جو هو ۽ ان ۾ هڪ هزار هڪ اعتراض يا سوال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنا. جن جو ديوبندن ڪڏهن به جواب نه ڏنو هو. اهي ڳالهيون جن کي ديوبندي بدعت قرار ڏيندا رهيا آهن، سي سنڌن ديوبند جي بزرگن تي حوالن سان ثابت ڪيل رهيون آهن پر ان لاءِ ماٺ ٿي رهيا آهن. اهڙيءَ طرح پنهنجي اثر رسوخ وڏائڻ ۽ پنهنجي رُتبي کي بلنديءَ تي پهچائڻ ۾ به سڀ ڌريون اڳتي اڳتي رهيون آهن. مثال طور: مان پنهنجي گهران نڪران ٿو ۽ وک وک تي ماڻهو مون سان پيرين پوندا، ملندا رهن ٿا، ڪي استاد هجڻ جي ناتي ته ڪي اديب هجڻ جي ناتي، ته منهنجي اندر ۾ وڏائيءَ جو احساس ته پيدا ٿيندو ٿي ۽ دل ٿي دل ۾ خوشيءَ جي مؤج ڪَرَ موڙيندي. بلڪل اهڙيءَ طرح مُلن توڻي پيرن سان مسئلو آهي.

مولوي مشوري صاحب سڀ کان پهريون 'ض' جو مسئلو کنيو ۽ چيو ته 'ض' تي ڪهڙو خيال آهي؟

پرسان ٿي اٽڪل پنجاهه، پنجونجاهه ورهين جو ماڻهو حافظ غلام صديق ويٺو هو. والد محترم ان کي چيو ته سورة فاتحه پڙهي. حافظ سورة فاتحه (الحمد) پڙهي ۽ آخر ۾ "غير المغضوب عليهم ولاالضّالين" کي 'ڏ' جي آواز ۾ پڙهيائين. اهڙيءَ طرح حافظ کان ٽي پيرا ساڳيا لفظ پڙهايا ويا ۽ ٽيئي پيرا ساڳئي نموني پڙهيائين ته والد محترم، مشوري صاحب کان پڇيو ته صحيح پڙهيائين؟ جنهن چيو: بلڪل نه. جماعتين پڇيو ته پوءِ چا ڪيون؟ اسان ته هميشه ائين پڙهندا آيا آهيون. چيائين ته قرائت سکو، نه ته نماز نه ٿيندي. اهو فيصلو ته ٿي ويو ته: "ض" نه "ظ" سان مشابهه پڙهڻو آهي نه ٿي "ڏ" ڏيڏر سان.

ان کان پوءِ سِماعَ مُوتيٰ جو مسئو اٿاريائين. يعني مري ويل ماڻهو ٻُڌن ٿا. والد محترم چيو ته هڪ مريض کي نشي جي انجيڪشن هڻي، وَڍَ ٽُڪ ڪبي آهي ته ان جيئري ماڻهوءَ کي ٿي خبر نه پوندي آهي ته بلڪل فوت ٿي ويل ماڻهوءَ کي ڪٿان خبر پوندي. فقط ٿي فقط رسول ﷺ جن لاءِ اتفاق آهي ته هتان صلواة پڙهبي ته ملائڪ ڪٺي پهچائين ٿا ۽ جيڪڏهن روضي تي پڙهجي ٿي ته پاڻ ٻُڌن ٿا. تنهنڪري عام ماڻهن لاءِ اهڙو ڪو به دليل نه آهي ته مري ويل ٻُڌن ٿا. باقي مقامن تي السلام عليڪم يا اهل القبور چوڻ حضور ﷺ جي فرمان جي پوئواري آهي ۽ اها دعا جي مفهوم ۾ آهي. انهيءَ تي به مولانا مشوري ماٺ ٿي ويو هو.

ٽيون مسئلو سامهون آيو ته هڪ ماڻهو گم ٿي ويو هو. پنجن ڏهن ورهين کان پوءِ سندس گهر واريءَ کي ٻار ڄمي ٿو. مشوري صاحب چيو ته اهو ٻار اصل گم ٿيل پيءُ جو ليکبو ۽ اها بزرگن جي راءِ آهي. جنهن لاءِ ٽي دليل ڳڌاريا ويا آهن. سڀ کان پهريون ته: اهو گم ٿيل مرد ولي الله آهي، رات جو اچي گهر واريءَ سان مليو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پار ٿي ويو ۽ پوءِ هليو ويو. يا انهيءَ مرد جي ڪنهن ولي الله سان دوستي آهي ۽ اهو ولي الله دوست، ڪيس ڪرامت جي زور تي رات جو وٺي آيو ۽ مرد پنهنجي گهر واريءَ سان مليو ۽ پوءِ هليو ويو ته پار ٿي ويو يا وري ڪو ولي الله ان عورت جي مڙس جو دوست آهي ۽ ان جي تقاضا تي عورت کي ڪٽي مرد وٽ ويو ۽ مرد پنهنجي گهر واريءَ سان مليو ۽ پار ٿي ويو. پوءِ عورت کي موٽائي اصلي گهر ۾ ڇڏي ويو.

ائين ٿي دليل مشوري صاحب گڏاري ماڻ ڪئي ته والد محترم چيو ته: مولانا اِجا هڪ دليل رهجي ويو اٿوَ، ڇيپائين ڪهڙو؟ والد محترم چيو ته: ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ مرد جو ولي الله دوست، عورت کي ڪٽي ويو ۽ وات ٿي پاڻ ئي عورت سان مليو ۽ پار ٿي ويو.

ان تي مشوري صاحب ڪاوڙجي اٿيو. ماني به نه ڪاڌائين. وڃي جيپ تي چڙهيو. ماڻهن پڇيس ته: اسان لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ ته چيائين: عبدالله جي پويان نماز نه پڙهو.

اختلافن جو سلسلو هلندو رهيو. نيٺ مشوري صاحب، ملتان جي مولوي سعيد احمد ڪاظميءَ کي گهرايو ته والد محترم سان مناظرو ڪري. انهيءَ مان سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته مشوري عالم نه، پر مشائخ هو. ملتانيءَ کي به ٿي ڏينهن رهايو ويو هو ۽ والد محترم کي مناظري لاءِ چوايو ويو. مقرر ڏينهن تي لاهورين جي انهيءَ ئي جامع مسجد ۾ جنهن جي پرسان اسين رهندا هئاسين، ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. شاهي بازار جي جامع مسجد جي پيش امام بخاري، مولوي نورالدين چانڊيو، مولوي محمد ڪوڪر کان سواءِ آسپاس جا ڪيترائي عالم اچي گڏ ٿيا هئا. مولوي نورالدين چانڊيو، ديوبند جو فاضل عالم هو، اسان کان اڳ لاهورين ۾ رهندڙ هو. هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر هو. سندس شادي گوپانگن مان ٿيل هئي، سٺو مقرر هو. والد محترم سان تمام گهٽي ويجهڙائي هئس. شاعري به سٺي ڪندو هو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "موج - نور" نالي سان ڇپيو هو. اسان لاهورين مان لڏي وياسين ته گهڻو پوءِ شيعا مذهب اختيار ڪيائين پر شايد ٿوري وقت لاءِ. اسان جڏهن 1980ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وري لڏي آياسين ته والد محترم سان روزانو، شيخ زيد ڪالونيءَ ۾ ڪچهري ڪرڻ ايندو هو. مولوي محمد ڪوڪر وفات ڪري ويو. جنهن کان پوءِ والد محترم اپريل 1984ع ۾ لاڏاڻو ڪيو ته مولوي نور الدين شديد اثر قبوليو ۽ مئي 1984ع ۾ اوچتو وفات ڪري ويو. ڪيس شهاب الدين، بدر الدين ۽ جمال الدين پٽ آهن، جيڪي لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. والد محترم جو دوست مولوي رحيم بخش بلوچستانيءَ کي خبر پيئي ته اتڪل پنجاهه هٿياربند وٺي آيو ته متان چانڊيُن تي حملو ڪيو وڃي.

پوري وقت تي والد محترم گهران نڪري مسجد جي ٽانڪيءَ تي اچي وضو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ لڳو هو ته هڪرو سَبَرُ سَدَّرُ همراهه، سائي ٽوپيءَ سان، ڪُلهي تي ٿَرهَري جو ڏنبو ڪنيو اچي والد محترم جي مٿان بيهي پڇڻ لڳو: مولوي عبدالله چانڊيو تون آهين؟ والد محترم يڪدم انڪار ۾ جواب ڏنو. اهڙيءَ طرح اهو ماڻهو هليو ويو ۽ والد محترم وضو ڪري مسجد ۾ داخل ٿيو. مسجد ۾ اترئين پاسي کان والد محترم ۽ سندس هم خيال مولوي ته ڏاکڻئين پاسي کان سعيد احمد ڪاظمي، مشوري ۽ سندن پوئلڳ جماعتي ويٺا هئا. مناظري جي شروعات ڪندي ڪاظميءَ چيو ته: هِيءَ منهنجي هٿ ۾ هڪ ديوبندي مولويءَ جو ڪتاب آهي، لکيو اٿس ته: هن دنيا ۾ ماڻهو اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ الله تعاليٰ کي خبر پوءِ پوندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح ماڻهو ڪوبه عمل ڪري گذرندو آهي، تنهن کان پوءِ الله تعاليٰ کي علم ٿيندو آهي. پوءِ سامهون ويٺل ماڻهن کي چيائين ته جنهن مولويءَ جو الله جي باري ۾ اهڙو عقيدو هجي ته اهو ڪافر آهي يا مؤمن؟ سيني ماڻهن هڪ آواز ٿي چيو ته: ڪافر، ڪافر، ڪافر. ان کان پوءِ والد محترم کي چيائين ته: اهڙو عقيدو رکندڙ ڪافر آهن، اوهان لِکي ڏيو! والد محترم کي سندس دوست عالمن زور پريو ته فتويٰ لکي ڏيو. والد محترم چيو ته مان ڪتاب جي عبارت ڏسڻ کان سواءِ فتويٰ لکي نه ڏيندس. پوءِ ڪاظميءَ کان ڪتاب گهريائين، جنهن ڪتاب ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سندس انڪار تي سمورن ماڻهن گڏيل آواز اٿاريو ته ڪتاب ڏيو، ڪتاب ڏيو. نيٺ ڪاظمي ڪتاب ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيو ۽ ڪتاب ڏنائين. والد محترم وڏي آواز سان ڪتاب جي عبارت پڙهي. پوءِ ٻڌايائين ته: ڪتاب جو لکندڙ عالم چوي ٿو ته: دنيا ۾ معتزلي فرقي جا ماڻهو آهن، جيڪي چوندا آهن ته شين بابت علم، الله تعاليٰ کي اڳ ۾ نه آهي پر پوءِ ٿيندو آهي. پوءِ ڪتاب جو مصنف چوي ٿو ته: معتزلن جي اها راءِ غلط آهي ۽ ان لاءِ دليل به ڏئي ٿو. مجمعي کي مخاطب ٿيندي والد محترم چيو ته: وان پچران واري ديوبند عالم، معتزلن جي ڳالهه کي نقل ڪيو آهي ۽ ڪاظميءَ ڪُوڙ ڪري اها ڳالهه ڪتاب جي مصنف تي مڙهي آهي. هاڻي توهان ٻڌايو ته مسجد ۾ ڪوڙ ڳالهائي، ڪفر ڪاظميءَ ڪيو آهي يا ڪتاب جي مصنف؟ جيڪو ماڻهو پاڻ کي عالم سمجهي، ٻئي عالم تي ڪوڙ مڙهي ۽ ڪفر جي فتويٰ مڙهي اهو پاڻ ڪيترو مؤمن مسلمان ٿي سگهي ٿو؟ والد محترم جي انهيءَ ڳالهه تي ڪاظميءَ جي مُنهن جو رنگ اُڏامي ويو. هزارن ماڻهن جي وچ ۾ مسجد ۾ ڪُوڙ ڳالهائڻ تي سخت شور پيدا ٿيو. والد محترم کي ڪُلهن تي کڻيو ويو ۽ نعرا شروع ٿيا. حق زنده آباد - ناحق مرده باد. توحيد زنده باد - بدعت مرده باد وغيره. ڪاظميءَ وڏيڪ بحث لاءِ چيو پر جامع مسجد جي پيش امام بخاريءَ اعلان ڪيو ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙيون روايتون جاهلن لاءِ ته وڏي ڳالهه آهن پر عقل ۽ علم وارا اهو سوچيندا ته جڏهن رسول سائين ﷺ کي ڪعبة الله جي سڪ لڳندي هئي ته پاڻ اصحابن سان گڏجي منزلون ڪندا ڪعبة الله ڏانهن پهچندا هئا. بيبي رابعه بصري، رسول سائين ﷺ جن کان به مرتبي ۾ وڌي ويئي هئي ڇا؟ اصل ۾ ڪرامت کي ٽيڪي ڏيڻ لاءِ هڪڙا هٿن ته بيا ڪٿن واري ڪار آهي. ماڻهو الله تعاليٰ سان ويجهڙائي واري تعلق ۽ پنهنجي بزرگيءَ جي آڙ ۾ پنهنجي لاءِ عزت ۽ پونين لاءِ دولت گڏ ڪرڻ لاءِ حشام مريدن جا ڪندا آهن ۽ انهن ۾ پنهنجي ڪرامتن جو اثر ويهاري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ٻي پيڙهه ۾ دنيا داري وارو اولاد ظاهر ٿيندو آهي ۽ ڪنهن حد تائين فقيريءَ جو اظهار به ڪندا آهن. ٽين پيڙهه ۾ وڏيرا ٿيندا آهن ۽ چوٿين پيڙهه ۾ غنڊا ٿي ظاهر ٿيندا آهن ۽ پنهنجو داٻو استعمال ڪندا آهن.

1983ع ۾ خاص ڪري ايم آر ڊي جي تحريڪ کان پوءِ، سرڪار ۽ ايجنسين هٿ وٺي جاهل سنڌين کان ڌاڙن ۽ اغوائن جهڙا ڪُڌا ڪم ڪرايا، ته جيئن سنڌي ماڻهو پريشان هجن ۽ منجهن قومي ٻڌيءَ جو شعور اُڀري اسري نه سگهي، ته جيئن پنجاب وارن جي ڪنهن به بدمعاشيءَ جي مخالفت نه ڪري سگهن. ڌرتي، روڊن رستن، تيل، ڪوئلي، گئس وغيره تي قبضي ڪان پوءِ هاڻي وري سنڌ جي پاڻيءَ تي قبضي لاءِ ڪالا باغ ڊئم ۽ ٿل ڪئنال، سنڌ ڌرتيءَ، توڙي قوم کي برباد تباهه ڪرڻ جهڙا منصوبا زور زبردستيءَ سان شروع ڪري رهيا آهن، بلڪ شروع ڪيا اٿن. جن ۾ ابن الوقت ۽ لُوسي سنڌين، اقتدار ۾ اچي وزير وغيره ٿيڻ جي لالچ ۾ سَندن طرفداري پئي ڪئي آهي. جڏهن ته ڪالا باغ ڊئم کي ٽنهي باقي قومن، سرحد وارن، بلوچن ۽ سنڌين جي اسيمبلين رد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ اسيمبليءَ ته ٽي ڀيرا ٺهراءُ پاس ڪري ڊئم کي رد ڪيو آهي ۽ انهيءَ اسيمبليءَ ٿل ڪئنال کي به رد ڪيو آهي. تڏهن به پنجابي ۽ پنجابي نواز سنڌي لغور ۽ لُوسي وڏيرا پنجابين جي حمايت ۾ ظاهر ٿيا آهن. اهڙن سنڌي سڏائيندڙ ماڻهن جي سنڌين واري شجري تي، گهٽ ۾ گهٽ مونکي ته هزار ڀيرا شڪ آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن مختلف سنڌي قومپرست ڌريون پنهنجي روح ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان سَچيون آهن، ته اهڙن پنجاب - چاپلوس سنڌي ماڻهن جي هٿن توڙي زبانن کي روڪٺو پوندن ۽ اهڙن چاپلوسن جي نِڙين تائين هٿن کي مضبوط ۽ ڊگهو ڪرڻو پوندن. جيستائين اهي خوشامدڙيا، لالچ جي بنيادن تي پنهنجي خوشامد جي دنيا مان نڪري نٿا اچن. جيڪڏهن قومپرست ڌريون ائين نٿيون ڪن ته پوءِ نه رڳو مونکي، پر هر انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوجوان کي سؤ پيرا سندن تاڙين، نعرن ۽ عملن تي سوچڻو پوندو ۽ ڪين اهڙي تنظيم جوڙڻي پوندي جيڪا آزاديءَ جي نظريہ سان سرشار ۽ تربيت سان شاهوڪار ٻڌجي، پوريءَ طرح حساب ڪتاب ڪري سگهي.

اهڙا نوجوان جيڪي پنهنجي روح ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ، ڀائرن، ڀينرن، زال، اولاد کان وڌيڪ قومي آزاديءَ جي فڪر جا متوالا هجن ۽ اهڙي صورتحال ڪي پيدا ڪرڻو پوندو، جو فون تي ڏنل حڪم جي تعميل تي وڃي پوءِ اهو حڪم ڪيڏي بہ وڏي ماڻهوءَ ڪي ڇو نہ هجي.

منهنجا ڪي دوست راءِ ڏنا رکن تہ هاڻي سياست جا عالمي رُخ ۽ قدر بدلجي ويا آهن، تنهن ڪري ائين ڪرڻ بنهہ غلط ٿيندو. مان ڪائنن پڇا ٿو تہ جن عالمي قدرن جي ڳالهہ ڪريو ٿا، اهي افغانستان ۽ عراق ۾ ڪهڙي جمهوري طريقي يا فضيلت پرئي انداز ۾ ظاهر ٿيا؟ هاڻوڪي سنڌ جي صورتحال ۾ جمهوريت جي ڳالهہ ڪرڻ محض مذاق ٿي نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي. هن صورت ۾ جمهوريت تي ويساهہ، تہ پوءِ پنجاب جي آبادي ٻين ٽنهي قومن کان گهڻي آهي ۽ پنجاب جي فائدي ۾ جيڪي بہ منصوبا آهن يا هوندا تہ اهي سيني ڪي اڪيون ھوتي قبول ڪرڻا پوندا. پوءِ تہ ڪالا باغ ڊئم توڙي ٿل ڪئنال جي رٿا تي ڪهڙا اعتراض، ناٽي جي ورچ تي ڇا جي واويلا! جيئن وٺين تيئن ڪن. ڇو تہ جمهوري قدرن جي ڳالهہ آهي. جڏهن تہ پنجاب، پاڻ انهن جمهوري قدرن جي خلاف جنگ مڙهي بنگلاديش ڪي ڌار ٿيڻ تي مجبور ڪيو هو. اصل ۾ جمهوريت شاندار طريقيڪار آهي، پر اها پنهنجي آزاد رياست ۾، نہ ڪي ڪنهنجي غلاميءَ ۾.

دنيا ۾ جتي بہ ڪا دهشتگردي ٿئي پئي، ان جي بنياد ڪي جاچي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ اتي هيٺي قوم جي حقن، جذبن يا احساسن جي قتل ۾، ڏاڍي قوم ملوث نظر ايندي. پوءِ اها دهشتگردي ۽ آپگهاتي حملا وغيره ان زيادتيءَ جو رد عمل آهن ۽ تيستائين اهي حق تي آهن، جيستائين سندن معاشي، سماجي، يا مذهبي حق آزاد نٿا ٿين ۽ جيستائين عالمي انصاف، توڙي ضمير طاقتور تي نٿو اپري! فوري طور تي تہ اعليٰ طبقي وارن ڪي دنيا ۾، سُپر پاور آمريڪا ڪي پنهنجي طور تي ۽ اسرائيل ڪي، آمريڪي آشيرواد سان، گهڻي کان گهڻي طاقت حاصل آهي، تنهنڪري آمريڪي ڇانوَ ۾ پلجندڙ قومون بہ غريبن سان اُرهہ زورايون ڪرڻ ۾ پوئتي نہ آهن ۽ اهڙين ئي حالتن جي پيداوار آهي سنڌي قوم سان، سندن حقن تي زبردستي قبضي جي ڪهاڻي ۽ جيستائين دنيا جا مظلوم ماڻهو پنهنجي طور تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1942ع ۾ پوڙ آئي هئي ته ڏاڍي تڪليف آئي ماڻهن کي. ملڪ جل ٿل ٿي ويو هو. هرڪو مٿانهين ڏانهن نڪتو هو. اسان ڏي به واهن جون ڪپرون ڇگيون مٿانهيون هيون. نڪري وينا هئاسين انهن تي. انهيءَ پوڙ ۾ ننڍي ڀاءُ فقير عبدالرشيد جنم ورتو هو. ٻن ٽن مهينن کان پوءِ جڏهن ڪَڙَن ڪَپرن تان هيٺ لهڻ جهڙي صورتحال پيدا ٿي، ۽ اسان جا چاچا هيٺ لهي ساڳين وٿاڻن تي پنهنجا ۽ مال جا مَنهه اڏي ويٺا، ته والد محترم ٻن هفتن لاءِ پنهنجي ڀائرن کان واڙو رهڻ لاءِ گهريو هو ته ڇيائون مال ڏکيو ٿيندو. والد محترم کي اسان جي چاچي ۽ خود والده محترمه جي سڳي ماسي ڀائل (ڀائنيڻ) واهن مان ڀاڇيءَ لاءِ ناڙو پٽڻ به نه ڏيندي هئي. گهٽو پوءِ، اسان جڏهن اتي رهڻ لڳا هئاسين ۽ ڪيرُ پنسن تي گهرندا هئاسين ته چوندا هئا: پنسن تي ڪير ڪيٺن ڏيون . وري مفت ۾ به ته ڏيئي نه سگهندا هئا. بهرحال ڪجهه اهڙي صورتحال هوندي هئي ڳوٺ ۾. هڪ ڀيري ڳوٺ ۾ سيدن جي شادي هئي. شاديءَ تي راڳ رنگ جو بندوبست ڪيو ويو هو. والد محترم، قرآن مجيد کڻي راڳ وارن کي منع ڪئي. راڳ وارن ته پنهنجا ساز وغيره بند ڪري ڇڏيا پر والد محترم جي ڀائٽي مِٺل، جيڪو اٽڪل والد محترم کان عمر ۾ اڍائي ٽي ورهيه ننڍو هو، تنهن والد محترم کي ٻه چار لَڪُڻ وهائي ڪڍيا هئا. چوندا آهن: نه ڪٺجي پَرائي سُٽَ جو نانءُ نه پُٽائجي پنهنجو پَٽُ!

اويل سويل ڳوٺ ڏانهن وڃڻو ئي پوندو هو. جيستائين وري ڪو سارنگ ساٿ ٿئي، ڪنهن سفر جو! راتين جو سفر ڏاڍو وٽنڊڙ لڳندو هو. پوءِ پولو ته هوندو ڪونه هو، تنهنڪري سومهڻيءَ جو ڏاند گاڏين جا ڏورٽا ڏيا هئا ته صبح جو وڃي مقصد واري هنڌ تي پهچبو هو. مان ڀانيان ٿو ته "ڏورٽا" لفظ به ڏورڻ مان نڪتو آهي. ڀاڄاريءَ ۾ ڏاند ڏڪائي انهن کي ڦٽ ڪيو ويندو هو ته معنيٰ پوءِ ٿيو ڪين ڏورٽو.

اڄڪلهه ته سچ لڳي ٿي کان پوءِ ڪوئي ٻاهر نڪري نٿو سگهي، ايتري قدر جو ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ ئي غير محفوظ ٿيڻ لڳا آهن. روڊن تي ڪانواءِ پيا ٿين ۽ مسافرن سان گڏ ڌاڙيلن جو خوف به سفر ڪندو رهي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ مان، محترم بشير خان قريشي، هڪ ٻيو سليمان ويسر نوجوان ۽ ڊرائيور، رات جو سومهڻيءَ ۾ ميهڙ کان موهن جو دڙو روڊ سان سفر ڪري رهيا هئاسين، ته راڌڻ ۽ بگي ڳوٺ جي وچ تي، برسٽ هلي ويا، مان اگهيان ويٺو هوس، ڊرائيور کي گاڏي روڪڻ لاءِ چيم. جنهن گاڏي روڪي ته ٻنهي طرفن کان ڇهه اٺ ماڻهو ڪلاشنڪوفن سان ڦري آيا. مون دري کولي بشير خان قريشي ۽ پنهنجو نالو ڪنيو ته ڏاڍا ڦِڪا ٿيا هئا. اصلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيرين پوڻ لڳا. اصل ۾ اهو اثر بشير خان جو هو، جيڪو سڄي سنڌ ۾ سنڌين جو
ڪيس تہ وڙهي پيو، پر جيل ۾ پوڻ کان پوءِ بہ قيدين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف،
سنڌس احتجاج وحشي ماڻهن ۾ بہ سندس مانُ مرتبو پيدا ڪيو آهي. مون کين چيو:
شرم ڪريو. اسان اوهان لاءِ در در ڀٽڪندا رڙيون ڪندا وتون، توهان وري پنهنجي ئي
سنڌي ماڻهن کي ڦا ڪٺو، جيڪي اڳ ۾ مظلوم آهن. بهرحال قومپرست ڌرين کي
انهيءَ پاسي بہ توجهہ ڏيڻو پوندو ۽ ماڻهن کي نظرياتي ۽ فضيلت ڀريو بڻائڻ لاءِ
ڀرپور ڪوشش ڪرڻي پوندي. اصل ۾ هتان جي ماڻهن ۾ محبت پيدا نہ ڪئي
ويئي آهي، جو اهي سمجهڻ لڳن تہ اسين سڀ پاڻ ۾ آهيون. هتي جڏهن پڙهيل
ماڻهو ئي ذاتي مفادن ۽ انائن جو شڪار آهن تہ اڻ پڙهيل ماڻهن ڏي ڪهڙو ڏوهہ.
انهن وٽ پڙهيل ۽ بافضيلت ماڻهو هلي ڪٿي ويا آهن، جو منجهن ماڻهپو ۽
قومپرستي پيدا ٿي سگهي. هتي تہ، ”اول پيٽ پنجي جو پوءِ ٻچا ٻار“ وارو قصو
لڳو پيو آهي. جڏهن بہ ۽ جنهن جي بہ حد مان ڪو ماڻهو اغوا ٿيو آهي تہ اتي جو اثر
رسوخ وارو ماڻهو پري رهيو آهي. جهڙوڪَر ڪٺايو، ئي انهيءَ آهي. مثال جي طور،
اتر سنڌ ۾ شبير احمد چانڊيو، پير پاڳارو، ممتاز علي ڀٽو، وچينءَ سنڌ ۾ مخدوم ۽
ڏکڻ سنڌ ۾ اتي جا اثرائتا ماڻهو نکري پون، ماڻهن کي سمجهائڻ يا اغوا ٿيل
کي موٽائڻ لاءِ، تہ چڱائي ٿي پوي. چون ٿا ۽ پاڻ بہ ڪي ٿي اين کي انٽرويو ۾
سنديلي ڏاڙيل ٻڌايو هو تہ منظور سخيراڻيءَ کي ان ڪٺايو هو. تہ پوءِ جيڪڏهن
پاڳارو، سنديلي کي نياپو ڪري ها تہ ڪيس طاقت ئي نہ هئي، جو سخيراڻيءَ کان
تاوڻ جا پئسا وٺي ها ۽ ڪيس ايترو وقت بند ڪري رکي ها. مون کي پاسجي ٿو تہ
ايجنسيون ۽ هتان جا اثر رسوخ وارا ماڻهو، پرامن شهرين کي پريشان رکڻ ۾ هڪ
ٻئي جا سهڪاري آهن. پوءِ ايجنسين جو مقصد ڌار آهي تہ هتان جي اثرائتن ماڻهن
جو مقصد ڌار. رڳو اغوا واري نقطي تي گڏ آهن. ڪٿي پاڻ ۾ رابطو بہ نہ هجين.
جڏهن ايجنسين جو ڪم، وڏيرا پاٿيهي ڪرائي رهيا آهن تہ باقي کين ڇا کپي!
مکيہ مسئلو آهي ئي سنڌي ماڻهن جي حوصلي ۽ همت کي تباهہ ڪرڻ جو سو ٿيئي
پيو. ويتر هتي قبيلائي تنظيمن بہ عذاب ڪيو آهي. سومرو اغوا ٿيو تہ چانڊين جو
ڇا، چانڊيو اغوا ٿيو تہ جکراڻين جو ڇا، جکراڻي اغوا ٿيو تہ ٻُڙدين جو ڇا وغيره.
ڪڏهن بہ ڪوبہ وڏو ماڻهو اغوا نہ ٿيو آهي. اها ڳالهہ ٻڌائي ٿي تہ اهڙين حرڪتن ۾
وڏيرا شاهي ملوث آهن. هاڻي تہ وري سنڌ مان اغوا ٿيل ماڻهوءَ کي بلوچستان ڏانهن
وکرو ڪيو پيو وڃي. جيئن ڪا موٽر سائيڪل، ڪا ڪار، ڪو ٽريڪٽر وغيره ۽
پوءِ اهي پنهنجي مرضيءَ جا پئسا وٺڻ کان سواءِ مغويءَ کي آزاد نٿا ڪن. اهڙيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرح انھيءَ عمل ۾ به ايجنسين جي حرامپائي جو عمل دخل نظر اچي ٿو ته جيئن سنڌين ۽ بلوچن ۾ به نفرتون، سياري جي جهڙ وانگر ڪهاٽيون ۽ گهريون ٿينديون وڃن، پر نيٺ ته جُهڙ لهندو!

هيءَ ڌرتي پنهنجي ٿي پئي آ،
غيرن جي هجي ته پڇي وڃجي!

● ٿورن ڏهاڙن کان پوءِ هڪڙي مدرسي ۾ وڃڻ ٿيو. مدرسي جو سنياليندڙ اچي ڪاري گاڏڙ ساڏڙ ڏگهي ڏاڙهيءَ سان. نه تمام ڏگهو نه تمام بندرو، رنگ جو سانورو، اڌورو پڙهيل، چئن گهر وارين جو وَرُ هو. چوٿين گهر واري بلڪل نوجوان خوبصورت عورت، الزام هيٺ گهر - بدر ٿي، وٽس امانت طور آئي هئي ته مهتمم جي گگَ ڳڙي پيئي هئي. مائي جا وارث به ڪي سنڌس مريدي خادميءَ ۾ هيا، سو پنهنجو ۽ مائيءَ جي قيامت جو چوڪارو نظر ۾ رکي، ڪٽي سنڌس حوالي ڪئي هئائون. هيءَ وينگس، جواني ۽ بي دردي جي آويءَ ۾ سڙندي، پڇرندي، لڇندي ڦٽڪندي رهي هئي. اسان وٽ ايندي رهندي هئي. چوندي هئي: جيڪو پنهنجو بار به نٿو ڪٽي سگهي، اهو مونکي ڪهڙو سهارو ڏيندو. آهي ڪوئي هن پوڙهي کي سمجهائڻ وارو؟ جنهن مونکي منهنجي اندر ۾ ساڙي رکَ ڪري ڇڏيو آهي. توڻي جو مهتمم کي ست اٺ نوجوان ڇيرو پٽ به هئا، ته به اها نوجوان پنهنجي نِبل پاڪر لاءِ ورتي هئائين، جڏهن ته نوجوان عورتن، نينگرين کي ايترو پوڙهو پيءُ به نه وڻندو آهي، جيترو سنڌن هڪ جيڏو. انھيءَ ۾ انهن جو ڪو قصور به نه آهي. اهو فطري عمل آهي. انھيءَ کان انڌا، پوڙا ۽ گونگا ئي انڪار ڪري سگهن ٿا، جو ته انهن کي ڪا ڳالھ سمجهڻ ۾ نه ايندي آهي. مون جهڙو پوڙهو ماڻهو، جو ڪنهن نئين نويلي نينگريءَ ڏانهن اهڙي خبيث نگاهن سان نهاري ته پوءِ شهداد ڪوٽي تنو هجي ۽ پوڙهي جو منهن. ڳهٽ ۾ ڳهٽ روزانو پنج پيرا ضرور گهمائجيس.

ڪنهن نوجوان نينگريءَ جي نيڻن تي هڪ پوڙهي جون ڇُميون ۽ ڪنهن هڪ جيڏي جو ڪيس "پپي" سڏڻ يا نيڻ نهار ۾ احساس جو لُڇاءُ. ڪيترو ٿي سگهي ٿو، سو باضمير ۽ باڪردار ماڻهوءَ کي ئي محسوس ٿي سگهي ٿو، جو ته نوجوان عورت جي ڪائنات ۾ ڪيئي رنگ پرچي وڃن ٿا. اها مائي صاحبه پرپٺ ڪيس ايترو ذليل ڪندي هئي، جو جيڪڏهن روبرو هڪڙو لفظ به ڪڍي ها ته الائي ڇا ٿئي ها! مونکي لڳندو هو ته هڪ پيرو ورتي پڪي ٿي ڏامڻ پئي گهريائين، پر جُهنب ملائڻ وارو ڪونه هوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صورتحال ۾ هوندا سا سمجهڻ جهڙي آهي. سياري جو پوئي ڏاندن تي لڏو ڪٽي ايندڙ. اهي جابلو ماڻهو سنڌ ۾ پنهنجون معصوم پنجن ڇهن ورهين جي عمر جون نياڻيون به ڀن تڪن تي وڪڻي ويندا هئا ۽ ورهين پڇاڻان انهن کي ڏسڻ ايندا هئا. جيڪي نياڻيون ڏئي ويندا هئا ته ايندڙ سال اهي انهيءَ ساڳيءَ جُوءِ ۾ نه ايندا هئا ۽ وڃي ٻي جُوءِ وسائيندا هئا. جڏهن ڪان اهي ساڳيا ماڻهو خانه بدوشيءَ کي الوداع ڪري، مستقل طور تي سنڌ ۾ رهڻ لڳا آهن ته واقعي به "خانَ" ٿيڻ لڳا آهن. تڪن جا تڪ زمينون ورتيون اٿن. انهيءَ ۾ سندن شعور ۽ محنت جو ته عمل دخل آهي ئي پر سنڌي ماڻهن جي فراخدليءَ کي به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هاڻي ته ساڳيا خانه بدوش بروهي، جڏهن هتي پير جمائي ويٺا آهن ته وري حالتن موٽ کاڌي آهي، جو سنڌي ماڻهو پنهنجون نياڻيون کين ڏيئي رهيا آهن. چوندا آهن ته: ڪڏهن جُتي پيرن ۾ ته ڪڏهن ڪُلهي تي.

والد محترم بروهي طالبن کي "بيراهي" سڏيندو هو، سو به انهيءَ ڪري جو اهي هڪ هنڌ ٽِڪاءُ ڪري تعليم حاصل نه ڪندا هئا. اصل ۾ مون جيڪي ڇيو ته وقت گذاروئي ڪندا هئا ته پوءِ ڪڏهن ڪاٿي ته ڪڏهن ڪاٿي.

هن مدرسي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ اسپتال مان مليل سُڪل کير آندو هو ۽ اچي مسئلو اٿيو ته اهو حرام آهي يا حلال؟ نيٺ شڪ جي بنياد تي ان کي کڏ ۾ هاريو ويو هو. مسلمان، سُوئر جو گوشت ان ڪري نه کائيندا آهن جو کين ٻيو گوشت ملي ٿو، پر ساڳيءَ طرح حرام کيل شراب پيئندا آهن، جو ته ان جو نعم البدل وٽن نه آهي. ڪيترائي مسئلا اُڀرندا هئا. مثال طور، ريڊيئي تي عيد جي چنڊ جو اعلان ٿئي ته عيد ڪجي يا نه. لائوڊ اسپيڪر تي اذان ڏجي يا نه وغيره. بحث جو شروع ٿين ته ختم ٿيڻ جي ئي نه ڪن. تنگ نظر مُلان مڙئي ڪانه ڪا ڳالهه ڪوليندا هئا. وري اُجو مُنهن هوندو هو سرڪار جو. چنڊ جو اعلان ٿيندو ته وري ٻئي ڏينهن ان جي خلاف اعلان ٿيندو هو. ساڳين شهرن ۾ ڪي مُلان هڪ ڏينهن عيد ڪندا هئا ته ڪي وري ٻئي ڏينهن تي. مطلب ته هڪ سرڪاري مُلن جي عيد ته ٻي راڄوٽي مُلن جي عيد.

هن ڳوٺ ۾ مڇرن ۽ نانگن جي آزار ۽ خوف اصلي ساهه ڪٽي مُٺ ۾ ڪرايو هو، سو ٿوري ئي ڏينهن کان پوءِ مُلان جي مَڏي، هڪ ڏنڊڻ ٻي تڏي، ڪري اچي ڳوٺ کان نڪتاسين. چاڪي ڏاند وهايا - ڦرڦر گهاٽي آيا.

ننڍپڻ ۾ هُوند، اَڻ هُوند جي نه خبر نه چار، نه ڳڻتي نه هوري. ابو ڪٿان آڻي ٿو ۽ امان ڪيئن پچائي ٿي، فڪر ئي نه، بک لڳي، ماني! گهٽو ڪري ته امڙ سڏ ڪري پيٽ قوت ڪرائيندي، نه ته به راند روند کان واپسي، ته مانيءَ جي لوڙ! اوبل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سويل آنو پٽو خرچي. اڌو گابرو لٽو ڪپڙو ته دنيا جا مالڪ! نه ڪنهن جي ڪاڻ نه رهاڻ. پيلا ملان جي پارن نه سٺو کاڌو ڏنو نه اوچا ڪپڙا پاتا ته رينگو چو ڪندا. اصل ۾ اهائي عمر هجي ٿي، جنهن ۾ پار بي نياز هجي ٿو ۽ جيڪو مزو، جيڪا ڪَشش انهيءَ وَهي ۾ آهي پوءِ ڪڏهن به نه آهي، پيلا ڳُڻتي ۽ هوري سان پريل به ڪا زندگي آهي؟

● سنڌ ۾ ديوبندن يا وهابين جو شاندار مدرسو آهي، سکر - خيرپور روڊ تي ٺيڙهيءَ جو. ٺيڙهيءَ مان انهيءَ مدرسي جي مهتمم مولوي حبيب الله ميمڻ جو قاصد اچي نڪتو، والد محترم ڏانهن ته ٺيڙهيءَ جي مدرسي ۾ معلم ٿيو. 1952ع سال جي شروعات هئي. صلاح بيٺي ته والد محترم سان، مان ۽ عبدالرشيد گڏجي وينداسين ۽ انهيءَ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪنداسين. باقي والده محترمه، پاءُ عبدالحميد ۽ ڀيڻ زبيده ناناڻي گهر ۾ئي رهندا. مون فارسي ۽ عربيءَ جا شروعاتي ڪتاب ته ڪڏهانڪر پُورا ڪيا هئا ۽ هاڻي حديث، فلسفي ۽ منطق سان مُنهن ڏيڻو هو. پڙهڻ جو شوق خير ڪو هو. انهيءَ ڪري ئي ته پاءُ عبدالحميد به نه آيو هو. پيلا زور جي ته ميندي به نه لڳندي آهي، سو مذهبي ۽ عربي ڪتاب پڙهڻ سمنڊ جهاڳڻ تي لڳو. بي ڏيانيءَ جو اوج عروج هو. بس زبان هلندي رهندي هئي. هن مدرسي ۾ وڏا وڏا ۽ مُنتهي طالب عالم رهندا هئا. مدرسي جو انتظام نهايت برجستو ۽ فضيلت ڀريو هو. هيءُ ڳوٺ ڪجين جي وچ ۾ آهي. هونئن به روهڙيءَ ڪان وٺي ويهه پنجويهه ڪلوميٽرن ڊيگهه ۾ ڪجيون ئي ڪجيون آهن ۽ شايد ملڪ ڪان ٻاهر به اهو واپار ٿئي ٿو.

طالبن توڙي معلمن جي رهائش، کاڌ خوراڪ، پگهار ۽ ٻيو خرچ مدرسي جي مهتمم جي ذمي هوندو آهي. مدرسي کي شايد ڪجهه زمين به هئي، جنهن مان خرچ پڪو ٿيندو هو. ان ڪان سواءِ مدرسي لاءِ پينُو به هئا، جن کي سفير چيو ويندو آهي ۽ سڄي ملڪ جي آسُودن ماڻهن ڪان چندو وٺندا رهندا هئا. انهن سفيرن کي به پگهارون ڏنيون وينديون هيون. ايمان نه ايمان انهن تي هو، ته ڪنهن ڪيترو ڏنو ۽ هنن ڪهڙيون رسيدون ظاهر ڪيون يا پاڻ تي سفر ۾ ڪيترو خرچ وغيره ڪيائون. تن ڏينهن ۾ مدرسي جي ساليانی آمدني ۽ خرچ وغيره سال گذرڻ تي ڏيکاريندا هئا، جنهن کي "روئداد" چوندا هئا. روئداد شايع ڪندا هئا ته جيئن مدرسي لاءِ مددي يا مخير حضرات وڏيڪ همدردي رکن. مون جنهن به مدرسي جو روئداد ڏٺو ته ان ۾ آمدني گهٽ ۽ خرچ وڌيڪ ڏيکاريل هوندو هو ۽ تفاوت ۾ مدرسي ڏانهن الائي ڪنهن جو قرض ڏيکاريو ويندو هو. بلڪل ملڪي بجيٽ وانگر، سدائين خساري جي صحرا ۾ لڇندي تڙپندي نظر ايندو هو، ۽ اهو واڌارو خرچ الائي ڪير ڪندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بجيٽ ۾ ته ٽئڪس مڙهي شين جا اگهه چاڙهي غريب عوام لاءِ عذاب ڪيو ويندو آهي، پر مدرسي ۾ خساري جو پُورائو ڪتان ۽ ڪيئن ڪيو ويندو هو، ڪا خبر ناهي. بچت واري روئداد ته ڪڏهن پيش نه ڪئي وئي پر پورٽ واري روئداد به ڪڏهن ۽ ڪنهن به مدرسي ظاهر نه ڪئي - اَلا بَلا گردنِ مُلا.

نيڙهيءَ جي مدرسي جي عمارت وڏي ويڪري هئي ۽ بيشمار ڪمرا هئس. طالبن لاءِ جدا ڪمرا ته استادن لاءِ جدا. مدرسي جي عمارت سکر کان خيرپور ويندڙ روڊ تي اوپر ڪان آهي ۽ مدرسي جي بلڪل سامهون روڊ جي اولهه واري پاسي تي مسجد آهي. مسجد به چڱي خاصي وڏي ۽ ڪُشادي اڱڻ واري آهي. نماز لاءِ مسجد ڏي وڃڻ وقت روڊ ڪراس ڪرڻو پوندو هو، پر جيئن ته تڏهن لاريون توڙي ٽرڪون وغيره اڄ جيترين نه هونديون هيون، جو اڄ جهڙي رش هجي. ٽن ڏينهن ۾ ريلوي لائين وڏيڪ استعمال ۾ هوندي هئي ۽ ريلوي جي پٽي لائين هئڻ ڪري اجا وڏيڪ سهولت هئي. هڪ پيري صبح جي نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃڻ ٿيو. نماز کان پوءِ پاهر روڊ تي مدرسي ڏانهن واپسيءَ لاءِ نڪتاسين ته هڪڙو ڪُتو طالبن جي پن ٽولن جي وچ ۾ اچي ڦاٿو. طالبن جي حرڪت کان ان کي رستو نه ٿي مليو. نيٺ سخت تنگ ڪرڻ تي ڪُتي منهنجي طرف رُخ ڪيو، مان ته نڪري ويس پر پٺي هڪ طالب کي چَڪي وڌائين. بروقت انهيءَ جو خيال نه ڪيو ويو ۽ هڪ هفتي کان پوءِ اهو طالب چتو ٿي پيو ۽ ڪتي وانگر پؤنڪي پؤنڪي گذاري ويو. مان انهيءَ پيري ته ڪتي کان بچي ويس جيڪو طالبن جي دٻاءَ ڪري چتو ٿي پيو هو ۽ ائين ٿيندو آهي ته جڏهن به ڪنهن ڪتي کي گهڻو پريشان ڪبو ته اهو چتو ٿي پوندو آهي، ان کان پوءِ زندگي ۾ مون کي به پيرا ڪُتي چڪ پاتو، پر جيئن ته اهي چتا نه هئا، تنهنڪري ڳاڙهن مرچن جا ٻج ڪڍي، تيل ۾ ٻوڙي به ٽي ڏينهن انهن چڪيل هنڌن تي ٻڌي ڇڏيا هيم ته چڱائي ٿي وئي هئي.

والد محترم نيڙهيءَ جي مدرسي ۾ دستاربندي ڪندڙ طالبن کي نهايت آخري ڪتاب جا سبق پڙهائيندو هو ۽ روزانو گهٽ ۾ گهٽ پنج ڇهه سبق ڏيندو هو ۽ هر سبق تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ بحث ٿيندو رهندو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ گهمڻ وياسين ۽ به ٽي ڏينهن رهي، مدرسي لاءِ سنبرياسين ته عبدالرشيد به انڪار ڪري ڇڏيو، تنهنڪري مان ۽ والد محترم مدرسي پهتاسين. والد محترم وعظن وغيره تان پئسا نه وٺندو هو. بين مدرسن ۾ ته ڪتنب لاءِ مانيون ٽِڪيون ملنديون هيون. هاڻي ته ڪتنب ڳوٺ ڇڏيل هو، تنهنڪري انهن لاءِ پئسي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺهو، وارهه شهر ۾ والد محترم وٽ ڪنهن تحرير جي سلسلي ۾ آيا هئا. ڪنهن مسئلي تي فقهي بحث ۽ فيصلي جي تحرير چوندا آهن. والد محترم انهن کي تحرير ڪري ڏني ۽ چيائين ته اها تحرير بلوچستان جي ڪورٽ ۾ پيش ٿا ڪريو. تنهنڪري نيڙهيءَ جي مولوين کي ڏيکاري، انهن ڪان مدرسي جي مُهر هڻايون وڃجو. پر جيڪڏهن نيڙهيءَ وارا انهيءَ تحرير کي رد ڪن ۽ لکي ڏين ته مون ڏي کڻي اچجو. اهي ماٺهو اها تحرير ۽ اها هدايت ساڻ ڪري وڃي نيڙهيءَ ڪان نڪتا. ڪين تحرير ڏيکاريائون. مولوي حبيب الله وٽ فتويٰ لاءِ الڳ قابل ۽ سيڪاريل عالم يا مفتي هوندو هو. تنهن تحرير ڏسي چيئِ ته ٻه هفتا ڪن تحرير رکي وڃو، ته ڪتاب کولي ڏسون، جن جا نالا حوالا ڏنا ويا آهن. تحرير وارن هاڪار ڪئي ۽ چيائون ته ٻن هفتن ڪان پوءِ اچي تحرير کڻي ويندا. اتڻ ويل انهيءَ حق پرست مولويءَ کي مدرسي لاءِ پنج سؤ روپيا خيرات طور ڏنائون ۽ هلڻ لڳا ته مولوي سڳوري کين ترسائي، هڪڙي خاص طالب کي سڏ ڪري مُهر کڻي اچڻ لاءِ چيو. طالب مُهر کڻي آيو. مولويءَ مُهر تحرير تي هڻندي چيو: مولانا عبدالله چانڊيي جهڙو عالم سنڌ ڌرتيءَ تي ٻيو ڪونه آهي، پوءِ اها تحرير مالڪ کڻي علماءِ حق تي ڳالهائيندا هليا ويا هئا. ٻن چئن مهينن ڪان پوءِ هڪ ٻي تحرير جي سلسلي ۾ ٻيهر جڏهن وارهه آيا هئا ته اها ڳالهه ٻڌائي هئائون. اها آهي عالم - دين، عالم - حق جي علمي ۽ اخلاقي سطح!

● نيڙهيءَ ڪان واپسي تي، ته والد محترم جي طبيعت ٻه نيڪ ٿي ويئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ نوابشاهه ضلعي جي ڳوٺ ڪرڙاهه جي مدرسي ۾ والد محترم کي تعليم ڏيڻ لاءِ گذارش ڪئي ويئي. ڪرڙاهه ڳوٺ، محرابپور اسٽيشن ڪان اوير ۽ اٽڪل ٻارهن تيرهن ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. انهيءَ مدرسي جو مهتمم ته حاجي علي اڪبر ڦُل هوندو هو پر مدرسي جي سموري جيڙي نبيريءَ جو مالڪ، والد محترم جو شاگرد، مولوي علي محمد حقاني هو، جيڪو ڊاڪٽر خالد محمود سومري جو والد آهي. مونکي انهيءَ ڳالهه تي ويساهه آهي ته جيڪي ماٺهو ٻيو ڪو ڪم ڪار نه ڪري سگهندا هئا، ۽ مُلائيت ڏانهن ٻه لاڙو هوندو هونِ، ته اهي مدرسو کوليندا هئا پوءِ پن ۽ پاڻ، جُهوراڻي جُهورا.

اڄڪلهه ته سکر ڪان نوابشاهه ۽ محرابپور ڪان ڪرڙاهه ڏانهن وئگنون، سوزوڪيون وغيره اچن وڃن ٿيون، جو پڪا روڊ رستا نهي پيا آهن. پر تن ڏينهن ۾ محرابپور ڪانَ ڪرڙاهه ڏانهن وڃڻ لاءِ يا هوندا هئا اُٺ، گهوڙا يا هونديون هيون ڏاند گاڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي سفر سولو ۽ سستو ٿي ويو آهي ۽ وقت جو بچاءُ الڳ. مولوي علي محمد حقاني، اصل ۾ کُهڙن جي ڳوٺ عاقل خالد جو وينل آهي، پر مولوي جو ٿيو ته اسان وانگر ڏکا ٿاپا مقدر بڻجي ويس. علمي خدمتن سان گڏ ٽُکر ڳيي جي لوڙ به پوري ٿيندي هُيس. هن وقت لاڙڪاڻو - سکر روڊ تي شاندار مدرسو کوليو ويٺو آهي. پاڻ ته هاڻي شيخ فانيءَ جي عمر کي پهتو آهي ۽ انهيءَ مدرسي کي انهيءَ موجوده اوج عروج تي پهچائڻ جو پورهيو، سندس پٽ ڊاڪٽر خالد محمود کيو آهي، جيڪو جميعت العلماءِ اسلام سنڌ جو سيڪريٽري ته آهي ئي پر جَل ڦَٽاڪو واعظي به آهي. ملڪ کان ٻاهر به رستا هموار کيا اٿس، جنهن ڪري ڪروڙ پَتيءَ کان به مٿي چڙهي ويو آهي. وعظ ۾ وڏيون وڏيون رڙيون ۽ واڪا ڪندو آهي. اليڪشن ۾ بينظير ڀٽو جي سامهون بيهندو آهي پر ٻن ٽن هزار ووٽن کان مٿي نه ڪٽي سگهندو آهي. چو ته سنڌ ۾ مُلائيت جو اثر گهٽ آهي. بهرحال چڱو ڪندو آهي، بينظير جي سامهون بيهي. چوندا آهن: پيشجن کِيرَ مارجن مِيرَ، چاڪَرَ چُوڪر چو چيڪائجن!

بهرحال ميل جول ۽ عام ماڻهن سان رويو چڱو اٿس. هونئن به سياسي ماڻهوءَ لاءِ رويي جي بهتري تمام ضروري آهي، خاص ڪري هيٺين طبقي جي سياستڪار لاءِ. باقي سندس والد محترم ازحد چيڙاڪ رهيو آهي. سندن مدرسو ڪنهن جاگيردار جي محلات کان گهٽ نه آهي. خوشحال ماڻهو، هونئن ته ڪني دولت ڪهڙي به طريقي سان گڏ ڪندا رهن ٿا، پر قيامت جي ڏينهن الله جي پادرن جي خوف کان، مدرسي لاءِ چندا وغيره ڏين ٿا ته جيئن ڪا نجات حاصل ٿِئين. مدرسي ۾ ڪافي طالب پڙهن ٿا ۽ ڪافي عالم پڙهائين ٿا. ڊاڪٽر خالد محمود ڪنهن تعلق جي بنياد تي منهنجو مڙئي خيال ڪندو آهي.

ڪرڙاهه جي مدرسي ۾ اسين ڪتنب سميت ويا هئاسين. تيز برسات ۾ ڪنهن اسٽيشن جي پليٽ فارم جهڙو اُجهو به ڪافي لڳندو آهي. تنهنڪري اسين به ابي امان جي پٺيان، جتي ۽ جيئن گذر ٿئي اسان جو ٿيا! والد محترم کي حاجي علي اڪبر ڦل نه، پر مولوي علي محمد گهرايو هو. والد محترم کي "اَبو" سڏيندو هو. هڪ ڏينهن انهيءَ مدرسي ۾ پڙهندڙ عبدالحميد ڦل. جيڪو ياءُ عبدالحميد جو هم عمر هو، ياءُ کي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو. اهو ڳوٺ ڪرڙاهه کان اٽڪل ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هو. شام جو جڏهن ياءُ عبدالحميد واپسي ڪئي ته مولوي حقاني صاحب، ٻاهه ۾ لوهه وانگر ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ياءُ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيائين: مون کان اجازت ورتي هيئي جو وئين؟ ياءُ اهڙا ئي لفظ ڪيس واپس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لغڙن وانگر پنجي ويا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهي ڪاٺا به ٽي ويندا هئا. منهنجي پاران ڪڏهن به رُسامي جهڙي نوبت پيدا نه ٿيندي هئي. وارهه ۾ اچڻ کان پوءِ ڀاءُ عبدالحميد دنيوي (پرائمري) پڙهڻ ڇڏي ڏنو، باقي ديني تعليم پڙهندو رهيو هو. اهڙيءَ طرح ٽيون نمبر ڀاءُ عبدالرشيد به پرائمري تي ويهاريو ويو هو. جڏهن پرائمري پنج درجا پاس ڪري ويو ته ڪڏهن انگريزيءَ ڏانهن پڇي ويندو هو ته ڪڏهن وري انگريزي ڇڏي پرائمريءَ ڏانهن ڊوڙندو هو، جنهن جو مطلب ته ان ڪي به پڙهڻ سان ڪا به دلچسپي نه هوندي هئي، نه ئي والد محترم کي اسان جي دنيوي تعليم سان ڪو چاهه هو. اهڙيءَ طرح عبدالرشيد به سنڌي يا انگريزي پڙهڻ کان نابري واري ڇڏي. مان ايتري ڇڙواڳيءَ جي جهان ۾ به دنيوي تعليم پڙهندو رهيس، ان جا بنيادي سبب منهنجي بنيادي تعليم جو چڱو هئڻ هو. هر سبجيڪٽ ۾ هوشيار هوس، سواءِ تاريخ جي، تاريخ جا سَن بنهه ياد نه ٿيندا هئا. تعليم کان بيزاري نه ڪيم. اٽڪل اڍائي، ٽن ورهين جي لڏپلاڻ سبب منهنجي تعليم جي به مون وانگر دربدري رهي، تڏهن به جتي هوندو هوس اتي پنهنجي مُنهن سُنهن به پيو پڙهندو هوس.

وارهه ۾ داخلا لاءِ، آخري اسڪول مان ڇهين ڪلاس جو ليونگ اسڪول سرٽيفڪيٽ گهربل هو، جيڪو ڳڙهي ياسين تعلقي ۾ منهنجي ڳوٺ جي پرسان علي خان واصل ۾ هو، ان لاءِ ڳوٺ وڃڻو ٿئي پيو. محترم سائين چيو ته گهڻهڙ جي اسڪول مان پرائمريءَ جو ڪچو سرٽيفڪيٽ وٺي آ ته ان مان جنم جي تاريخ ۽ اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جي تاريخ وغيره هٿ ڪجي. مون محترم سائين محمد حسين ٻرڙي کان اهي تاريخون ورتيون. محترم سائين رضا محمد پنهنجي هٿ سان سرٽيفڪيٽ لکي، ان تي علي خان جي هيڊ ماستر جي صحيح ڪري ڪٽي جنرل رجسٽر ۾ داخلا ڏني. تڏهن ڪِٿان جي به پرائمري اسڪول جي هيڊ ماستر جي صحيح ڪي وڏو مانُ هوندو هو ۽ ڪنهن به بالا آفيسر جي تصديقي صحيح جي ضرورت نه هوندي هئي.

استاد سائين رضا محمد پنهنجو مَٽ پاڻ هو، ٽن ڏينهن ۾ هوشيار استاد، اونهاري توڙي سرد پارن وارين راتين ۾، اوجاڳا ڪاٽي، بنا ڪنهن معاوضي جي، ورنيڪيولر فائينل امتحان جي تياري ڪرائيندا هئا ۽ تمام گهڻي محنت ڪرائيندا هئا. مون 54-1953ع ۾ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان پاس ڪيو ۽ رزلٽ ظاهر ٿيڻ تي ايتري خوشي ٿي جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر. ان کان پوءِ والد محترم کي، محترم سائين رضا محمد جي توسط سان چوايم ته مان انگريزي پڙهڻ گهران ٿو، پڙهڻ جي اجازت ڏيندا ته ديني تعليم به پڙهندس نه ته نه پڙهندس. والد محترم خوشيءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجازت ڏني. مون لاءِ ورنيڪيولر فائينل جي امتحان پاس ڪرڻ ۽ وري انگريزي پڙهڻ جي اجازت وڏي خوشيءَ جو سبب بڻيون هيون. باقي پاءُ عبدالحميد ۽ عبدالرشيد ديني تعليم پڙهندا رهيا. وارهه ۾ حديث جا ڪافي ڪتاب پڙهيا هئا. مٿي چئي آيو آهيان ته مذهبي تعليم ۾ اسان ٽنهي مان ڪنهن جو به چاهُه نه هو. مڙئي وقت گذاري ڪندا رهندا هئاسون.

انگريزي پڙهڻ وينس ته ڪيترا نئدا وڏا سنگتي ٿي پيا. تن ڏينهن ۾ به شلوار نه هوندي هئي پوتڙو ٻڌي اسڪول ويندو هوس ۽ مون وانگر، پر شاگردن کان سواءِ سمورو ڪلاس پوتڙن ۾ هوندو هو. اهي شاگرد نسبتاً خوشحال هئا. هڪ هو سرائي خدا بخش ڪهاوڙ جو وڏو پٽ عبدالوهاب ۽ ٻيو هو رحمت الله ٻگهيي جو پٽ عزيز الله ٻگهيو. وارهه ۾ انگلش ڪلاسز هئا. يعني ڪل ٽي درجا انگريزي، هڪ انگريزي استاد هوندو هو. ان جو هيڊ ماستر به محترم سائين رضا محمد سومرو هو. آسپاس جي ڳوٺن جا وڏا وڏا شاگرد پڙهڻ آيا هئا. جن ۾ ٻُڪيجا ڳوٺ جو علي گوهر سومرو ۽ سندس ٻه ننڍا ڀائر - ان ڪان سواءِ احمد خان چانڊيو ساڪائي به انهن سان گڏ پڙهندو هو. ان ڪان سواءِ جوٽائي ڳوٺ جا. جمعو ڪرل ۽ ٻيو هڪ قريشي چوڪرو هو. جمعو ته پڙهيو ۽ پوءِ پوليس انسپيڪٽر ٿيو هو. جنهن کي جيڪب آباد ضلعي ۾ ڌاڙيلن شهيد ڪري ڇڏيو. باقي قريشي چوڪرو انهيءَ وهيءَ ۾ ويچارو فوت ٿي ويو هو. ان ڪان سواءِ لاشاري ڳوٺ جا دوست به پڙهندا هئا. جن ۾ محمد قاسم به هو. جيڪو اڳتي هلي استاد بڻيو. وارهه شهر جا به ڪيترا دوست پڙهندا هئا. جن ۾ عبدالڪريم گهلو ۽ مظهر قريشيءَ وارا به هئا. مظهر قريشي به جُوٽائين جو هو. سيٺي چٽا، ڊگري ڪاليج جي پرنسپاليءَ تان رٽائر ٿيا آهن. عبدالمجيد ٻگهيو، محمد خان مغل وغيره به پڙهندا هئا. باقي اعجاز علي پاڳت، عبدالغفور سومرو ۽ حڪيم دين محمد جو پائيٽو عبدالهادي ٻرڙو، تڏهن ئي انگريزيءَ ۾ پڙهندا هئا. جڏهن مان ورنيڪيولر فائينل جي تيارين ۾ هوس. عبدالهادي پنهنجي چاچي حڪيم دين محمد کي ڏاڍو پيارو هو. چو ته حڪيم کي پنهنجي اولاد ڪانه هئي ۽ پاءُ غلام الرسول جي پٽ کي ئي پنهنجو پٽ پائنيندو هو. ان ڪري عبدالهادي وڏي ٽيش سان هلندو هو. اعجاز علي پاڳت جو والد محترم حاجي گل محمد به رٽائر سپروائيزنگ ٽپيدار هو. تنهنڪري ڪافي ڪجهه ٺاهي ورتو هائين. چانورن جي چڙهائيءَ جي مشين هئس، جنهن تي سندس وڏو پٽ قربان علي ڪم ڪندو هو. باقي سندس ٻي گهر واريءَ مان پٽ اعجاز علي، ممتاز علي، امتياز علي ۽ اياز علي پاڳت وارا خوش پوشاڪ هئا. اعجاز علي وٺندڙ شڪل جو مالڪ هو. گهڻ دوستيءَ وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو. اوطاق تي، جيڪا اصل ۾ سنڌس ناني محمد حسن باريجي ۽ سنڌس مامن محمد سليمان، غلام صديق، عبدالڪريم ۽ واحد بخش جن جي هئي، سڄو ڏينهن تاس راند ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري هن اوطاق تي ڏينهن رات، اعجاز علي جي هڪ جيڏن جو هجوم هوندو هو، جن ۾ مان به هوس. تاسِ راند ڪيڏي ڪيڏي ڪافي هوشيار ٿي ويو هوس. اسڪول ۾ والي بال راند ڪندا هئاسون. والي بال راند ۾ سو ڻاهُوڪو رانديگر ٿي نه سگهيس.

اعجاز علي جن جي انهيءَ اوطاق جي اوپر ۾ ڪافي وڏو ميدان هوندو هو، جنهن تي پلهاڙو يا ڪوڏي ڪوڏي راند ڪندا هئاسين. اصل ۾ اعجاز علي کي ڪوڏي ڪوڏي راند جو ڏاڍو خفت هوندو هو. اعجاز علي مون کان اٽڪل هڪ سال ننڍو هو ۽ سنڌس خوبصورتيءَ جي ڪري مان جهڙوڪر مٿس عاشق هوس. عبدالغفور سومرو ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن جي چوڻ تي، سال ڏيڍ مون کان رٺل رهيو ۽ اهو عرصو وڏي اذيت ۽ ڪرب جي طوفان ۾ گذاريو هوم. هاڻي به ڪي ماڻهو اٿين ٿي بنا سبب جي رٺا آهن ۽ منهنجي مٿان اذيتن ۽ ڪرب جو طوفان نه هٽيو آهي. اصل ۾ جنهن به يا جن به ماڻهن کي حد کان وڌيڪ ڪٿي چنجي ته پُوڄا جي حد تائين چاهجي ٿو ته اهي انهيءَ پيار کي، چو الائجي تيلي هٽي ساڙڻ گهرن ٿا يا گهرندا آهن. جنهن ماڻهوءَ، پنهنجون اکيون توڙي پنهنجي دل، انهن محبوب ماڻهن جي اڳيان غاليچي وانگر وڇائي ڇڏيون هجن ته هاڻي محبوب جي مرضي ٿئي ٿي ته اهي انهيءَ غاليچي تي بوٽن سميت گهمندا وتن. اها به چڱي ڳالهه، پر جي وڇايل غاليچي تي پير رکڻ ٿي گوارا نه سمجهن ته پوءِ آخر دل، دلوارن جي دڳ ۾ وڇائي ويهندڙ ماڻهو ڪيڏانهن وڃي. ماڻهن جون اکيون ته وڏيون ٿين ٿيون پر انهن ۾ نظر ۽ حياءُ تمام ننڍڙو به نه ٿو ٿئي. جن لاءِ حياتي وقف ڪري ڇڏجي، سواءِ ڪنهن غرض يا لالچ جي، پوءِ به جيڪڏهن انهن جو ورتاءُ اهڙو هجي ته پوءِ چندر جون هي سِٽون مجبوراً پڙهڻيون يا جهونگارڻيون پون ٿيون ته:

رُنائِي رهن پر هجين حياتي،
وڙهي پيا وڙهن پر هجين حياتي.

جن ماڻهن جا نيڻ، قرآن جي ورقن جيان چُميا هجن، جن لاءِ زندگيءَ جو هر پل، سَڏُ نه سَڏُ ڪانسواءِ سندن حڪمن جي پاڇي ۾ گذارجي ته آخر انهن جي ايڏي بيرخي آهي نه بيهودائپ جو ڇيهه؟ تڏهن ته منهنجي هڪڙي جاهل سوٽ پنهنجي محبوبه کي تڏهن قتل ڪري ڇڏيو هو، جڏهن ان ڪانئس اهڙي ئي بيزاري ڪئي هئي. مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ائين هرگز نٿو چوان ته انهيءَ کو اهو فضيلت وارو عمل ڪيو هو. قطعي بدمعاشي ۽ بدفضيلتي هئي، پر حالتون ماڻهوءَ کي ايترو مجبور ڪن ٿيون!

جيءُ منهنجو جَن، اَنگڙيارو وڃيو،
پَڄاڻان پرين، سِبان سَڄو نه ٿئي!

اي منهنجا محبوب! شال تون صديون جنم ماڻين ۽ هر پل انتهائي خوشين ۾ رهين! ڪڏهن به ۽ ڪا به چِنتا نه هجيئي. جنهن ڏي دل گهريئي اهو تنهنجي پاڪر ۾ هجي! مان ائين ئي چاهيان ٿو. چو ته مان تو محبوب کي هر وقت، هر حال ۾ خوش ڏسڻ چاهيان ٿو. توٽي جو، تو منهنجي محبت کي انتهائي هيڻين سوچ سان ڏسندي رد ڪيو آهي ۽ يقين سان چوان ٿو ته توکي مون جهڙو پيار، دنيا جو ڪو به ماڻهو نه ڏيئي سگهندو. شال زندگيءَ جون سموريون ڪامرانيون ۽ شادمانيون ماڻين ۽ منهنجيءَ عمر ۾ اچي منهنجي پيار لاءِ تڏا ساهه پريندو رهين!

اعجاز علي ڪجهه وقت کان پوءِ لاڙڪاڻي پڙهڻ آيو ۽ لاڙڪاڻي جي پوسٽ آفيس جي اوپر ۾ مٿي هڪ جاءِ ۾ رهندو هو، جيڪا سندن قبضي ۾ هئي. ڪجهه عرصي کان پوءِ مون سان پرتو هو. مئٽرڪ کان پوءِ عدليه ۾ ڪلارڪ ٿيو پر وري سنت ئي روينيو ۾ ڪلارڪ ٿيو هو. ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪري، هيڊ منشي ٿيو، تنهن کان پوءِ مختيارڪار ۽ آخر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. لاڙڪاڻي ۾ رهندي ڪيس سمورا خط انگريزيءَ ۾ لکندو هوس. منهنجو پهريون ننڍڙو ڪتاب ”درد - دل“ به لاڙڪاڻي مان ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين. جنهن ۾ منهنجي ابتدائي شاعري هئي.

اعجاز عليءَ جو ٻيو ڀاءُ ممتاز علي به تپيدار مان امتحان پاس ڪندي مختيار ٿيو هو. سندن ٽيون ڀاءُ امتياز علي نه پڙهيو هو ۽ ڊرائيور ٿيو هو. چوٿون نمبر ڀاءُ اياز علي ڀاڳت اٿن. جيڪو پهريون درجو مون وٽ پڙهيو هو. ممتاز علي پٽو سان فرنٽ ۾ آهي. سندس عام ڏنڌي بابت خبر نه آهي. البت تاريخي مضمون وغيره لکندو آهي ۽ سندس راءِ آهي ته چانڊيا، بروچ نه آهن. ان لاءِ دليل به ڏيندو آهي. اهڙائي دليل منهنجو پيارو دوست محمد صديق مجاهد به ڏيندو آهي، جيڪو سنڌيت ۾ ته غرق آهي پر سنڌين جي آزاديءَ لاءِ هٿ پير نه پيو هڻي. محمد صديق پنهنجي اولاد کي ڏاڍين تڪليفن ۽ مِهڻن ميارن جي پرواهه نه ڪندي پڙهائي وڌو. پنهنجي ڌيءُ کي پڙهائي ڊاڪٽر بنايائين، جيڪا پوءِ هڪ ٻئي ڊاڪٽر کي پرڻائي ڏنائين ۽ پٽ به سٺا پڙهايا اٿس. چانڊين جي تاريخ، افسانوي انداز ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لکيائين، جنهن جو نانءُ رکيائين "چانڊڪو". سنڌس راءِ ۾ چانڊيا، پروچ نه آهن، پر چندر ونسي آهن ۽ حضرت ابراهيم جو پيءُ 'آذر' اصل ۾ آچر هو، پر عربيءَ ۾ 'چ' نه هئڻ ڪري 'ذ' سان آذر ڪيو ويو آهي. باقي بين تاريخن ۾ چانڊين کي پروچ سڏيو ويو آهي.

هتي ته وري بيو عذاب به آهي. سنڌ ۾ رهندڙ چانڊيا هجن توڙي بيون پروچ ذاتيون اهي پاڻ کي بلوچ سڏائين ٿيون ۽ اها به هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي متي ۾ ڦيري آهي. باقي نه ته سچ پچ بلوچ قبيلي جا سردار به پنهنجي نالي پويان فقط ذات رکن ٿا، بلوچ نٿا سڏائين. مثال: نواب اڪبر بگٽي، خير بخش مري، عطاءُ الله مينگل، ظفر الله جمالي وغيره انهن پنهنجي نالن پويان بلوچ ڪتب نه آندو آهي.

اعجاز عليٰ پاڳت جي پهرين شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو هوس، جيڪا خيرپور جوسي ۾ ڪنيرن وٽان ڪئي هئائين. جنهن مان شايد چار نياڻيون ۽ ٽي پٽ اٿس. وري جو خفت ٿيس ته بي به هڪ شادي لاڙڪاڻي مان ڪري ورتائين. ان مان به ڪافي اولاد اٿس. نيم خود غرضيءَ واري طبيعت رکندڙ هيءُ دوست، اڄڪلهه غالب نگر لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو ۽ ايا به ڪراچيءَ ۾ ڪا خانگي نوڪري ڪري ٿو.

عبدالغفور سومرو به اسان سان پڙهندو هو. ان جو والد حبيب الله ڪٽي ڏاڍو هڏ ڏوکي ماڻهو، خوش طبع ۽ خوش دل رکندڙ هو. والد محترم سان انتهائي عقيدت هئس.

وارهه شهر ۽ ان جي آسپاس ۾ ماڻهو، والد محترم سان ڏاڍي عقيدت رکندا هئا. وارهه تعلقو چانڊين جي آباديءَ سان ته پريل آهي پر ٻرڙا، کهاوڙ، گاڏهي، چُنا، گاتنچا، خاصخيلي، ٻگهيا، ڪلهوڙا، ابڙا وغيره به جام آهن. تڏهن چانڊين جو اثر نه هو، پوءِ آهستي آهستي شهر ۾ ايندا ويا ۽ اثر انداز ٿيندا ويا. عبدالغفور مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ فون آپريٽر ٿيو. باقي سنڌس ننڍو ڀاءُ عبدالرحمان، جيڪو ڪافي وقت مون سان گڏ درزڪو ڪم ڪندو هو، سو اڄڪلهه انجنيئر آهي. عبدالغفور سياست ۽ مذهب تي هَٽَئين چڙيو ڳالهائيندو آهي.

ان کان سواءِ غلام قادر ملاچي به سنگتي رهيو. مان جو بيڙيون چڪڻ لڳس، سي سنڌس سَنگ مان، اٽڪل پنجويهه ورهيه بيڙيون چڪينديون رهيس. ڪڏهن ڪڏهن ڪائيون ڪرڻ ڀراڙيءَ ۾ هليا ويندا هئاسين ته پوءِ هيءُ همراهه بيڙيون وٺي هلندو هو، پاڻ به چڪيندو هو ۽ مون کي به چڪائيندو هو. غلام قادر به ورنيڪيولر فائنل تائين پڙهيو هو. سنڌس وڏو ڀاءُ غلام نبي سبزيءَ جو دنڌو ڪندو هو ۽ ويچارو ٽي بيءَ جو مريض هو، تنهنڪري غلام قادر به دڪان تي ويهندو هو. نيٺ غلام نبي ۽ سنڌس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارهه شهر ۾ تاس راند تمام گهڻي ٿيندي هئي. حبيب الله ٻگهيو، ملان عبدالله ٻگهيو ۽ رحمت الله ٻگهيو وارا ته سڄو ڏينهن هندو دوستن ريواچند ۽ ڇيٺانند وارن سان گڏجي کيڏندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ به وارهه ۾ هندو دوست ڪافي انداز ۾ رهندا هئا. اصل ۾ اُهي هندو، هتان لڏي ڇڏي هليا ويا هئا، جيڪي انتهائي مذهبي ۽ دولتمند هئا. جيڪي يا ته گهٽ مذهبي نه هئا يا وري ايڏا دولتمند نه هئا، اهي هتي رهي پيا ۽ اڄ سوڌو هتي اسان سان گڏ به گڏ ته وڌ به گڏ، تي راضي ٿيا ويٺا آهن. پنهنجي طور تي خوشحال به آهن.

هندن ۾ سيٺ آلو مل جي والد محترم سان گهاٽائي هوندي هئي. جڏهن به والد محترم ڏانهن ايندو هو ته والد محترم مسجد ۾ چادر وڇائي ڪيس ويهاري حال احوال وٺندو هو ۽ ڪچهري ڪندو هوس. آلو مل اسان کي قرض تي ڪپڙا وغيره ڏيندو رهندو هو ۽ پئسا ٻنهه نه گهرندو هو، جيستائين پاڻ نه ڏيونس. آلو مل جو ڏنڊو تمام سٺو هلندو هو، ٿهنڪري سندس پاڙيسري دڪاندار غلام علي مغل ۽ ڪجهه ٻين وٽي هُلايو ته آلو مل وهابي آهي. تنهنڪري ان کان ڪپڙو وٺندڙ به وهابي ٿي ويندو. جو ته آلو مل جي دوستي، مولوي عبدالله چانڊيو وهابيءَ سان ٿي ويئي آهي ۽ گهڻو وقت ان سان ويهي ڪچهريون ڪري ٿو، تنهنڪري مسلمانن کي ڪپي ته آلو مل سان خريد فروخت ڪري ايمان کي خطري ۾ نه وجهن وغيره.

ڀاءُ عبدالحميد پنهنجي لاءِ بوسڪيءَ جا ڪپڙا ۽ بي ايچ بي، جنهن کي بي شَبي چوندا هئا جو عاليشان پٽڪو وٺندو هو. پٽڪو ٻڌڻ به ڏاڍو سٺو ايندو هوس، مان ايڏا مهانگا ڪپڙا ٻنهه نه وٺندو هوس ته جيئن والد محترم تي گهڻو بار نه پوي پوءِ به والد محترم کي ڀاءُ عبدالحميد ۽ عبدالرشيد گهڻا پيارا هوندا هئا. هوندي به مان گهڻي پيار کان گهڻو محروم رهيو آهيان. جن جن کي اٿاهه پيار ڏنو هوندم، انهن ٿي منهنجي پيار جي گلدستي کي نفرتن جي ٻرندڙ چلهه ۾ وجهي ساڙيو آهي. والد محترم کان به نظر انداز ٿيندو رهيو هوس. جيتوڻيڪ ڪيس اها خبر هئي ته مان ڪيس سڀ کان وڌيڪ چاهيان ٿو، هڪ ڀيري والد محترم ڪجهه تلخ ۽ سخت لهجي ۾ ڳالهايو هو ته ادب سان چيو هومر: "منهنجي دل گلاب جي گل جهڙي نفيس آهي، اٿين نٿو ٿي سگهي جو نرم لهجي ۾ ڳالهايو وڃي." بهرحال ماءُ پيءُ جهڙو ٻيو ڪوبه دوست نه ٿيندو آهي ۽ والد محترم اسان جو پيءُ گهٽ ۽ دوست وڌيڪ رهيو. شايد تڏهن حدن ۾ نه رهياسين يا وري جيڪو اڏو گابرو ماڻهپو آهي، اهو انهيءَ روين جي ڪري آهي. تاهم تعليم اڌوري رهجي ويئي. ان ۾ به والد محترم جي ازحد پيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو عمل دخل تي سگهي ٿو. باقي والده محترمه پنهنجي طبيعت يا مزاج ۾ تيز ۽ اڻ ونڊدڙ هئي. تو ٽي جو مون سان سندس ورتاءُ چڱو هو.

ورنيڪيولر فائينل جو امتحان 54-1953ع ۾ پاس ڪيم. سائين تعلقي ماستر هو. تڏهن پگهارون پٽيوالو ڪٽي سائيڪل تي چڙهي هر اسڪول ۾ پهچائيندو هو. محبوب نالي پٽيوالو ويچارو، ٿورڙي پگهار تي اهڙي سخت ڊيوٽي سرانجام ڏيندو هو. تڏهن امن امان هو. اڄڪلهه ته هر ماستر کي چيڪ ذريعي بئنڪ مان پگهار ملي ٿي. 67-1966ع ۾ جڏهن مان رتوديرو ۾ استاد هوس، ته خبر پيم ته سائين رضا محمد جي جاءِ تي عبدالڪريم پيچوهي کي تعلقي ماستر ڪيو ويو آهي ۽ سائين کي لعلو رائنڪ بدلي ڪيو ويو آهي ۽ اها بدلي تڏهن جي ڊي آءِ ايس الهداد سومري ڪئي هئي. جڏهن الهداد جي جاءِ تي ملان محمد ابراهيم راجپوت ڊي آءِ ايس ٿي آيو ته ڪيس چئي سائين رضا محمد جي بدلي واپس ڪرائي ڇو ته راجپوت، والد محترم جو بيحد عقيدتمند هو ۽ والد جي چوڻ تي مون کان شڪايت لکائي ورتائين ۽ عبدالڪريم کي واپس ڪري، سائين رضا محمد کي واپس آندائين. اسڪول وڏث وقت سُمهي پوندو هو ۽ ماستر کي چوندو هو ته سندس جنازي نماز پڙهي ڏيڪاري، ڪنهن چيس ته وارث ونئي آءِ! بي مثال هوندا هئا تڏهن جا استاد. راتين جون راتيون محنتون ڪري امتحان لاءِ تياري ڪرائيندا هئا. ڪمال شفقت، نه لالچ نه لوڀ، سچائي ۽ محبت تڏهن ته شاگرد به اڄين ڏاڍهين سان ٿيڻ کان پوءِ به، استادن کي پيرن تي هٿ رکي ملندا آهن. اڄڪلهه نه مهربان استاد آهي، نه ئي فرمانبردار شاگرد. سواءِ ڪن ٿورڙن جي. هونئن به جيڪي شاگرد هوشيار هوندا آهن، اهي پنهنجي استادن جي پچاڙي تائين ڏاڍي عزت ۽ ادب ڪندا آهن. باقي ڪُند فهم ۽ گوسڙو شاگرد، جن کي پڙهائيءَ کان ڀرو چڙهندو هو، سي استادن کي ڏسي رستو مٽائي هليا ويندا آهن يا وري بنهه مُنهن جي پَڪائي ۽ نَڪَ جي نِرجائي سان گڏري هليا ويندا آهن نه سلام نه ڪلام.

استاد به وري ايترو هيٺ لهي آيا آهن جو شاگردن کي سندن اوطاقن تي ٽيوشن پيا ڏين. ٻن ڇٽن رپين لاءِ پنهنجي عزت پنهنجو وقار وڃائي ويهي رهن ٿا. اهي شاگرد ڪين استاد گهٽ، مُنشي وڌيڪ سمجهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اهڙا استاد پنهنجي عزت رکڻ لاءِ، بورڊ توڙي يونيورسٽيءَ جي امتحان ۾ ڪاپي ڪرائيندا آهن ۽ شاگرد وري وَرَ ۾ ريوالور ڪٽي دابي تي ڪاپي ڪري پاس ٿيندا آهن. جنهن کان پوءِ ڪين ڪجهه به ته نه ايندو آهي. سنڌ ۾ تعليم جو ٻيڙو انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ته ٻڌو آهي. ٿورڙن محنتي شاگردن جي به حق تلفي پئي ٿئي. هاڻي پري ايجميشن ٽيسٽ وچي اچا ڪارا پڌرا ڪرڻ لڳي آهي. اتي به ڪرپشن شروع ٿيڻ ۾ دير نه ٿيندي. نه ئي استادن ۾ همدرديءَ جو لڇڻ، نه قومي وقار جو خيال ۽ پيشوراڻي عظمت جو احساس رهيو آهي، نه ئي اولاد توڙي والدين ۾ اولاد جي تعليم لاءِ اونو. هر ماڻهو معاشي بدحاليءَ ڪري مُنهن ڏيڻ جي ڏک ڊوڙ ۾ آهي. هرڪو پنهنجي اولاد جي تعليمي مسئلن کان بي پرواهه، بي خبر ۽ بي گُوندرو پيو رهي. سرڪار ته چاهيندي رهي آهي ته سنڌي قوم جي آئيندي کي اونداهو رکيو وڃي. اها اونداهي جيڪا جهالت جي هجي ٿي، اها اونداهي جيڪا دنيا سان ٺڳي مڪر فريب ڪرڻ سيکاري ٿي، اها اونداهي جيڪا علم کان عاري آهي، جنهن سان سنڌي ماڻهو، قومي سر بلندي جي احساس، قومي آجپي جي سوچ، علمي، ادبي ۽ تاريخي طور تي انڌي هجڻ جو، انڌو ثبوت پيش ڪري ٿو. شعوري يا لاشعوري طور تي. انهيءَ ڪري سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ايجنسين پاران پيڊ سرونٽ شاگرد، وقت بوقت، انهن جي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي، تعليمي سرگرمين کي پنتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن ۽ اهڙا شاگرد، سڌو سنئون ايجنسين هٿان ته استعمال نه ٿيا آهن پر ساڻن ڪُوڙيون همدرديون ۽ شفقتون رکندڙ استاد صاحبان، ايجنسين کان دڙڪي داٻ، رشوت جي آچ توڙي پروموشن جي حاصلات جي اثر هيٺ اچي پنهنجو ۽ پنهنجي شاگردن جو تعليمي، سياسي ۽ سماجي اَجو مُنهن ڪري رهيا آهن.

وارهه شهر جي ماڻهن ۾ ملاڪڙي ۽ ڪوڏي ڪوڏي راند جي شوق کان سواءِ، ڪُڪڙن ويڙهائڻ جو به وڏو خفت هو. ڀاءُ عبدالحميد جي به اهڙن ماڻهن سان اُٿا ويٺي ٿيڻ لڳي، جنهن ڪري اهو عالم ٿيڻ کان پوءِ به ڪڪڙن جي خفت جو ناسوري ٻڄي پيو ۽ جتي به ڪا ميل ٿيندي هئي ته اتي ضرور ويندو هو ۽ جتي به ڪا مجلس پڙهڻ ويندو ته اتان به ٽي ڪڪڙ ڪار ۾ ضرور ڪٺي ايندو هو. اِها ئي عادت سندس وڏي پٽ عبدالعزيز ۾ به پئجي ويئي آهي. هڪڙي ماڻهوءَ ٻڌايو ته ڪراچيءَ ۾ ڪيس ڪوڪڙي ۽ تيتري صوبيدار سڏيندا آهن. ڪڪڙن جي ميل تي زندگيءَ ۾ ٻه ٽي ڀيرا مان به ويو آهيان. خاص ڪري لعلو راڻنڪ جي پرسان مڪُلاڻن جي ڳوٺ ۾، جتي جا سڀ ماڻهو جڻ تي خفتي آهن. باقي ڪوڏي ڪوڏي راند ۽ ملاڪڙي تي وڃڻ منهنجي به شوق ۾ شامل رهيو هو. تن ڏينهن ۾ وارهه جي ڏکڻ ۾ حاجي سليمان جي قبرستان پرسان ميدان تي هفتيوار ملاڪڙو ٿيندو هو ۽ وڃي ڏسندو هوس. ڀاءُ عبدالحميد ته وڏن مَلهن سان ڪيڏڻ به شروع ڪيو هو. هڪڙي ڀيري پهرين ئي ملهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ٻوڏاري چڙهيو هنائونس. ٽيندو ائين آهي ته جنهن ماڻهوءَ ملھ ۾ سمجهيو ته پنهنجي سامهون واري کي دسي رهيو آهي ته متو ڪٽي انهيءَ ڪِرنڊڙ مَلھ جي لونڊڙيءَ تي رکي ڏاڍو ڏڪُ ڏيندو آهي، جنهن کري هيٺ دسجي پونڊڙ مَلھ بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ ڪيترا ماڻهو سندس هٿ ۽ پير مَهٽيندا ۽ ڪنڌ جي ٻَڌين کي زور ڏيندا آهن. تڏهن دير سان وڃي اهو دسيل مَلھ هوش ۾ ايندو آهي. پاءَ انهيءَ ٻوڏارڻ کان پوءِ مَلھ ڪيڏڻ کان بس ڪري ويو هو.

اهڙيءَ طرح هڪ پيري ڳوٺ ۾، رات جي چانڊوڪيءَ ۾ اسان پاڻ ۾ سوٽ به ملھ ڪيڏندا ۽ ريچڪو ڪندا هئاسين. فقير احمد سان مان ملھ وڙهڻ جي ڪئي. قد ڪاٺ توڙي بدني بيهڪ ۾ مون وانگر ئي هو. ڪيڙيءَ ۾ وڙهي رهيا هئاسين ته اوچتو منهنجو ساڄو پير هڪ کُڏيءَ ۾ پئجي ويو، ۽ بلڪل ان وقت احمد مونکي جاڻتو هنيو ته ٽنگ مان تڙڪو نڪري ويو، منهنجي ٽنگ پير جي مُري کان مُڙي ويئي ۽ فرئڪچر ٿي پيس. 28 ڏينهن کٽ تي پيو هوس پوءِ وڃي لٺ تي گهمڻ جهڙو ٿيو هوس.

وارهه جي ٻاهران ساوا مرچ تمام گهڻا ٿيندا هئا، ٻي سبزي ۽ هنداڻن، گدرن وانگر، اوبل سويل مرچ تري کائڻ کري اهڙي عادت پيئم جو ٻوٽن جا ٻوٽا ڪَچا مرچ کائي، ماڪڙ وانگر صاف ڪري ڇڏيندو هوس ۽ اڳتي هلي ان جو نتيجو ظاهر ٿيو جو اندر کي گرمي ويڙهي ويئي ۽ پوءِ مرچن کان سواءِ پاڇي يا اجا به ڪچڙي کائڻ لڳس. هاڻي مس پاڇي کائڻ شروع ڪئي اٿم، پوءِ به گهٽ مرچن واري.

سرائي خدا بخش کي ٻني ته هڪ منشيءَ جي ضرورت پئي ته ڪٽي مونکي چيائين. چاليھ رپيا ماهوار پگهار تي مان به سندس سبزي منڊيءَ تي، سندس پاءُ سرائي علي محمد کُهاوڙ سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳس. ٽن ڏينهن ۾ چوماسي جا ڏاڍا سخت مينهن پيا هئا. وارهه کان لاڙڪاڻو رستو ڪيترا مهينا بند هو جو پڪو رستو نه هو، مينهن جي کري ڪاچي کان نَئيون به وهي آيون هيون ۽ اتان جا ماڻهو ٻوڏ جا ستايل اچي وارهه شهر جي ٻاهران ويٺا هئا. جيڪي پنهنجا ڍور ڍڳا، ڪڪڙ وغيره کپائي سفر گذر ڪري رهيا هئا. هڪ وڏي مادي ڪڪڙ ٻارهن آنن (75 پئسن) تي ملڻ لڳي هئي مون کي چاليھ رپيا مهيني سر مهيني ملندا هئا. سو پاڻ کي ڳڙ سرمائيدار سمجهڻ لڳو هوسِ. ڇڙ ته وڏيرن وانگرن هيٺ تي نظر ئي نه پئي پوي. روزانو هڪ وڏي ڪڪڙ خريد ڪري امڙ ڏي موڪليندو هوس ته کائي رَڄ ڪندا هئاسين. والد محترم ته اصل کان گوشت مڇي نه کائيندو هو، فقط سبزي، دال، پَلي ۽ لسي کائڻ جو شوقين هوندو هو، تنهنڪري ٻاهر جلسن تي سائس گڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري خادم ويندو هو ته ٻڪ مرندو هو. اهڙن وڏن وڏن مذهبي جلسن تي مان به سائس گڏجي ويندو هوس. تُوڙي جو گهڻي وقت کان طبيعت ۾ مذهبيت کان ڏُوري هئي، تڏهن به والد محترم سان گڏجي وڃڻ ضروري سمجهندو هوس. ڪيس اڪيلو ڇڏڻ، مون لاءِ اذيتناڪ هوندو هو. الائي ڪهڙي تؤنسَ هوندي هئي مَنَ ۾، جو نه ڪيس اڪيلو ڇڏيم نه ئي مٿس بار وڌم. هڪڙي ڀيري ڪنهن سبب تي مار ڏني هئائين ۽ مون ڪيس پڻتيو هو. ان کان پوءِ اڄ سوڌو انهيءَ عمل تي پشيمان رهندو آهيان، جو جڻ ته منهنجي پاراتي سبب گذاري ويو هجي. هاڻي ڪنهن کي به پاراتو ڏيڻ جو خيال به نه ايرندو آهي، تُوڙي جو ڪيترن ماڻهن بي واجبيون ڪيون آهن، تڏهن به ڪين دعائون ڏيئي ڇڏيندو آهيان. باقي هڪ عجب جهڙو تجربو اٿم جو صدر کان وزيراعظم يا ڪنهن وڏي وزير، ڪنهن آفيسر کي ڪا درخواست ڪو خط لکيم ۽ ان ڪا مناسب وراڻي نه ڏني يا بنهه نه وراڻيائين ته ٻن ٽن هفتن ۾ اهو ماڻهو پنهنجي منصب تان لٿو يا لاٿو ويو آهي. انهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو، صدر ايوب، بينظير ڀٽو، ممتاز علي ڀٽو، نواز شريف، سپريم ڪورٽ جو سجاد علي شاهه ۽ ٻيا ڪيترا ماڻهو اچي وڃن ٿا. نه چاهيندي به جڏهن ڪو احساس لوئيندو آهي ۽ رياستي حاڪم جو ڪو ڪم نه وڻندو آهي، ته خط لکندو آهيان ۽ منهنجي خط جي وراڻي فضيلت پري نه موٽي ته همراهه ويو. ويندي جڏهن سنڌي نوجوانن کي نوڪرين مان ڪڍيو پيو وڃي ته سجاد شاهه کي نوٽيس وٺڻ لاءِ لکيم. جيڪو ٽن هفتن ۾ پاڻ روانو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح وري نواز شريف کي لکيم ته 18 ڏينهن بعد راهي ٿي ويو. البت هڪ ڳالهه آهي ته جڏهن اندر ۾ آنڌ مانڌ ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، تڏهن خط لکندو آهيان. مون کي اهو تجربو ته آهي پر انهيءَ تي پنهنجي ڪا ولايت يا ڪرامت وغيره سمجهان، سا بنهه نه. هونئن به ولايت تي ويساهه نه هوندو اٿم. شايد حالتون اندر جو اندر ۾ ايتريون بدلجن ٿيون جو ائين ٿيندو رهيو آهي. عام طور تي هرويرو ڪجهه لکڻ سان نه ٿيندو آهي نه ئي وري هرويرو ڪنهن کي لکيو اٿم. اهو سڀ ڪجهه چيا آهي، مونکي به سمجهه ۾ نه ايندو آهي. ڪيترا ڀيرا ته دوستن کي اگواٽ ٻڌائي خط لکيو هوندم ۽ دوستن کي چيو هوندم ته جنهن کي خط لکان پيو سو سمجهو ته ويو ۽ ائين ئي ٿيندو رهيو آهي. ان لاءِ پرين پيارن کي، جن ذهني تارچر پٽي ڏنا آهن، هر وقت خير، خيريت جون دعائون ڏيندو رهندو آهيان. انهيءَ ڊپ کان ته ڪٿي ڪين ڪجهه ٿي نه پوي! شال هميشه خوش رهن!!

وارهه شهر ۾ مشاعرا ٿيندا هئا. سنڌي مشاعرو، عبدالقادر شائق ڪرائيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بين جي مُحابي توکي بہ ٽيندو تہ ڪجھ عطا.
پر شعر تنهنجي چانھ ڪمائي تہ نہ آهي.

طرحن تي مشاعره ڪرايا ويندا هئا تہ جيئن سيڪڙاتن لاءِ فن سکڻ جي سهولت ٿي پئي. شائق صاحب جي ڏيٽ ويٽ ڪري شايد، پاهريان شاعر بہ ڪافي اچي گڏ ٿيندا هئا. راڌڻ ڪان دادن فقير بہ اچي سهڙندو هو ۽ پنهنجي شاعري سازن تي ڳائي ٻڌائيندو هو. ڏاڍو سُريلو هو. عاشقاڻي مزاج هوندي هيس. شاعريءَ جي پيش ڪرڻ جو انداز بہ شاندار هوندو هوس. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن نصرپور ڪان گل نصرپوري بہ اچي نڪرندو هو. خوبصورت نوجوان هو. جوانيءَ ۾ ئي بي مروت موت جو شڪار ٿي ويو. همايون ضلعي جيڪب آباد ڪان منظور همايوني بہ ايندو هو. قداور، پريل بُت جو، وڏي ٺاڪ ڦوڪ سان، ريوالور ڪلهي ۾ پيل، شاعر گهٽ، وڏيرو وڌيڪ لڳندو هو. هڪ پيري سائس اکيلائيءَ ۾ ڪچهري تہ ٿي پر ڏاڍي خوف خطري ۾ اندر ۾ هڪ اَڄاتو خوف، پيڙهي وچوليءَ جو، اهڙوئي خوف منهنجي پرين پياري ڪي بہ مون ڪان ٿيندو هو. انسان اندر ۾ ڪڏهن ڪارونجهر ڪان بہ مضبوط ٿئي ٿو تہ ڪڏهن وري اصلي ڀاڳ، جيڪا ٿوري هوا تي بہ سڄي ماحول کي غبار آلود ڪري ڇڏي. مان اتڪل تيرهن، چوڏهن ورهين جو لَسو هوس ۽ منظور ٽيهن پنجٽيهن ورهين جو ڏنبو ڏوٽو. وڏي ڳالھ تہ وڏا شهپر ۽ ڪلهي ۾ ريوالور، مون لاءِ عذاب ٺهجي ويا هئا. منهنجي شاعريءَ جي خبر پييس تہ اصلي سوڙهو ٿيندو پئي ويو. هڪ سِٽَ، طرح طور ڪٿي ڳچيءَ ۾ وڌائين، تہ شعر پورو ڪري ڏي جو ڪٿي پڙهيو آهي. مون چيو اها سِٽ ڪٿي والد محترم ڪان پوري ڪرائي آٿي ڏيانوَ ٿو پر هو مڃي ئي نہ. جيئن نہ مڃي تيئن منهنجو اندر لوڻ پاڻي ٿيڻ لڳي ۽ نيٺ ڪيس چئي ڏنم تہ. مونکي توهان جي شڪل صورت، ريوالور ۽ طرح تي لکڻ جي ضد، خوفزده ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان بنھ ڪنهن خيال کي سهيڙي، طرح تي پورو شعر لکڻ جي موڊ ۾ نہ آهيان. توهان وٽ ويٺي، منهنجي اندر مان خوف نڪري ئي نٿو، تنهنڪري مان گهر وڃڻ ٿو چاهيان. چو الائي اُتي هليو بہ نہ پئي ويس. شايد مجلس جي آداب جي ٽٽڻ جو خطرو بہ ٿئي پيو. تڏهن ڏاڍي فضيلت ڀَرئي انداز ۾ چيائين: بابا! تون منهنجو ننڍڙو ڀاءُ آهين. خوف چو ٿو ڪرين؟ مان ڪميٽو ماڻهو نہ آهيان، جو تولاءِ خوف جو سبب بڻيو آهيان. انهن لفظن ڪان پوءِ بہ مڪمل طرح خوف تہ نہ ويو، تاهم ڪجھ اندر کي آٿت مليو تہ ڪجھ بَند لکرايا هئامانسِ.

طرح هئي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پَتو کهڙو ته پاڻي پيچ ڏونگر ڏورڻا پوندا.

مون شروعات هن ريت ڪرائي هئي مانس:

اندر سان ٿي اندر جا درد گوندر اورڻا پوندا،
پتو کهڙو ته پاڻي پيچ ڏونگر ڏورڻا پوندا.

مهاجر تڏهن فضيلت سان رهندا هئا. سنڌي ماڻهن، انهن لاءِ اکيون وڇايون هيون. تڏهن منجهن خود غرضي ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ نه پئي آئي. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ ڪنهن حد تائين، سمجهڻ به سکي ورتي هئائون. البت ڪي اهڙا به هئا جيڪي صاف طور تي سمجهي ۽ ڳالهائي نه سگهندا هئا. خاص ڪري يوپي. سي پي جا. باقي انهن جا ڇوڪرا اسان سان گڏ پڙهندا هئا، اهي صاف سنڌي ڳالهائيندا ۽ سمجهندا هئا. تن ۾ حبيب الله، سليم، محمد شميم ۽ شميم بيگ مون سان ڪافي ويجها هئا. محنتي ۽ هوشيار هئا. البت ايترا ذهين نه هئا. هڪ مسئلو به ٿي پيرا پُڇندا هئا، تڏهن وڃي سمجهه ۾ ايندو هون. اڃا ٽيون انگريزي پڙهندا هئاسين ته اهي فوج ۾ وڃڻ جو اظهار ڪندا هئا، ڇو ته انهن جا وڏا فوج ۾ هئا. اسان کي فوج ۾ وڃڻ جي اهميت جي ڪا خبر نه هئي. خبر تڏهن پئي جڏهن 1958ع ۾ مارشل ايوب خان، اسڪندر مرزا جي ٽوپي لاٿي ۽ مارشل لا لڳائي ملڪ جو مالڪ بڻجي ويهي رهيو. مارشل لا جي اعلان سان، چورن، ڪيل چوريون، مالڪن جي گهرن جي ٻاهران وڃي ڦٽي ڪيون هيون ۽ الائي ڪيترو ناجائز ناڻو، سونُ وغيره ظاهر ٿيو هو. وڏي ٺاپر ٿي ويئي هئي. لاڙڪاڻي جو قاضي فضل الله پنهنجي وزارت وڃائي ويٺو هو ۽ ڪيترا سياستدان شايد، ايبڊو جو شڪار ٿيا هئا، جن ۾ ايوب کهڙو به هو. مونکي رياست ۽ سياست جي خبر نه هئي نه وري جمهوريت توڙي آمريت جي برائين يا چڱاين جي ڄاڻ هيم، اهوئي سبب هو جو جنرل ايوب جي امن امان پيدا ڪندڙ انهيءَ عمل کان متاثر ٿي، سنڌس تعريف ۾ قصيدو لکيو هوم. ۽ جڏهن خبر پئي ته آمريت يا ڊڪٽيٽرشپ ڪيترو گندو تصور ۽ عمل آهي ته اهڙي شاعريءَ تان هٿ کڻي ويو هوس. جمهوريت جي خبر تڏهن پيئي، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو، جنرل ايوب جي خلاف اُٿي ڪَرُ ٿيو هو ۽ آمريت جون برايون واضح ڪرڻ لڳو. ڀُٽي جي ڳالهائڻ جو انداز متاثر ڪندڙ هو. تڏهن ته لکين ماڻهو ڪِڏ لڳي پيا هئس. ان زماني ۾ آءُ رتوديرو اسڪول ۾ استاد طور ڪم ڪندو هوس ۽ جمهوريت توڙي پي. پي جي جمهوري قدرن کان متاثر ٿي ڪافي شاعري ڪئي هيم، جيڪا هڪ مختصر ڪتاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيتري هئي ۽ پهريون چاڪر علي جوٽيجو وٽ ۽ پوءِ عبدالوحيد ڪٽپر ڏانهن پهچائي هيم. ته چپائي وجي. پر اهي پنهنجي ڏُن ۾ هئا. تڏهن هڪ شعر ۾ هڪ نهايت سخت بندُ وڌو هوم ۽ سچ پچ ائين ٿي ٿيو، جيئن مون لکيو هو.

وارهه شهر ۾ انگلش ڪلاسز، ٽي درجا انگريزي جا هئا. مون اهي پاس ڪيا ته هڪ سال گهر ۾ ويهي گذاريم. جڏهن محترم غلام رسول ڪهاوڙ جيڪو هن وقت وڪيل آهي، مئٽرڪ پاس ڪري آيو ته ڪيس سرائي خدا بخش ڪهاوڙ پنهنجي گهران پگهار ڏيئي چوٿون ڪلاس هلرايو ۽ تعليمي اختيارين ڪان اهڙي لکيت ورتائين، ته شاگردن جو امتحان ورتو ويندو. اسڪول هڪ سال هليو ته ان کي ايس. وي جو درجو ڏيئي پنجين ڪلاس تائين سرڪار منظور ڪيو. اهڙن اسڪولن تي انسپيڪٽر، چاڪر علي جوٽيجي جي پاءُ محمد پناهه جوٽيجي، ڊامراهن واري کي ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح اسڪول ۾ استاد جو تعداد به وڌيو. مسٽر خير محمد ملاح بنگلديري ڪان، مسٽر خير محمد باڍهه ڪان، مسٽر عبدالقيوم پيٽي نئون ديرو ڪان، مسٽر صاحبڏنو سوهُو ڪنهن ويجهي اسڪول ڪان ۽ قاضي فضل ڪريم ڊرائينگ ٽيچر طور مقرر ٿيا هئا. اهڙيءَ طرح قمبر شهر جو رهواسي مسٽر عزيز الله عباسي، ساتورڙو، سيپڪَڙو هيڊ ماستر ٿي آيو هو. عباسي صاحب کي به ٽي پيرا سائيڪل تي سندس ڳوٺ قمبر تائين ۽ قمبر ڪان وارهه تائين آندو ۽ نيو هومِ. ڪليل آواز سان، اسان کي انگريزي پڙهائيندو هو ۽ انگريزيءَ ۾ ليڪچر ڏيندي چوندو هو: وِئي شل گوٽُ وزٽ منچر لئڪ. وينر ديئر وِئي ول سِي آرَيز، ٽيٽاز، نِير ڳاز، فش ايند فشرمين ٿُو. تڏهن مان سمجهندو هوس ته سائين کي آرَين، ٽيٽن ۽ نيرڳن جا نالا انگريزيءَ ۾ نٿا اچن يا وري اهي نالا انگريزي ۾ آهن ئي ڪين.

ميهڙ ڪان محترم محمد ابراهيم ميراڻي استاد ٿي آيو هو، ڏاڍو مهربان ۽ هوشيار استاد هو. جشن لطيف لاءِ نظم لکي ڏنو هومانس. موٽ ۾ جڏهن مون مئٽرڪ جو امتحان قمبر ۾ پئي ڏنو ته هڪڙو لفظ انگريزيءَ جو پڙايو هئائين. هن اسڪول کي اڳتي هلي هاءِ اسڪول بڻايو ويو. جنهن ۾ الهداد ٻوهيو، ڊڪڻ، شائق ۽ ٻيا ڪيترا ناميارا استاد مقرر ٿيا هئا. منهنجي تعليم پنجن درجن ڪان پوءِ رهجي وئي، چو ته نصير آباد، باڍهه يا لاڙڪاڻي ۾ رهي پڙهڻ جي سهولت ميسر نه هئي. ڪلاس ۾ جيڪي پڙهندو هوس ته فيئر ڪندو ويندو هوس ۽ شام جو ٻنهه نه پڙهندو هوس. ڪلاس ۾ ئي سڀ ڪجهه ياد ٿي ويندو هو. ويندي انگريزي نئين سبق جي نون لفظن جي معنيٰ، اسپيلنگ ۽ اُچارن سميت، تنهنکري وري صبح جو ڪتاب چنڊي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦوڪي هٽ ۾ ڪٽي اچي اسڪول پهچندو هوس. اسڪول ڪان ڪڏهن به نه گسايم. مسٽر صاحبڏنو سوهو والي بال جو سٺو رانديگر هو. والي بال اسڪول ٽيم جو ڪئپٽن مان هوندو هوس. اهڙو شاندار رانديگر ٿي نه سگهيس تاهم چڱي کيڏندو هوس. آسپاس جي هاءِ اسڪولن جي ٽيمن سان فرينڊلي مئچون ڪندا هئاسين ۽ هميشه کٽيندا هئاسين.

قاضي فضل ڪريم وارهه اسڪول ۾ انٽر ڊرائينگ جو امتحان پاس ڪري ڊرائينگ ٽيچر ٿي آيو هو، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان اڃا نه ڏنو هئائين. سندس خوبصورت چهرو، انداز، مُرڪَ ۽ هلچل مونکي مٿس موهت ڪري وڌو هو. جڏهن پهريون پيرو پيرڊ وٺي ڪلاس ڪان ٻاهر نڪتو ته مون ڪلاسي دوستن کي چيو ته: اهڙا سهڻا سائين جو استاد ٿي ايندا ته اسين پڙهنداسين يا ڪين ڏِسندا ڏِسندا رهجي وينداسين. منهنجي اها ڳالهه هيڊ ماسٽر عزيز الله تائين وڃي پهتي، جنهن مون کي گهرائي ان بابت پڇيو ته مون پنهنجي پيار پاڀوهه وارن لفظن جي تصديق ڪئي، جنهن تي کِلي چيو هئائين: عبدالمجيد! تون ايترو هوشيار آهين، جو هاڻي به مئٽرڪ جو امتحان ڏين ته پوزيشن سان پاس ٿيڻ جي گارنٽي ڏيان ٿو. چڱي ڳالهه آهي جو سهڻو سائين مليو اٿوَ، وڌيڪ دلچسيءِ سان پڙهندا ته چڱائي ٿيندي، بهرحال هيڊ ماسٽر صاحب کِلندي شفقت جو اظهار ڪيو هو.

قاضي فضل ڪريم جو والد قاضي محمد امين وارهه ۾ روينيو هيڊ منشي هو، ڏاڍو پيارو ماڻهو هو، ٿورڙو وات ويڪرو هو، سائي ٻوٽي پيئندو هو. منهنجو گهڻو خيال ڪندو هو. کيس به پٽ روشن علي ۽ فضل ڪريم هئا. منهنجي سائن، انهن ڏينهن واري گهاٽائي اڄ سوڌو قائم آهي. قاضي محمد امين صاحب وٽ، سندن ياءِ محترم قاضي عبدالحئي قائل سرشاري صاحب پنهنجي وڏي پٽ قاضي خضر حيات سميت آيو هو، منهنجا واسطا سائن وڌندا ئي ويا. قاضي خضر حيات نوابشاهه ۾ رهي ٿو. سائس گهٽگهرائي آهي پاڻ انجنيئر آهي. سندس پٽ سڪندر به ڏاڍو پيار وارو ۽ سڀاجهڙو آهي.

خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تي صاحبڏنو سوهو ۽ قاضي فضل ڪريم جي وچ ۾ چڪتاڻ ٿي پئي هئي. اسڪول ۾ ٻاهران ايندڙ والي بال ٽيم سان مئچ رکيل هئي. مئچ واري ڏينهن عين وقت تي قاضي صاحب اچي مونکي کيڏڻ کان منع ڪئي. مان جيڪو سندس زرخريد ٿيل هوس، سو ميدان ڪان ٻاهر نڪري بيٺس ۽ نه کيڏڻ جو اعلان ڪيم، ته سوهو صاحب ڪاڏن تاڏن وانگر ٻَري پيو ۽ منهنجي پرسان اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تي سخت دٻاءُ وڌائين ڪيڏڻ لاءِ، جو ته مون کان سواءِ ڪيڏي نه پئي سگهيا. آخرڪار مان سندس دٻاءُ تي ميدان تي لٿس پر ڪيس چيم ته: سَر اچ سمجهو ته اسان مئچ هارائي. جو ته مان قاضي صاحب کي ڪيترو پيار ڪندو آهيان، سا اوهان کي خبر آهي، ان جي مرضيءَ خلاف ڪيڏڻ معنيٰ راند هارائڻ. پوءِ ٿيو به ائين جو اها مئچ هارائي هئي.

هڪ ڏينهن وري هيڊ ماستر عزيز الله ۽ صاحبڏنو سوهو جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي. اصل ۾ سوهو صاحب سينيئر هو، پر عباسي صاحب گريجوئيٽ هو ۽ سوهو مئٽريڪيوليٽ. تنهن ڪري هيڊ ماستر عباسي هو ۽ انهيءَ سبب تي منجهن اٽيٽڻ پيدا ٿي پيئي هئي. عباسي صاحب مونکي آفيس ۾ گهرائي چيو ته: سوهو شاندار ماڻهو نه آهي، اسڪول ۾ گند ڪري رهيو آهي. تنهنڪري ان کي هتان بدلي ڪرائڻ گهرجي. مان ته اڳيئي قاضي صاحب جي ڪري، سوهو صاحب کان بيزار هوس، سو دير ئي نه ڪيم. اخبارن ۾ شڪايتي ليک ڏنم ته ٿورن ڏينهن ۾ ئي انڪوائري ٿي. سوهو صاحب ته بدلي ٿي ويو پر عباسيءَ کي اچي دل ۾ گدڙُ ويٺو ته متان سپاٽي، مان سموريون ڪَچيون ڪريان، سو آفيس ۾ گهرائي چيائين ته: تون به هتان سرٽيفڪيٽ وٺي ڪنهن ٻئي اسڪول ۾ وڃي پڙهه، متان تنهنجي خلاف به ڪو قدم کڃي! مان به ڳالهه کي هرويرو وزن ڏيئي ويئس ۽ پنجين ڪلاس انگريزيءَ جو ليونگ سرٽيفڪيٽ وٺي، وارهه اسڪول کان آئوٽ ٿي هميشه لاءِ دربدر رهيس. ڪٿي به پڙهي سگهڻ جي پوزيشن ۾ نه رهيس ۽ گهر ۾ بيڪار ويٺو وقت گذارڻ لڳس. حقيقت ۾ عباسيءَ جي خلاف ڪَچيون ٻنهه نه ڪيان ها. بهرحال پنهنجي ان ڪئي تي اڄ سوڌو پشيمان رهيو آهيان. هونئن ته مان پنهنجي سموري زندگيءَ جي سموري عملن تي پيشمان ئي رهيو آهيان. جڏهن وارهه اسڪول ۾ محترم عبدالملڪ چانڊيو هيڊ ماستر ٿي آيو ته وري داخلا وٺي پنجون درجو پاس ڪيم. جنهن کان پوءِ وارهه ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي سهولت نه هئي. لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ لاءِ دل ڏاڍو چاهيو پئي، جيئن ڪنهن محبوبا سان گڏجي ڪنهن وڏي شهر ڏانهن گهمڻ وڃجي. پر پتڪڙي جي پتڪڙين ڪوشش ڪجهه به نه ڪيو ۽ ڪنهن ڏاڍي پياري نياڻيءَ جي ڏوتل پوتل شاندار رَئي سان اڳهيل لڙڪن هاٽيون اکيون ڪري، ماڻ جي دنيا ۾ هليو ويس ۽ ڪجهه مهينن کان پوءِ پنهنجي هڪ جيڏي، هڪڙي دوست خير محمد ڳانٽيو وٽ درزڪو ڪم ڪرڻ لڳس. ان کان اڳ 1958ع ۾ پريا روڊ لڏي وڃڻ سبب، پڙهڻ بدران نوح ۽ غلام محمد وٽ درزڪو ڪم سکڻ شروع ڪيو هوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ انهن ٿي ڏينهن ۾ پاڻ کي آئيني تي بار بار ڏسڻ شروع ڪيو هوم ۽ اڪين کي ڪنهن نہ ڪنهن سونهن واري جي اوطاق بنائڻ گهري هيم. پريا روڊ ۾ پڪا چانگ تعلقي فيض گنج جي مدرسي مان هليا آيا هياسين جو مدرسي ۾ هڪ ڏينهن وڏي ياءُ عبدالحميد ۽ منهنجي وچ ۾ تلخ ڪلامي ٿي پيئي تہ مدرسي جي مالڪ محمد حسن جي وڏي پٽ اسان جي وچ ۾ سختيءَ سان مداخلت ڪئي هئي تہ اسان جو پاڻ ۾ ٿيل جهيڙو وڃي انهيءَ چانگ جي ڳچيءَ ۾ پيو هو. تڏهن والد محترم هزارين رپين جا عربي ڪتاب جن ۾ حديث، فلسفو، تاريخ، منطق ۽ فقه وغيره هئا، سي مفت ۾ مدرسي کي ڏيئي پريا روڊ ڏانهن هليا آياسين. والد محترم کي يقين ٿي ويو هو تہ اسان نہ پڙهنداسين، تڏهن ڪتاب مدرسي کي عطيو ڪيائين. پريا روڊ ۾ امروٽ جي محمد شاهہ جو مامو ۽ والد محترم جو شاگرد مولوي الهہ بخش بروهي رهندو هو ۽ سندس مدرسو هو تہ اسان بہ اچي اتي رهياسين ۽ وري پڙهڻ شروع ٿي ويئي. اهي ٿي ٽِڪيون ٿي ۽ اسان. چانگن ۾ پيڻ زبيده کي پيٽ ۾ تمام سخت سُور پيو هو تہ اُنهيءَ حاجي محمد حسن چانگ جي ڏس تہ سچي ديسي گيهہ ۾ ڳاڙها پيئل مرچ وجهي پيارياسين تہ وٺي ڦٽي ڪيائين ۽ ڦٽي ۾ وَهہ جهڙا ٽُڪر نڪتا، جنهن کان پوءِ سُور ڇڏي ويو هوس. سراسري طور تي 1940ع کان وٺي 1961ع تائين پڻ جا ٽُڪر پٽي کاڌا، جيئن پينو کائيندا آهن. ماستر ٿيس تہ مڙئي هڪ جاءِ تي رهڻ ۽ پنهنجي ڪمائيءَ جو گِرهہ نصيب ٿيو.

وارهہ ۾ سيٺ فضلو پنجابي رهندو هو. بت ۾ پريل، گهاٽي ڪاري ڏگهي ڏاڙهي، آواز ٿلهو پيڪيدار. هڪ ڏينهن اسڪول ۾ اچي قاضي فضل ڪريم سان بدتميزي ڪرڻ لڳو تہ ڪيس چيو هوم: ايترو معتبر نہ آهين جو اسڪول ۾ اچي اسان جي استادن سان بڪواس پيو ڪرين. شاگردن کي سڏي، ڏاڙهي پٽي تري ڪندوسانءِ تہ پوءِ چپن ۾ پڻڪندو هليو ويو هو. جڏهن 1981ع ۾ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ بدلي ٿي آيس، تہ قاضي فضل ڪريم بہ اتي مقرر هو. سائس اڄا تائين نيازمندي آهي. ڪيس نِوڙي ملندو آهيان. سندس گهر واريءَ کي امڙ سڏيندو آهيان ۽ سندس نياڻين کي پنهنجيون ڀينرون ۽ پٽن کي پنهنجا ڀائر. توڙي جو اهي منهنجي اولاد وانگر آهن. مونکي گهر ۾ وٺي ويندو آهي ۽ پنهنجي گهرو مسئلن ۾ بہ شريڪ ڪندو آهي - شال سدائين خوش رهن!

چانگن ۾ مَلِي يا گِهٽَ ٿي پيا هئا ۽ اها سوچ هيٺ لهي آئي هئي تہ حاجي محمد حسن چانگ کان پريا روڊ لاءِ چينو گهوڙو ورتم تہ ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچان. گهوڙو ته نه هو طوفان هو. اصلي پاڻيءَ جي ٿالهي پري هٽ تي رکجي ها ته نه هارجي ها. اهڙي رلئي گهوڙي تي سواريءَ جو اهو پهريون ۽ آخري موقعو هو. انهيءَ گهوڙي جي سواري سڄي حياتي نه وسرندي. هيلي ڪاپٽر ڪانسواءِ سواريءَ جا سمورا ذريعا استعمال ۾ آيا اٿم. پريا روڊ ڪان موٽ ڪاڏي سون ته وري وارهه آياسين. ٻارهن تيرهن ورهين جي ڄمار ڪان وٺي 23 ورهين جي ڄمار تائين وارهه شهر جي گهٽين، پنين، رستن، ميدانن، اوطاقن وغيره ۾ سَرها سَرها ساهَ ڪنيا ۽ پيار پاٻوهه وندبيا ورڇيا.

● وارهه ڪان اولهه ڏکڻ ۾ خبر نه آهي ته ڪيتري فاصلي تي شاهه گودڙيو آهي. تن ڏينهن ڪاڇي ۾ اهو تمام وڏو ميلو هوندو هو. رڳو وارهه واري رستي سان ٿي سوين ڏاند گاڏيون ويندڀون هيون، جن تي عورتون، ٻار، ٻڍا توڙي جوان ويٺل هوندا هئا. لڳي ٿو شاهه گودڙيو، لهريجو چانڊيو، ميان وال تحريڪ لاءِ، ڪلهوڙن حاڪمن جو جاسوس ۽ جرنيل هو ته جيئن ڪين انهيءَ پاسي ڪان ڪنهن حملي آور جو ڪو انديشو نه رهي يا جيڪڏهن ڪا سازش ٿئي ته بروقت خبر پئجي وڃي. ميان وال تحريڪ، اصل ۾ مهدوي تحريڪ مان ڦُٽي نڪتي هئي، جنهن تحريڪ ڪان شاهه عنايت ڏار ٿيو هو. هتي ميان شاهل محمد ڪلهوڙو، ميان الياس ڪلهوڙو ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙو انهيءَ تحريڪ جا سرپرست هئا. شاهه گودڙيو، ميان يار محمد ڪلهوڙي جو خاص ماڻهو هو. انهيءَ سٽ ۾ شاهه پنجو ڪلهوڙو به اچي وڃي ٿو. شاهه گودڙيو به انهيءَ پاسي ڪلهوڙا لشڪر جو جرنيل هو، جئن شاهه بهارو هو.

شاهه گودڙيو ڏانهن ويندي، اڳ ۾ رستي تي پير آلو جي مزار آهي. شاهه گودڙئي ڏي ويندڙ ماڻهو، اڳ ۾ پير آلو جي مزار تي ويندا آهن. هيءُ ماڻهو ذات جو چانڊيو ۽ شاهه گودڙيو جو خاص ماڻهو هو. مان انهيءَ سموري عرصي ۾ ڪڏهن به شاهه گودڙئي تي نه ويو هوس. باقي پياءُ عبدالحميد هر سال ويندو رهندو هو. اهڙيءَ طرح گاجي شاهه به، ڪلهوڙن جو جرنيل ٿي گذريو آهي. الائي ڪيئن پير ڪري پوڄيا پيا وڃن!

وارهه ۾ چوماسي جا مينهن پيا هئا ۽ سخت طوفان گهليو هو جو پڪي پڪڻ، وڻن ۾ چيپاٽجي مري ويا هئا. نئن جو پاڻي وارهه ڏانهن اچي رهيو هو ته وارهه جا ماڻهو پنهنجي بچاءُ لاءِ نه ٿي نڪتا. تڏهن پوليس جي هيڊ ڪنسٽيبل سر بازار ماڻهن کي ڪچيون گاريون ڏيئي ٻاهر ڪڍيو هو. سنڌ ڌرتيءَ جو عام مسڪين، پرامن ماڻهو سدائين وڏيرن، آفيسرن ۽ پوليس جي داٻي ۾ رهيا آهن، پر تن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڦري ٿي ويا. اصل ۾ ڀراڙيءَ ۽ شهر ۾ مٽي مائٽي جا پنهنجا پنهنجا طور طريقا آهن. ڀراڙيءَ ۾ عيوض ورتو ويندو آهي پوءِ اهو ڇوڪريءَ جي صورت ۾ هجي يا ٽڪن جي صورت ۾، پر شهر ۾ وري ڇوڪريءَ کي ڪنهن چڱي گهر جي ڇوڪر جي تلاش ڪري مفت ۾ پرڻايو ويندو آهي. ڇوڪرو شڪل شباهت جو چڱو، روين جو چڱو ۽ گذر سفر وارو ڏنو ويندو آهي. اهو ئي چڱو عمل آهي. آخرڪار ڇهين جڳهه تي لاڙڪاڻي ۾ سنڌس شادي ڪرائي سون ۽ عيوض ۾ عُمراهه سان منهنجي شادي ٿي ۽ اها شادي 1960ع جي ڊسمبر ڏاري ٿي هئي.

مٿي ڪٿي ٻڌايو آيو آهيان ته اسان ٽي ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ هئاسين. سڀ کان وڏو ڀاءُ مولوي عبدالحميد مون کان ٻه ورهيه وڏو هو. پرائمري چار درجا پڙهي بس ڪيائين. مذهبي تعليم گڏ پڙهندا رهياسين پر مُلن شوق سان. ڳالهائڻ جو انداز شاندار هوس. غربت سبب شيعو ٿيو ۽ پنجتن جي دامن ورتائين ته معاشي مسئلا حل ٿي ويس. وڏن وڏن شيعن عالمن جي صحبت ۾ رهي انهيءَ مسلڪ تي پختو بيهجي ويو ۽ علم به چڱو ٿيس. مون سندس مجلسون ٻُڌيون هيون. اسٽيج تي ايندو هو ته خاموشي ڇانئجي ويندي هئي ۽ مجموعو سندس قبضي ۾ اچي ويندو هو. حيدري نعرن سان فضا گونجي اُٿندي هئي. سنڌ ۾ سندس جوڙ جو عالم ۽ مجلسي ڪونه هو. وهابيت جي اثر ڪري سنڌ ۾ ڪجهه مخالفت رهيس. عشره محرم، لاهور، ليّا، فيصل آباد، ڪوٽ اَدو ۽ پنجاب جي ٻين ڪيترن شهرن ۾ پڙهندو هو. ڏهن ڏينهن ۾ ڪيس ڏيڍ لک کن رپيا ڏيندا هئا. پنهنجي مائٽن ۾ ٻه ميجتا رکندو هو. ڪنهن کي ڪوبه ڪم چوندو هو ته انڪار نه ڪندا هئس. ٻني ٻارو به ورتائين. پنهنجي نندي پٽ عبدالغفور ۽ منهنجي پٽ اسلم کي پوليس ۾ اي. ايس. آءِ ڀرتي ڪرائي، هڪ طرف ڪين روزگار وٺي ڏنائين ته ٻئي طرف چانڊين جي شرارتن ۽ حرڪتن کان بچاءُ ڪرايائين. ڀاءُ ڪُڪڙن ويڙهائڻ، مينهون، ڏاند، ڳئون، گهوڙن ۽ ڪتن ڏارڻ جو شوقين رهيو. ميلن ملاڪڙن جو شوقين ۽ مذهبي بحث جو ڪوڏيو هو. دوستي ۽ مهمان نوازيءَ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هو. مون وانگر ئي روزن نمازن سان ڪا گهاٽي دوستي نه رهيس. نوابشاهه جي پرسان ڪار جي حادثي ۾ ٽنگون ڍاڪ کان، گوڏن کان ۽ ڳاٽهڙيون به ڀڃي پيس. ڊرائيور فوت ٿي ويو هو. پڇاڙيءَ ۾ ڪاٺ جي گهوڙين تي هلندو هو. ڪجهه وقت کان منهنجي ۽ سندس وچ ۾ اڻبڻت رهي ۽ ڪافي ورهين کان پوءِ ساٿس مختصر ڪچهري ٿيندي هئي. 27 جُون 2003ع تي شام جو ٻاهران ايندي، رستي ۾ دل فيل ٿيڻ سبب وفات ڪري ويو ته ڄڻ منهنجي وجود جي ذري، ذري کان جدا ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍو ڀاءُ عبدالرشيد مون کان چار سال ننڍو هو. وڏي ڀوڏ 1942ع ۾ ڄائو هو. پنج پرائمري پڙهي بس ڪيائين. مذهبي تعليم اسان وانگر ٿي پڙهندو رهيو. ڪجهه وقت پوليس ۾ سپاهي رهيو، بنگلاديش جي جنگ دوران نوڪري ان ڪري ڇڏي ڏنائين ته متان بارڊر تي موڪليو وڃي. يوناني طب جو ماهر هو. مستقل مزاجيءَ کان اسان سڀني وانگر عاري هو. سونَ ٺاهڻ جي شوق ۾ گمراهه دوستن جا لکين رپيا ساڙيائين. ڪاڻڻ پيئڻ جو سخت شوقين هو. گهڻ دوستيءَ وارو هو. ٻن مهينن ۾ 8 مڻ انب ۽ ٻه سؤ ديسي ڪڪڙ کاڌائين ته بيمار ٿي پيو ۽ جيري ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنس. ساري رات ويٺو هوندو هو ۽ سُمهي نه سگهندو هو. پويان هڪ گهر واري، ست پٽ، ٽي نياڻيون ڇڏي 4 جنوري 2000ع ۾ وفات ڪري ويو. اولاد مان ڪنهن کي ٻه نه پڙهايائين.

اسان جي ڀيڻ زبيده سڀني ڀائرن کان ننڍي هئي. منهنجيءَ شاديءَ جي عيوض ۾ سندس شادي لاڙڪاڻي ۾ مولوي نواب الدين چانڊيو جي ٽئين نمبر پٽ احمد مجتبيٰ سان ٿي. ٿوري ئي وقت ۾ وڏا شاهوڪار ٿي ويا. بيماري وڪوڙيس ته هميشه ڪراچي وٺي ويندو هوسانس. صدر ڪراچيءَ جي سلاطين هوٽل ۾ رهڻ ٿيندو هو. مون جڏهن سڀ کان پهريون ڪراچي ڏٺي ته ان جي رستن تي ٽريفڪ جي رش، وڏيون وڏيون عمارتون، انهن عمارتن ۾ بجليءَ تي لڳل لِفٽون، شهر ۾ اندر هلندڙ ٽرامون ۽ شهر جي گُونا گونيت ڏسي وائڙو ٿي ويو هوس. منهنجي تصور ۾ به ايڏو ۽ اهڙو شهر نه هو. هاڻي ته ٽي ويءَ تي سڄي دنيا جا وڏا وڏا شهر ڏسجن پيا، پر تڏهن اها سهولت ڪانه هئي، تنهنڪري واچون وڃي ڪنن جي پاپڙين سان لڳيون هيون. ڪراچيءَ جو شهر، ڪلفٽن، سامونڊي نظارو، منهنجي اندر ۾ پيهجي ويو هو. پوءِ ته ڪراچيءَ ايترو اچڻ وڃڻ ٿيو جو ڪراچي ڄڻ گهر ٻڌجي ويئي. ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏاڍو ڏکوئيندڙ حادثو پيش آيو هو. زبيده کي ڪينسر ٿيو هو، جنهن ڪري پويان هڪ پٽ طفيل احمد ۽ ٻه نياڻيون نسيم ۽ شبنم کان سواءِ پنهنجو مڙس ڇڏي 27 ڊسمبر 1982ع تي گذاري ويئي. تڏهن ٻه ڪراچيءَ ۾ هئاسين ۽ ڪيس واپس ڪار ذريعي آڻي رهيو هوس ته مانجهند ۽ سَنَ جي وچ تي هڪ هوٽل تان ماني کائيندي ڪار ۾ ئي گذاري ويئي هئي. ٽي چار گرهه کنيائين، ڀاڄيءَ جي فرمائش ڪيائين. اوچتو آخري گرهه سندس وات ۾ ئي رهجي ويو. تڏهن والده محترمه ٻه ساڻ هئي. اهڙيءَ طرح ڀيڻ جي وفات سان اسان جي خاندان ۾ ڪِتر شروع ٿي ويئي. جڏهن ته اسان جو خاندان وڌڻ ويجهڻ ٻه شروع ٿيو هو. ان کان پوءِ والد محترم اپريل 1984ع ۾ وفات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ويو ۽ والده محترمه ڊسمبر 1989ع ۾ اسان کان وڇڙي ويئي. انهن سمورن المين وقت اسين لاڙڪاڻي ۾ رهندا آيا آهيون.
وارهه شهر ۾ سينيٽري ڪاميٽي هوندي هئي. جنهن پاران روزانو نما شام جو مکيه هنڌن تي فانوس ٻاريا ويندا هئا. ڪاميٽيءَ جو ملازم شام جو فانوس صاف ڪري چمنيءَ ۾ گاسليٽ وجهي ان کي ٻاري ايندو هو ۽ اها چمني ڪافي دير تائين ٻرندي رهندي هئي. مسجد جي دروازي تي وڏو نم جو وڻ هوندو هو، جنهن ۾ فانوس لڳل هوندو هو. رات جو ان جي روشني ڪنهن حد تائين اونده سان مقابلو ڪندي هئي.
اسان جي غربت جي حد ڪافي پريشان ڪندڙ هئي. ڪاڏو مرچن جي چٽڻيءَ سان، شلوار بدران گوڏ وغيره، سڀ ڪجهه غربت جون مهربانيون هيون. جيڪڏهن استاد ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن ڪم سان موڪليندا هئا ته سائيڪل ڪنهن کان وٺي ڏيندا هئا ۽ جي پيرن ۾ بوٽ چنل ڦاٽل هوندو هو ته اهو به ڪنهن دوست کان وٺي وڃڻو پوندو هو. هڪ ڀيري والد محترم وٽ وينو هوس ته سندس تعلق وارو هڪ شخص آيو ۽ مونکي پاولي (25 پئسا) ڪڍي ڏنائين ته اندر ۾ جهڙ لڳي ويس. شهر جي اتر طرف ٽنين جي ڪوٺ ۾ ڪڪڙن جي ميل هئي. پنهنجي غريب دوست غلام قادر ماڇيءَ کي ساڻ ڪري، سائيڪل تي چڙهي، ڊڪڻ جي ٻاڙي کان پٺي گڏرياسين ته سامهون سارين جون ڀرتو گاڏيون پٺي آيون، مون ڪابي هٿ تي سائيڪل کي موڙيو ته پٽ جي وٽ ۾ مٿانهين هئڻ سبب پاڻ جهلي نه سگهيس ۽ اچي هڪ ڀرتو گاڏيءَ جي سامهون ڪرياسون. ڏاندن تاهه ڪاڏو. مان ته بچي ويس پر گاڏي غلام قادر جي ٻانهن ۽ سائيڪل تي چڙهي ويئي. غلام قادر جي ٻانهن ڏوري کان ٻچي پيئي ۽ سائيڪل جو اڳيون ڦيٿو چٻو ٿي ويو. مون کي غلام قادر جي ڪا ڳڻتي نه ٿي، پر سائيڪل جي ڪري پريشان ٿي ويس ته سائيڪل واري سان ڪيئن منهن ڏيو. نيٺ سائيڪل گهلي پرسان ٿي والد محترم جي عقيدت مند محمد سليمان ڊڪڻ وٽ ڪٺي آيس، جنهن محنت ڪري سائيڪل هلڻ جهڙي ڪري ڏني ته ماٺ ماٺ ۾ اچي دڪاندار وٽ سائيڪل بيهاري ڪرايو ڏيئي گهر راهي ٿيس. ٻئي ڏينهن تي انهيءَ مهاجر اها سائيڪل وڃي سنڀالي. غلام قادر به ڪافي لوڙيو هو.
محمد سليمان ڊڪڻ، ڊگهي ڪاري ڏاڙهيءَ سان نماز جو پابند، ڊڪانڪي ڪم جو سٺو ڪاريگر هو. اسان کي مفت ۾ ڪيٽ ناهي ڏنو هئائين. سائين رضا محمد جو سهرو هو. مون سڄي عمر سائيڪل پٺي هلائي آهي. سائيڪل جي ورزش جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري صحت رهي يا پيچاڙيءَ ۾ غدودن جي ڪينسر جو سبب به سائيڪل ئي رهي هجي. وارهه کان نصير آباد، وڳڻ، قمبر ته عام جام سائيڪل تي اچ وڃ ڪندو هوس. پر هڪ ڀيري وارهه کان صبح جو سوير 17 ڪلوميٽر وڳڻ، وڳڻ کان 11 ڪلوميٽر قمبر، قمبر کان اٽڪل 30 ڪلوميٽر شهداد ڪوٽ. شهداد ڪوٽ کان موٽي قمبر ۽ وري قمبر کان 20 ڪلوميٽر لاڙڪاڻو ۽ لاڙڪاڻي کان 42 ڪلوميٽر. هڪ ڏينهن ۾ سائيڪل تي چڙهي، سج لهڻ مهل وارهه ۾ واپس آيو هوس. وري هڪ ڀيري وارهه کان نصير آباد، نصير آباد کان باڍهه، باڍهه کان ڏوڪري، ڏوڪريءَ کان موهن جو دڙو ۽ موهن جي دڙي کان لاڙڪاڻي آيس. ان سفر ۾ مون سان به دوست پنهنجي پنهنجي سائيڪلن تي ساڻ هئا. رات ٿي وينئي ته رستي تي هڪ وڏي پٿر تي سائيڪل وڃي لڳي هئي ۽ مان ڪِري پيو هوس. مطلب ته سائيڪل ۽ مان جنم جنم جا دوست هئاسين. ڳوٺ کان ٻه ميهر گهانگهرو اسڪول ڏانهن سياري تونڊي اونهاري ۾ سائيڪل تي ئي ايندو ويندو هوس ۽ ان سان سنگت، ڪينسر جي بيماريءَ کان پوءِ نڀائي نه سگهيس.

وارهه ۾ هڪ مست رهندو هو. نوجوان قداور، رنگ جو ڪارو، ڪٿان ٻئي هنڌان آيو هو. ڪنهن سان ڪوڙنس نه ڪندو هو. سڄو ڏينهن لطيف سائين جا ٻه بيت جهونگاريندو رهندو هو. هڪ ته:

جيئَن سي ڪُوهيءَ نار، وَهَنِ واريءَ ڳاڏئان،
هينئڙو پريان ڏار، نبيريانسِ نه نبري.

انهيءَ بيت گذريل سال کان ۽ وري خاص ڪري، 2003ع جي آڪٽوبر کان مون تي وڏو اثر ڇڏيو آهي. منهنجون اکيون آهن. لطيف سائينءَ جي ڪُوهيءَ نار جيئن، جيڪي ماٺ ئي نه ٿيون ڪن.

اهو مَستُ ٻيو بيت هيءُ جهونگاريندو هو:

چاڪي وڃي ڇو، ٻيلي ٻيهين ٻين جو،
وٺ ڪَنجڪَ ڪريم جي، جَڳ جو والي جو.
سو ڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان، پنجتن سان ۽ مائيءَ سان.

ٻاسندو هو ته ڪنهن ڇُوڙين وارين جي ڪڙڪندڙ ڪاچ جي چوڙين ۽ نماڻن نيڻن جي چار ۾ قاتل هو.

وارهه شهر ۾ هڪ شخص ڪوڙو کهاوڙ. گاجي کهاوڙ ڳوٺ کان ايندو هو. گاجي کهاوڙ وارهه جي ڏکڻ ۽ آئن نَون ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هن ماڻهوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان گهبرائيندا هجن، تن ڏينهن ۾ سيوهڻ ڪان موري ڏانهن وڃڻ لاءِ لانچ ۾ چڙهيو هوس. لانچ اوپاري هلي رهي هئي. اجا ڪجهه ڪلوميٽر مسَ هلي ته، اوچتي لانچ جي انجڻ فيل ٿي ويئي. لانچ، سنڌوءَ جي تيز وهڪري سبب لهواري لُڙهڻ لڳي ته لانچ ۾ سوار ماڻهو ته پريشان ٿي وياسين، پر مُهاڻا به پريشان ٿي ويا. پرسان ڪا سِير به هئي، جنهن ڪري مهاڻن جي مَنَ ۾ ته پريشانين جا طوفان اُڀرڻ لڳا. اسان ڪي هر صورتحال لاءِ تيار رهڻ ڪان خبردار ڪيو ويو. مهاڻن محنت ڪري وَنجهن سان لانچ ڪي تيزيءَ سان لُڙهڻ ڪان روڪي ودو هو. مون ان ڪان اڳ اهڙو سفر ڪڏهن به نه ڪيو هو، تنهنڪري خوف ٿيڻ لڳو هو، خوف ۾ واڏارو ان ڪري به ٿيو هو جو بُراين جي دنيا ۾ بوڙ پاتل هئي ۽ هر حالت موري ۾ صحيح سلامت پهچڻو هو. نيٺ مهاڻن همت ۽ محنت ڪري لانچ جي انجڻ ٺاهي ورتي ۽ اڳي وانگر سفر تي روان دوان ٿي، ڪجهه وقت ڪان پوءِ دولتپور صفن وِٽ وڃي پرين پر نڪتاسين. دولتپور ڪان اتر طرف بس ذريعي موري پهتس. موري ۾ شيو ڪرائي، گهربل ماڻهوءَ وٽ پهتس، جنهن مون کي هڪ نئين ڪَنوات تي ڀيلهه ڪنيو. ڪنوات وِني ٽپا ڏنا ۽ هٽي چٽا وڃي زمين تي ڪِرياسين. مون کي به ڏڪ ته لڳو پر مالڪ جي چيلهه ۾ فرئڪچر ٿي پيو ۽ ماڻٽ ڪيس ڪٽ تي گهر ڏانهن کڻي ويا. مان ڏس پتي تي پُڇاڻون ڪندي وڃي منزل تي پهتو هوس. ڪيترن ڏينهن ڪان پوءِ وري موري م اچي ڏاند گاڏيءَ تي چڙهي لَليا پٽڻ تي پهچي، ٻيڙيءَ رستي درياءَ پار ڪري، اُت تي چڙهي اچي دادوءَ ڪان نڪتس. تڏهن دادو مورو پُل جو وجود نه هو. ويو ته اڪيلو هوس ۽ موٽ تي ٽي ماڻهو هئاسين، ٻيو منهنجو سؤٽ هو ۽ ٽيون ماڻهو عشق جي اکين ۾ ڏوڙ هو. رات قريشين جي اوطاق ۾ گذاري. صبح جو سويل لاڙڪاڻي ڏانهن ريل رستي اچڻ ٿيو هو.

شادي ته 1960ع جي ڊسمبر ڏاري ٿي هئي پر ان ڪان اڳ، سوني ڪٽوري ۾ پريل، تازي کير ۾ ترندڙ گلاب جي گل جهڙي وينگس سان چار اکيون ٿي ويون. ڏاڍي خوبصورت، قداور، گورو رنگ، هرڻ اکي هئي، اصل چڻ چانڊوڪيءَ رات ۾ آيل طوفان مونکي پنهنجي ڪچ ۾ کڻي ويو هو. ڏاڍو پيار ڏنو هئائين ۽ نيٺ خُوشبو ٻڌجي منهنجي روح ۾ لهي ويهي رهڻ جو سوچيائين چئي ڏنائين ته: "مونکي کڻي هل." لطيف سائينءَ جي انهيءَ بيت مطابق ته:

> ڪڏهن اِيئن هُياس، جو پُنهونءَ ڏوتَم ڪپڙا،
> هاڻي اِيئن ٿياس، جو جَتَ نه نِينَمِ پاڻ سين.

سندس اها ڳالهه مون لاءِ ايئن ٻڌجي ويئي جو چڻ ڪارونجهر کي کڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهندو هوس ۽ اها منهنجو مطلب سمجهي وٺندي هئي. ڪراچيءَ جي سلاطين هوٽل ۾ اسان جي ڪمري جي سامهون واري ڪمري ۾ اڪيلي رهيل هئي. اسان جي ڪمري ۾ ايندي رهي. هڪڙي ڏينهن جيئن ئي هيٺان ڪان مٿي ڪمري ڏانهن ويس ته پنهنجي ڪمري جي در وٽ بيٺي هئي ۽ مون کي ڏسي پنهنجي ڪمري ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيائين ته هليو ويو هوس. سندس ڪمري ۾ ڪرسيءَ تي ويهڻ لڳس ته چيائين: Please! be seated on bed. (بستري تي ويهه) مان بستري تي ويٺس ته پاڻ به اچي منهنجي پير ۾ ويٺي ۽ ايتري ويجهڙي ٿيندي ويئي جو سندس دل جا دڙڪا به ٻڌڻ لڳس. نيٺ مونکي سريلنڪا جو مُلڪ سامونڊي طوفان ۾ ٻُڏندي نظر آيو ته ڪجهه ڳوڙها ڳڙي پيا هئا. جن کي ڪابه ٻولي نه هئي!

● شاديءَ کان پوءِ شهداد ڪوٽ کان لڏي ڪجهه وقت پري جي مائٽن وٽ رهياسين. ڏاڍي غربت هئي، شهداد ڪوٽ ۾ ڪاپي ايسٽ لاءِ درخواست ڏني هيم پر جج صاحب پنهنجي پاٽيجي کي ڪاپي ايسٽ رکي ڇڏيو هو. ڏاڍي غربت جي خبر جڏهن سائين رضا محمد سومري کي پيئي ته چوائي موڪليائين ته: ”هيڏي آءُ ته ڪو بندوبست ڪجي. زندگي تحرڪ جو نالو آهي، وقت کي وِڃائي ڇڏڻ مُورکن جو ڪم آهي.“ ان کان پوءِ آخري پيرو وارهه لڏي وڃڻ ٿيو. وارهه ۾ فوري طور تي ته درزڪو ڪم ڪرڻ شروع ڪيم. تن ڏينهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پرڏيهي وزير هو ۽ ممتاز علي ڀٽي جي والد نواب نبي بخش ڀٽي سان والد محترم جو ديني تعلق هو، جو انهيءَ جي ڳوٺ ميرپور ڀٽو ۾ مدرسو هو، جنهن ۾ والد محترم جو استاد زادو مولوي عبدالغفار ڀٽي پڙهائيندو هو. ان کان اڳ ۾ خود والد محترم جو ـعُور سليمان وارو استاد، مولوي عبدالغفار جو والد مولوي عبدالڪريم به پڙهائيندو هو. نواب نبي بخش ڀٽو والد محترم کي جلسن ۾ تقرير لاءِ گهرائيندو هو. انهيءَ زماني ۾ هڪ به پيرا مان به والد محترم سان گڏجي ميرپور ويو هوس ۽ نواب صاحب مون کي سڃاڻندو هو. انهيءَ ڏيٺ جو فائدو وٺندي، وارهه کان لاڙڪاڻي ۽ لاڙڪاڻي کان بنگل ديرو وٽ وارهه جي پُل تي لَهي ٻه ٽي پيرا نواب صاحب وٽ ماستريءَ جي نوڪريءَ لاءِ ويو هوس. وارهه جي پُل کان ميرپور تائين پنڌ ڪندي پيرن ۾ پُرڪٽا پئجي ويا هئا. تن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس (ڊي آءِ ايس) عبدالرحمان اُنڙ هو، جنهن کي نواب صاحب منهنجي نوڪريءَ لاءِ چيو ته اُنڙ پڪو واعدو ڪيو هو. وزير خارجه جو وڏو، هڪ ننڍڙي نوڪريءَ لاءِ چوي، سو اُنڙ لاءِ ته جڻ خوشيءَ جي ڳالهه هئي. اٽڪل ٽي مهينا گذري ويا، نوڪري نه ملي، ته پيو به پنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيم ۽ نواب صاحب پنهنجو ماٿهو ساڻ ڏنو ۽ اُنڙ لاءِ تائيد ڪيائين. انڙ مونکي سمجهائيندي چيو تہ: نوڪريون جلدئي اچڻيون آهن، تنهنجو آرڊر ضرور ٿيندو. اطمينان ڪر! مان وري سمجهندو هوس تہ نوڪريون صاحبن جي ڪپٽن ۾ فائيلن وانگر پيون آهن، رڳو ڪڍي ڏيڻ ۾ ايتري دير ٿا ڪن. پر پوءِ اصلي ڳالهہ جي خبر پيم.

27 ڊسمبر 1961ع جو ڏينهن هو، جو سائين رضا محمد منهنجو آرڊر ڪٽي اچي نڪتو. ”ميرن جا گهر“ ڳوٺ ۾ نئون اسڪول کولي ڪم ڪرڻو هو. آرڊر تي ڏنم تہ 6 ڊسمبر 1961ع جو نڪتل هو. مون سائين سان صلاح ڪري 1961-12-07 تي ڊيوٽي رپورٽ جو ليٽر لکيو، جنهن ۾ ڄاڻايم تہ نئون اسڪول کولڻ لاءِ ڳوٺ جي نيڪ مردن سان ملي ڪجهہ بار گڏ ڪري ڪم شروع ڪري ڏنو آهي ۽ پوءِ اهائي تاريخ منهنجي مقرريءَ جي تاريخ ٿي ويئي. آرڊر سوير نڪرڻ ۽ دير پهچڻ بابت پوءِ خبر پئي هيم تہ ڊي آءِ ايس کي ڊائريڪٽر تعليم حيدرآباد کان حڪم ٿيو هو تہ مئٽريڪيوليٽ اميدوارن جا آرڊر ڪڍيا وڃن. تنهن تي اُنڙ صاحب فوري طور تي چيو تہ ڪجهہ آرڊر تہ فائينل جي بنياد تي نڪري چڪا آهن. آئيندي مئٽرڪ وارا ڪنيا ويندا، ۽ پوءِ رات جو ويهي اڳين تاريخ ۾ آرڊر ڪڍيا هئائين جن ۾ منهنجو آرڊر بہ هو. ڊسمبر جي سياري واري وئڪيشن يعني ناتال جي موڪل شروع ٿيل هئي، جيئن ئي اُها پوري ٿي تہ ”ميرن جا گهر“ ڳوٺ ۾ رهي ڳوٺاڻن سان ملي اسڪول کوليم ۽ ڪم شروع ڪيم.

”ميرن جا گهر“ ڳوٺ وارهہ تعلقي ۾ شهر جي اوڀر ۾ لعلو رائنڪ پرسان آهي. لعلو رائنڪ ۾ ”تارڪ نجفي“ مشهور شاعر جو اوتارو آهي. تارڪ نجفيءَ لاءِ، گهوٽڪيءَ جي اظهر گيلاني وٽ، وڏي عزت جو مقام هو ۽ تندرستيءَ ۾ اتي ايندو رهندو هو. ”ميرن جي گهر“ ڳوٺ پرسان، ڳوٺ موليڏنو ماڇي بہ هو، مان انهيءَ ڳوٺ جي هڪ مڪان ۾ رهندو هوس ۽ ماني ٽڪي اهائي پڻ جي، موليڏني ماڇيءَ جي گهران ايندي هئي. چنچر تي ڳوٺ ويندو هوس. هاڻي اهو افسوس ٿيندو آهي تہ سائيڪل تي روزانو ڇو نہ گهر ڏانهن ايندو ويندو هوس. مڪان ۾ فقرائي ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪافي ملنگ ڀنگ ۽ سُلفين تي اچي ڪَڙڪندا هئا، ڪاٺيندا پيئندا تہ پنهنجي مرضيءَ سان هئا، پر مون کان اجازت ضرور وٺندا هئا. اهڙيءَ طرح محترم سائين رضا محمد 16 فيبروري 1962ع تي وارهہ جي پرائمري اسڪول ۾ بدلي ڪرائي ۽ منهنجي جاءِ تي لعلو رائنڪ جو رهاڪو عبدالباري، ڳاجي کهاوڙ جي پاسي کان بدلي ٿي ڳوٺ جي پرسان آيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارهه شهر ۾ 1952ع جي آخر کان مارچ 1963ع تائين رهڻ ٿيو هو، پر ڪڏهن به چانڊيا قبيلي جي وڏيرن/ سردارن جي اصلي رهائش غيبي ديري نه ويس. ان جو سبب به وڏن ماڻهن جي جاڻ سُڃاڻ کان پري رهڻ هو. سنڌ ڌرتيءَ تي اهڙا ڪيترا علائقا آهن، جتي جي ووٽرن جا ووٽ بنا ڏيڻ جي ئي ڏجي ويندا آهن. جڻ ته ووٽر چاوا ئي نه آهن چانڊڪار جو پاسو به ڪجهه اهڙي صورتحال رکي ٿو. انهيءَ پاسي ۾ هڪ پيري رسول بخش پليجو به مار کائي آيو هو. تنهنڪري چانڊين جي سردار، ان جي علائقي ۽ پير صاحب کان اصلي وَنءِ ويندو آهي. ڪنهن ٻئي اميدوار جا ايجنٽ اٿئن ئي مار کائي موٽي ويندا آهن. هن پرڳڻي کي چانڊڪو به شايد چانڊين جي اڪثريت ڪري سڏيو ويندو آهي ۽ لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج به انهيءَ حوالي سان سڏيو وڃي ٿو. پر منهنجي دوست سرمد چانڊيي جو ان راءِ سان اختلاف آهي ته ڪو چانڊين جي ڪري هن علائقي کي چانڊڪو سڏيو ويندو آهي، چوي ٿو ته سنڌوندي تڏهن اتان ئي اُبتن چنڊن جي ميلاپ جي صورت ۾ وهندي هئي، تنهنڪري ان کي چانڊڪو سڏجي ٿو، اصل ۾ چانڊين اهو علائقو ماڇين سان جنگ ڪري کَسيو هو. جنگ ۾ جيتوڻيڪ چانڊين کي شڪست پئي آئي چو ته چانڊين وٽ ويڙهه لاءِ تراريون هيون ۽ ماڇين وٽ ڏَڪا. ڏڪا اَٿ ڏهه فوٽ ڊگها هئا. تنهنڪري ترار واري کي پري کان ئي ليٽايو پئي ويو پر پوءِ چانڊين، رِندن جي سردار کي مدد لاءِ چيو. رِندن، ماڇين تي هڪڙي طرف کان حملو ڪيو ۽ چانڊين ٻئي طرف کان ته ماڇين کي شڪست آئي ۽ ڏِڪجي پري هليا ويا ۽ چانڊين سندن زمينن تي قبضو ڪري ورتو. ان کان پوءِ چانڊڪو ٻُڌڻ ۾ آيو.

انهن ڏينهن ۾ وارهه توڙي آسپاس ۾ شيرل باداهي جي شاعري عام جام ڳائي ۽ ڇاپي ويندي هئي، ڪيئي ننڍيون ننڍيون چوپڙيون مون وٽ به هونديون هيس. بادهه، وارهه کان اوير ۾ اٽڪل 26 ڪلوميٽرن تي آهي. لاڙڪاڻي کان دادو ۽ ڪوٽڙي ريلوي لائين تي شهر آهي. سندس شاعراڻو نالو "بيوس" هو، تنهنڪري بيوس باداهي سڏبو هو. ڏاڍو درديلو شاعر هو. منهنجي ڏِوَ ۾ ته هو پر مون نه ڏٺو هو. اهڙيءَ طرح صيدل فقير به شاعري ڪندو هو پر مختصر. صيدل بس ڊرائيور هو. منهنجي ننڍپڻ ۾، پنجاهه پنجونجاهه ورهين جو ٿئي ها. اهڙيءَ طرح دادن راڏڻ ۾ رهندو هو ۽ ڏاڍو سٺو شاعر هو. مشاعرن يا ڪنهن فنڪشن تي وارهه ۾ ايندو هو. پڇاڙيءَ ۾ ٽي بيءَ جو مريض ٿي پيو هو. راڏڻ ۾ بيماري وڪوڙي وئي هُنس ته پڇڻ ويو هومانسِ. پوءِ سُتت ئي گذاري ويو. سندس پياري شاگرد سلطان سندس گذاري وڃڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُريتِ به آبو شابو ڪندي هئي. فقير سان گڏجي سائِي گهوٽائيندي هئي ۽ گڏجي پيئندي هئي. فقير کان سواءِ نه مائي وجود رکندي هئي نه ئي مائي صاحبه کان سواءِ فقير دادن ئي وجود رکندو هو.

مون ڪجھ ڪهاڻيون به لکيون آهن. شهداد ڪوٽ واري مختصر عرصي ۾ ”خوني ڪير“، ”انصافي ساهمي“، اَڇو ڪاتُ ڪارو ڪنڌ“ ۽ ”جاڙيون قبرون“ لکيون هيم. جن مان پهريون ٽي ته ڇپيون هيون پر ”جاڙيون قبرون“ مهراڻ رسالي جي تڏهن جي ايڊيٽر محترم امداد حسينيءَ پاليسيءَ جي ڳالھ ڪوليندي نه ڇاپي هئي. پانيان ٿو ويھ پاويھ ڪهاڻيون لکيم. جن مان گهڻيون هڪڙي دوست کي ڏيئي ڇڏيم. ان کان پوءِ وري ”سيبتو ٻار“ ۽ ”ياڳيري“ به ڪهاڻيون لکيم. ان کان سواءِ ”سُونهن“ لکيم. هڪ ڀيري محترم امداد حسيني لکيو هو ته: شاعري ۽ ڪهاڻيون هڪ ئي وقت لکڻ سان انصاف نه ڪري سگهندين! سندس راءِ جو احترام ڪندي ڪهاڻي لکڻ ڇڏيم، پر وري ڪجھ ڪهاڻيون لکيم. شاعري ڪندو رهيو آهيان. اها سنگت کان سواءِ، سچل ادبي مرڪز، بزم سچل يا بزم بينظير وغيره جي مشاعرن ۾ ويندو هوس ته ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. ڪين آخر ۾ چوندو هوس ته مونکي پنهنجي شاعري بنھ نه وڻندي اهي ۽ شاعري ڪرڻ جو مُوڊ مرڻ لڳندو آهي، ته توهان جي شاعري ٻُڌي چوندو آهيان، جڏهن هي ماڻهو شاعري ڪن ٿا ته پوءِ مان ڇو نه ڪريان. ان کان سواءِ ڪين مذاق طور چوندو هوس ته توهان وٽ شاعريءَ کان پوءِ لائيٽ ريفريشمينٽ ٿئي ٿي، اهو به مزو وڃائڻو نه آهي. پر حقيقت ۾ انهن مشاعرن ۾ ان لاءِ ويندو هوس ته جيئن بلڪل نويل چوڪرڙا، پنڪي انهن جي ڪچهريءَ جو شڪار نه ٿي وڃن ۽ ڪين سنڌي ادبي سنگت ڏانهن آڻيان يا گهٽ ۾ گهٽ سندن ذهن، ترقي پسنديءَ جي لاڙي سان پريان.

وارھ ۾ هڪ فقير قداور، ڪاري ڏاڙهي، ڀيڪيدار آواز، يڪتارو هٿ ۾ ڪٺي هارين جي حقداريءَ وارا گيت، نظم ڳائيندو رهندو هو ۽ اهو هو جانڻ چَن فقير. هُونئن ته سندس ڳوٺ ٽرڙي حاجران هو. پر ڪجھ وقت ڪندي، ڳوٺ پرسان سَروهين ۾ رهندو هو ۽ پنهنجي توڙي وڏيرن جي ڪُتن جي لوڏِ سنڀالي، سُوئرن جي شڪار جي شوق ۾ گم رهندو هو. جڏهن ساڄاھ ٿيس يا وڏيرن ڪا زيادتي ڪيس ته اصلي دشمن ٿي بيٺس. جوانيءَ ۾ ڏنم ته هاري تحريڪ ۾ شامل ٿي، فقط ئي فقط هارين جي حق ۾ وڏي آواز سان يڪتاري ۽ چپڙين تي پنهنجا ڪلام ڳائيندو هو. ڪنهن به ماڻهوءَ کي جڏهن ڪٿي به ڪا تمنا حاصل نه ٿي ٿئي، تڏهن فراريت حاصل ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو. مايُوسين جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندڙ. جانڻ چَنُ بہ اوچتو ئي اوچتو، دنيا سان اڳيان لاڳاپا ٽوڙي، نئين سِر جيئڻ لاءِ جتَن ڪرڻ لڳو.

ڏاڙهي، مٿو، مُڇون، ڀِرون ڪُوڙائي، نِرڙ تي تلڪُ لڳائي، پيرُ اُگهاڙا ڪري، ڏوتي ٻڌي، ڳچيءَ ۾ وڏا ڇڙا (ڏِنبر) ۽ پادر پائي، راڳ ڪرڻ شروع ڪيائين. ماڻهو تہ هونئن بہ متوجهہ ٿيندا هئس، پر هاڻي وري انهن کي متوجهہ ڪرڻ جو نئون ڍنگ رنگ شروع ڪيائين. ڪيترائي پوئلڳ ٿي ويس. سرائڪي ۾ هڪ شعر آهي تہ:

نماز پڙهڻ کم زنانا، روزا صرفا روٽي،
مڪي مديني اُهي ويسن، جيڪي کم دي هوون توٽي،
ول ول ڪلما اُهي پڙهسن، هو وي نيت جنهان دي کوٽي.

وانگر ذات واندا ماڻهو ڪِ لڳي پيس. نئين طالب يا مريد سان نئون طريقو استعمال ٿيندو هو. سيڪان اڳ ۾ ڏاڙهي، مڇون، ڀرون، مٿو، ڪُوڙائي، مُنهن تي ٽَنو مَهٽي ڇڏيندس پوءِ جانڻ پاڻ انهيءَ طالب جي پيرن تي ڪري، سندس پير چمڻ لڳندو هو ۽ طالب وري مرشد جانڻ جا پير چمڻ لڳندو هو. ڪيترو وقت اينئن هڪ ٻئي جي پيرن تي ڪِريا پيا هوندا هئا. اهڙيءَ طرح مريد پَڪو ٿيو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڇڙا ۽ پادر وجهي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي، پير اُگهاڙا ڪري وتندا گداءِ ڪندا. جيڪي گداءِ ٿيندو تہ وجي مرشد وٽ حاضر ڪندا.

جانڻ چن زندگيءَ ۾ ٻئي پير تي ويو هو. هڪ پيري، ٻير وارو بزرگ ڪيس سمجهائڻ آيو. جڏهن نصيحت ڪري ڌنگ ڪيائين تہ جانڻ چن چيو تہ اوهان نصيحت پوري ڪئي، هاڻي ننگر پاڻي حاضر آهي. جڏهن ٻير وارن ماني نہ کاڌي تہ پوءِ جانڻ چن چيو: اوهان پنهنجو فرض پورو ڪيو، هاڻي توهان وجي سگهو ٿا.

"اڙي مُلان تمهارا ڪيا، مين جاڻون تي ميرا الله جاڻي."

فقير جي مزار "موندر لاڪا" ڳوٺ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ نصير آباد کان وارهہ ڏانهن ويندڙ روڊ تي واقع آهي. سندس وفات واري ڏينهن ميلو لڳندو آهي. مان ڪڏهن نہ ويو آهيان. سندس پٽ نصيب علي گادي نشين هو. پر هن آتر ڪٽا لکندي، ڪيس پنهنجي ويجهي نوجوان قتل ڪري ڇڏيو. نصيب عليءَ جي جاءِ تي هڪ معصوم اٽڪل 8 ورهين جي ٻارڙي کي گاديءَ تي ويهاريو ويو آهي. انهيءَ ميڙ يا عمل ۾ لاڙڪاڻي جو ناظر خورشيد احمد جوڻيجو بہ حاضر رهيو هو. ڇو تہ سياسي ماڻهوءَ جي تمنا تہ ووٽ وٺڻ آهي، تنهنڪري اتي وڃڻ هن لاءِ سياسي طور تي ضروري بڻجي ويو هو.

ويجهڙائيءَ ۾ اسان جو هڪڙو ڪاهوڙي دوست بہ سياست ۾ قلابازيون ڪائيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاٿيندي، مايوس ٿي وڃي نصيب علي جو مريد ٿيو ۽ ساڳي ڪار ٿيس. ويچاري شبير سولنگيءَ جو سياسي جَهانُ به شايد زلزلي جو شڪار ٿي ويو. اصل ۾ جيڪو ماڻهو فوري طور تي پنهنجي معاشي حالت سٺي بنائڻ لاءِ سياست ڪندو ته ان سان اهائي ڪار ٿيندي، يعني ڏاڙهي، مٿو، مڇون، پرُون چٽ، ته مُنهن تي تَتو مَليل. حقيقت ۾ ماڻهوءَ کي نظرياتي بنجي سموري انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪرڻ گهرجي ته ان کي مانُ ملندو، باقي پئسي جي ڪڍ لڳڻ پنيان ته جيل ۾، يا ڦاهيءَ تي، يا مُنهن ڪارو، اَوَسِ ٿيڻو آهي. جيڪا ڳالهه مغز ۾ ويهي.

وارهه شهر ۾ حال سارو شاعري ڪندو رهندو هوس پر جيئن ته فارسي ۽ عربيءَ جو شاگرد رهيو هوس ۽ دؤر به فارسي ۽ عربي زده شاعريءَ جو هو، تنهنڪري منهنجي پڳي، تتي ۽ گهڙي ٽٽي شاعري به اهڙي ئي هئي. تن ڏينهن ۾ شاعراڻو نالو مجبور واراهي يا مجبور مجن هو. عام طور تي نظم جو شاعر رهيو آهيان ۽ مخمس توڙي مسدس نظم لکيا آهن. غزل لاءِ شعوري سفر ڪيم ته سهي، پر ان ۾ ڪا ايڏي ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي. هونئن به سنڌ جو خمير عروضي شاعريءَ جو رهيو ئي ناهي، تنهنڪري غزل جي دنيا ۾ تمام ٿورا شاعر پاڻ موکي سگهيا آهن. پنهنجي دؤر جي حوالي سان طرزن توڙي طرحن تي حال سارُو لکندو رهيس. مثال:

1952ع ۾ لکيم:

نگاهه - شوخ لُٽي چين بيقرار ڪيو،
فراق - يار محبّت ۾ اشڪبار ڪيو.

اڳي ته آءُ هُيس نيڪ ڪجهه ضمير پرست،
صنم جي درد - جدائي آ، بي وقار ڪيو.

اهڙيءَ طرح 1953ع ۾ لکيم:

وفا عاشقن جان نثارن کان پُڇ
جَفا جو وڃي حسن وارن کان پڇ

سڄو روح منهنجو ڪُچلجي وَيو
پرين! تيز ابرن جي ڌارن کان پڇ

پنهنجي حسن جو توکي ڪهڙو قدر
قدر ان جو مجبور پارن کان پُڇ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر ماڻهو هر شعبي ۾ آهستي آهستي اڳتي وڌي ٿو. خود انساني وجود به الائي ڪيترن ۽ ڪهڙن ارتقائي مرحلن مان گذريو آهي ۽ گذرندو رهندو. تهڙيءَ طرح مون به پنهنجي جهڙي تهڙي سوچ سان لوچ جو سفر، ارتقائي بنيادن تي طئي ڪيو آهي ۽ 1954ع ۾ لکيم:

ناهي طبيبن کي خبر عشق جو چاهي علاج
آيو آهي در اوهان جي بزم جو بيمار اڄ

واعدا وفائن جا ڪري، هاڻي رهين چو ٿو پري
چو وساريو يار تو پنهنجو ڪيل اقرار اڄ.

1955ع ۾ لکيم:

نه ڪن ٿا دهل جنن دانهون، ٿين ڏک ۾ گذارا ٿا
اها آ رمزَ رندن جي پروڙن راز وارا ٿا
اهو انسان ڪيئن چنجي، رهي جيڪو سدا بي غم.

1956ع ۾ دادوءَ کان آيل طرح تي اجهو هيئن لکيم:

"نه ڪا اقرار جي خواهش، نه ڪو انڪار سان مطلب."
نه آهي گهرجَ مرهم جي، نه ڪو آزار سان مطلب

رهي شوق - وصال يار، جو مونکي اندر ۾ ٿو
نه ڪا حُور و پري گهرجي، نه ڪنهن گلزار سان مطلب

رڳو مجبور ڪي آهي، ضرورت يار پنهنجي جي
نه آهي گهرج جنت جي نه ڪو جنسار سان مطلب.

1957ع ۾ ڪجهه هيئن لکيم:

ڪڏهن اميد ٿئي پوري! حسن پرور اڳڻ ايندو
نوازش جي نظرداري، ملڻ مون سان سڄڻ ايندو

پري، ڏوري ڪري، آئت، دُکيءَ دل کي ڏيڻ ايندو
ٿيا اغيار جي تن وٽ، پلا ماتم ڪڏهن ٿيندو

1960ع ۾ لکيم:

اداس دل ڪئي، غم هجر آ. سڙي ٿو سينو بسوز فرقت
رهيو نه عيش و نشاط عشرت. نه ڪا تراوت نه ڪائي فرحت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طبيب حاذق، طبع شناسي ڪري چون ٿا ته دوا نه ٿيندي
جگر کي زخمي ڪيو آ تير - نظر، ٿو ڏسجي مريض الفت

اهڙيءَ طرح:

آهِ حاصل ٿي ويو لطف - حيات - جاودان
چو ته بوسو آ ملي ويو رُوئي - گل رُخسار کان

نظر - شفقت جو صنم ڪئي، عاشق - بيتاب تي
ڏورَ مُنهن مان ٿي چٽي پئي حاسد و اغيار کان

اهڙيءَ طرح:

ناھِ زيبا وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون
همَنشينو! عشق جي اسرار جون ڳالهيون ڪريون

جا ڪري مجروح دل، سيني، جگر ۽ جان کي
خنجر - آبروئي جي تنهن ڌارَ جون ڳالهيون ڪريون

نُرخ آ ديدار - جانان جو گهٽو ٿي وِيو گران
برھ جي بازار ۾ نادار جون ڳالهيون ڪريون

زندگيءَ جي ذوق ۾ گم ٿي ڏسون مجبور اڄ
ڪنهن پَري پيڪر کان مِلندڙ پيار جون ڳالهيون ڪريون

اهڙيءَ طرح، طرز تي ڪجهه هن طرح لکيو هو:

ڏي سَنيهو سجڻ کي صبا - سار منهنجي لهج دلربا
بي رخي ڪر نه تون اي مٺا!

حال هيٺو اٿم، تون نه دم دير ڪر - وڃ ڏسي، اڄ پرين قرب جو پير پَر
ڪين توبن سَري - دل وٺي آ جهري، جاڙ ويندس مري
چو اجا تون رهين ٿو خفا

اهڙيءَ طرح محفل - ادب باڊھ طرفان 30 سيپٽمبر 1961ع تي طرح شايع ٿي.
شايد اها طرح غلام رسول راز باڊاهي جي هئي. غلام رسول راز باڊاهي ڏاڍو پلوڙ ۽
فنڪار شاعر آهي. ادائيگي ته ڏاڍي سُٺي اٿس. طرح هئي:

خاموش نگاهن جو اي صنم انداز - بيان سمجهي نه سگهيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون ملئين، دل به ملي، دل کي آ قرار مليو
غم ويو، درد ويو، تنهنجو جڏهن پيار مليو

1961ع ۾ مخمس ۾:

رُسي ويو يار سياري ۾ ڏسي رهجي ته ڇا ٿو ٿئي
اڪيلو ٽيس اوتاري ۾، ڏسي رهجي ته ڇا ٿو ٿئي

رُسڻ دلبر جو سياري ۾، لڳڻ ڪا پار جو آ ڏڪ
انهيءَ ڏڪ کان ته بهتر سؤ دفعا تلوار جو آ ڏَڪُ

گهٽو بندوق کان بُڇڙو فراق يار جو آ ڏڪ
اڳيون تڪرار جو آ ڏڪ ۽ پويون پيار جو آ ڏَڪُ
نه آسَتُ بدن ساري ۾، ڏِسي رهجي ته ڇا ٿو ٿئي.

ٻين شهرن وانگر، وارهه جو شهر به هاڻي ڪافي وڏي ويڇهي ويو آهي. ماڻهن جي گهڻائيءَ سبب ڇڻ ته بازار سوڙهي ٿي ويئي اٿس. جيئن ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي بي امني، بُک، بيروزگاري اچي سوڙهو ڪيو آهي، تيئن انهن به لڏي اچي شهرن کي سوڙهو ڪيو آهي ۽ شايد جڏهن سوڙهه گهٽي وڏي ويندي، تڏهن ڳوٺن توڙي شهرن جا سينا ڦاٽي پوندا ۽ پَڪَ سان ڪوبه محفوظ نه رهندو ۽ اهڙي ئي صورتحال ته هاڻي ئي شروع ٿي ويئي آهي، جو ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ نه آهن. رستا روڊ ته اڳي ئي هڪ نهيل نُڪيل سازش هيٺ غير محفوظ ٿي چُڪا آهن. وڏا ته نهيو، ننڍڙا ٻار به اغوا ٿي قتل پيا ٿين ۽ سرڪار نَڪُ ٻوڙي، مُنهن جي پَڪائي ڪيون، امن امان جا اشتهار هٽي رهي آهي ته امن امان جي صورتحال بهتر آهي.

هي مُنهن ڏيئي ٻَنِ، تون وِهُه ڪائي نه مَرين
تان جي مَلِيرَ ڇائيون، توسين سَڱُ نه ڪن
تون ڪِنِن منجهان تَنِ، پاڻُ ڪوٺائين مارئي

ماڻهو ڏينهن ڏٺي ٻرين بازارين ۾ گولين جو ٻَکُ ٻڌجي رهيا آهن. مسجدن توڙي امام بارگاهن ۾ اجتماعي قتل ٿي رهيا آهن. تارگيٽ ڪلنگس ڏار آهن، ته به نه جوٽي سرڪار جي ڪَنَ تي جُونءِ چري! منهنجي خيال ۾ ته اهڙيون حرڪتون خود اسٽيٽ ڪرائي رهي آهي ته جيئن ماڻهو پنهنجي پريشانين ۾ ههجن ۽ حڪومت جي حَرامپاڻين ڏي توجهه ڏيئي نه سگهن. پوءِ حڪومت کي جيئن وڻي تيئن ڪندي وتي. سنڌ ۾ ته خاص ڪري نِيم فوجي ۽ رينجرز کي سنڌ جي خزاني مان ڪارائي پياري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چؤماسي جيئن وسي پيون هيون، هڪ تڏهن رنو هوس 'يترو عُمراهه لاءِ پيو وري 2002ع جي 31 آگسٽ تي شام 35-8 وڳي هميشه لاءِ آليون اکيون ڏيئي ڇڏيائين. باقي نه ته سڄي عمر ٿهڪ ورچيندي رهي ۽ ڪڏهن ڇهڪَ به.

نئين نوڪري ملي هيم، تڏهن پگهار چاليهه رپيا هئي ۽ پهريون ئي چار پگهارون گڏجي مليون هيون، جيڪي نندي ڀاءُ عبدالرشيد جي شاديءَ لاءِ والد محترم جي حوالي ڪيون هُيَم.

منهنجو ڪٽنب مختصر هو، تنهنڪري پگهار مان پُورت پئجي ويندي هئي. اجا به بچت ڪندو، گهر واريءَ کي سونا زيور ٺهرائي ڏيندو هوس، تڏهن سون جو تولو 148 رپين ۾ ملندو هو. منهنجي گهر واري ڏاڍي شاندار عورت هئي. اڻ پڙهيل هوندي به نهايت سليقي واري هئي. ڪفايت شعاري ڪري ڄاڻندي هئي. پاڻ به سلائي وغيره ڪندي هئي. زِگ زئگ جي مشين ٽوٽي سلائي جي مشين وٺي ڏني مانسِ ته پنهنجي لاءِ مون کان ڪا رقم نه گهريائين، اجا منهنجي مدد ڪندي هئي. عزيزن مائٽن، پاڙيسرين سان سندس روبو شاندار رهيو. سچ ته جيتري شاندار ۽ محبت ڪندڙ عورت هئي، ايتري خدمت ڪري نه سگهيو هومانسِ. سندس احوال اڳتي آندو ويندو.

سائين رضا محمد جو ويجهو عزيز ماستر مختيار احمد ۽ هڪ ٻيو دوست شائق تن ڏينهن ۾ ڪنهن شڪايت جي بنياد تي وارهه جي اسڪول مان بدلي ڪيا ويا هئا. مختيار احمد کي قمبر علي خان ۾ ته شائق کي ''پکو'' ۾. جيئن ته منهنجو ڪٽنب ته اڳ ۾ ئي ڳوٺ ڏانهن هليو ويو هو. فقط نوڪريءَ جي سانگي مان ئي رهيل هوس. سو سائين محترم کي چيم ته مان، مختيار احمد سومري جي جاءِ تي وڃڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪڏهن اوهان مختيار احمد کي وارهه ۾ بدلي ڪرائي اچو. سائين انهيءَ تي آماده ٿيو. هونئن به مون لاءِ جتي ڪٿي رهڻ مسئلو نه هو. شڪايتي ماڻهوءَ کي راضي ڪيو ويو، تنهن کان پوءِ منهنجي بدلي 10 جنوري 1963ع تي علي خان جي اسڪول ۾ ٿي. هن اسڪول جو هيڊ ماستر حسام الدين هڪڙو چڱو ماڻهو هو. سندس ٻيو ڀاءُ امام الدين به ساڳئي اسڪول ۾ ماستر هو. سراسري طور تي ماڻهو چڱا هئا. اصل ۾ چَوڻي آهي ته: پاڻ چڱو ته جڳ چڱو. مان پنهنجي وس آهر سڄي حياتي جتي ڪٿي، جڏهن تڏهن، ڪوشش ڪندي سنئو هليو آهيان. ڪنهن نه ڪنهن کي شڪايتون ٿي سگهن ٿيون، نيٺ ته ماڻهو آهيان ۽ ماڻهوءَ لاءِ عربيءَ ۾ چوڻي آهي ته: اَلاِنسَانُ مُرڪَبُ مِنَ الخطا وَالنسيانِ: ماڻهو خطا ۽ ويساري مان جڙيل آهي.

● علي خان جي اسڪول ۾ رهندي، محترم ڀاءُ مولوي عبدالحميد جي دوست،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيري محمد عابد پرڙي قمبر واري جي بنگلي تي رهڻ لڳس. مون کي الڳ ڪمرو مليل هو. ماني وغيره رڌي پڪي، وڏيري جي گهران اچڻ لڳي ته اندر ۾ مون لاءِ وري لُچ پُچ شروع ٿي ويئي. جنهن تي محمد عابد کي چيم ته: مون سچي عمر مُفت خوري ڪئي آهي ۽ پن جون ٽِڪيون ڪاڏيون آهن. تو وٽ به ماني کائڻ منهنجي مجبوري آهي، تنهنڪري منهنجي مدد ڪر. اها ته پنهنجا پرائمري وارا ٻارڙا، مون کي اسڪول ٽائيم کان پوءِ ڏي ته ڪين پڙهايان. ايئن ڪرڻ سان تنهنجا ٻارڙا به هوشيار ٿي پوندا ۽ منهنجو ضمير به بچي پوندو. جيڪڏهن آهي ته ڪنهن حد تائين فضيلت وارو ٿي مطمئن ٿي پوندو. ان کان پوءِ محمد عابد پنهنجو پرائمري وارو هڪ پُٽ منهنجي حوالي ڪيو هو. جنهن کي شام جو ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ ويهي پڙهائيندو هوس. هونئن به قمبر ۾ جڻ ته اوپرو اوپرو هوس. ڪنهن سان ياري باشي ته هئي ڪانه، جو ٻي طرح وقت گذاري يا چوياري ٿئي. ان جي پڙهائڻ کان پوءِ قمبر - لاڙڪاڻي روڊ سان اڪيلو اڪيلو جهونگاريندو نڪري پوندو هوس ۽ ريلوي ڦاٽڪ تائين هليو ويندو هوس. اتي ڪجهه وقت ويهي مُنهن انڌاري جو واپسي ڪري بنگلي تي ايندو هوس، اها ڪميٽي اُداسائي، اندر سان لاڳو ٿي ويئي هئي. هونئن به شاعر، ته اُداسي، ڏک ۽ ويچارُ. لطيف سائين فرمايو آهي ته:

سَنجريس ٿان سُور، ساماٽي ٿان سُک وِيا
اهي ٻئي پُور، مون نماڻيءَ نصيب ٿيا

وڏيرو محمد عابد، وڏيرو سڌو هو، مونکي خبر نه آهي ته ڪيس ڪيتري زمين وغيره هئي ۽ انهيءَ ڳالهه سان منهنجو ڪهڙو ڪم! پاڻ رنگ جو ڳاڙهو، سَنهو ڪلين شيو هو. چرس جام پيئندو به هو هلائيندو به هو. سندس بنگلي ۾ چرسين جو ميڙو مَ.ل هوندو هو. سندس ماني پاڇي شاندار، اميراڻي هوندي هئي. تڏهن ته چوندو هو ته: انهيءَ ڪاڏي جي ڪري چرس پيئڻ سان صحت تي ڪو به خراب اثر نه ٿو پوي. اها سندس راءِ هئي. ٿي سگهي ٿو ته سندس موت جو سبب به اهوئي چرس ۽ ان جا خطرناڪ اثر ٿيا هجن. چرس پي جڏهن ڳالهائيندو ته سچ پچ ڏاڍو ڏاهو، چاٺو ۽ معتبر ماڻهو لڳندو هو. اڻ پڙهيل چَرسي ته حيرت جي جهانَ ۾ پهتجي ويندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن مونکي به عجب لڳندو هو ته نيٽ ايتري شاندار انداز سان وزناٽيون ڳالهيون ڪيئن پيو ڪري! سندس چرس پيئڻ جو انداز به نرالو هو. چرس جا سُوٽا ايڏي زور سان هڻندو هو، جو سندس مُنهن ڳاڙهو ڳٽول ٿي ويندو هو. مون کي چيائين: توهان مانواري گهر جا فرد آهيو، تنهنڪري توهان جي ڪمري ڏي ڪير نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندو ۽ ڪوبہ نہ ايندو هو، سواءِ ماني ڏيڻ واري جي. البت سندس شاندار گفتگو ٻڌڻ لاءِ مان ڪڏهن ڪڏهن سندس اوتاري ۾ ويندو هوس. جيڪو سندس بنگلي جي ڏکڻ ۾ لڳو لڳ ٺهيل هو. قمبر ۾ اچڻ کان پوءِ تہ اداسائي ۾ واڌارو ٿيو هو. جو تہ وارهہ ۾ تہ ڪيترا ورهيہ گذاريا هئا ۽ تمام گهڻا دوست هئا، پر هتي الٽو چرخو هو. هُونئن بہ اداسائي سان منهنجي پُراڻي دوستي رهي آهي. ڳوٺ ڏانهن بدلي ڪرائڻ جي ڪوشش شروع ڪيم. رتيديري تعلقي ۾ تعليمي سُپروائيزر، جنهن کي تڏهن بيٽ آفيسر چوندا هئا، آغا داد محمد هو، جيڪو آغا تاج محمد جو ننڍو ڀاءُ هو. ڀاءُ مولوي عبدالحميد، لاڙڪاڻي ۾ P.T.C اسڪول جي مسٽر رحم علي جعفريءَ کي چيو، منهنجي بدليءَ لاءِ. جنهن آغا داد محمد کي چيو. اهو سڀ ڪجهہ مذهبي بنيادن تي ٿي رهيو هو. ڀاءُ بہ شيعو هو، آغا داد محمد بہ، تہ وري رحم علي جعفري بہ شيعو هو. اهڙيءَ طرح نيٺ 20 مارچ 1963ع تي ميهر گهانگهري اسڪول، تعلقي رتيديري ۾ بدلي ٿي. مان علي خان جي اسڪول ۾ بہ مهينا ۽ نَوَ ڏينهن رهيس. جنهن اسڪول ۾ بدلي ٿي، اهو اسڪول لاڙڪاڻي ضلعي جو آخري اسڪول هو ۽ روڊ تي هو، تنهنڪري ڳوٺ اچڻ وڃڻ جي بہ سهولت سامهون هئي. قمبر ۾ بيٽ آفيسر شاعر نظام الدين گوپانگ هو. جنهن سان بہ شاعر طور توڙي زبردست طور ڪافي حجت هئي، پر منهنجي آرڊر تي مونکي بيدخل ٿيڻ نہ پيو ڏي. ظاهر ۾ تہ چوي پيو تہ: اسان کي عيوضي ملي تہ پوءِ ڇڏيون. ٿي سگهي ٿو تہ هڪ شاعر هئڻ جي ناتي بہ هُو نہ پيو چاهي تہ ڪو مان سندس بيٽ مان بدلي ٿي وڃان. نيٺ ڪيس چيم: مونکي سهولت آهي، منهنجا پيءُ ماءُ پاڻ، عزيز تہ ويجها ٿي ٿيندا پر مونکي منهنجي روح جهڙي پياري ۽ ويجهي زال ۽ پوپٽ جهڙي ڌيءُ اکين آڏو هوندا، تہ پڙهائڻ بہ وڻندو. توهان کي خبر نہ آهي تہ مون اهو عرصو ڪاٿڻ پري ڪيئن گذاريو آهي. هڪ شاعر کي نيٺ ٻيو شاعر ڪيئن سمجهائي. ان کان پوءِ مونکي بيدخل ڪيو ويو ۽ وڃي ميهر گهانگهري اسڪول کان نڪتس. انهيءَ اسڪول ۾ اڪيلو آءُ ماستر ٿي ويس. انهن ڏينهن ۾ وري 40 رپين پگهار مان 90 رپيا پگهار ٿي هئي. پوءِ تہ اصلي جُهورا هئا. ميهر گهانگري اسڪول مان روزانو اٽڪل 27 ڪلوميٽر فاصلو ڪري سائيڪل تي ڳوٺ ايندو ويندو هوس. ان کان اڳ ۾ اي. ڪي بروهي وارن جي شو واري بس شڪارپور کان لاڙڪاڻي هلندي هئي، ان تي اسڪول ڏانهن اچڻ لڳس، پر اسڪول ۾ دير سان پهچڻ ڪري، ڪٽي سائيڪل ورتم. تڏهن سرديون توڙي گرميون شديد ٿينديون هيون. گرميون تہ اڄڪلهہ بہ آهن پر تڏهن جهڙيون سرديون نہ آهن. سردين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ مون وزيٽرس بوڪ تي ڪٽي مَس جي ڪپڙي هاري ته سندس نوٽ ته ان جي هيٺان ايئن گم ٿي ويو، جيئن ڪنهن مري ويل ماڻهوءَ کي ڌرتيءَ ۾ پوري اکين کان اوجهل ڪري ڇڏجي.

ان کان پوءِ جنرل رجسٽر ۾ سرٽيفڪيٽ ڪٽي لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ ايس مسٽر الهداد سومري جي آفيس ۾ شام جو اچي پهتس. الهداد سومرو نهايت سخت تعليمي آفيسر هو. ڪيترا پيرا رستي ويندي منهنجو اسڪول وزٽ ڪيو هئائين ۽ مونکي ڪم ۾ مشغول ڏٺو هئائين ته ڏاڍو خوش ٿيو هو. مان ڪڏهن به اسڪول ۾ دير سان نه ويو آهيان نه پرائمريءَ ۾ نه ٿي سيڪنڊريءَ ۾. هڪ ڀيري ميهر گهانگهرو اسڪول ڏانهن اچي رهيو هوس ته اسڪول ۾ آغا داد محمد اڳ ۾ ويٺو هو ۽ وزيٽرس بوڪ تي نوٽ هنيائين ته هو - م غير حاضر آهي. مان آيس ته ساڻس مليس ۽ واچ تي ٽائيم ڏانهن نظر ڪرائيمانس. اجا اسيمبليءَ ۾ پنج منٽ باقي هئا. مون ڪيس چيو ته: لڪُ ته اچي پهتو. لکيائين ۽ پوءِ ڇڏيو هومانس.

جڏهن به منهنجي اسڪول جو امتحان ٿيندو هو ته پر وارن اسڪول جي هه - م کي گڏ آڻيندا هئا ۽ ڪاٿن منهنجي اسڪول لاءِ مثالي اسڪول تسليم ڪرڻ بابت پڇندا هئا. بهرحال اهڙو اسڪول سڄي ضلعي ۾ نه هوندو هوندِ. مهمان ٿي آيل استاد مونکي چوندا هئا ته ايتري محنت سان جلدي ٿڪجي پوندين. مان چوندو هوس ته جڏهن ٿڪجي پيس ته رٽائر ڪري ڇڏيندس ۽ ڪيم به ائين ته 13 سال اڳ ۾ رٽائر ڪري ڇڏيم ۽ ڪل سروس چوِيهه سال ڪيم.

الهداد سومري سرڪيولر ڪڍي ڇڏيو هو ته ساڻس جيڪو به ملڻ چاهي سو آفيس ٽائيم ۾ اچي ملي، شام جو نه. مون چاٻي واٻي رڪارڊ ڪٽي شام جو سندس آفيس واري رهائش تي ويس ۽ پٽيوالي کي چيم ته صاحب کي وڃي ٻڌاءِ ته ميهر گهانگهرو اسڪول جو هيڊ ماستر آيو آهي. پٽيوالي انڪار ڪيو ته ٻيهر مون وڏي آواز سان کيس چيو ته منهنجي نالي صاحب کي ٻڌائي. صاحب تمام تيز طبيعت جو هو، تنهنڪري پٽيوالي لنوايو پئي. صاحب منهنجو وڏو آواز پاڻ ٻُڌو ته رِنگ ڏيئي پٽيوالي کي سڏ ڪري چيائين ته، مونکي اندر وٺي هلي. اندر پهتس ته ڏاڍي مهربانيءَ سان مِلي چيائين: "توهان کي خبر نه آهي ته مون آفيس ۾ ملڻ جو سرڪيولر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ شام جو ملڻ تي بندش وڌي اٿم." مون ورائيو: بلڪل خبر اٿم. پر توهان کي به خبر آهي ته مان پنهنجي اسڪول ۾ اڪيلو ماستر آهيان ۽ هڪ ننڍڙي ڪم لاءِ، اسڪول بند رکڻ ڪيترو مناسب آهي؟ منهنجي انهيءَ چوڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي، ٿڌو ٿيو ۽ ڪم پڇيائين. مون جنرل رجسٽر ۽ ليونگ سرٽيفڪيٽ ڪڍي اڳيان رکيس. ڪيس به شڪ پيو ۽ ان جو اظهار به ڪيائين. مون ڪيس چيو ته: سر! توهان ڏسو ته ٻار پهرئين ڪلاس جو امتحان ڪهڙي عُمر ۾ ڏنو آهي! باقي ان وقت جي استاد ننڍڙي ٻار کي داخلا ڏيندي غلطي ڪئي آهي پر اها ڪا وڏي غلطي نه آهي. پوءِ منهنجي ڳالهه ڏي توجهه ڏنائين ته ڳالهه سمجهه ۾ آيس. دير ئي نه ڪيائين جو صحيح ڪري، پٽيوالي کي چيائين ته ٺپو هڻي ڏي. الله الله ڪري ڪانٽس موڪلائي اچي مالڪن کي سرٽيفڪيٽ ڏنم. افسوس جو منهنجو اهو خطري جهڙو خَفو، نفعي وارو تڏهن نه ٿيو، جو ٽن چئن ورهين کان پوءِ اهو غلام شبير، گورنمينٽ بس جي حادثي ۾ فوت ٿي ويو ته ڏاڍو ڏک ٿيو هوم، تڏهن سموري ڊوڙ ڊُڪ، توڙي ڦاڙهوڙيءَ جي احساس جي ٽَڪَ، منهنجي رُوح تي، ڪيرٿر جبل جي ڪِرڻ جيترو بار ڪري وڌو هو! باقي منير احمد لاءِ ٻُڌندو آهيان ته ڪٿي ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. اڳ ته پي ٽي وي تي به ڊرامن ۾ ڪم ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن اسڪول ۾ ويٺي پڙهايم. ڏاڍا گرم ڏهاڙا هئا. هڪڙو نوجوان، ٺاهوڪي مهانڊي سان، شاندار ڪپڙن ۾ ملبوس رتيديري کان پنڌ اسڪول ۾ آيو. مون ڪانئس احوال ورتا. چيائين: سيد آهيان، ننڍڙو ٻارءِ گهران رُسي ويو آهي. ميرو خان ڏانهن ڏس مليو هو، ويو هوس پر اهو نه هو. ڪرايو کپي ويو اٿم، ان لاءِ لڙي آيو آهيان. مون ڪيس منجهند جي ماني کارائي، ان کان پوءِ ننڍڙي غلام شبير کي چيم ته گهران پنج رپيا وٺي آءِ. سپاٽي ڏيندس. اهڙيءَ طرح انهيءَ شخص کي پنج رپيا ڏنم. جيڪي ڪيس ڪرايي لاءِ ڪافي هئا. تڏهن لاڙڪاڻي کان شڪارپور جو ڪرايو ڏيڍ رپيو هو. انهيءَ شخص مون کان منهنجي ڳوٺ جي ايڊريس به ورتي هئي. هفتي ڪن کان پوءِ سچ لهڻ ويل ڳوٺ اچي نڪتو. چيائين: پنهنجي ڳوٺ گمبٽ پهتس ته ننڍڙو ٻارءِ اڳيئي ويٺو هو. خيرات ڪري رهيا آهيون. اوهان کي دعوت ڏيڻ آيو آهيان. مقرر ڏينهن تي مان به وڃي گمبٽ کان نڪتس. سندن پڇا ڪيم، ڪنهن نه ڏسيو،نه سندن دڪان هو، نه ڪو اتان جو ڪو سيد ڇوڪرو گم ٿيو هو، نه ئي انهيءَ نالي سان ڪو سيد رهندڙ هو. سخت پريشانيءَ جي دنيا ۾ ٻٽڪندي موٽي ريلوي اسٽيشن تي ويٺس. ٿوريءَ دير کان پوءِ پيو به هڪ نوجوان اچي ساڳيءَ بنچ تي ويٺو. پڇا ڳاڇا ڪندي ان کي جو مون سان ٿيل جٺ جي خبر پيئي ته منهنجي ٽڪيٽ پنهنجي ڳوٺ محرابپور ڏانهن وٺي آيو ۽ وري به خدشو ٿيم. بهرحال گاڏي آئي ان سان گڏ وڃي محرابپور تي لٿس. اسٽيشن پرسان اوله ۾ سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاءُ عبدالرشيد سان رهندو هو ۽ والده محترمه به ان سان گڏ هئي. پيار پاٻوهه جي گلزارين ۾ خوشين جا سوين رنگ برنگي پوپٽ اُڏامندي محسوس ٿيندا هئا. گهرَ واري جڏهن گُلن جي انداز ۾ وارَ سَنواريندي هئي ته سندس نفيس جسم، مقناطيسي نيڻ ۽ پيار ڀريون ڳالهيون، مونکي صديون زندگي بخشي ڇڏينديون هيون، وري جو اسڪول کان موٽي اچي ننڍڙي افروز کي هٿن ۾ کڻي، مير واهه جي ڪڙَ سان گهمندو هوس ته سمورا ٿَڪ لهي ويندا هئا ۽ ڀانئيندو هوس ته سڄو جهان ۽ جواني رڳو ٿي رڳو اسان لاءِ پيدا ٿيل آهن ۽ اسين ڪڏهن به مرڻا نه آهيون. گمانُ ڀرسان به نه گذريو هو ته ڪي پيار پاٻوهه به حادثن جو شڪار ٿيندا آهن ۽ ماڻهوٗ ڪڏهن ڪڏهن، پنهنجي اندر ۾ قتل شهر/ ڳوٺ جهڙو ٿي پوندو آهي. انسان، جوانيءَ ۾ زندگيءَ جي حُسناڪين ۾ گُمَ، سمورين لاهين چاڙهين کان بي پرواهه هوندو آهي، پتو تڏهن پوندو اٿس، جڏهن جسماني سگهه موڪلائي رواني ٿيندي اٿس ۽ ڪيترن ئي حادثاتي ڏکن جو شڪار بڻجي ويندو آهي. تڏهن گذري ويل وقت توڙي پنهنجي اَيري حال تي ڪو اختيار نه هوندو اٿس ۽ گذريل سارُوٽين جي دنيا ۾ ٽڏا شوڪارا ڀريندي خيالن جي گهاتي جهنگ ۾ گم ٿيڻ لڳندو آهي. سندس جسم جا گهنجَ، ساک ڀريندا آهن، سندس بيوسيءَ جي دنيا جي زندگيءَ لاءِ ڏوراپا آڇيندڙ احساسن جي ۽ اکين ۾ ڦُٽي پوندڙ نااميدن جِي.

مُرجهايل گُلن جهڙي زندگيءَ کان بيزاريءَ جا امڪان، واريءَ سن پٽن تي، وسڪاري کان پوءِ ڦُٽي پيل کُنبين جيئن اَيري پوندا آهن. بيوهه پوڙهي عورت جهڙي حياتيءَ ۾ ڪا سُونهن، ڪا ڪَشش باقي نه رهندي آهي ۽ ماڻهو گذري ويل پَلَ تتل ڌرتيءَ تي ننگي پيرين سڙندي محسوس ڪرڻ لڳندو آهي، جتي ڪيس اَکَن جي ڇانوَ ۾ پيرَ ٺارَ لاءِ جڳهه به نه ملي سگهندي آهي. اهڙي ئي، وئشيا جي ڪمري ۾ ترسيل ڪنهن گراهڪ جهڙي زندگيءَ لاءِ، ماڻهو ٻين ماڻهن سان ٺڳيون، دولاب، جهيڙا تڪرار، قتل ۽ ڪَمين پٽي جهڙا ورتاءُ پاليندو پيش ڪندو وتندو آهي. مِٽيون ماٽيون، دوستيون ۽ برادريون به اهڙي زندگيءَ جي نفرتن جي جهنم ۾ سڙي رکَ ٿينديون آهن. هن ڌرتيءَ کي، جنهن انسان کي اولاد سمجهي، پناهه ۽ ٻيا سوين هزارين سُک مُهيا پئي ڪيا آهن. موت ۾ انساني رات جي ٻَرڪا سان وهنجاريو پئي ويو آهي ۽ سموريون فضيلتون پيرن هيٺان لتاڙيون، چيٿاڙيون رهيون آهن. ڪهاڙيءَ، ترار، تير، نيزي ڀالي کان وٺي اڄ جي ميزائيل، ائٽم بم، نيپام بم وغيره تائين، هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کي هڪ قبيلي ٻئي قبيلي کي هڪ قوم، ٻي قومَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هميشه لاءِ بندوق ڪڻي پکين کي مارڻ، پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيم. هونئن به چست جو پکو ته نه هوس، بس انهيءَ ڳيري ويچاري جي اُتري هئي. اڄ سوڌو اهڙي حرڪت نه ڪئي اٿم، پر شايد جيڪڏهن سنڌ جي لاءِ آزاديءَ جي جنگ وڙهي وڃي، ته ڏڪندڙ هٿن ۾ ضرور بندوق ڪڻڻي پوندي ۽ ان کان وڌيڪ ڀيانڪ پاپَ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃان. هُونئن ڪنهن ڦٽاڪن واري عيد تي به ڦٽاڪا نه ڇوڙيا آهن نه ٿي برداشت ٿيندا آهن.

آزاد سنڌ جو حاڪم ڄام ننڊو، گهوڙن جي ڀِنيءَ تي هٿ رکي کين چوندو هو ته: شال ڪڏهن به ڪنهن مجبوريءَ کان سواءِ توهان جي ڀِنيءَ تي نه چڙهان. ڄام ننڊو نهايت امين، امن پسند ۽ عادل حاڪم هو. جيڪڏهن اهو ماڻهو اڄ زندهه هجي ها ته شايد گهوڙي جي ڀِنيءَ تان نه لهي ها ۽ هميشه هٿياربند هجي ها. عام طور تي سنڌي ماڻهو امن پسند، محبتي ۽ راڳ ويراڳ جا شوقين رهيا آهن. ٻاهران آيل فسادي ماڻهن هن ڌرتيءَ وارن جو امن سڪون ڀِني تباهه ڪيو آهي. اها سنڌ جنهن ۾ اڄڪلهه ڪارو ڪاري جو مسئلو وچڙندڙ بيماريءَ وانگر وڌندو پيو وڃي، ڪڏهن ته نِج، سنڌي سماج بابت لطيف سائين چوي ٿو:

ڪانڌَ ڀِيُنِ ڪيترا، مون وَرُ وڏي وَٽُ
مٿان ڏيئي هَٿُ، جنهن عيب منهنجا ڍَڪيا.

ڪانڌَ ڀين ڪيترا، مون ور وڏي جُوءِ
لوڪ نه آڇي اُوءِ، جي ڏِسي ڏوهه اکين سين.

اهڙا غليظ رويا به ٻئي هنڌان سفر ڪندا سنڌ ۾ آيا آهن ۽ سڄي سنڌ عذاب بڻائي ڇڏي اٿن. شال اڳيان امن ۽ محبت وارا ڏينهن موٽي اچن!

هن ڳوٺ ۾ اسان جو گهر ئي پڙهيو لکيو هو. مختصر ئي صحيح پر مان نوڪريءَ ۾ هوس ۽ انهن ڏينهن ۾ پگهار 90 رپيا ٿي هئي. اسان کان پوءِ نئين نسل ۾ تعليم ڏانهن لاڙو شروع ٿي پيو ۽ ٻه ٽي نوجوان ماستر بڻجي پيا آهن. سنجيدگي ۽ ماٺيپو تعليم سان هوندو آهي، ڇوڪرا پڙهڻ لڳا آهن ته منجهن ساڃاهه پيدا ٿي پئي آهي پر سچائيءَ سان چئبو ته انهيءَ تعليمي ترقيءَ جي پذيرائيءَ ۾ وڏو هٿ، جدوجهد ۽ سچائيءَ سان خدمت ڪرڻ جو جذبو پياري زخمي چانڊيي جو رهيو، جيڪو اسان جي ڳوٺان لڏڻ کان پوءِ، انهيءَ گندي سماج کي سڌارڻ لاءِ پيدا ٿي پيو هو ۽ واءِ مينهن ڪندو آيو. ٿوري عرصي ۾ ڪيترا نوجوان پڙهي پيا ۽ سندن ذهني تربيت به ڪندو رهيو. ڳوٺ ۾ اسڪول، پُل، بجليءَ جي بندوبست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوريءَ طرح چيڪ نٿو ڪري سگهجي. جيستائين پارجي تعليمي اپياس جي تپاس نٿي ٿئي، تيستائين ان جي پڙهڻ نه پڙهڻ جي خبر ڪين پوندي. بس اهي پار ٿي پڙهي سگهن ٿا، جيڪي بنيادي طور تي ڪجهه ذهين، محنتي ۽ اڳيان ويهندڙ هوندا آهن.

اسان جي ہي ته هر شيءِ تي ڏارين جو قبضو آهي پر اسان جي تعليم تي به وڏيرا شاهي ۽ افسر شاهي قبضو ڪيون ويٺي آهي. تعليمي بجيٽ، ٿوري ٽَڪي به سندن پيٽ ۾ آهي. ڇِڇڙن تي پلن وارا تارا ڦوٽاريل آهن. اهڙا ماڻهو ڪيئن چاهيندا ته ڪي غريب پار پڙهي، سندن پارن تي اڳتي هلي حاڪم بڻجي اچن. پاڻ پنهنجي اولاد کي اعليٰ درجي وارن خاص اسڪولن يا ادارن ۾ پڙهائيندا آهن ته جيئن چتاپيٽيءَ جي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪري، وڏا آفيسر بڻجي غريبن تي حڪومت ڪندا رهن. جمهوري حڪومت جي دؤر ۾ به ائين پئي ٿيو آهي ته سئيون سئيون نوڪريون وڏن وڏن ماڻهن جي اولاد کي ڏنيون ويون ۽ انهن کاپه ڪميشن نه ڪئي. تمام ٿورڙا غريب شاگرد سخت محنت کان پوءِ ڪن اعليٰ عهدن تي اچن ٿا ته اهي به وڏيرن جي اکين جا ڪنڊا بڻجي پون ٿا.

سڄو سال ٽريننگ ڪرڻ لاءِ رهائش ضروري هئي. هاسٽل ته هئي پر ان ۾ رهڻ وارن لاءِ پيٽو عذاب هو. هڪ ته، وقت تي ضروري ڪم سان نڪري نه سگهن، ٻيو ته سندن پڳهار جيڪا استادن جي بدنظر کان بچي ٿي سگهي، سا هاسٽل ۾ پوري پئي ٿي ۽ گهر لاءِ خالي دلاسا پئي رهيا. تنهنڪري اسان چار يار رحمت پور ۾ هڪ مسواڙي جاءِ وٺي رهڻ لڳاسين، جنهن جي مسواڙ پنجويهه رپيا هئي. اوبل سويل ڪنهن جو مهمان پئي آيو ته ڪا تڪليف نه پئي ٿي. انهن چئن دوستن ۾ مان، محمد صالح پٽي وارهه لڳ، مراد پٽيءَ جو، علي گوهر وئينس جکر جو، حافظ شوڪت علي هيتم سوهو جو هئاسين. رڌ پچاءَ جو ذمو ٻن دوستن علي گوهر ۽ حافظ شوڪت علي پنهنجي سِر تي ڪنيو هو، تنهنڪري اسان جهڙوڪر هر خفي کان آجا هئاسون. هڪ ڀيري حافظ شوڪت وٽ هڪ پارهن تيرهن ورهين جو نينگر مهمان ٿي آيو. جڏهن ڪيس ماني ڏني وئي ته پاڄيءَ ۾ ڪٽي پاڻي وڌائين ۽ ٿانءُ پري ڇڏيائين ۽ پوءِ کائڻ لڳو. مون کانئس پڇيو ته ڇا ڪندو آهين؟ ورائيائين: مسجد ۾ پاڻي پريندو آهيان. مون چيو ته هيءَ ته پاڄي هئي، مسجد ته نه هئي، ان ۾ پاڻي چو پريئہ؟ چيائين: سني ڪاڏي کائڻ سان، اندر ۾ وڏائي جا احساس اپرڻ لڳن ٿا، چو ته ان ۾ سواد ٿئي ٿو. جنهن شيءِ مان نفس کي مزو اچي، اها شيءِ روح جي پاڪائيءَ لاءِ خطري واري آهي ۽ هر انسان لاءِ روح جي پاڪائي نهايت ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. روحاني پاڪائي ئي اصل ۾ ماڻهپو آهي ۽ ان کان سواءِ ماڻهپو مري وڃي ٿو. تنهنڪري هر ڪاڏي ۾ پاڻي ملائي، ان کي غير سوادي بنائي ڪائيندو آهيان. مون کانئس پڇيو: ڪنهن جو مريد آهين؟ چيائين: ڏاڙهي ۽ مسجد جو. چو ته دنيا جا مرشد به سَوادِي ڪاڌو ڪائيندا آهن. مان اهڙن ماڻهن جو مريد نٿو ٿي سگهان. جن وٽ سچ پچ روحانيت نه هجي. اهو نينگر بنهه پڙهيل نه هو نه ئي پڙهندو هو. ٿي سگهي ٿو قرآن مجيد پڙهندو هجي. مون کانئس نه پڇيو.

ٽريننگ دوران هڪ ڏاڍي خوبصورت نينگر سان ڏيٺ ويٺ ٿي. سندس نالو علي شير ۽ ذات جو شيخ آهي. تڏهن ڪپڙن جو ڳنڙيون فوٽ پاٿ تي رکي واپار ڪندو هو. مون کان اٽڪل اٺ نَو ورهيه ننڍو هو. منهنجي عمر تڏهن 25 سال هئي ۽ سندس عمر سورهن سترهن سال هئي. ڏينهن جو ڪپڙي جو واپار ڪندو هو ۽ هڪ نه ٻئي ڏينهن رات جو شاهي بازار کان هلي اچي، رحمت پور ۾ مون سان ڪچهري ڪندو هو ۽ دير سان ڪيس گهر پهچائي، به مِنيون وٺي، موٽندو هوس. انهيءَ سان اڄ ڏينهن تائين ڊاڪٽر نور سنڌوءَ جهڙو پيار آهي. هن وقت ڍڳهي اڇي ڏاڙهي رکي اٿس. چوندو آهيانس: منهنجي ورتل مِنين کي وارن ۾ لڪائي محفوظ ڪيو اٿيئي ته ڏاڍو ڪلندو آهي. اڄڪلهه گارڊرن ٽيڻرن جو ڌنڌو اٿن. ڪيس ڇهه ست پاڻ جهڙا خوبصورت پٽ آهن ۽ هرهڪ کي پنهنجو ساڳيو ڌنڌو آهي. مون سان اهي به ڏاڍي پيار سان پيش ايندا آهن. حيدر علي ته اٽڪل ٽيهن هزارن رپين جو لوهه اوڌارو ڏنو، جيڪو ناياب جي جاءِ تعرائڻ ۾ ڪتب آندم ۽ هر مهيني فقط هڪ هزار رپيا ڏيندو رهيس. شال سڄي دنيا جا ماڻهو خوش رهن ۽ ايترا خوش رهن جو، ٻئي ماڻهوءَ جي ٻئي ڪنهن قبيلي جي ۽ ٻي ڪنهن قوم جي استحصال جي سوچڻ جي ضرورت ئي نه پوين ۽ ايتري ساڃاهه ٿئين جو ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک ۽ ٻئي جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشيءَ جي تصور سان ٽمٽار هجن! شيخ اياز جي اها سٽ پنهنجي تشريح ۽ تعبير سان جهومڻ نچڻ لڳي ته:

انسان تي ايمان رکي چنگ ڪٿي آءَ!

پي ٽي سي ٽريننگ جو اُڪلاءُ مارچ 1966ع ۾ ٿيو. جتان مونکي پرائمري اسڪول محمد حسن جلباڻيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو. اهو اسڪول ڏسي موٽي پيو هوس. چو ته اهو اسڪول ويران به هو ته پري به. نئون آرڊر ڪرائي ساڳئي اسڪول ۾ واپس آيس. ٿورڙن ئي ڏينهن ۾چاندين ۽ شرن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي هئي، جو چوريءَ ڪندي شرن جو هڪ ماڻهو مارجي پيو هو. ميهر ڳاٺگهرو اسڪول، شرن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳوٺ سان لڳو لڳ هو. تنهنڪري مونکي منهنجي عزيزن چيو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ اهو اسڪول ڇڏي وڃان. ڊي آءِ ايس راجپوت کي چئي، پنهنجي بدلي ٻيا پور مسلم اسڪول تعلقي وارهه ۾ ڪرايم. جڏهن چانڊين ۽ شرن جو فيصلو ٿي ويو ته ٻيا پور کان پوليس هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻي جي اسڪول ۾ آيس. جتي جو هيڊ ماستر سيد اشفاق حسين مهاجر هو. جنهن جو رويو ٻاراڻو نظر آيو ته ڪيس سنئين رستي تي آڻي ڇڏيو هوم. ٽن چئن مهينن کان پوءِ رتو ديرو پرائمري اسڪول ون ۾ پهرين جون 1968ع ۾ بدلي ڪرائي آيس. سيپٽمبر 1967ع ۾ پٽ سلام پيدا ٿيو ته خوشين جي ڪائنات ملي وئي. غريب ماڻهوءَ لاءِ ننڍڙي خوشي ئي ڪافي هوندي آهي، هتي ته خوشين جو ڇڙملسو هو. جنهن جو اثر سموري زندگي تي رهڻو آهي. توڙي جو ماڻهوءَ ويچاري، هڪ فطري ڏک جي مقابلي ۾ ننڍيون ننڍيون خوشيون پاڻ ئي پاڻ لاءِ جوڙيون آهن. مثلاً: شاديءَ جي خوشي، اولاد جي خوشي، نوڪريءَ جي خوشي يا عيد وغيره جي خوشي، پوءِ به هڪ فطري ڏک، جيڪو موت جو ڏک آهي، سو سمورين خوشين کان ڳرو ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻهو ان جي بار هيٺان دٻجي وڃي ٿو.

انهن ڏينهن ۾ پنهنجي تعليم وڌائڻ جو شوق ٿيو ته اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل پاس ڪيم. اهڙيءَ طرح مئٽرڪ، انٽر، بي اي ڪرڻ کان پوءِ بي ايڊ به ڪري ورتم. بي ايڊ به پروفيشنل ٽريننگ آهي، جنهن جي پاس ڪرڻ کان پوءِ هاءِ اسڪول ٽيچر ٿيڻ جي لائق ٿبو آهي. اهي امتحان 1971ع تائين پورا ڪيم. 1969ع ۾ عُمراهه ڳوري ٿي. پنج مهينا ٿيا هيس ته ڪيس بخار ٿي پيو. جاهل ماڻهو، ڳوٺاڻو ماحول، ويجهو نه ويڄ نه طبيب، سو اڻ ڄاڻائي ۽ ڄاڻ جي به واٽي تي پٽڪندي، ڪيس رِسوچين جي انجيڪشن هنيم. سُئي هڻڻ جي دير هئي، اچي ڪيس بليڊنگ ٿي ته پريشان ٿي وياسين. رات هئي، رات گذاري صبح جو سوير ڪيس لاڙڪاڻي وٺي آيس. لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر اشرف عباسي 300 رپيا وٺي، ٻارڙو ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪڍيو، نَرُ ٻارڙو هو. بهرحال عُمراهه جي زندگي بچي ملي ته غنيمت ڀانيم ۽ ساهه پيٽ ۾ پيم، جهڙوڪر ٻيهر شادي ڪيم. ننڍڙي اسلم کي بخار بنهه نه ڇڏيندو هو. ورهين جا ورهيه علاج ڪرائيندو رهيومانس. لاڙڪاڻي ۾ فزيشن احسان چوڌري ته ڪيترا مهينا ٽيمپريچر رڪارڊ ڪرائيندو رهيو پر ڪجهه به نه ٿيو. ان جي جاءِ تي جڏهن عبدالقادر شيخ فزيشن ٿي آيو ته ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌايم. جنهن ٽيسٽون ۽ ايڪسري ڪرايون ته آنڊن جي ڪوٽ ظاهر ٿي، جنهن لاءِ فيرس فيومريٽ ڏنائين ته بخار ڇڏي ويس پر Weight loss رهندو آيس. ان لاءِ ڪنهن دوست جي ڏس تي ڪيس حيدرآباد وٺي ويس. ٽرين ۾ ننڊ ڪندو هليو هو. حيدرآباد ۾ مان به نئون هوس، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گھرائي ٿيندي وئي. اهو مشاعرو، بزم لطيف پاران ٿي رهيو هو، جنهن جو بنياد هڪ غير شاعر دوست، پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وڌو هو. نيشنل بئنڪ رتوديرو جي مئنيجر گل حسن عباسيءَ جي ڪوشش سان اها ادبي تنظيم وجود ۾ آئي، جنهن ۾ اهم ڪردار قاضي صاحبان جو هو. گل حسن عباسيءَ کي انهيءَ طرح سان ڪاتيدار گهربل هئا. بهرحال اڪائونٽ ڪولائڻ لاءِ اهو سندس انداز نرالو ۽ شاندار هو، جنهن سان ڪافي اديب دوست هڪ ٻئي کي ويجها ٿيا هئا ۽ مونکي ته ماڪيءَ ۾ ترِٿيل ڪاغذي بادامين جهڙا وٿدڙ، پيار پاٻوهه جا نگهبان دوست مليا هئا. خود قاضي مقصود گل جن جو والد قاضي عبدالحئي قائل سرشاري، هر دلعزيز، نهايت مانائتو، سڄي شهر رتوديري جي ماڻهن جو استاد هو. ماڻهو سندس بي انتها عزت ڪندا هئا. پاڻ به سيني ماڻهن سان ميٺ محبت وارو ميل جول رکندو آيو. گهر کان بازار لاءِ نڪرندو هو ته وِک وِک تي ماڻهو جُهڪي ملندا هئس. صبح جو گهر کان پاڇيءَ يا ٻئي سودي سلف لاءِ نڪتل، منجهند جو مَس وڃي گهر ايندو هو. اهو سڀ ڪجهه سندس ٿي ڪمال شفقتن ۽ محبتن جو چانورو هو، جيڪو سندس وجود تي هر وقت موجود رهيو، نه ته هڙ وٺ جي دؤر ۾ ڪير ٿو ڪنهن کي ليکي!

هڪ پيري ڪنهن واٽئي سرڳواسيءَ جو پڳڙيون هيون. مونکي به ساڻ ڪنيائين. رستي ۾ ساڳي ميل ملاقات، مون ڪيس سرگوشيءَ ۾ چيو هو: توهان کي برقعو پارائي ساڻ ڪڍجي ته ٺهڪ ڏنو هنائين، جنهن مان به سندس قرب ليئا پئي پاتا. ڪٿي آهن اهڙا ماڻهو، جن کي شهر جا ماڻهو ته ٺهيو پر گهٽيون به سندن پيرن تان گهور ويندون هجن ۽ دريون به ڪنڌ جُهڪي سلام ڪندا هجن! پڳڙين ۾ شريڪ ٿياسون ته وري چوطرف ڏسي ڪيس ڪَن ۾ چيم ته: توهان ته هنن يارن سان منڇ ٿي ويا، مان ڏاڙهيءَ وارو پاڻ کي اوپرو پيو محسوس ڪريان ته مرڪي پيو هو. پاڻ پڇاڙيءَ تائين ڪلين شيو رهيو. سندس گهرَ جي سامهون هڪ ميدان تي، سندس وڏن جون تربتون آهن، انهيءَ پلاٽ تي پنهنجي ٿي هڪ شاگرد، انهيءَ وقت جي هاءِ اسڪول ٽيچر امان علي سمون سان چڪتاڻ هلندي رهيس. هڪ ڏينهن چيم: معتبريءَ جي پرڪ پاڙي وارن مان پوندي آهي. اوهان سموري شهر کي مصري پئي پيشاري آهي پر هڪ پاڙيسري شاگرد، اوهان کان ڏڪارو آهي، انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ چڱي ڳالهه آهي ۽ ڪيس هڪ عربي ٻوليءَ جي آکاڻي ٻڌايم ته: چنڊل پکي، ڪانوَ جي آکيري تي قبضو ڪري ويهي رهيو، ڪانوَ ڪيترين ئي منٿون ڪيون ۽ چيو ته آکيرو سندس آهي پر چنڊول هڪ نه ٻُڌيس. نيٺ ڪانوَ چيس ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکين جي بادشاهه کان فيصلو ڪرايون. چنجول راضي ٿيو. پکين جي بادشاهه کي چنجول چيو ته آکيرو منهنجو آهي. بادشاهه فيصلو ڏنو ته: ها تنهنجو آهي. چنجول چيو ته، اوهان ڪانوَ کي پڌ بنا آکيرو منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو؟ بادشاهه چيس ته: تون سچ ڳالهائڻ کان مشهور آهين، تنهنڪري توتي پَٽِ ڪري توکي آکيرو ڏنم ۽ ڪانوَ کي نه ٻُڌم. پکي بادشاهه کان موڪلائي اڏاڻا هليا ويا. آکيري وٽ پهچي چنجول، ڪانوَ کي چيو ته: "پنهنجو آکيرو سنڀال مون لاءِ منهنجي معتبري اهم آهي." نيٺ اهو مسئلو حل ٿي ويو هو.

لاڙڪاڻي ايندو هو ته گهڻ ۾ گهڻ واقفڪارن سان به ضرور ملندو هو، جيئن تعلق کي نئون ڪندو هجي. اهڙو پيارو ماڻهو حج تي ويندي، سڀني عزيزن، اولاد ۽ دوستن کان هميشه لاءِ موڪلائي ويو.

سندس وڏو پٽ قاضي خضر حيات انجنيئر به مون سان محبتن جي دنيا ۾ ملندو رهيو آهي. نوابشاهه ۾ رهندڙ، هيءُ ماڻهو آرٽ جو ماهر آهي. ڪاشيءَ جي شاندار آرٽ ذريعي پري پري تائين نانءُ ڪمايو اٿس ۽ پُٽ جي نالي پٺيان سڪندر آرٽ گئلري اٿس، جتي شاهڪار شيون رکيل اٿس. سڪندر پاڻ به ڏاڍو نهٺو، ملنسار، کِلمُک نوجوان آهي. مونکي ڏاڍو پيار ڏيندو آهي. مقصود گل، سرشاري صاحب جو ٻيو نمبر پٽ آهي. پهريون استاد رهيو، جنهن کان پوءِ نئون ديرو شگرمل ۾ ڊپٽي مئنيجر رهيو. ايمانداريءَ جو پُوڄاري، اورچ، سنو شاعر ۽ سڀ کان سٺو ماڻهو آهي. دوستيءَ جا ڪڙا ڪندا ۽ ڪُلف لڳا ته ڪڏهن به کُلي نه سگهيا. مقصود گل جي اکين جي چار ۾ ڦاسندي، رتوديرو کان ٻاهر ڪيترن شهرن ۾ مشاعرن تي وڃڻ ٿيندو رهيو. مون مفت خوريءَ جي اعليٰ ڊگري رکندڙ، ڪڏهن به پنهنجو خرچ وغيره نه ڪيو. سدائين سندس خرچ تي هلندو رهيس. سڀ کان پهريون "بزم اڪبر ميهڙ" پاران اسحاق راهي مشاعرو ڪوٺايو ته وڃي نڪتاسين. الائجي ڪهڙن سببن ڪان مشاعرو نه ٿيو هو، جنهن لاءِ اسحاق راهي جي آگهائي سبب ڄاڻايو ويو ۽ تڏهن راهيءَ کي ڏسڻ جي سِڪَ، سُکي سوڙهي ٿي وئي ۽ رات وچي ٿرڙي محبت جي پياري دوست ناظم منگيءَ وٽ رهياسين ۽ پنهنجي ذهنن تان شاعري ٻُڌائڻ جي شوق جا بار لاٿا هئاسين. ميهڙ جي آسپاس جي شاعر دوستن سان به ڳانڍاپو ٿيندو رهيو. اهڙن يارن ۾ جوهر بروهي، علي دوست عاجز، نشتر ناٿن شاهي، آثم ناٿن شاهي، اسحاق راهي، پيرل پرديسي، سقراط سيتائي، خدا بخش خادم ۽ منصور سيتائي وغيره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(گل جو جواب سرڪش ڏانهن)

سِڪَ جي مَيار دوست سَهِي ويندس مان
ڪجهه ڏينهن زماني ۾ رهي ويندس مان

دل جي پَٽيءَ تان دوست جي لاهي ڇڏيئه ته پوءِ
دنيا جي اُفق تان ٿِي لهي ويندس مان

مان پيار جي ڪعبي کي پِٽي ڪينَن ڏيان ڇَنُ!
ان پاپَ ڪرڻ سان ته ڊهي ويندس مان

گل پيار جا دلدار جي خدمت ۾ ڪٽي اچ
بخشش جي وٺڻ لاءِ ڪهِي ويندس مان

•

● 1970-71ع واري اليڪشن ٿي چڪي هئي. اجا اقتدار جي ورڇ جو فيصلو باقي هو. جنرل يحيٰ جي نيت ۾ ڪوريڊنڙي جو چار نهيل هو، جنهن ۾ سياسي مکين، مڇرن کي ڦاسائڻ جو پروگرام هوس. هن سوچيو هو ته ڪٽي به ڪا پارٽي اڪثريت راءِ سان چونڊجي نه ايندي ۽ پوءِ اقتدار سندس ئي هٿن ۾ هوندو يا وري ڪا پارٽي اڪثريتي طور تي آئي به ته اها اوپر جي هوندي ۽ ان کي اقتدار نه ڏنو ويندو. اليڪشن ٿي ته اوپر ۾ شيخ مجيب الرحمان ۽ اولهه ۾ ذوالفقار علي ڀٽو آيا. مجيب الرحمان تمام وڏي اڪثريت سان آيو هو. پيٽي کي فقط پنجاب ۽ سنڌ ۾ اڪثريت هئي. سرحد ۽ بلوچستان ۾ پ پ کي ايترا ووٽ نه مليا هئا. پنجاب پريشان ٿي ويو ته جيڪڏهن بنگالين کي اقتدار مليو ته آئينده هميشه لاءِ اهي حڪومت ۾ هوندا. جو ته يحيٰ ون يونٽ ٽوڙي، هاڻي هڪ ماڻهو هڪ ووٽ ڪري ڇڏيو هو. اهو خوف، پنهنجي وجود وڃائڻ جهڙو لڳو هو پنجاب کي. تنهنڪري پنجابي فوجي منشا موجب يحيٰ ڪنهن کي به ڳاهه نه پيو وجهي ۽ حالتن کي جيئن جو تيئن رکيو وينو هو.

اونداهي رات جهڙي انهيءَ خاموشيءَ ۾ ڀٽو به ساٿس شريڪ هو. جو ته ڀٽو کي به جمهوري طريقي سان اقتدار نه پيٽي مليو. مان هڪڙي صبح جو لاڙڪاڻي لاءِ آيس ته المرتضيٰ بنگلي جي سامهون گذرڻ ٿيو. سامهون جو ڏٺم ته ذوالفقار علي ڀٽو، غلام مصطفيٰ کر ۽ وارهه جُوٽائين جو غلام عثمان بيٺا هئا. غلام عثمان، ميان غلام صديق جو پٽ هو ۽ وارهه جي اولهه ۾ جُوٽائين ۾ رهندو هو. سندس والد مشائخن مان هو. تنهنڪري والد محترم جي وارهه اچڻ کان اڳ ۾ چڱي اثر رسوخ وارا هئا. اليڪشن ۾ پيٽي جي مدد ڪئي هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽو ۽ ڪر انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مان به بنگلي ۾ اندر گهڙي ويو هوس ته پٽي آجيان ڪئي. ان کان پوءِ غلام مصطفيٰ ڪر آجيان ڪئي ۽ آخر ۾ علام عثمان مليو هوم. غلام عثمان مونکي سڃاڻندو هو. مذهب جي حوالي سان. شاعر جي حوالي سان نه. مون کان پٽي پڇيو هو مون بابت. مون فقط اهو ٻڌايو هو ته چانڊيو آهيان. رستي کان گذرندي اوهان تي نظر پيئي ته هرويرو لڙي اچي اوهان سان مليس. ڪوبه ڪم نه آهي، اوهان ۾. ان کان پوءِ پٽي موضوع کي بدلائيندي، ڪر سان موسم جي شدت بابت ڳالهايو هو ۽ سخت سرديءَ جي شڪايت ڪئي هئي، جو سيارو ته هيو ئي پر آسمان، محبوبا جي گهاٽن ڪارن وارن وانگر، ڪڪرن سان ڇانيل هو ۽ وسڪاري جو يقيني امڪان هو. اصلي ڦرڪٽي هئي. ڪا گهڙي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا، ان کان پوءِ پٽي، ڪر کان مُنهن ڦيرائيندي غلام عثمان کي مخاطب ٿيندي چيو: ميان صاحبَ توهان پنهنجي لئبرري ڪڏهن تا گهمايو؟ غلام عثمان وراڻيندي چيو هوس: اوهان هاڻي جُوتاڻي ڇا لاءِ ايندا؟ اوهان جي ضرورت ووٽ هئا. مدد ڪئي سي ـــ اهي اوهان کي مليا، هاڻي اوهان جي ڪائي ضرورت نه رهي آهي. پٽو اها ڳالهه ٻڌي اندر ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. غلام عثمان کي چيائين، توهان مولوي نيٺ پنهنجي اندر کي اجاريو چو نٿا. اجايا گمان کي چڱا آهن مذهبي ماڻهوءَ کي! باقي عوام کي ڇا ڏيندا آهيو. بابا! اهڙي ڳالهه ته ڪانهي جو دوستن کي وساري ويهجي. مان اوهان مان ۽ اوهان لاءِ آهيان. انهيءَ تي غلام عثمان ڏاڍو ڦِڪو ٿيو هو "معاف ڪجو سائين" چوڻو پئجي ويو هوس. مون جڏهن موڪلاڻ جي ڪئي هُئي ته وري به ڪم ڪار بابت پڇيو هئائين. چاهيندي به مون سائنس شاعريءَ جو ذڪر نه ڪيو هو. ان کان پوءِ جڏهن ضياءَ حراست ۾ ورتو هوس ۽ به ٽي ڏينهن ڪيس آزاد ڪيو ويو هو ته رتيديري مسٽن ۾ تقرير تي آيو هو. ايئن پيو ڀاسي ته شايد وري گرفتار ٿيندو. تڏهن آخر ۾ ماڻهن کي چيو هئائين: ممڪن آهي ته مان ٻيهر اوهان وٽ نه اچي سگهان. اڳتي لاءِ هيءُ منهنجو پٽ توهان ۾ هوندو. ان جي پارٽ اٿوَ. ايئن چئي، مرتضيٰ پٽي کي ٻانهن کان وٺي اُٿاري بيهاريو هئائين. تڏهن بينظير جو ذرو به ذڪر نه ڪيو هئائين ۽ نه ئي ان کي پنهنجي سياسي جاءِ نشيني حوالي ڪئي هئائين. بينظير ته پنهنجي علم، ذهانت، مقناطيسي طبيعت ۽ تقرير جي ڍنگ کان سواءِ، مظلوميت جي وَرثن سان فائدو ورتو هو. ورنه پٽو ته مرتضيٰ لاءِ واضح چئي ويو هو. هوڏي وري جڏهن مرتضيٰ پٽو آيو ته مون کي ڇهل ابدالن مان هڪ پٽي لڳو. جنهن وٽ نه سياسي زبان هئي نه سياسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رنگ ڍنگ. نه ئي سندس اکين ۾ ڪو سياسي جادو هو. پيڻ جي وزارت عظميٰ جي دؤر ۾ دڙڪا دهمان ڪندو رهيو هو.

هڪ ڏينهن صبح جو مان ۽ منهنجو دوست سرمد چانڊيو، وارهه ڏانهن ڪنهن ادبي ميڙ ۾ وڃي رهيا هئاسين ته ساڳي وئگن ۾ پيارو حريف چانڊيو مليو. حريف وارهه جو چانڊيو آهي. ڪجهه وقت عوامي تحريڪ سان رهيو. ان ڪان پوءِ مرتضيٰ ڀٽو سان، سندس پ پ شهيد ڀٽو پارٽيءَ ۾ رهيو. مون کيس چيو هو ته: مرتضيٰ ڀٽي جي زبان ۾ تبديلي آڻيو. کيس تهذيب ۽ شائستگي سيکاريو. سندس زبان ۾ مٺاڻ پرڻيو ۽ اخلاق ۽ محبت سان واقفيت ڪرايوس. مون کي سخت خوف ٿو ٿئي ته کيس اها زبان، اهو ورتاءُ، اها تڪڙ، ايجنسين جي ايجنٽ رٽائرڊ جنرل رائو رشيد ڏني آهي، جيڪا کيس مارائڻ لاءِ سازش طور ڪم اچي اينديي. ساڻس دشمني ٿي رهي آهي. جلدي ڪريو، دير نه ڪريو، وقت تمام ٿورو اٿوَ. کيس سنڀالڻ لاءِ.

شام جو اسان وارهه کان موٽياسين ته رات جي خبرن ۾ مرتضيٰ ڀٽي ۽ سندس ڪافي سنگتين جي قتل بابت ٻڌوسين. ڪجهه وقت پوءِ حريف وري مليو هو ته مون کان پڇيو هئائين ته اوهان کي ڪيئن خبر پيئي؟ مون چيو: حالتون ۽ سندس تکڙي زبان ٻڌائي پيئي ته ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. تڏهن سندس پارٽيءَ ۾ رٽائرڊ جنرل رائو رشيد ويٺو هو ۽ جڏهن مرتضيٰ قتل ٿي ويو ته جنرل پارٽي ڇڏي ويو هو.

سڪرنڊ ۾، غلام رسول سچوا چيئرمين هڪ تمام وڏو جلسو ڪوٺايو هو، جنهن ۾ گهٽو ڪري سمورين سياسي ڌرين شريڪ ٿيون هيون ۽ پ پ جو پير مظهر به آيو هو. ان جلسي ۾ ڪارروائي مون هلائي هئي ۽ سڀ کان پهريون نقطو اهو کنيو هوم ته: ذوالفقار علي ڀٽي کي پنجاب ڦاهي چاڙهايو، شاهنواز کي زهر به پنجاب ڏياريو، مرتضيٰ ڀٽو ۽ سندن دوستن کي به پنجابي ايجنسين مارايو، بينظير کان اقتدار پنجابين ڦريو آهي، پوءِ به بينظير پنجاب سان گڏ هلڻ لاءِ وهلور ٿي وڃي. پوءِ به کيس دشمنن سان ٿهڪ ڏيڻ ۾ مزو اچي ٿو، جڏهن ته بيگم نصرت ڀٽو به موت کي ويجهي ٿي آهي. سڄي ڪٽنب جي قتل کان پوءِ به عارضي اقتدار لاءِ پريشان ڇو آهي؟ اهڙي صورتحال ۾ ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته: ياالله! يارسول! بينظير بيقصور. جيڪي به ظلم بينظير سان ٿيا آهن، اهي سنڌين ته نه ڪيا آهن. پنجابين ڪيا آهن، ڇو ته فوج تي پنجاب حاوي آهي، ڇو نه ٿي پنهنجي مظلوميت جو پلاند ڪرڻ لاءِ آزاد سنڌ جو اعلان ڪري؟ انهيءَ جلسي ۾ پير مظهر کان سواءِ، غلام قادر چانڊيو ۽ ٻيا ڪيترائي پ پ جا ماڻهو به آيا هئا ۽ پير مظهر راءِ ڏيندي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچوا ڪي نج سماجي تنظيم ڪري هلائڻ لاءِ چيو هو. جلسي ۾ بشير خان قريشي ۽ عبدالواحد آريسر ۽ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي به شريڪ ٿيا هئا. بشير خان قريشيءَ سيني ڪي، سيد اعظم جي فڪر سان سلهاڙجي، آزاد سنڌ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو سڏ ڏنو هو.

پٽو پنهنجي دؤر ۾ طوفان وانگر آيو ۽ طوفان وانگر گذري ويو. ڳالهائڻ جي ڍنگ ۾ اثر ته هوس ۽ جڏهن بڪين ڏکين ماڻهن جي بڪ ڏک جي ڳالهه ڪيائين ته ماڻهو سندس عاشق ٿي پيا. جاگيردارن ڪي ته پاڻ سان ڪنيائين پر انهن ڪي غريبن جي اڳيان خوار به ڪيائين، غريب عوام ڪيس وڏيڪ ويجهو ٿيندو ويو. ڏاڍو تکڙو ۽ چالاڪ ماڻهو هو، روزگار جي حوالي سان سنڌي ماڻهن ڪي اسلام آباد تائين ته وٺي ويو پر اهو سڀ ڪجهه غير مستقل مفاد هو. جيڪو انفرادي مفاد ۾ شامل هو. قومي تحريڪ پوئتي ڌڪي ڇڏيائين. ذاتي مفاد جا لاڙا پيدا ڪيائين، نوجوانن ۾ تعليم کان ڏوريءَ ۽ ڇڙواڳيءَ ڪي هٿي ڏنائين. شيخ اياز ڪي وي سي بنائي ڏنو ڪيائين. ان کان اڳ 1974ع ۾ ناٽي جي ورڇ جو فيصلو، پنجاب جي دٻاءَ ۾ اچي، آباديءَ جي بنياد تي ڪيو هئائين. پنهنجي دؤر ۾ نااهل ماڻهن ڪي نوڪريون ڏنائين، اهل ماڻهن ڪي پوئتي هٽايو ويو. جنهن سان غريبن ڪي روزگار ته مليو پر نوجوانن ۾ تعليم سان دلچسپي گهٽجي ويئي. جاهلن جا جَم غفير گڏ ٿيڻ لڳا.

ڪُوقتي ٽِين دنيا جي ڳالهه ڪري، پيٽرول پرسان، تيلي بادشاهن، جنهن ڪري سعودي عرب ۾ شاهه فيصل ڪي قتل ڪيو ويو ۽ هندستان ۾ اندرا گانڌي قتل ٿي ته هتي پاڻ ڦاهي چاڙهيو ويو. آمريڪا سان ٽڪر ڪرڻ ۽ ٽين دنيا ڪي قوت بنائڻ خلاف، اهو سڀ ڪجهه آمريڪين جو رد عمل هو، انهن سيني ڳالهين جي مدنظر چئي سگهجي ٿو ته ذهين کان گهٽو ضدي ۽ جلدباز هو ۽ جلد بازيءَ جي ٻوڏ ۾ لڙهي ويو.

ايترو ناهي ٽِبو سڪٽو ميان،
سنڌ، ڪُرسيءَ لاءِ ٽا وِڪٽو ميان.

مقصود گل جڏهن نئون ديرو شگرمل تي هوندو هو. تڏهن به وٽس وڃي روح رهاڻ ڪري ايندو هوس. اتي ئي سندس پائرن جهڙي دوست (غلام عمر) مختيار گهمري سان ڏيٺ ويٺ ٿي، جيڪو اتي ئي ڪلارڪ هو ۽ هن وقت ليڪچرار آهي. قاضي صاحب به شگرمل جي ملازمت محض ان لاءِ ڇڏي ۽ وقت کان اڳ رٽائر ڪيائين جو اتي ڪيس بي ايمانيءَ سان ياري باشي رکڻ لاءِ مجبور پئي ڪيو ويو. هن وقت رتيديري ۾ "قاضي عبدالحئي ماڊل اسڪول" کولي ڪم ڪري رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مل جي ترڪن تي چڙهي پري پري تائين راتين جا سفر گڏجي ڪياسين. صحت ۽ اندر جو اطمينان ئي اصلي زندگي اهي، تنهنڪري اهي راتين جون رولاڪيون به روح کي راس ايندين هيون ۽ ڏگهي سفر تي ويندي، پنهنجا اندر، هڪ ٻئي اڳيان کٽي کڏي رکندا هئاسين ته ڏاڍو مزو ايندو هو. تڏهن اغوائن جو ڪميٽپٽو ڪونه هو. پيٽ شاهه توڙي نوابشاهه سان به نينهن جي نواڻ ڪري موٽندا هئاسين. ذات پات جي فرق بنا، هڪجهڙائي سان محبتون ڪندي، تهڪ توڙي لڙڪ ورچيندا هئاسين. هڪ پيري هڪ هريجن دوست به ساڻ هو ته ان سان گڏجي ڪاڻ پينڻ ڪيوسون، ان لاءِ ته ماڻهو نيٺ ته ماڻهو آهي. ان ڪان ان جي مذهب، رنگ، نسل ۽ ڏنڌي جي بنياد تي نفرت يا محبت ڪرڻ سان ماڻهپي جو قتل ٿئي ٿو. عام طور تي ته ماڻهپو ويچارو اڻ لبي ٿيندو پيو وڃي وري جو اسان پڙهيا لکيا به. ان سان بي واجبيون ڪيون ته پوءِ نيٺ سماج ڪٿي وڃي بيهندو! قاضي صاحبن جو تعلق ته پيپلز پارٽيءَ سان آهي ۽ مان تڏهن به مُلائيت واري نظريي جي واڳوءَ وات ۾ هوس ۽ مذهبي جماعت سان واڳيل هوندي، ڪُوڙ جي ڪوٽ کي ڪِرڻ کان بچائڻ لاءِ هٿ ڏيئي بيهندو هوس. سائين جي. ايم سيد جي فڪر جو ڪافر هوس، تنهنڪري چوندو آهيان ته: مان سيد اعظم، سائين جي. ايم سيد جي فڪري پوئلڳن ۾ شيخ آهيان ۽ شيخ به صلي ابوسفيان جهڙو. هاڻي ته ڳالهه ٿي بي آهي. اَٽ ٿي پهر اندر ۾ احساسن ۽ التجائن جا ساموندي طوفان آهن، ته شال سنڌ جو مَکو پنجاب جي ڪافرن ۽ مشرڪن کان آزاد ٿئي ۽ منهنجي شيخي قبول پوي!

انهيءَ عرصي تائين منهنجو شاعراڻو نالو مجبور واراهي رهيو، پوءِ جڏهن سَن واري سائين جي فڪر هيٺ سنڌ جي ساڃاهه اکين ۾ اُڀري ته ڪجهه وقت پريشان رهيس ۽ نيٺ والد محترم منهنجو شاعراڻو نالو سرڪش سنڌي رکيو. والد محترم منهنجي شاعري پڙهندو رهندو هو، شاعريءَ ۾ جيڪو جوش جذبو ۽ وَلولو رهيو، ان جي بنياد تي سرڪش نانءُ ڏنائين. والد محترم پاڻ به سٺو شاعر هو. شاگرديءَ واري زماني کان، سنڌي، فارسي ۽ عربي شاعري ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن به ٻه ٽي ٽي ڪلاڪ شاهه سائين پڙهندو هو ۽ رُئندو هو.

مونکي، پٽو جي وفاقي يا پنجابي فڪر سان دشمنيءَ جي حد تائين دُوري رهندي آئي آهي، پر جڏهن هڪ سنڌي ماڻهوءَ کي، سو به بين الاقوامي ماڻهو، پوئين اَسُرَ جي پاڪر ۾، جنهن ويل عاشق ۽ معشوق هڪ ٻئي سان ٻڪيل هوندا آهن، دنيا جهان کان بي پرواهه، ڦاسي گهاٽ جي رسيءَ جي ٻَڪَ ۾ ڏنو ويو ۽ صبح جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاٿو سچ چڙهيو هو ته سندس ميت جي آٿيندڙ هيلي ڪاپٽرن کي ڏسي روح نِپوڙجي ويو هوم ۽ اهو سڀ ڪجهه سنڌي ماڻهو هئڻ جي ناتي ٿي رهيو هو. تڏهن ته چوندو آهيان پ پ وارن کي، ته سيد جي فڪر جي پوئلڳي ڪريو ته اڳتي ڪوئي پٽو ڦاهي نه چڙهي، ڪوئي شاهنواز سقراط وارو زهر نه پيئي، ڪوئي مرتضيٰ پنهنجي شهر جي گهٽين ۾ نڌڻڪو ڪري نه ماريو وڃي. ڪائي بينظير جلاوطن نه رهي! جڏهن پٽو جي تربت تان فوجي پهرو هٽيو هو ۽ ڪين پڪ ٿي هئي ته هاڻي قبر مان پٽو اُٿي ضياءَ کي تباهه برباد نه ڪري سگهندو. تڏهن سندس قبر کي مون ٿي چُمي ڏني هئي. جن سان پيار، محبت ۽ عشق هوندو آهي، انهن کي چمي ڏيڻ، منهنجي انساني مذهب ۽ مشرب ۾ آهي. چُمي انسان جي عشق جي ابتدا ۽ انتها آهي. چُمي خدا آهي، جيڪا عشق کي جياري ٿي. چُميءَ کان ناراض نيا ڳا به نه ٿيندا هوندا. چُمي قرآن مجيد توڙي حجر اسود کي به ڏبي آهي پر محبوبا کي چُمي ڏيڻ سان، ڪائنات کي مٺ ۾ ڪري ڇڏجي ٿو.

لکيو هوم پوءِ به هڪڙو گيت پٽو لاءِ، جڏهن اڳي ڪيل شاعري ڦاڙي ساڙي ڇڏي هيم. جنهن جو بيان مٿي ڪري چڪو آهيان.

مان گيت اوهان جي عظمت جا، ڳوڙهن سان لکان يا رت سان لکان.
مظلوم قصيدا جرئت جا، ڳوڙهن سان لِکان يا رت سان لِکان.

۽ ٻيو هڪڙو نظم ”تون ۽ مان“ جي عنوان سان به لکيو هوم:

منهنجي رت جون ڦينگون آخر تنهنجي مُنهَن تي ٿينديون ظاهر
توکي قاتل ٺهرائينديون، تنهنجو ڳاٽ به لَهرائينديون.

بينظير جي دلچسپيءَ سان، پٽو جي ياد ۾ مشاعرا ٿيندا رهيا ۽ بروقت مونکي سڏيندا رهيا پر مان ڪڏهن به اهڙي مشاعري ۾ شريڪ نه ٿيس. جڏهن ته استاد بخاري به هڪڙي ڀيري اهڙي مشاعري ۾ شريڪ ٿيو هو. هڪ ڀيري رتيديري ۾ حامي جي ياد ۾ ادبي گڏجاڻي ٿي هئي، جنهن ۾ خيرپور کان لعل بخش منگي به اچي شريڪ ٿيو هو ۽ انهيءَ گڏجاڻيءَ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ مونکي چيو ته: قائم علي شاهه سيڙائي موڪليو اٿم ته: توهان پ پ لاءِ ڀرپور شاعري ڪري ان کي سرگرم ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. مون معذرت ڪئي ۽ چيم ته: منهنجي اکين کان آزاد سنڌ جا خواب، ۽ اَندرَ کان سَن، سيد، سنڌ ۽ سنڌوءَ جو عشق ڦرڻ جي ڪوشش نه ڪريو. شاهه صاحب کي چئجو ته مان اوهان جي ڪم جو نه آهيان! اهڙيءَ طرح ڪيترا ڀيرا بينظير پٽو سان ملڻ لاءِ زور بار رکيو ويو ۽ انڪار تي، هنن غلط سمجهي مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادبي ريفرنس تي، آسپاس توڙي مقامي اديبن، شاعرن سان اکيون چار ٿينديون، اوسيئڙن تائين وڃي پھتيون. ٿل ۾ ميرپور برڙو جا اصغر سجاڳ، ساجد سومرو ۽ ٻيا ڪيترا نوجوان، محبتن جي رستن تي هم سفر ٻڌبا ويا ۽ سائين چيچ - لڏندي قائم ٿي. غلام نبي سڏايو، داد محمد بروهي، يونس مهر ۽ انتظار چلگريءَ سان اکيون اٽڪيون ته پيار پاڀوهه جنم ورتو.

تن ڏينهن ۾ قاضي صاحبان ۽ مان انتظار ۾ هوندا هئاسين ته ڪٿي ڪو ادبي ميڙاڪو ٿئي ته سير سفر جو مزو ونجي. جيئن مونکي ڪا چنتا نه هوندي هئي، تيئن مقصود گل جن به ڍڪ نه ڏنا هئا. پان سيد آباد ۾ اهڙو پروگرام ٿيو هو، جنهن ۾ استاد بخاريءَ سميت ڪيترائي شاعر دوست شريڪ ٿيا هئا. ادبي دنيا ئي پنهنجي تي ٿئي ۽ شايد هر وٿنڊڙ ۽ اڻ وٿنڊڙ عمل ۽ ان ۾ شريڪ سنگت جو پنهنجو پنهنجو جهان ٿيندو آهي. اهائي عمر ۽ اهوئي وقت آهي، ماڻهوءَ جي سُڌرڻ ۽ اُڌرڻ جو. قومي شعور، تهذيب، اخلاق وغيره به انهن ئي ڏينهن ۾ اجاگر ٿيندو آهي، جيڪي ڏينهن ڀرپور سمجهه ۽ جوانيءَ جا ٿين ٿا. فضيلتن جا قدر پختا ٿين ٿا. اهڙين گڏجاڻين ۾، هُونئن ته اٿين ماڳهين ناهي ته ڪو اديب سماجي طور تي پنهنجي جوهر ۾ تاجي پيئي پَٽ ٿئي ٿو ۽ ڪانئُس ڪابه غير اخلاقي ۽ جبلتي يا فطري حرڪت سرزد نٿي ٿئي. بلڪل نه. اديب به، انفرادي طور تي ڪيترائي اخلاقي ضابطا، اڻ پڙهيل وانگر ٽوڙي ٿو، پر سراسري طور تي اهڙن گناهن/ ڏوهن ڪان پاسيرو رهي ٿو، جيڪي عوام - آزار هجن ٿا. مثال طور قتل، چوري، ڌاڙ ڌهڪاءُ، بي واجبي يا بي دردي وغيره. تڏهن به ڪا وينگس وَڪڙ ۾ اچيس ٿي ته رضا خوشيءَ سان رنگ ڪرڻ لاءِ ڪپڙا لاهي ويهي ٿو. ڏسڻ ۾ هڪڙو هجي ٿو ته حقيقت ۾ ٻيو ۽ اهڙي عمل کي محبت يا عشق جي فطري لبادي ۾ ويڙهي، پاڻ تي ڪک به رکڻ جو عادي ٿئي ٿو. اٿين به آهي ته ڪيترا اديب، قلمڪار، يا شاعر، شراب ڪباب ڪائي پي، شاندار جاين ۾ رهندي، عاليشان ۽ اوچا ڪپڙا پهريندي، ڏکين ٻکين توڙي اگهاڙن جي درد سان ڀريل تخليقون سرجن ٿا، جڻ ته انهن لاءِ ڦاٽيو ٿا مرن. مُنهن ۾ موسيٰ جهڙو اندر ۾ ابليس.

توڙي جو شاهه سائين به پنهنجي دؤر جو امير ماڻهو هو ۽ بلڙيءَ ۾ شاهه ڪريم جي مزار لاءِ، ملتان مان ڪاشيءَ جون سِرون، ٻيڙين تي، سنڌوءَ رستي ڪٽائي آيو هو ۽ تمام گهڻي مريدي خادميءَ وارو هو، پوءِ به ڏکين ٻُکين ماڻهن سان، سندن ڏک ٻک ۾ شريڪ هوندو هو. شاهه سائين جي حلقي ۾ ايندڙ ماڻهو غريب ئي هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي وٽس اچي سُکَ جو ساهه پٽيندا هئا. پوءِ جيڪڏهن شاهه سائين اينئن چوي ته ڪيس سُونهين ٿو ته:

ڏُکيءِ ڏمَرُ ناهِه، بُکيءِ ڪِلَ نه اُجَهنئي
اگهاڙِيءِ وِهانءِ، وِئو ويچاريءِ وسري

اڄ جو اديب شاعر، ڪنهن کي مانيءِ جي صلاح به مشڪل سان ڪري ٿو. اهڙي ئي صورتحال مُلائن جي به آهي، جيڪي ڪائيندا ئي پرائي گهر مان آهن. هڪڙي ڀيري هڪ جلسي تي وڃڻ ٿيو، نماز پڙهي مسجد مان ٻئي وِيٺا هئاسين ته ٻاهرئين دَرَ تي ڪنهن فقير اچي سَڏ هنئي. ميان احمد دين پهوڙ، فقير کي هڪ آنو ڪڍي ڏنو، جيڪو فقير ناراض ٿي اڇلائي موٽائي ڏنو. فقير ته هليو ويو. والد محترم، ميان صاحب کان پڇيو ته آني کان سواءِ کيسي ۾ ڪجهه نه هُيوَ ڇا؟ وراڻيائين ته هُيو، پر وڏيڪ ان لاءِ نه ڏنم جو گُمانُ هو ته متان ڪنهن گناهه جي ڪم ۾ استعمال ڪري، تڏهن رپيو نه ڏنومانس. تنهن تي والد محترم چيس: مان گهرانءِ ته ڏيندين؟ ميان صاحب وائڙو ٿيو. والد محترم چيس ته: "ائين چو نه ٿو چوين ته ڏيڻ تي دل نٿي گهري."

شڪارپور ۾ مولوي فضل الله ۽ مولوي لطف الله سومرن جو مدرسو هو، ڪجهه وقت والد محترم انهيءَ مدرسي ۾ مدرس به رهيو هو ۽ مولوي لطف الله کي پڙهايو هو. هڪ ڀيري مفتي محمود مولوي فضل الرحمان جو پيءُ، مولوي غلام غوث هزاروي ۽ ٻيا ڪيترا ئي لاٽ ڪُرٽ مُلا مورائا آيل هئا. مان ۽ والد محترم، ٻپهري نماز کان ڪجهه دير سان پهتا هئاسين ۽ نماز به دير سان پڙهي، جڏهن مدرسي ۾ آياسين ته مفتي محمود کي هٿ ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب هو، جنهن ڏانهن اشارا ڪندي، جماعت اسلاميءَ جي باني مولانا مودوديءَ تي هڪ لاهي پيو ته ٻي چاڙهي پيو. اسان به اچي پهتاسين. مفتي صاحب جوش سان ڳالهائي رهيو هو. جنهن تي والد محترم اهو ڪتابڙو وٺي ڏٺو ۽ چيائينس: مولانا! هن ۾ ته اهڙي ڪا ڳالهه ناهي، جيڪا توهان مودوديءَ خلاف ڪري رهيا آهيو. سمورا حاضرين يا مولوي هئا يا وري مولوين جا چيلا. سو بنا حجاب جي غلام غوث هزاروي چئي ڏنو: مولانا عبدالله! سياسي مسئلو آهي. مڙئي مودوديءَ کي خوار خراب ڪرڻو آهي. تنهن تي والد محترم چَيُن ته: دين جي حساب سان ڪنهن تي اِفتراءُ نه ڪيو، جو ان جي سزا به ڇهبڪ آهن. پنهنجي اخلاق کي ايترو به نه ڪيرايو، تڏهن سمورا مُلا ماٺ ٿي ويا هئا.

رتيديري شهر ۾ نوان لڏي آيا هئاسين ته سيدن جي هڪڙي تمام مختصر جاءِ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهڻ لڳاسين. رات جو ٻاهر گهٽيءَ ۾ گدارو کيو هو. اليڪشن جي اوج جو دؤر هو. رات جو مولوي يحيٰ لاکو بنگلديري وارو ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو، پنهنجي حمايت ڪرڻ لاءِ والد محترم وٽ اچي نڪتا. والد محترم چيَن: بابا! مان هڪ مسڪين ماڻهو آهيان. دين جي دنيا جو رهواسي، دنياداريءَ کان ڪوهين ڏور. مان ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهان. ان تي مولوي يحيٰ، مالي مدد جي آڇ ڪئي ته والد محترم ٻنهه انڪار ڪري ڇڏيو. نيٺ مولوي يحيٰ، پنهنجي ڪاميابيءَ لاءِ دعا طلب ڪئي ته والد محترم چيو هو ته: جيڪڏهن پنهنجو سنڌ جو دوست آهي ته دعا گهران ٿو ۽ پوءِ دعا گهري هنائين. دعائن تي ويساهه نه هوندي به ڪٽي "آمين" چئي هيم. ان کان پوءِ جماعت اسلامي وارا آيا هئا ته ڪين به اهو چئي موٽايو هنائين ته مان عيسيٰ مسيح نه آهيان، جو مثل ۾ ساهه وجهان. آخر ۾ جمعيت العلماءِ اسلام وارا آيا. انهن جون ته هَرَئي حجتون هيون ڇو ته انهن ۾ ڪيترائي والد محترم جا شاگرد دوست هئا. چيائين ته: جيستائين سمورا مُلا گڏجو نٿا، تيستائين عبدالله، اوهان مان ڪنهن سان به نه آهي. سنڌس اها راءِ، نيٺ پرويز مشرف جي اليڪشن ۾ مُلن جي اتحاد جي صورت ۾ ظاهر ٿي ته ڪيترين سيٽون کٽيائون. تنهنڪري سمجهڻ گهرجي ته ساڳئي نظريي تي مختلف تنظيمون جيستائين پاڻ ۾ اتحاد ڪي يقيني نه بڻائينديون ۽ اجايا اختلاف رکنديون، اُنائون پاليندون رهنديون، تيستائين انهن جون صدائون صحرائن ۾ گم ٿي وينديون ۽ ڪوبه پڙلاءُ نه ڪنديون پر جڏهن سڀ ڌريون گڏجي پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارينديون، تڏهن جبر ۽ ڪُوڙ جا ڪوٽ ڪنگرا ڪِرڻ ڊهڻ لڳندا ۽ حق سچ جو ڳاٽ اوچو ٿيندو ويندو. باقي نه ته:

مون ڳالهه ڪئي تو به وڄايون تاڙيون
ايڻن قوم جو ڪردار نه لهندو آهي

سنڌي قومپرست ڌريون به جيستائين ذاتي اناڻن جي چڪرن هيٺان بيهي پنهنجو پنهنجو ڏيڍ چانور، ڌار چاڙهينديون، تيستائين مڪار حاڪم سنڌين جا سمورا وسيلا ته هڙپ ڪندا رهندا. پر ڌار ڌار نٽڪو ڪري ماريندا به. جيڪڏهن گڏجي ڪو رستو اختيار ڪيو ته ايتري داداگيري نه ٿا ڪري سگهن، پر اسان وٽ لُوسي ماڻهن جي ڪوٽ ته آهي ڪانه. چوندا آهن ته لُوسي ڪُتو سدائين رڃ جو پاسو. سو ٿوري ٿي ذاتي لالچ تي، دشمن جي دلاليءَ وارو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جنهنڪري سنڌي قوم جي آزادي، اختلافن جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿي وينئي آهي، جيستائين ڪوهيڙو ختم ٿئي ۽ هر ڪنهن جي نظر، حالتن تي ڇٽي پنهنجي سگهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزادي جيڪڏهن، هر سنڌي ماڻهوءَ جو سوداءُ بڻجي پوي، جنهن ۾ بينظير ڀٽو، پير پاڳارو ۽ مخدوم ٽوٽي ٻيا اثر رسوخ وارا ماڻهو گڏجي پون، ته اهو درد ئي پيدا نه ٿيو آهي، جنهن لاءِ ڪو دارو پيدا نه ٿيو هجي. هتي ته وري ذاتي لالچ جي نقطي، ته اندر ۾ اختلافن جا ناسُور ڪٽي پيدا ڪيا آهن. تنهنڪري سچي قوم نسورو، درد، نسورو ڏک ڀٽجي پئي آهي ۽ اها خبر به تمام ٿورن اهل - دل وارن کي آهي. باقي عوام ته مَست اُٺ تي چڙهيل آهي، جنهن کي منزل جو پتو ئي نه آهي! شديد حساس قسم جا ماڻهو، وڏي عذاب ۾ آهن. هڪ پاسي مفاد پرست وڏيري جو داٻو آهي ته ٻئي پاسي بي سمجهه عوام. تنهنڪري وڏن ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن کي سنڌين رستي آڻڻ لاءِ بلڪل جديد ۽ مؤثر علاج جا طريقا ڳولڻا پوندا. نيٺ پيرن وڏيرن، مُلن موراڻن کي کھڙو حق ٿو پهچي ته اهي پنهنجي ورثاءَ سان آزاديءَ جي رِندن جا مشخانا ساڙين ۽ مَٽَ ڀڃي ڇڏين. اهي سياسي پنڊت، جيڪي سنڌ جي آزاديءَ جي راهه ۾ رَنڊڪ بڻيا بيٺا آهن، تن کي هر صورت ۾ اتان هَٽائڻو پوندو ۽ جيترو جلد ٿي سگهي، تيترو جلد اها رٿابندي جوڙڻي پوندي ۽ ان تي عمل لاءِ ڀرپور سموريون ضرورتون ۽ سهولتون سمورن قومپرست اڳواڻن جي ذميواري آهي.

1971ع ۾ بي ايڊ پاس ڪرڻ کان پوءِ، خيال ٿيم ته هاءِ اسڪول ٽيچر ٿجي. نواب نبي بخش ڀٽو وٽ ويس، جنهن 1961ع ۾ پرائمري ٽيچري وٺي ڏني هئي. ڪيس چيم ته پنهنجي پٽ، تڏهن جي سنڌ جي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو ڏانهن خط ڏي. پاڻ ممتاز علي ڏانهن خط، اهو چئي نه ڏنائين ته: ڪم نه ٿيندو ته ڏک ٿيندم، شايد ڪيس پٽ ۾ يقيني اُميد نه هئي، تنهنڪري پنهنجي ٻئي پٽ معشوق علي خان ڏانهن خط ڏنائين، جيڪو تڏهن لطيف آباد، حيدرآباد ۾ رهندو هو. 1972ع جي فيبروري هئي، خط ڪٽي، لاڙڪاڻي کان ريل رستي ڪوٽڙي اسٽيشن تي لٿو هوس. ڏاڍو سيءُ هو. اسٽيشن کان ٻاهر نڪتس ته چار پنج غير سنڌي ٻاهه جو مچ مچايون ويٺا هئا. مون به هٿن سيڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڇڙٻ ڏيندي چيائون ته تو لاءِ نه ٻاري آهي، هلندو هل. اهو واقعو، اهو ڏينهن، منهنجي سنڌ ۽ سنڌوءَ سان محبت جو بنياد بڻيو ۽ سائين جي. ايم سيد جي فڪر ڏانهن متوجهه ٿيڻ لڳس. لڳم ته ڪنهن چؤ ڪنيو ٻڌي ڪٽي سنڌوءَ ۾ اڇلايو هجي، جتان نه نڪري سگهان ها نه ئي نڪرڻ گهريم. لطيف آباد پهتس ته خبر پئي ته معشوق علي لاڙڪاڻي ويو آهي. واپسي ڪيم. لاڙڪاڻي اچي جاچ ڪيم ته چيائون: ميرپور ڀٽو ويو آهي. رات اچي رتيديري گهر ۾ گذاري، صبح جو ميرپور ڏي مُنهن ڪيم، پهچي پڇا ڪيم ته ٻڌايائون ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪب آباد ميلي تي ويو آهي. گهر خبر ڏيڻي لڳوسانس ڪَڏ، نيٺ جيڪب آباد ۾ وڃي مليومانس. خط ڏنومانس ته درخواست گهريائين. مون درخواست ڏني. چيائين ٻئي ڏينهن اچجانءِ. مونکي ايچ ايس ٽي ٿيڻ جو يقين ٿي ويو. موٽي رتيديري آيس. رات جو پرپور پاڪرن ۾ گذاري، هڪ ڏينهن اڳ ۾ ئي جيڪب آباد هليو ويس. پاڻ شڪار تي ويل هو. مان ممتاز علي جو جلسو ڏسڻ، ٻڌڻ لاءِ هليو ويس. موٽي آيس ته ڪمدار ٻڌايو ته معشوق علي خان واپس حيدرآباد روانو ٿي ويو. تَرا لڳي ويا. سمورا يقين جا تصور ذريون ذريون ٿي ويا، چيهون چيهون ٿيل اندر سان، ڪمدار کي چيم ته مان درخواست ڏني هئي مانس ته ڪيسي مانِ درخواست ڪٽي هٽ تي رکيائين جنهن تي For Sympathatic Consideration لکيل هو. اهو نوٽ ته مون قطار ۾ بيهي به هٽائي ٿي سگهيو. جيڪڏهن معشوق علي اها درخواست تڏهن جي وزير تعليم در محمد اوستو کي ڏئي ها ته به يقينن ڪم ٿئي ها پر اها درخواست، ڪمدار جي معرفت ممتاز علي وٽ پهتي، جنهن اهو رواجي نوٽ هنيو. مون درخواست، ڪمدار جي رويرو ڦاڙي، اچي گهر ڪان نڪتس ۽ شايد شارٽ ڪٽ پروموشن جي غير اخلاقي عمل ڪان بچي ويس. توڙي جو هتي جي سسٽم ۾ ائين ئي ٿئي پيو ۽ ان کي اخلاقي قدرن جي پيچڪڙي نٿو چيو وڃي.

رتيديري شهر جي اوپر ۾ مولوي عبدالعزيز پانڊي قُبي واري جو مدرسو هو. اسان جڏهن رتيديري ۾ اچي هڪ پيل سرڪاري پلاٽ تي اُجهو اڏي ويناسين ته والد محترم لاءِ ضروري ٿي پيو ته نماز لاءِ هڪ مختصر مسجد ٺاهرائي. اها اڏاوت شروع ٿي ته شهر جي هڪ خوجي سيٺ محمد يوسف، والد محترم ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪليو ۽ چوايو ته: جي اوهان کي مسجد ٺاهرائڻي آهي ته مون سان اچي ملو. والد محترم انهيءَ ماڻهوءَ سان ئي چوائي موڪليس ته: "اهي بيا مُلا هوندا. جيڪي تو وٽ اچن. مونکي اهڙي ڪابه ضرورت نه آهي." اهو جواب ٻڌي، سيٺ پاڻ هلي آيو ۽ پنهنجي لفظن جي معافي وٺندي مسجد ٺهرائي ڏيڻ جي اجازت گهريائين ۽ چيائين ته هڪڙي مري ويل ماڻهوءَ جي امانت جا پئسا آهن. جنهن مسجد ٺهرائڻ جي وصيت ڪئي هئي. والد محترم اجازت ڏنس. مسجد جو ڪم شروع ته ٿيل هو. جڏهن اها ڇت کي اچي پهتي، ته مولوي عبدالعزيز کي خبر پئي ته وڃي سيٺ کي چيائين ته اتي مسجد چو ٺا ٺهرايو، اهي پئسا سندس مدرسي لاءِ ڏيو. سيٺ کيس وصيت بابت ٻڌايو. هي ءُ هو هڪ بزرگ عالم، هاليجوي جي خليفي جو احوال، جيڪو نهايت شاندار لباس پائيندو هو ۽ وڏي ٺٺ سان گذاريندو هو. اسان جي لڏي اچڻ تي به رنج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لک پيرا چڱا آهن. جيڪي پنهنجي زندگيءِ سان ويڙهه ڪندا آهن ۽ پاري باشيءِ ۾ ڪنهن ڪان ڪجهه به نه وارينداآهن. جيڪي هوندو اٿن. گڏجي ڪائيندا پيئندا آهن. والد محترم چوندو هو ته بابا! اهي موالي، گهڻن ماڻهن کان سُٺا آهن، ڇو ته انهن جي جنگ پنهنجي پاڻ سان آهي. رت پياڪ ۽ بداخلاقن ماڻهن وانگر ته نه آهن.

1973ع ۾ ڏاڍيون برساتون پيون هيون ۽ ڏمريل فطرت، ٻين غريبن جي جُهڳن وانگر، اسان جي ڪچَ سِري جاءِ به هنڌان هنڌان ڇني ڦاڙي وڌي هئي. ويتر جو سنڌوءَ ۾ سنڌوءَ جي ڪاوڙ جهڙو چاڙهه ٿيو هو، سو اصلي ساهه مُنين ۾ اچي ويا هئا. ڇاهڻ دروازن واري سکر پل وٽان، چوڌهن لَک ڪيوسڪ پاڻيءَ جي وهڪري جو اعلان ڪيو ـپئي ويو ۽ راءِ هئي ته ڇاهڻ دروازن جي پُل، ايترو دٻاءُ برداشت نه ڪري سگهندي. تڏهن جي وزيراعليٰ ممتاز علي ڀٽو جو بار بار اعلان نشر ٿي ڪيو ويو ته: اُتر پچي وڃو - اُتر پچي وڃو! اهڙي صورتحال ۾ ڊپي پيل غريباڻن گهرن جي مالڪن ڪي في گهر ٽيهه رپيا سرڪاري مدد ڏني پئي وئي ته مون چيو هو ته: جيڪڏهن سرڪار ايتري مدد ڏيندي ته جن ماڻهن جا گهر بچي ويا آهن سي به اها امداد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا گهرَ ڍاهي پَٽ ڪري ڇڏيندا!

رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪپ ڪي ٿنون ديرو کان ٿيرو ٽُڪو ڏياريو ويو هو، ته جيئن مٿان کان ايندڙ پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽ ٿي سگهي. تڏهن پيڻ ڪي لاڙڪاڻي ۾ ڏسڻ لاءِ رتيديري کان جيپ ذريعي، وارهه شاخ جي ٽاپ سان، حاڪم شاهه پَٽَ واري ڪان ٿيندو، قمبر وارو روڊ وٺي، لاڙڪاڻي وڃڻ ٿيو هو ۽ ساڳئي رستي سان واپسي ڪئي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾، پنهنجي پياري سؤٽ رضاعي ڀاءُ، جمال الدين جو موت، ڪوما وگهي لاڙڪاڻي ۾، چوڌري احسان جي علاج هيٺ ٿيو هو. مون جمال الدين جي امان نواب خاتون جي ٿڃ پيتي هئي، تنهنڪري ان ڪي رضاعي ڀاءُ چوان ٿو. تڏهن اڻ پڙهيل ماڻهن ڪي شڪ پيو هو ته ڪيس زهر ڏنو ويو آهي. پر چوڌري فزيشن انهيءَ جو انڪار ڪيو هو ۽ ٻڌايو هو ته موت جيري جي ڳري وڃڻ ڪري ٿيو آهي. اُن امان ڪي اهوئي هڪڙو پٽ هو ۽ پوءِ تقريباً ٽيويهه چوويهه سال رُئندي رُئندي گذاري ويئي هئي، تڏهن ته چوندا آهن ته: جيڪر هڪ پُٽ جي ماءُ نه ويامي. زندگيءَ جو انتهائي شديد ڏک ٽئي ٿو اهڙي ماءُ ڪي! ڇڻ ته سڄي دنيا جو ڏک اچي سندس دل ۾ اکين ۾ ويهي رهي ٿو!

● 1975ع فيبروريءَ ۾ منهنجو آرڊر هاءِ اسڪول رتوديرو ۾ ٿيو. جڏهن ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قاضي قائل سرشاري صاحب 1976ع ۾ رٽائر ٿيو. سندس جاءِ تي، سندس ٽيون نمبر پٽ قاضي اختر حيات مقرر ٿيو. هي سڀ ماڻهو فائين آرٽ جا شاگرد ۽ استاد رهيا آهن. قاضي اختر حيات گوري رنگ جو، نه تمام ڏگهو نه بندرو، ڪلين شيو ۽ ڏاڍو رَلٽو مِلٽو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هلڪي چڙ به ايندي اٿس ۽ تڏهن بنهه نه سُونهندو آهي. مون ڪيترا اهڙا ماڻهو ڏٺا آهن، جن جي مُنهن تي ڪاوڙ جا نشان اصل نه نهندا آهن، باقي مُرڪ ته هر ماڻهوءَ جي مُنهن تي، ڏرتيءَ تي بهار جيئن لڳندي آهي. ايم. اي، ايم ايڊ کان سواءِ فائين آرٽس جي ٽريننگ ٿيل اٿس. ڪجهه وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهيو، پوءِ اها ڇڏي پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۾ استاد رهيو. ڪٽنب کان ڏوريءَ سبب ڇڏي آيو ۽ اجڪلهه پنهنجي استاد پروفيسر نذير احمد جي خانگي اسڪول ۾ پرنسپال آهي. ڏاڍو محنتي اهي، تنهنڪري اوڀل سويل واري، چڙ سندس مجبوري آهي ۽ مجبوري، خوبصورت نه هوندي آهي. عام طور تي ڇڄو نه ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٿيو پوي. پراڻو تعلق نيائيندو پيو اچي. اٽڪل پونين ڇهن ورهين کان مونکي به ڪٽي ڦاسايو اٿس پاڻ سان. پروفيسر نذير احمد توٽي قاضي صاحب، مون سان ڪو به ليکو نه ڪندا آهن. ڪيترا به ڏينهن غير حاضر چو نه رهان، اک ڪوڙي نه ڪندا آهن. هونئن به عمر جو لحاظ رکڻ ضروري آهي. خانگي اسڪول انڊسٽري وانگر آهن، جتان مالڪن کي دولت ۽ وچولي طبقي جي ٻارن کي علم پيو ملي، البت اهڙن ادارن ۾ ٽيچرس جو استحصال پيو ٿئي. جن کي تمام مختصر اجوري تي رکيو پيو وڃي. جيڪڏهن اسڪول جي سال جو خرچ ڪڍي، باقي بچت کي مالڪ ۽ ٽيچرس ۾ هڪ جيترو ورهايو وڃي ته سيني لاءِ ڀلائي ٿي پوي ۽ خود تعليم به اجا وڏيڪ نتيجي واري ٿجي پوي. اپت ۾ شراڪتوارو عمل شاندار ٿئي ٿو. اهوئي عمل هو جنهن تي شاهه عنايت شهيد عمل پيرا هو. جيڪڏهن مالڪ اٿين نٿا ڪن ۽ ظاهر آهي ته نه ڪندا ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽيچر جي پگهار ٽي هزار رپيا هئڻ گهرجي ۽ هر سال پنجاهه رپيا انڪريمينٽ طور ڏنا وڃن. ايئن ڪرڻ سان خانگي اسڪولن مان ٽيچرس، وچ ۾ هليا نه ويندا. جڏهن ته موجوده صورتحال ۾ ائين ٿي رهيو آهي. ان کان سواءِ اهم سبجيڪٽس ۾ خاص ڪري هوشيار نوجوانن کي آندو وڃي ته سٺي پگهار سان منجهن سرڪاري ادارن ۾ وڃڻ جي خواهش پيدا نه ٿيندي ۽ ڪو به سبجيڪٽ رهجي نه ويندو. جڏهن ته موجوده صورتحال ۾ ائين ٿي ٿي رهيو آهي جو ڪيترن ڪلاسن ۾ڪڏهن انگريزي، ڪڏهن باٽلاجي، ڪڏهن فزڪس، ڪڏهن ڪيمسٽري ته ڪڏهن ميٿيميٽڪس اڌوري رهجي وڃي ٿي. ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ ادارن جي مالڪن کي ڪشاده دل ٿيڻو پوندو. "جهان خوش ته جِيءَ خوش" جهڙو جذبو رکڻ ضروري آهي، نه ڪي "جِيءَ خوش ته جهانُ خوش".

اختر حيات جنهن سال رتيديري هاءِ اسڪول ۾ مقرر ٿيو، انهيءَ سال ئي اسڪول اسٽاف ۽ مئٽرڪ ڪلاس جي شاگردن جي آئوٽنگ جو پروگرام ٺهيو هو. هڪ وڏي بس ڪرائي ڪئي ويئي هئي، جيڪا دادو، سيوهڻ کان ٿيندي ڪوٽڙي پهتي هئي. ڪوٽڙي هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر مقصود احمد شيخ جا مهمان ٿياسين، جيڪو رتيديري هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر رهي چڪو هو. ڪيس اڳواٽ اطلاع ڪيو ويو هو. اختر حيات کي منهنجي هر سفريءَ ۾ اجازت ملي هئي. اهڙو گڏيل سفر به پنهنجي وجود ۾ شاندار ٿئي ٿو. آزاد ماحول ۾ شاگرد، شاگردن سان ۽ استاد، استادن سان خيالن جي ڏي وٺ، پوڳ چرچا ۽ علمي مشاهدا ڪندا وتن. شاگردن ۾ ضابطي لاءِ، استاد مقرر ڪيا پئي ويا. رات ڪوٽڙيءَ ۾ گذاري، صبح جو ناشتو ڪري، نئي ڏانهن اُسهيا هئاسين. رستي ۾ ڪينجهر تي ڪي پل گذارياسون. ڪينجهر وڏي ڍنڍ آهي، هن جي وسيلي ئي سموري ڪراچيءَ کي پاڻي پهچي ٿو. پاڻيءَ جي مسئلي تي جيڪڏهن متحده قومي موومينٽ وارا سنڌين سان ساٿ نه ڏيندا ته پيئڻ لاءِ به پاڻي نه ملندن. تنهنڪري اها ڳالهه سمجهڻ گهرجين ۽ سنڌين سان گڏجي ڪالا باغ ڊئم، ٿل ڪئنال ٽوٽي ڪنهن بئي ڊئم خلاف جدوجهد ڪرڻ ضروري آهي.

ڪينجهر، تاريخي عشقيا داستان کان به مشهور آهي. هتي جي مهاڻن جي هڪ خوبصورت ۽ خوبسيرت وينگس نُوريءَ سان، وقت جي حاڪم ڄام تماچيءَ جو عشق ٿي ويو هو ته مُهاڻن ڪٽي نُوري ڏنس. نُوريءَ جي ڪري مُهاڻن کي سمورا محصول معاف ٿيا هئا. ڄام، نوريءَ جي حسن ۽ نهٺائيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي پيو هو.

نيڻ نُوريءَ جا، اِجا ئي ڳالهه هئا
ڄام تي پاڇو پيو هو ڄارَ جو

هُونئن به جڏهن عورت نُوري هجي ته نُوري ئي هجي. شال بي نُوري نه ٿئي. بي نُور ماڻهوءَ جي کهڙي زندگي آهي، نيڻ هرڻ جي اکين جيڏا ۽ ديد ڪانه. افسوس جهڙي ڳالهه آهي.

لطيف سائين، نُوري ڄام تماچي جي نينهن کي سُر ڪاموڏ ۾ امر بڻائي ڇڏيو آهي.

1974ع ۾ نئي شهر ۾ هڪ مهاڻي ٻڌايو هو ته، نوريءَ تي پنهنجو مُهاڻو، نهال نالي عاشق هو پر بادشاهه نيٺ ته بادشاهه هو. ويچارو نهال مُهاڻو ماٺ ۾ مري ويو هو، ان لاءِ ڪا تاريخي سَندَ ناهي. ڪينجهر کان ٺٽو پهتاسين. ٺٽي ۾ سؤ قبن واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجيون نيائيون پنجابي جنرلن ۽ چوڌرين کي ڏيئي رهيا آهن. سومرن کان پوءِ سما دؤر شروع ٿيو. جيڪو 1351ع کان 1520ع تائين 170 سال رهيو. انهيءَ دؤر ۾ ڄام نندو شاندار حاڪم ٿي گذريو آهي. ڄام تماچي به انهيءَ خاندان جو حاڪم ٿيو. جنهن نوريءَ سان نينهن ڪيو. اهائي نوري نمائي ٿي گذري آهي. باقي ته ڏمر جا پاڇا پاڻ سان ڪنيو وتن ۽ ڪروڌ جي جهنم ۾ پاڻ به پيون پچرن ته ٻين کي به ساڙي رک پيون ڪن. سمن کان پوءِ ٻاهريان غاصب آيا. جن کان پوءِ ٻـرين ئي مغلن جي پاڇي ۾ ڪلهوڙا حاڪم ٿيا. جيڪي 1718ع کان 1782ع تائين رهيا. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ئي، سنڌين جي تقدير جوڙڻ لاءِ، شاهه سائين جنم ورتو. جنهن پنهنجي لازوال شاعريءَ جي ذريعي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم کي اَمرتا بخشي. 1782ع ۾ ڪلهوڙا حاڪمن جي لشڪري، ٽالپرن بغاوت ڪئي ۽ ڪلهوڙن کان حڪومت ڪسي ورتي. جڏهن به لشڪرين جي مغز ۾ پوئترو پرجي ويندو آهي ته سنڌن دماغ ڦري ويندو آهي ۽ حڪومت تي قبضو ڪري ويهندا آهن. ٽالپرن جي اندروني چڪتاڻ، وڏيرڪي، ذهنيت، لالچ ۽ چاپلوسيءَ ڪانئن انگريزن هٿان سنڌ جو اقتدار ڦرايو ۽ سنڌين جي دائمي تباهيءَ جا بنياد پيا. اهو دؤر 1843ع جو هو. ٽالپرن کي قيد ۾ رکيو ويو ۽ انگريزن سنڌ جون واڳون ٽانگي هلائيندڙ وانگر پنهنجي هٿن ۾ رکيون.

انگريزن ڦرمار سان گڏ، ترقيءَ جا ڪم به ڪرايا. جن ۾ ريلويز ۽ سنڌوءَ تي ٻنراجن اڏڻ ۽ آبپاشيءَ جو نظام قائم ڪرڻ وڏي اهميت وارا ڪم آهن. ٻي مهاڀاري جنگ، جنهن ۾ هڪ پاسي هٽلر (جرمنيءَ جو) جپان ۽ خلافت عثمانيه هڪ طرف هئا ته آمريڪا، انگلينڊ، فرانس ۽ روس ٻئي پاسي، ڇهه ورهيه لاڳيتا جنگ هلي. نيٺ آمريڪا، هيروشيما ۽ ناگاساڪي، جپاني شهرن تي ائٽم بم اڇلايا ته اک ڇنڀ ۾ ٻيئي شهر تباهه ۽ لکين ماڻهو ڪوئلا ٿي ويا ته هٽلر خودڪشي ڪري ڇڏي. عالمي جنگ کان واندا ٿي چارئي اتحادي، خلافت عثمانيه کي سيڪت ڏيڻ لاءِ سوچڻ لڳا. خلافت عثمانيه، غاصب تُرڪي فوجن جو ٽولو هو، جيڪي بنو عباس جي لشڪري طور آيا ۽ انهن کي تباهه برباد ڪري عرب حڪومت تي قبضو ڪري ويٺا هئا. انگريزن هتي جي پنجابي لشڪرين کي آزاديءَ جو واعدو ڏيئي، ڪين عربن خلاف جنگ تي آماده ڪيو. پنجابي فوج ڪعبة الله تي به گولا وسايا. اهڙيءَ طرح غاصب ترڪ، عرب دنيا ڇڏي، ڪمال اتاترڪ جي اعلان هيٺ، پنهنجي ترڪيءَ ۾ موٽي آيا ۽ عرب دنيا ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهائجي ويئي. عربن کي آزاديءَ جو حق هو ۽ ترڪن کي اخلاقي طور واپس ٿيڻ گهربو هو پر قتل غارتگريءَ کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

● قائل سرشاري صاحب جو چوٿون ءِ آخري پٽ قاضي منظر حيات آهي. ننڍي هوندي کان ئي سلجهيل رهيو آهي. تعليم سان ڏاڍي دلچسپي هيس. ايم بي بي ايس ڪري ڊاڪٽر ٿيو. هن وقت لکي غلام شاهه ۾ ميڊيڪل آفيسر آهي. اديبائي طبيعت سبب، انسان دوستيءَ لاءِ مثالي نوجوان آهي. اسپتال ۾ دوائون نه هونديون آهن ته غريبن کي پنهنجي هڙان وٺي ڏيندو آهي. پيشي جي حوالي سان، پئسي ڪمائڻ واري لاڙي ڏانهن ليئو به نه پاتو اٿس. سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ دوران هڪ معذور شاعر دوست، بدر قريشيءَ سان، ان جي زندگيءَ تائين خوب نڀايائين. ان ويچاري شاعر سان، پٽوڙ جي ڏور ۾، پٽوڙ جي ورڪ ڪندي، حادثو پيش آيو هو ءِ هميشه لاءِ کٽ تي پئجي رهيو هو. مون به ان سان ڪيترين ئي ڪچهرين ڪيون هيون. پنهنجي جاءِ ۾ اڪيلو رهندو هو. جڏهن به ڪو دوست ايندو هوس ته روح ۾ خوشيون پرجي وينديون هئس.

ڊاڪٽر، استاد بخاريءَ سان به ڪافي ويجهڙو رهيو. شيخ اياز جا گهڻا ڪتاب ڊاڪٽر ئي فيئر ڪيا هئا. اياز جي گهر جو ڀاتي ٿي ويو هو. اڪر ڏاڍا سٺا اٿس. تنهنڪري شيخ صاحب لاءِ مددگار ثابت ٿي پيو هو. ٻڌائيندو آهي ته شيخ صاحب پنهنجي شاعريءَ جو ڪوبه مسودو، هاسٽل تي فيئر ڪرڻ لاءِ نه ڏيندو هو، تنهنڪري وٽس ويهي فيئر ڪرڻا پوندا هئا. پاڻ به شاعري ڪندو آهي. ادبي دنيا سان واڳيل وڏيڪ، ءِ ڊاڪٽر گهٽ پاسندو آهي. منهنجو تمام گهڻو خيال ڪندو آهي. منهنجي جنم ڏينهن تي، مون لاءِ آرٽيڪل لکڻ ءِ منهنجا فوٽو اخبار کي ڏيڻ، پاڻ تي لازمي بڻائي ڇڏيا اٿس. مونکي وري ڪڏهن خيال به نه ٿيو آهي ته پاڻ بابت اهي اخبارون سانڍي رکان، نه ئي ڪڏهن شاعريءَ وارا رسالا رکيا اٿم. بي ذوق جو ٿيس.

پندرهن ويهن ڏينهن ۾ هڪ ڀير فون ڪري طبيعت ضرور پڇندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن طاقت جون دوائون به آڻي ڏيندو رهيو آهي. شڪارپور وڃڻ ٿيندو آهي ته وٽس ئي رهندو آهيان. البت هڪڙو ڇيو، بار بار چوڻ جي نه مڃيو اٿس. اهو آهي سنڌس شادي. شادي جوانيءَ جي جوتي ته آهي ئي، پر پيرسنيءَ ۾ وڌيڪ اهم بڻجي وڃي ٿي. هيءَ دوست نه پنهنجي پسند جي شادي ڪري ٿو نه وري اسان جي پسند جي پوئلڳي يا پرواهه ڪري ٿو. وري اسان به، سنڌس شادي جي اميد، سنڌس سؤ ورهيه ڄمار تائين واپس نه وٺنداسين. مُڪر - ماءُ وارو آسرو رهندو ايندو. پنهنجي عزيزن سان شڪارپور ۾ رهندو آهي. جڏهن ته شيخ اياز سان ته نڀايائين پر ان جي شهر سان به نڀائي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رتيديري ۾ هڪ ڪَچ سِري جاءِ هوندي هئي. جنهن جي اولهه پاسي ڪان والد محترم ۽ ننڍي ڀاءُ فقير عبدالرشيد جو ڪمرو هو ته اوير ۾ ڀاءُ مولوي عبدالحميد جن جو ڪمرو وچ ۾ منهنجو ڪمرو هو. هونئن به ڀائرن ۾ وچون ڀاءُ هوس. 1973ع واري برسات ۾، جاءِ ڦاٽي پيئي هئي. ڀريان سمورو پاڻي اندر گهڙي آيو. ڏاڍي پريشان ٿي هئي ۽ اهڙي پريشاني اسان جي ۽ ٻين غريبن جي سرڪار پاران ٽيهه رپيا في گهر امداد سان ڇڏي ويئي هئي ۽ غريب ماڻهن عيد جهڙي خوشي ڪئي هئي. واهه ڙي وڏيرڪي سرڪار!

سياري جي راتين ۾ والد بزرگوار وڏي اَسُر جو اٿي قرآن جي تلاوت ڪندو، ترجمو ۽ تشريح ٻڌائيندو هلندو هو. وڏو آواز ڀڃريون ته پريشان ڪندو هو پر پوءِ روزاني ائين ڪرڻ سان نهي وياسين. جيئي ريلوي لائين پرسان رهندڙ ماڻهو، ٽرين جي اچڻ وقت پريشان نه ٿيندا آهن. اسان به پريشانيون پري ڪري ڇڏيون. گهڻو وقت وعظ ڪرڻ ڪان پوءِ چوندو هو ته، اي الله! مون کي قيامت ۾ اها اجازت ڏجانءِ ته توکي چوان ته ماڻهو ٿِي پِڻُ. جڏهن تون چوندين ماڻهو ٿيو آهيان ته هڪ وڏي برندڙ اُماڙي ڪٽي سيني ۾ هٽندو سانءِ، پوءِ جيڪڏهن سڙي پوڻ تي ڏاڍيون دانهون ڪيڻ، ته پڇندو سانءِ ته هنن ماڻهن کي ڇا لاءِ تو دوزخ ۾ ساڙين؟ پر جيڪڏهن چيڻ ته اُماڙِيءِ سان ڪجهه به نه ٿيو ته چوندوسانءِ: اِجا ماڻهو نه ٿيو آهين." اها ڳالهه مون سان ٻير واري بزرگ به ڪِدي هئي ته ٻير جي مدرسي ۾ رات جو واعظ ڪان پوءِ روزانو جيڪي راتيون رهندو آهي، ائين چوندو آهي ته مون ان جْي تصديق ڪئي هئي ته گهر ۾ به چوندو آهي. تڏهن ته مون به هڪ غزل جي آخري بند ۾ چيو هو:

ڪِين گهبراءِ زماني جي سِتم ڪان سَرڪش!
سَچَ چَوڻو ته خدا کي به چَني ڏيندو ڪر.

جڏهن مان اِجا پرائمري ٽيچر هوس ۽ لاڙڪاڻي جو ڊي آءِ ايس شيخ عزيز هو، جنهن کي قاضي فضل الله وزير جي حڪم سان عبدالله عتيق جي تقاضا تي لاڙڪاڻي ۾ مقرر ڪيو ويو هو ۽ شيخ فقط صحيح ڪرڻ جو مالڪ هو، پر حڪم عتيق جو هلندو هو ۽ منهنجي بدلي به پوليس لائين ڪان رتوديرو نمبر ون ۾ عتيق ئي ڪرائي هئي، تڏهن پوليس لائين جي اسڪول جي اردو سيڪشن ۾ آصف سومرو به پڙهندو هو، جيڪو هاڻي وڪالت پيو ڪري.

مان رتيديري اسڪول ۾ آيس ته پنهنجي ڳوٺ ۽ گهر گهاٽ کي ويجهو ٿيس ۽ روزانو ايندو ويندو هوس. انهيءَ اسڪول ۾ هيڊ ماستر محمد عمر ابڙو هو، جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد اطهر شاهه جو گهراڻو، نهايت معزز ۽ سياسي رهيو آهي. ادب سان به سٺو چاهه رکيائون. سندس ڏاڏو سيد وريل شاهه، سٺو سياستدان هو ۽ تقرير به نهايت سٺي ڪندو هو. سندس والد سيد بچل شاهه به سٺو مقرر ۽ بهترين ماڻهو هو. ان کان سواءِ سيد راجا شاهه به پنهنجي ادبيائي ۽ شاعرائي لڏي جو دوست ۽ مهربان رهيو آهي.

ڊاڪٽر خورشيد احمد سمون به هن هاءِ اسڪول مان پڙهي نڪتو. ڪراچي سول اسپتال ۾ سرجن آهي. منهنجي وڏي پر گهور لڌائين. اسپتال ۾ رهڻ دوران، موڪلائڻ کان سواءِ گهر نه ويندو هو. پنهنجي سياءَ ۾ اينترو شاندار آهي جو ڳالهه ڪٿي ڪُتاءِ. ڊاڪٽر نُور سنڌو ۽ ڊاڪٽر نسيم جي جاب جي سلسلي ۾ وٽس ويس، ته ڪراچيءَ جون خانگي اسپتالون اُٿلائي رکيائين. رات پنهجي وينئي ته پنهنجي گهر ۾ وٺي هلي رهايائين. شال پنهنجي سموري ڪٽنب سميت سدائين خوشيون ماڻيندو رهي!

رتيديري جي شاگرد ڊاڪٽرن ۾ به پيا نانوَ به آهن. هڪ آهي ڊاڪٽر بدر چنو جيڪو ڊينٽل سرجن آهي. سياست ۾ رهڻ ڪري پاسا بدلائيندو رهيو آهي. سندس اصلي مشرب عوامي تحريڪ ۽ رسول بخش پليجو رهيو. پوءِ وري پ پ ۾ ويو، وري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. جڏهن ته سندس والده اڄا سوڌو پ پ ۾ آهي. زماني جو ماڻهو آهي ۽ زماني جا ماڻهو رڳو ٺي رڳو پنهنجا هوندا آهن. نه ڪنهن مائٽ جا، نه ڪنهن دوست، نه ئي ڪنهن استاد جا. اهي پنسي ۽ پاڻ ناهڻ جا ٿيندا آهن. هُونئن به پليجي صاحب جا سمورا پوئلڳ ساٿي، اڄڪلهه پاڻ ناهڻ واري غليظ اصول تي ڪم پيا ڪن ۽ سمورين صلاحيتون اتي پيا خرچ ڪن. خود غرض ماڻهو نيٺ سماج کي ڇا ٿو ڏيئي سگهي!

هڪڙو ڊاڪٽر غلام شبير قادري به هو. ڏاڍو پيارو، عزت ڪندڙ، فرمانبردار اديب ۽ فضيلت وارو، ڏاڍو هوشيار نوجوان هو. ايم بي بي ايس ڪرڻ کان پوءِ جلدئي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندائين ۽ هيڊ ڪانسٽيبل جهڙي غريب پيءُ کي ۽ ماءُ کي هميشه لاءِ روئاري هليو ويو. مونکي جڏهن اها خبر پئي ته منهنجو اندر سچي جو سچو افسوس ٿي ويو هو. ڏاڍو ڏک ٿيو هو سندس جواني ۾ اهڙيءَ طرح موت جو.

ان کان سواءِ پيا به ڪيترائي شاگرد دوست ڊاڪٽر آهن جن پنهنجو، پنهنجي ڪٽنب جو ۽ پنهنجي شهر جو نانءُ روشن ڪيو آهي. هن اسڪول ۾ ماستر امان علي سمون، مسڪين طبيعت جو مالڪ هو. ذات ۽ ڏنڌي جي حوالي سان ته مڱڻهار پيا سڏجن، پر امان علي محنت ۽ جاکوڙ ڪري، انهيءَ قبيلي مان مڱڻهاريءَ واري احساس کي خاتمي ڏانهن آندو ۽ پاڻ کي سمون سڏائڻ لڳا. سما تنظيم جوڙي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي خسناڪين کي لتاڙي، پوڙهائپ جي صحرائن جو مسافر اچي ٿيو آهيان. منهنجي لاءِ ايترو سفر ٿڪائيندڙ هڪ طرف ٿئي ٿو ته رٽائر ماڻهوءَ لاءِ پئسي جو مسئلو ٻئي طرف. مقامي يارن دوستن کي سڏائي شوق پورو ڪر. پر چوندا آهن ته: جن ڇڏي جَنِي نه ڇڏي. سو ڳِڪ ٿي ٻيهي رهيو ته سندس زور پرڻ جو فائدو وٺندي ڪرايي جي تقاضا ڪيم. پنج سؤ رپيا ڪٽي هٿ تي رکيائين ته اکيون ٻُوٽي ڪٽي ورتم. مقرر ڏينهن تي وجي نڪتس نوابشاهه. رات جو فنڪشن ۾ ٿيندڙ انجنيئر نوجوانن کي سندن سرگرمين، ۽ ادبي اُٽا ويٺين تي جَسُ ڏيندي چيو هوم: ”اسين هاڻي، اوهان يارن، ملندڙ عزت، پيار، ادب، احترام ۾ پاڻ لاءِ ۽ اوهان لاءِ جيئون ٿا، جيڪڏهن اوهان يارن عزت، ادب ۽ پيار نه ملندو يا اسين ان کان پري ٿي ويندا سين ته مري ويندا سين. هُونئن به ماضيءَ جو آئيندو مستقبل ۾ هوندو آهي، اوهان پنهنجي نصابي ذميوارين کي نڀائڻ کان پوءِ، ادب سان لاڳاپو رکي، شعور، ساڃاهه ۽ فضيلتن جي آبياري ڪريو ٿا، جنهن قوم جا نوجوان شعور، ساڃاهه ۽ فضيلتن جا امين ٿيندا آهن، اها قوم هميشه زنده رهڻي ۽ ترقيءَ ڏانهن وڌڻي آهي. مون کي خوشي آهي جو اوهان سڀني تعليم، سڀني احساسن ۽ سڀني امڪانن سان سنوارجي ٻاهر نڪرو ٿا ته يقيناً اوهان پنهنجي وجود ۾ به سڀا ٿيا هوندا ۽ سڀني ماڻهوءَ لاءِ، هر سڀائي سندس رستي تي انتظار ۾ هوندي آهي. مبارڪ آهي سڀ کان اڳ ۾ اوهان کي، پوءِ اوهان جي والدين کي ۽ پوءِ وڏي مبارڪ آهي اوهان جي استادن کي. اوهان اسان جو اجتماعي آئيندو ۽ سرمايو آهيو ۽ اڄ جهڙيون دل لڳيون، قومي وجود جي بقا لاءِ ضروري آهن.“

هڪ ڀيري لنگوئج اٿارٽيءَ ۾ ڏم مشاعرو هو، سڏ ٿيو ته پهتو هوس. طعام قيام سان گڏ شاعر کي ڪرايو به ملي ته دوزخ ۾ به مشاعري تي ويندو، ته جيئن اندر جا اُلا اوڳاڇي اچي. سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان شاعر اچي سهڙيا هئا. معلوم ٿيو ته اسٽيج ياسر جي حوالي ڪئي پئي وڃي. سو سَڏ ڪري چيومانسِ: بابا! ايترو اوجاڳو هاڻي سَهپ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿو. سَوَ کان مٿي شاعرن جي هجوم ۾، ڏهين پندرهين نمبر تي سڏجانءِ ته پريا ڏوٽي وڃي سمهي رهندس. هاڪار ته ڪيائين پر ڪيترائي شاعر پڙهي ويا ته به نه سڏيائين. اشارا ڪيامانسِ به اجايا ويا. گهڻي دير تي ويٺي هني. پنهنجي پَرِ ۾ وڏو شاعر سمجهي ڪٽي پوئتي پڙهائڻ لاءِ رکيائين. مان ٻاهر نڪري، پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سمهي رهيس ۽ صبح جو سوير، جوڳي نه ڪنهن جا مت، ڪري لاڙڪاڻي هليو آيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هفتي کن کان پوءِ درگڏريءِ جو خط لکيائين. پنهنجي يا دوستن جي اولاد تي ڪيتري ۽ ڪهڙي ڪاوڙ! نوجوان جو هڪ ٺهڪ ٺي ڪاوڙ کي ڪافُور ڪري ڇڏي ٿو. اجا به اولاد ڪاوڙ ڪري ته اَلامانَ! اصلي آپي کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. اڪين مان شرم ڇڏائي وڃيس ٿو. ويتر اولاد کي پرچائڻو پوي ٿو ۽ انهن جي پٺتي جهڙي لهجي يا ورتاءَ کي گلاب جي گل جهڙو بنائڻ لاءِ ڪيترو پورهيو ڪرڻو پئجي وڃي ٿو، سو انهيءَ حالتن مان گذرندڙ ڄاڻندا هوندا.

چيومانس: ياسر! يار! توسان ڪهڙي ڪاوڙ! مون جوانيءَ ۾ به ڪاوڙ نه ڪئي ته هن عمر ۾ يارن سان ڪهڙي ڪاوڙ ۽ ڪيتري ڪاوڙ ڪري سگهجي ٿي! اَيري طبيعت جي ڪري وڃي سُمهي رهيس، نه ته شاعر ۽ شعر ٻڌائڻ کان سواءِ وڃي سُمهي پوي، گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪتابيءَ ۾ ته ڪونهي.

ايراني حاڪم، جڏهن ايراني تاريخ لکڻ لاءِ ملڪ جي مشهور شاعرن کي ڪوٺ ڏني ته بي خبر نوجوان شاعر فردوسي رهجي ويو. مقرر ڏينهن تي وڏا وڏا شاعر وڃي بادشاهي محالت ۾ گڏ ٿيا. فردوسيءَ کي به خبر هئي سو آيو پر دير ٿي وئي هيس ۽ محلات جا دروازا بند ڪيا ويا هئا. دروازا بند ڏسي، اندران نڪرندڙ هڪ وڏي گندي ناليءَ ۾ لهي، پٽ جي هيٺان ٽپي ٻاهر نڪرڻ تي ٿيو، ته سڄو جسم گندگيءَ ۾ پرجي ويل نوجوانَ کي ڏسي، اندر ويٺل ڪنهن شاعر ٽوڪ ڪندي چيو هو:

زمين تَرڪيد شد ظاهر سرخَر

زمين ڦاٽي پيئي گڏهه جو مٿو ظاهر ٿيو آهي.

ته فردوسيءَ ٺهه پهه جواب ڏيندي چيو ته:

بَبُو ِ ماديان آمد خر - نر

مادين گڏهين جي بُوءِ تي نَرُ گڏهه آيو آهي.

مطلب ته، خواريون خجالتون برداشت ڪندي به شاعر پنهنجي شاعري پڙهڻ کان نه مُڙندو آهي. مان به ته لاڙڪاڻي کان حيدرآباد پهتو هوس.شاعر ڪي هو، هو ڪري ويهاريو آهي تڏهن وڃي ويهندو آهي، ائين سچل ادبي ڪانفرنس تي، سچل آڊيٽوريم ۾ به ٿيندو آهي. نوجوانن جي هُوٽنگ، شاعر کي وائڙو ڪندڙ هوندي آهي ته به شاعر، شاعري ضرور پڙهندو آهي.

ڪافي سال ٿيندا جو ڪراچيءَ ۾ محترم غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر اياز قادري وارن ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جنهن جا دعوت ناما اسان وٽ به اچي پهتا هئا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽيسٽ لاڙڪاڻي ۾ آغا خان وارن جي معرفت ٻارهن سوَن ۾ ٿيندي آهي، توڻي ڪراچي اچ وڃ تي اها ٻارهن سو خرچ ٿي ويندا آهن پر يارن دوستن سان مليل ملاقات ۾ ٿيندي ۽ ٽيسٽ ڊاڪٽر اديبُ رضويءَ جي يورولاجيءَ مان ڊاڪٽر دوستن جي معرفت مفت ٿيندي آهي. ڪراچيءَ ڏانهن اٽڪل پونين پنجٽيهن ورهين ڪان وڃڻ ٿيندو آهي. تڏهن پيڻ زبيده بيمار هوندي هئي. تنهن ڪي ڏيڪارڻ لاءِ ويندو هوس. زبيده اسان سيني ڀائرن ڪان ننڍي هئي. ٿوري ئي وقت ۾ ڏاڍو خوشحال ٿي ويا هئا، تنهنڪري سندس علاج ڪراچيءَ ۾ ڪرايو ويندو هو. ورهين جا ورهيه، ڪراچي صدر جي، سلاطين هوٽل تي وڃڻ رهڻ ٿيندو هو، ٻہ ٻہ ٽي ٽي هفتا بہ رهندا هئاسين. مون جڏهن پهريون ڀيرو ڪراچي شهر ڏٺو هو تہ ان جي گُونا گُونيتَ رستن تي پيهه، وڏيون وڏيون عمارتون ۽ وڏين عمارتن ۾ بجليءَ تي هلندڙ لفٽون، مارڪيٽن ۾ بجليءَ تي هلندڙ رستا، صدر ۾ هلندڙ ٽرامون وغيره ڏسي وائڙو ٿي ويو هوس. مان تہ تڏهن بہ وائڙو ٿي ويو هوس، جڏهن پهريون ڀيرو حيدرآباد جو شهر ۽ ان جا هزارين، لکين مَنگهہ ڏٺا هئم. منهنجي تصور ۾ بہ نہ هو تہ ڪراچي ايڏو وڏو شهر هوندو. ان وقت تائين ٽي. وي بہ نہ ڏٺي هئي، جنهن تي ڪٿي دنيا جا وڏا وڏا شهر ۽ انهن جي رَش وغيره ڏٺل هجي ها! اهو بہ هاڻي پيا ڏسون، دنيا جون رونقون ۽ انسان زنده باد، جنهن سڄي هيڏي ساري دنيا کي ڪئميرا جي اک ۾ بند ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ ان کي گلوبل وليج بنائي ڇڏيو اٿس.

ڪراچيءَ جو شهر، ڪلفٽن ۽ اتي سامونڊي نظارو، منهنجي روح ۾ پيهي ويو هو، جهڙوڪر مان ڄائو ئي اُن ڏينهن هوس، جنهن ڏينهن پهريون ڀيرو ڪراچي ڏٺم. پوءِ تہ ڪراچيءَ ڏانهن ايترو اچڻ وڃڻ ٿيو جو چڻ تہ ڪراچي گهرُ ٻئجي ويئي هئي.

ڀيڻ کي ڪينسر ٿيو هو. 1944ع ۾ ڄاول 1982ع ڊسمبر ۾ وفات ڪري وئي هئي. وفات ڪري ويئي تہ چڻ پنهنجي گهر جو ڀاڱ بہ ساڻ کڻي وئي. پويان ٻہ نياڻيون نسيم ۽ شبنم ۽ هڪ پٽ طفيل احمد ڇڏيائين. ڇهن مهينن کان پوءِ سندس وَرَ پيو گهرُ ڪيو. ان مان بہ ڪيس ڇهه ست ٻار آهن. اهڙيءَ طرح 1980ع کان پوءِ اسان جو خاندان وڏڻ سان گڏ، گهٽبو بہ رهيو. 1982ع ڊسمبر ۾ ڀيڻ جنهن کي علاج جي سلسلي ۾ ڪراچي نيو هوم تہ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سندس ئي مرضيءَ سان واپس روڊ رستي پئي آياسين تہ مانجهند ۽ سَنَ جي وچ تي، شهباز شاخ وٽ هڪ ننڍڙي هوٽل تان ماني کائيندي گذاري ويئي هئي. 1984ع اپريل ۾ والد محترم گذاري ويو تہ 1989ع ۾ والده محترمه الوداع چيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طفيل احمد پاڻيجو پڙهيو لکيو نوجوان آهي، مُلائيت جو پنهنجي طور تي تمام گهڻو مطالعو ڪيو اٿس. تنهنڪري انهيءَ پاسي گهڻو ۽ دنياداري ڏانهن ٿورو وچي بچيو تہ سائس ڪچهريون شروع ڪيم. مون سان چڱي لڳندي اٿس. مختصر مختصر مذهبي ويچار بہ ونديندا رهندا آهيون. بهرحال هن وقت ڪنهن حد ۾ آهي، نہ تہ لامحدود ٿي ويو هو.

رتيديري هاءِ اسڪول ۾ منهنجو هڪ دوست ماستر عبدالڪريم پٺو بہ هو. دوستن جو دوست، ڪِلمُڪ، همدرد، اندر ٻاهر هڪجهڙو هو. ٻنگلديري ۾ رهندو هو ۽ روزانو رتيديري ڊيوٽيءَ تي ايندو هو. هاءِ اسڪول کان اڳ پرائمري ٽريننگ تي بہ گڏ هئاسين. تڏهن کان سائس ميل ميلاپ شروع ٿيو. سندس ئي شهر ۾، سندس ئي مائٽن پٽن جي وچ ۾ ويڙهہ هلي ۽ قتل ٿيا تہ هن غريب جي ڳچيءَ ۾ وڌا ويا. هن گهڻائي قسم کنيا ۽ ميڙيون منٿون ڪيون تہ پين جو فساد سندن، ڪنڌ ۾ نہ پوي پر ڪجھ نہ ٿي سگهيو هو. ڪيترا پيرا مٿس بہ حملو ٿيو هو. نيٺ عبدالڪريم جي ڏروارن، پيءَ ڏرجي ودِيڪ ڏنگي وڻ کي وڍي ڇڏيو ۽ اهو اڇي عبدالڪريم جي مٿي ۾ لڳو، ويچارو سڌيءَ فرياد ۾ جهلجي ويو. مون ڪوشش ڪري تيرهن هزار رپيا رشوت ڏيئي، تڏهن جي لاڙڪاڻي جي سيشن جج اقبال بلوچ کان ضمانت ڪرائي هئي. ڇهن مهينن کان پوءِ ضمانت رد ٿيس ۽ عمر قيد جي سزا ملي هيس.

مون ڪڏهن بہ عام ڏوهيءَ جي ملاقات نہ ڪئي هئي، پر عبدالڪريم جي ملاقات سينٽرل جيل سکر تي ڪئي هئي. ان کان سواءِ، زخمي چانڊيو، بشير خان قريشي، پنهنجي سالي مرتضيٰ ۽ ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جي ملاقات ڪئي. عبدالڪريم جي هڪ سٺي دوست ۽ ٻي ڏوهي هئڻ جي ناتي، زخمي چانڊيو جي لاڙڪاڻي ۾ رياستي فرياد تي جيل وڃڻ جي ناتي، ڊاڪٽر قادر مگسيءَ کي لاڙڪاڻي ۾ گرفتار ڪري پن ڏينهن لاءِ لاڙڪاڻي جيل ۾ رکيو ويو ۽ ان سان اڳ ڦٽا ڇهرا ٺَڪ ڏنل هئا، تنهنڪري سالي جي ملاقات، عُمراهہ گهر واريءَ جي اصرار تي، باقي بشير خان تہ منهنجي ۽ منهنجي قوم جي ملڪيت سان گڏ، سائين جي. ايم سيد جو پيارو ۽ فڪري پوئلڳ آهي. سنڌ جي حقن لاءِ جيل جون پوڳنائون پوڳيندو رهيو آهي ۽ سنڌ جي گهر گهر جو دروازو ڪڙڪائي، ڪين پنهنجي مظلوميءَ خلاف آواز اٿارڻ لاءِ خبردار ڪندو رهيو آهي. منهنجي آزاديءَ واري عقيدي جو امينُ، دائمي آزاديءَ جي پاڇي ۾ جيئڻ واري سوچ جو سگهارو ضامن، سادو ۽ مخلص جاکوڙي، جيئي سنڌ قومي محاذ جو چيئرمين، انتهائي عزتن ۽ محبتن جو مالڪ رهيو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مليس يا نه. ڳالهه ۾ نه آئي، ويچاري محمد يوسف توتي وحيد علي ڪيترا پيرا شاعري گهري به پهچائي يا اماڻي نه سگهيس. ويجهڙائيءَ ۾ به غزل، ياسر جي معرفت بيدل مسرور ڪي موڪليم پر اجا پڌڻ ۾ نه آيم.

جڏهن به ادبي ميڙاڪا يا ڪانفرنسون ٿينديون آهن ۽ اهڙا دعوت ناما ايندا رهيا ۽ گهٽا ٿيندا رهيا ته ساڙي ڇڏيندو رهيو آهيان. انهيءَ عمل مان منهنجي بي ذوقيءَ جو ڇنو ثبوت ملي ٿو. ڪجهه دوستن پاران انهيءَ عمل تي ناراضگيءَ ڪان پوءِ ڪي ڪارڊ يا خط وغيره سانڍڻ ته شروع ڪيم پر انهن جي سنڀال ته ڏاڍي ڏکي محسوس ڪئي اٿم، خبر نه آهي ته پلاسٽڪ جي ڳوٿرين ۾ انهن جو ڇا حشر آهي!

سُونهن سيني ماڻهن جي ڪمزوري رهي آهي پر ڪِن ڪِن ماڻهن لاءِ ته جيڀي جو سبب هوندي آهي ۽ شيخ اياز جي چئي ته نرس ويجهو ايندي هئي ته ڪيس چُمي ڏيڻ چاهيندو هوس. منهنجي طبيعت ۾ به انهن نازڪ ماڻهن ڏانهن لاڙو تمام شديد رهيو آهي، جڏهن ته فضيلتن جا گل نه چيٽاڙيا اٿم. خُوشبُو ساڻ ڪٺڻ سان، احساس به واسجي ويندا اٿم ۽ چاهيندو آهيان ته خوشبوءِ جي دنيا مان ڪڏهن به ٻئي پاسي ليِڻو نه پايان. اڄ سودو به طبيعت ساڳي رهي آهي. نُور ڪي نُور تي چُميون ڏيڻ سان، نئين زندگي ملي ٿي ۽ جڏهن نئين زندگي ڪٿي نه ڪٿي وڃائجڻ لڳي ٿي ته ان کي پنهنجي لاءِ ڪنهن سخت سزا ڪان گهٽ نه پائيندو آهيان. جڏهن گل، پوپٽ کي پرسان ويهڻ ۽ اُڏرڻ به نه ڇڏي، ته پوءِ ڇا هوندي ڪيفيت اهڙي پوپٽ جي! بهرحال عورت باز ڪميڻو نه ٿيو آهيان، پر عورت تمام سخت ۽ انتهائي ڪمزوري رهي اٿم.

● رتيديري ۾ رهڻ دوران، عوامي تحريڪ جي شروعاتي دؤر ۾ ان دؤر کي ڪاراٽو بنائيندڙ، ننڍڙن ننڍڙن ادڙن سان ڏيٽ ويٽ شروع ٿي. اهي ويچارا لِڪ ڇپ ۾ ڪارنر ميٽنگون ڪري، انهن ۾ ڀرپور اعتماد وارن ماڻهن کي شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏيندا هئا ۽ اعتماد جو بنياد مقامي دوستن جي ڏيٽ ويٽ ۽ سڃاڻپ تي هوندو هو، ليڪچر ڪندا هئا ۽ سڀ ڪجهه مخفي رکندا هئا. ڄڻ ته انقلاب اچي پرسان بيٺو آهي ۽ ايجنسيون، انقلابي ڌرين جي ڪڍ لڳل آهن. پليجو صاحب مڙئي آئين ٿي ڪندو رهيو آهي. پاڻ به جڏهن ڪٿي ويندو رهيو ته اتي روزانو پنهنجي رهڻ جون جايون بدلائيندو رهيو ۽ ڪنهن کي خبر نه هوندي ته ڪٿي رهيل آهي، سواءِ سندس رازدارن جي. لڳندو هو ته بس اِجهوڪي اِجهو گرفتار ٿيو. جڏهن ته اهڙي ڪابه ڳالهه نه هوندي هئي. اهڙين ننڍڙين ننڍڙين ڳڏجاڻين جي بنياد تي نيٺ پليجي سان ملاقات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڇي ويو هو. خوف جو پوٽ سوار ٿي ويو هوس. هندستانين جو سڀ کان وڏيڪ دشمن، سڀ کان وڏيڪ سنڌن دوست ۽ هڏڏوکي پئي نظر آيو. چئي: نه - نه. هرگز نه. بس هڪ اڌ جماعت، ڌڙکو داٻ وغيره. ان کان اڳتي چار آگر به نه وڌڻو آهي. تڏهن مون کي سنڌس اندر ۽ ٻاهر جي خبر پئجي وئي هئي. وڏيڪ چيائين ته، اسان کي دهشتگرد قرار ڏنو ويندو. انهيءَ جملي جا ٻه مطلب واضح ٿي ٿيا. هڪ ته هتي اسان سنڌين لاءِ ئي سنڌس اشارو هو، ٻيو ته اسان انهيءَ پلاند جي سلسلي بابت راءِ ڪٽي ويا هئاسين.

لاڙڪاڻي توڙي وارهه ۾ ساڻس گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. پنهل خان چانڊيو جي ڳوٺ ۾ ايم آر ڊيءَ جي شهيدن جو ڏينهن ملهايو ويو، جنهن ۾ پليجو، قمر ڀٽي، غلام رسول، مان ۽ ٻيا ڪيترا دوست شريڪ ٿيا هئاسون.

مون چيو هو ته: سنڌ اسان جي رياست هوندي به اسان جي نه آهي، جمهوريت جي سياست، پنهنجي رياست ۾ نهندي آهي. هتي جمهوريت جي سياست ڪرڻ معنيٰ پنهنجي ڊيٿ وارنٽ تي صحيح ڪرڻ آهي. اهي دوست، جيڪي رياست کي غاصبن جي هٿن ۾ هوندي ڏسي به جمهوريت جي ڳالهه ڪن ٿا، سي سنڌي قوم کي دائمي غلاميءَ ڏانهن ڌِڪي رهيا آهن ۽ قومپرستن جي آزاديءَ واري نِپل تحريڪ کي پورو ڪري، پنجاب جي خوشنودي حاصل ڪرڻ پويان آهن ۽ اهائي سنڌي دشمني آهي. اهي دوست جيڪڏهن جمهوريت کي، قبضي ۾ پيل غلام رياست ۾ چڱائي ڄاڻن ته ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل آدمشماريءَ کي ته پنجاب وٽان قبول ڪرائي ڏيکارين، جيڪا خود پنجاب وارن جي حڪومت ڪرائي آهي.

جلسي ۾ پليجو، پنهنجي تقرير جي شروعات، پنهنجي عادت موجب، خوف پرڻ سان ڪئي ۽ اهوئي جملو ڳالهايائين، جيڪو هميشه ڳالهائيندو رهندو آهي ته: "چڙهه جا بيٽا سولي پر، تيرا رام ڀلا ڪريگا". جلسي ختم ٿيڻ کان پوءِ غلام قادر چانڊيو جي بنگلي تي رهياسين. صبح جو چانهه تي، پنج ست ماڻهو گڏ ٿياسين ته مون ڪاڻس پڇيو ته واقعي اوهان آزاد سنڌ ڏسڻ جي مخالف آهيو؟ چيائين: ها. پڇيم ڇو؟ چيائين: سڀ کان پهريون ته وڏو ملڪ سٺو آهي. ٻي ڳالهه نهايت حيرت ۾ وجهندڙ ڪيائين ته آزاد سنڌ ۾ پير پاڳاري جا پادر ڪاٽا پوندا. تنهنڪري آزاد سنڌ نه گهرجي. چيم: پنجابين جي پادرن ۾ آهيون. اوهان پاڻ عذاب سَٺا آهن، پير پاڳاري کان ايترو خوف ۽ ڌارين جي پادر ۾ راضي! سنڌ آزاد ٿئي ته ڏسي رهبو ته ڪير ٿو پادر هٽي ۽ ڇو ٿو هٽي؟ ته چپ ٿي ويو هو. مون ٻڌو آهي ته چانڊين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سردار شبير احمد ڪان به خوفزده آهي. خوف سندس دل دماغ تي ڇانئجي ويو آهي پر هڪ ڳالهه آهي جو ڍڄندڙ ماڻهو دل جهلي، دشمن کي ٻڪ هنيو ته پوءِ دشمن جو خير نه هوندو. ڇاڪاڻ پاڻيءَ ڪان پوءِ مونکي حيدرآباد هلڻ لاءِ ڏاڍو زور پريائين. جنهن ڪان مون انڪار ڪري ڇڏيو ۽ سندس ٿي ڪار تي چڙهي سڪرنڊ تائين آيو هوس، پوءِ به ڳوٺ ڏانهن فون ڪرڻ جو چيائين. مون وري به انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ سڪرنڊ ۾ لهي لاڙڪاڻي هليو آيو هوس. انهيءَ جلسي ۾ قمر پنّي ۽ پليجي جي آمهون سامهون هڪ ٻئي سان زبان درازي به ٿي هئي ۽ دوستن جي وچ ۾ پوڻ تي "تون ڇا، تون ڇا" بس ٿي هئي.

اڄڪلهه ڪالا باغ ڊئم ۽ ٿل ڪئنال جي خلاف بيان بازي ۽ هلڪا احتجاج وغيره ڪري رهيو آهي. واڌو واهه تي، سندس گهر تي به هڪ اڌ پيرو ڪچهري ڪئي آهي. سنڌياڻي تحريڪ، سندس ئي راضپي سان، حيدرآباد ۾ مشاعرو ڪوٺايو هو، جنهن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري ۽ ٻيا شاعر دوست شريڪ ٿيا هئا ته مون ۽ سرمد به شرڪت ڪئي هئي. هڪڙي پيري مذاق ئي مذاق ۾ چيو هومانس ته هاڻي توهان سنڌي ادبي سنگت ۾ اچي ان جا سيڪريٽري جنرل ٿي، ادبي خدمتون سرانجام ڏيو، ته ڳالهه ڏکيري لڳي هئس. بهرحال جيترو علم اٿس ايتري ئي ڊراماٽي طبيعت جو مالڪ آهي.

● رتيديري ۾ ڇهين جون 1978ع تي لطيف ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جنهن لاءِ سڄي سنڌ جو دؤرو ڪري ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جون اديبن، شاعرن کي دعوتون ڏنيون هيون. وڏو اهتمام ڪيو هئوسين. مون، گل ۽ گهمري اهو اهتمام ڪيو هو. ڪانفرنس جي صدارت، پروفيسر حامي ڪئي هئي ۽ خاص مهمان پير شاهه جي گادي ڌڻي مان نثار لطيفي ٿيو هو. اعزازي مهمانن ۾ اظهر گيلاني، استاد بخاري وارا هئا. مشاعري ۾ اردو شاعر به شريڪ ٿيا هئا. جيئي سنڌ تحريڪ جو نوجوان سيد مظفر شاهه به شريڪ ٿيو هو. گلزار علي خان به پنهنجي فن جو اظهار ڪيو هو ۽ منهنجو گيت "زبان رت سان پري پئي آ" ڪجهه غلطين سان ڳايو هئائين. ان ڪان اڳ منهنجي ساڻس عليڪ سليڪ نه هئي. غلطيون سمجهايون هيومانس. ان ڪان پوءِ ساڻس واسطا جڙيا ته منهنجي قومي شاعري تمام گهڻي ڳاياءين، جو تن ڏينهن ۾ آزاد سنڌ لاءِ تحريڪ زورن تي هئي ۽ شاگردن ۾ جوش جذبو هو. فنڪشن ۾ ڇوڪرا نعري ۽ نڪاءِ بازي به دل تي ڪندا هئا.

رتيديري ۾ رهندي، ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ ادبي ميڙاڪن ۾ به اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاڙڪاڻي ۾ بزم سچل نالي ادبي تنظيم مشاعرا ڪوٺائيندي هئي. انهيءَ بزم جو باني ڪارڪن لقمان حڪيم ڪوڪر هوندو هو. جنهن جو قائم شاهه بخاريءَ پرسان جلد سازيءَ جو دڪان هوندو هو. اهو دڪان اڄ سوڙو قائم آهي ۽ سندس پٽ عبدالمجيد سنڀاليندو آهي. عبدالمجيد ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ استاد به آهي. حڪيم لقمان فارسيءَ جو سٺو ڄاڻو هو. جو پنهنجي مامي مولوي محمد ڪوڪر وٽ پڙهيو هو. حاضر جواب، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، سنگت جي رَهلي وارو هو. سندس دڪان تي هر وقت شاعر دوست ويٺا ئي ويٺا هوندا هئا. انهيءَ بزم ۾ عبدالله اثر، حاجي علي بخش جمالي، محمدعلي جوهر، بشير احمد شاد، ناظم چانڊيو ميمبر هئا. مان ۽ قاضي مقصود گل توڙي مختيار گهمرو، سندن مشاعرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن شريڪ ٿيندا هئاسين پر اسان جي نسبتاً پرپور شاعريءَ کان پريشان ٿي، جنهن ۾ قومي رنگ به پريل هوندو هو. بيزاريءَ جو احساس ڏيارياٿون. انهيءَ بيزاريءَ ۾ خاص ڪردار ناظم چانڊئي جو هوندو هو. اتي ئي هڪ بهترين، غريب، پورهيت، دردمند، سچي شاعر افضل قادري سان ياري باشيءَ جون راهون جڙيون. راهون به اهڙيون جُڙيون جو ڇهه جنم جنم کان هڪٻئي جا هئاسين. افضل قادريءَ جي شاعريءَ ۾ پيڙيل، ماريل، محڪوم ۽ بيوس ماڻهن جو درد ۽ مجبوريون پريل هونديون هيون، تنهنڪري منهنجي ته دل ۾ لهي ويهي رهيو هو. ڏاڍو مانُ ڏيندو هوم.

هڪ پيري ڪنهن ڳڻتيءَ ۾، افضل قادريءَ جي شاعريءَ تي، لقمان حڪيم تنقيد ڪئي هئي ته شام جو افضل، کُهاڙي ڪٽي اچي دڪان تي ويهي رهيس. چئي: جتي غلطي آهي ۽ جيڪا غلطي آهي، ان جي نشاندهي ڪر، نه ته اڄ کُهاڙيون هڻندوسانءِ. تڏهن وچي ۾ بچاءُ ٿيو. جڏهن ٻيا دوست وچ ۾ پيا ۽ حڪيم چيس ته: مون کان غلطي ٿي آهي. اردوءَ وارا شاعر، مونکي اردوءَ ۾ شاعري ڪرڻ لاءِ همٿائيندا هئا. پر مون ڪين جوابُ ڏيڻ ڇڏيو هو. لاڙڪاڻي ۾ اچڻ کان پوءِ ريجي تي ڪجهه اردو غزل لکيم ته مونکي لڳو، اردوءَ ۾ غزل گوئي نهايت آسان آهي. البت تذڪير تانيث جو مسئلو ٿي سگهي ٿو. مثال طور

وہ مری روح میں اس طرح بسی جاتی ہے،
جس طرح شہر کے اس پار گلی جاتی ہے.

یا

ڈوبتے شخص نے جس طرح سفینا چاہا
میں نے تیری آنکھوں میں ہی مرنا اور جینا چاہا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دشمنی کی نهیں دنیا میں کسی سے لیکن
هاں بنا تیرے کسی کو بهی کبهی نا چاها

یه تو کوئی بات نه هوئی، تجهه کو میرے چاهنے والی
جیسے مومن نے نبی اور مدینا چاها

اور تو کچهه بهی نه چاها هے، کبهی تجهه سے میں نے
ارے چاها هے تو ملنے کا قرینا چاها

یه بڑی بات تهی اور کر نه سکا تب سرکش
میرے سینے نے اُسی یار کا سینا چاها

•

اپنی آنکهوں کو تو اشکوں سے هی بهر جاؤنگا
سسکیاں لیتے تیرے گهر سے گذر جاؤنگا

ملنے آؤں گا جی کمرے میں اندهیرا رکهنا
روشنی هوگی تو سائے سے بهی ڈر جاؤنگا

میں جو آؤنگا اور تو نه مه ملا گر مجهه سے
میں تو جاؤنگا مگر دل کو وهیں دهر جاؤنگا

کس سے کچهه کهه نه سکا کهه نه سکونگا سرکش
تیری گلیوں سے تو کچهه باتیں هی کر جاؤنگا

•

آنکهوں میں اجالوں کی طرح رهتی هو
سوچوں اور خیالوں کي طرح رهتی هو

میں پیار کی تاریخ کی هوں ایسی کتاب
تم جس میں حوالوں کي طرح رهتی هو

دن رات میری عمر کی هیں کوئی محاذ
هر لمحه جیالوں کی طرح رهتی هو

سانسوں میں تو خوشبو کی طرح خون رگوں میں
اور سینے په بالوں کی طرح رهتی هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تیری ایك ادا کا ھے نہیں کوئی جواب
اور تم ھو کہ سوالوں کی طرح رھتی ھو

•

ھاں اندھیروں میں چراغ جلتے ھیں
یہ میری سندھ ھے کہ اس کے باغ جلتے ھیں

آج سے نہیں، کم سے کم تین ھجری سے
میں جلا ھوں اور مرے دل کے داغ جلتے ھیں

ابھی تو مِل بھی نہ پائے تھے یہ مجھے میری
کھوئی ھوئی محبت کے سراغ جلتے ھیں

اشك آنکھوں سے تو برسائے بادل کی طرح
جانتے نہیں، کیوں انکے دماغ جلتے ھیں

گلشنوں میں یہ دیکھہ کر عندلیبوں کو
آگ کی طرح ھزاروں یہ زاغ جلتے ھیں

•

آئے تھے جن کے شہر میں، گھر چھوڑ کر گئے
ھم تھے کہ انکے در پہ نظر چھوڑ کر گئے

معلوم ھو سکا نہیں کوئی سبب ہمیں
وہ چاھتے نہیں تھے مگر چھوڑ کر گئے

کس کے لیے تھے لائے اور لائے کہاں سے تھے
یہ بھی نہ جانتے ھیں کدھر چھوڑ کر گئے

•

شوخي - گفتگو کرتے ہے پگھل جاؤنگا
انکیَ محفل سے مگرَ مرکے نکل جاؤنگا

میں تو اپنی ہی نگاھوں میں گرا ہوں لیکن
ساتھہ تیرا جو ملے گا تو سنبھل جاؤنگا

جیسے پتھر کا مجسمہ تھا محبت کے بغیر
اسے دیکھا ہے بہرحال بدل جاؤنگا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اپنی آنکھوں کو ذرا شعلہ بنا کے مت دیکھ
سوکھے پتوں کی طرح آگ میں جل جاؤنگا

جو اثر آج میں ہے کل میں نہیں ہے سرکش!
پھر نہ کہنا کہ نہیں آج نہیں، کل جاؤنگا

•

دو پھولوں کی چھاؤں میں رہنا چاھتا ہوں
میں تیرے دل کے گاؤں میں رہنا چاھتا ہوں

مانتا ہوں فیصلہ کرنے سے پھلے ھی میں
کوئی رستہ ہوں تیرے پاؤں میں رہنا چاھتا ہوں

اور یہ جو لوگ ہیں محکوم اور مجبور سبھی
ان لوگوں کی صداؤں میں رہنا چاھتا ہوں

میں بھی انسان ہوں، آزاد پرندے کی طرح
تبھی آزاد ہواؤں میں رہنا چاھتا ہوں

تو وفا کرے نہ کرے یہ تو ہے مرضی تیری
میں تو اپنی وفاؤں میں رہنا چاھتا ہوں

یہ شوخی، یہ نگاھیں، یہ تبسم یہ انداز
ھاں تو میں ان اداؤں میں رہنا چاھتا ہوں

•

ایسے گئے کہ مڑ کر دیکھا نہیں کبھی
میں کیسے جی رھا ہوں، سوچا نہیں کبھی

ھاتھوں میں ھاتھ اور وہ خوشیوں کے قہقہے
رہ رہ کے آنکھ مارنا بھولا نہیں کبھی

سمجھا تھا جس کو اپنا، دل کا تھا بھولپن
تھا غیر، غیر بن سکا، اپنا نہیں کبھی

دل کے نگر میں جس کو لاکر بسا دیا
ایسا گیا کہ میرا ہوا تھا نہیں کبھی



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اس کے بغیر کچھ بھی نہیں ہوں تو کیا ہوا
میں کیوں ہوں اور کیا ہوں سمجھا نہیں کبھی

•

جیسے کہتے ہیں کہ ہر شئے میں خدا رہتا ہے - تو میری روح میں اس طرح چھپا رہتا ہے
جب سے دیکھا نہ تجھے میں نہ، میری صبح حیات - میری آنکھوں کا دیا تب سے بجھا رہتا ہے
تیری یادوں نے توآباد یے رکھا مجھہ کو - جیسے اسکول یے بچوں سایے بھترا رہتا ھے
کس نے پوچھا تھا کے کیوں رھتی ھیں آنکھیں بھیگی - اُوس پڑتی یے تو گلشن بھی ہرا رہتا ہے
بند آنکھیں جو کروں تم ھی کہو کیسے کروں - گھر جو آباد تو دروازہ کھلا رهتا هے

تُو جو نہیں تو ایسی محفل کو کیا کروں؟
رستے میں مرگیا ھوں، منزل کو کیا کروں؟

یہ جس میں نفرتوں کے علاوہ نہیں ہے کچھہ
سینے میں اپنے رکھہ کر اس دل کو کیا کروں

ھنستے ہیں لوگ دیکھہ کر یوں مجھہ کو ڈُوبتا
میں زندگی کے ایسے ساحل کو کیا کروں

مقتول کو ذرا سا کاندھا نہ دے سکا
مردہ ضمیر شخص ھوں، قاتل کو کیا کروں؟

•

وہ جو اك شخص مرے گھر سے گذر جاتا ھے
دل ہے میرا کہ دھڑکنے سے ٹھر جاتا ھے.

وہ جو آتا ھے، سمجھتی ھوں اسے اپنی طرف
جب چلا جاتا ھے نہ جانوں کہ کدھر جاتا ھے.

بارھا روکا یے اس کے ھی رویہ نے اس کو
بات کانٹے کی طرح چھبتی یے پر جاتا ھے.

دل کی گاؤں میں بسایا ھے اسی کو لیکن
وہ کسی اور کو ھر روز شھر جاتا ھے.

میرا چھرہ یے کہ کچھہ اور ھے یہ تیرے بغیر
کوئی دریا ھے جو سردی میں اتر جاتا ھے.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساتهه رهتے هو تو رهتا ہے سرکش بھی جمع
ساتهه چھوڑا هے تو لمحوں میں بھر جاتا هے.

•

تیرا ہنسنا عجیب لگتا ہے
میری ہونا قریب لگتا ہے

جل گیا ہوں چراغ کے مانند
کیسا جیون غریب لگتا ہے

وہ کوئی اور نہیں حریف مرا
رشتہ پوچھو نصیب لگتا ہے

تجھه کو پاؤنگا اور یہ پا لینا
سانس جتنا قریب لگتا ہے

میں ہوں عیسیٰ اور تو خدا میرا
تب تو جینا صلیب لگتا ہے

● 1973ع ۾ ٿي اسان کي رتوديرو ڇڏي لاڙڪاڻي اچڻ جو خيال ٿيو هو. ڀيڻ زبيده ٻه لاڙڪاڻي ۾ ڏنل هئي، منهنجي گهر واري عمراهه جا پيڪا ٻه لاڙڪاڻي ۾ رهندا هئا. منهنجي وڏي ڌيءُ افروز جي شادي ٻه لاڙڪاڻي ۾ رٿيل هئي؛ پر رتيديري واري جاءِ جو نيڪال نه پئي ٿيو تنهنڪري ويٺا رهياسين. انهيءَ کي ست سال گذري ويا ۽ نيٺ جُون 1980ع ۾ رتيديري واري جاءِ 33 هزار رپين ۾ وڪڻي، لاڙڪاڻي پهتاسين. هفتو کن عبدالڪريم پٽو جي جاءِ ۾ رهي، اٽڪل 1800 فوٽن تي نهيل جاءِ ورتي سون. ان مان اٽڪل 800 فوٽن تي مشتمل منهنجي مختصر جاءِ آهي. تنگي جي ڪري اوطاق نه آهي ۽ يار دوست يا ته گهٽيءَ ۾ ويهارڻا پوندا اٿم، يا ڪنهن ٻئي جي اوطاق ۾. ڀاءُ مولوي عبدالحميد ته جاءِ کي وڌائڻ لاءِ اڳتي پلاٽ ورتو، جيڪو هاڻي اٽڪل 4000 فوٽ ۽ انتي شاندار جاءِ نهيل اٿس.

لاڙڪاڻي کان روزانو رتيديري هاءِ اسڪول لاءِ اچڻ وڃڻ پئي ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح 9 سيپٽمبر 1981ع تي رتيديري هاءِ اسڪول مان بدلي ٿي، گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي ۾ آيس. تن ڏينهن ۾ رتيديري هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر وزير علي شيخ شڪارپور جو رهاڪو هو، جيڪو پنهنجي پٽ کي ڪاپي ڪرائڻ لاءِ رتيديري ڪاليج جي اُس ۾ سڙندو رهندو هو. اهڙيءَ طرح ائين ڪلاس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسڪالرشپ امتحان جي عربي پيپر ۾ ڪاپي ڪرائڻ لاءِ وزير علي ۽ ٽئين ديري هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر عبدالصمد مون تي زور ڀريو هو. جڏهن هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر ٿي ائين ڪن ته پوءِ سنڌي ٻارن جي تعليم ڪهڙي رهندي! ان سان گڏ محنتي شاگردن جي محنت تي به منڊيئڙو اچي ويندو هو ۽ اهي بي دليا ٿي پوندا هئا جو ڪين محنت جو ڦل نٽي مليو. ساڳيءَ طرح پائلٽ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ڪريم بخش کهڙو به، امتحانن جي ڏينهن ۾ خاص ٻارن الءِ خاص بلاڪ ٺهرائيندو هو. جتي ٻارن کي سڀ سهولتون هونديون هيون. سواليه پيپر، اڳ ۾ آئوٽ ڪري، ماهرن ڏانهن حل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويندو هو. ڪيترن شاگردن کي ته سڄي جو سڄو پيپر ٻاهران ٿي اچي ملندو هو. ائين يقين سان چئي سگهجي ٿو ته تعليم جي تباهيءَ ۾ بنيادي ڪردار استاد جو آهي.

ڪريم بخش کهڙو سنو منتظم هو. تنهنڪري پائلٽ اسڪول ۾ تعليم جو نسبتاً چڱو ڪم ٿيندو هو. سڄي شهر جو لاڙو انهيءَ اسڪول ڏانهن هوندو هو. رش ٿيڻ سبب، ڪيترن ٻارن جي وارثن کان سيمينٽ، سرون ۽ ٻيو سامان وٺي، سندن ٻار کي داخلا ڏني ويندي هئي. جنهن مان واڌارا ڪلاس ته حاصل ٿيندا هئا پر سرون ٽوٽي سيمينٽ ٽئين ديري ۾ به استعمال ٿيڻ لاءِ پنڌ پوندا هئا چو ته کهڙي جو گهر ٽئين ديري ۾ هو. پاڻ کهڙا فيمليءَ جي ڪمداريءَ جو ڪردار ادا ڪندو هو. سندس چوڻ موجب، سندس پيءُ، پاشا کي پڳ ٻڌرائي هئي. هُونئن به کهڙي هنڻ جي ناتي پنهنجي پوتارن جي تابعداري لازم سمجهندو هو. پاڻ به پيٽو فيملي جو مخالف هو، ته يارَ دوست به پيٽو فيمليءَ جا مخالف رکندو هو. رتيديري هاءِ اسڪول جو مسٽر نبي بخش جروار ۽ ساڳئي اسڪول جو مسٽر عبدالجبار جلباڻي، سندس جُهتَ يار هوندا هئا. هڪ ٻئي جي ياريءَ جي چپري ۾، زندگيءَ جون گرميون سرديون گڏ گذاريندا هئا.

1982ع جو آگسٽ ويجهو اچڻ وارو هو. 14 آگسٽ ۾ پاڻ کي چمڪائڻ لاءِ، اسڪولي شاگردن جي تياريءَ واسطي پريشان هو. ان ڏينهن وٽس عبدالجبار جلباڻي اچي نڪتو هو. تنهن جو ڪيس انهيءَ آنڊ مانڊ ۾ ڏنو ته ڪٽي منهنجو ڏسُ ڏنائينس. مونکي ڪامن روم مان گهرايائين آفيس ۾. عبدالجبار سان مليس. کهڙي چيو: سرڪش صاحب! عبدالجبار تنهنجي ڏاڍي نيڪي ڪئي آهي، تون هڪڙي مدد ڪر جو، چوڏهين آگسٽ جي پروگرام جي ڏس ۾ شاگردن جي تياريءَ لاءِ پاڻ پتوڙ - جيڪي جيڪي ايٽم ڪرڻا آهن سي نظر ۾ رک. جيتري رقم جي ضرورت هجي ته مون کي ٻڌاءِ. مون ڪيس ٽڏي تي انڪار ڪندي چيو هو ته: منهنجي ڪنهن ٻئي اسڪول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن بدلي ڪرائي ڇڏيو. اهو ڪم مون کان نه ٿيندو. اُرهو ڏاڍو ٿيو هو. پر درگذر ڪيو هئائين. مان پرائمري اسڪول توڙي هاءِ اسڪولن ۾ ڪڏهن به اسيمبليءَ ۾ نه بيٺس. گهڻو ڪري ڪامن روم ۾ هوندو هوس ۽ جڏهن اسيمبلي پڇاڙيءَ ڪي پهچندي هئي ته اچي دوستن سان گڏبو هوس. ڪڏهن ڪڏهن پڇا ۾ به ايندو هوس. باقي اسڪول ٽائيم کان ڪڏهن به دير نه ٿي، سواءِ هڪ ڏينهن جي، جو نهايت مجبوريءَ کان ڏهه منٽ اسيمبليءَ کان پوءِ اچڻ ٿيو هو. چوڏهين آگسٽ لاءِ پوءِ ڪڏهن به نه چيو ويو، ويندي رٽائر ٿيڻ تائين. توڙي جو کهڙي کان پوءِ سندس جاءِ تي فدا حسين قادري هيڊ ماستر ٿي آيو هو. ڪريم بخش کهڙي به پيرا، عاقل ۾ ٿيندڙ ايوب کهڙي جي ياد جي تقريب جي اسٽيج، هلائڻ لاءِ مونکي ڏني هئي. مون اها اسٽيج بئي پيرا، انهيءَ شروعات سان هلائي هئي ته: ايوب کهڙي جو ڪردار، سنڌ جي حوالي سان متضاد رهيو آهي. هن سنڌ جي ڪيتري خدمت ڪئي ۽ ڪيترو ان کي نقصان پهچايو، ان لاءِ گڏ ٿيل دوست پنهنجو پنهنجو اخلاقي فرض ضرور نڀائيندا.

هڪ پيري ايوب کهڙو، وزير دفاع جي حيثيت سان وارهه ۾ آيو هو ۽ عيدگاهه ۾ جلسو ڪيو هئائين. جلسي ۾ هڪڙي ماڻهوءَ قرآن شريف مٿي تي کڻي اچي وٽس دانهيو هو ته: "هُن جي زال فلاڻو ماڻهو زبردستي کڻي هليو ويو آهي." ان جي موٽائڻ ۾ هُن جي مدد ڪئي وڃي. ان تي ايوب کهڙي وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو ته: ميرو خان ۾ به اهڙو هڪڙو ماڻهو، اهڙي ئي دانهن کڻي آيو هو. ڪنهن واسطيدار آفيسر کي، انهيءَ شخص جي مدد جو ڪو حڪم نه ڏنائين. سڄي دانهن هڪ ڊگهي ٺهڪ سان هوا ۾ اُڏاري ڇڏي هئائين.

بهرحال اها ڳالهه اتفاق راءِ سان آهي ته جتي ايوب کهڙي سنڌ لاءِ ڪي چڱا ڪم به ڪيا هوندا ته نقصان به ڏيندو رهيو هو.

ايوب کهڙي جي ورسي تڏهن ملهائي ويندي هئي جڏهن سندس اولاد، ماءَ جي دعا سان اقتدار ۾ ايندي هئي. اقتدار نه هوندن ته هرگز نه ملهائيندا هئا.

اسڪول جي ڪامن روم ۾ اهي سمورا استاد پنهنجي فارغ پيرڊ ۾ ويهندا هئاسين، جيڪي سائنس ٽيچر نه هئاسين. سائنس ٽيچر پنهنجي سائنس هال ۾ ويهندا هئا. فارغ پيرڊ به اتي ته رسيس به اتي. انهن لاءِ چيو ويندو هو ته اهي پاڻ کي Supper Blood پائيندا آهن. بهرحال مون اها صورتحال ڪڏهن به نه ڏٺي، ته انهن جو رويو به اهڙو هجي. البت سائنس هال مٿي هوندو هو، تنهنڪري فارغ پيرڊ يا رسيس ۾ انهن لاءِ هيٺ لهڻ ۽ چڙهڻ تڪليف ده هوندو هو. ادبي حوالي کان مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن به ڀرپور عزت ڏنائون، ته هاڻي به گهڻو خيال ڪندا آهن. اڄڪلهه ته ڪنهن به فني يا تعليمي، خانگي اداري ۾ به منهنجي پارٽ ڪيل ٻارن ڪان ڦي به نه ورتي وينديآهي ۽ اها انهن جي مهرباني آهي، هندو دوست ته تهائين گهڻو خيال ڪندا هئا. مسٽر ڀڳوانداس سان اڄا تائين لِل پيچ هلندي اچي. جڏهن رتيديري ۾ اڄا پرائمري ٽيچر هوندو هوس، تڏهن انگريزي، رياضي ۽ سائنس جي خاص تربيت لاءِ لاڙڪاڻي آرڊر ٿيو هو ۽ محترم علي نواز پٺاڻ، محترم غلام سرور ڪوسو ۽ محترم محمد اعظم ميمڻ جن تربيتي ڪردار ادا ڪيو هو. پائلٽ اسڪول ۾ اچڻ کان پوءِ به اهي مهربان موجود هئا. تڏهن به ڏاڍو سٺو هليا هئا ۽ بدلي ٿي اچڻ کان پوءِ ته نهايت عزت ۽ محبت ڏيڻ لڳا هئا.

مسٽر علي نواز پٺاڻ، انگريزيءَ ۾ ايم اي هو. مذهبي تعليم به ڪافي حاصل ڪيل هُئس، تنهنڪري مذهبي لاڙي جي وهڪري ۾ لڙهي ويل هو. جماعت اسلاميءَ سان تعلق هوس، ورتاءَ ۾ مانائتو ماڻهو هو. اسلامي ڳالهيون زورائتي انداز ۾ ڪندو هو، جتي به ڪو مذهبي ميڙ ٿيندو هو، اتي ضرور موجود هوندو هو. سندس ڳوٺ چُوهڙ پور لڳ ماهوتا هو. جتي هڪ عام نلڪي لاءِ لکيل هو ته "هتان هر ذات جو ماڻهو پاڻي پيري سگهي ٿو." معنيٰ ٻئي هنڌان نه. اها به ڪا مذهبي رنڊڪ هوندي! تڏهن جي ڊسٽرڪٽ ايڊوڪيشن آفيسر لاڙڪاڻو، محمد حسن هيسباڻيءَ جي معرفت شيخ زيد ڪالونيءَ ۾ ڪوارٽر مليس ته اهو وڪٽي، چوهڙ پور واري جاءِ ڪي نئين سِر جوڙايو هئائين. شيخ زيد ڪالونيءَ جي انهن ڪوارٽرن تي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن زبردستي قبضو ڪيو هو ۽ محلي ۾ خرابيون پکيڙيندا هئا، تنهنڪري انتظاميه ڪانئن زبردستي قبضا ڇڏائي، مختلف ڪاتن جي معرفت ضرورتمند ملازمن کي مفت ۾ ڏنا هئا. هڪ ڀيري مسٽر علي نواز جي ڳوٺ به وڃڻ ٿيو هو. نماز روزي جو پابند، متشرع، مٿي تي ڪاري جناح ڪيپ رکندڙ، ٽي انچ ڏاڙهيءَ سان هوندو هو، دنيا جي مسلمان مهاجرن جو سنڌ ۾ اچڻ لاءِ جڻ ته ٺيڪو ڪنيل هوس، انهن جي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ سوداءِ پالينڊڙ هو. کهڙو به گهڻو خيال ڪندو هوس. بهرحال پنهنجي باقي مزاج ۾ عزت لائق ماڻهو هو.

هڪ ڏينهن چيائين: عبدالمجيد صاحب! اوهان عالم گهراڻي جا فرد ٿي، مسلمانن جي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ تي اُرها ڇو ٿيندا آهيو؟ اسلام ته اسان کي هڪ ٻئي سان رواداري ۽ مؤاخات سيکاري ٿو؟

مون کيس چيو هو ته: جيستائين اسلامي رواداري ۽ مؤاخات جي ڳالهه آهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها اڳ ۾ ته سعودي عرب وارن کي سمجهايو، جيڪي حج توڙي عمري لاءِ به دنيا جهان جي مسلمانن کي بنا ويزا جي نتا ڇڏن ۽ پوءِ جلدي ئي واپس اماڻي ٿا ڇڏين. انهن کان پوءِ اسان کي سمجهايو. وڏيڪ چيومانس: مان پنهنجا ڳوٺاڻا مٽ مائٽ وٺي اچي، اوهان سان گڏ اوهان جي جاءِ ۾ رهايان ته برداشت ڪندؤ؟ ته پوءِ اڳتي اوهان سان واعدو ڪندس. اسلامي رواداري ۽ مؤاخات جي جذبات سان سلهاڙيل رهڻ جو. پر مونکي يقين آهي اوهان ائين نه ڪندا، ڇو ته اهو خالص اوهان جو گهر آهي، ته پوءِ سمجهي ڇڏيو ته، سنڌ به اسان سنڌين جو اجتماعي گهرُ آهي، جنهن ۾ خوشيءَ سان ڪنهن غير سنڌيءَ کي رهائي نٿو سگهجي. اوهان اهڙي ڳالهه ڪيئن ٿا ڪريو. جنهن تي اوهان پاڻ به عمل نه ڪريو. ان تي اهو مذهبي جوش جذبي وارو استاد ماٺ ٿي ويو هو. ويچاري کي هيڊ ماسٽر ٿيڻ کان پوءِ، ڳوٺ ڏانهن ايندي، بس ۾ قتل ڪيو ويو هو. ٿي سگهي ٿو ته گهٽي مذهبي هٺ جي ناتي، سندس مذهبي مخالفن يا وري ذاتي مخالفن اهڙو گندو عمل ڪيو هجي.

● جڏهن وارهه شهر ۾ رهندا هئاسين ۽ مان پڙهندو هوس، تڏهن هڪ پاڻ جيڏي سان ويجهڙائي ٿي هئي. مون کان شاعري ڳائڻ لاءِ گهري هئائين. تڏهن پاڻ درزڪو ڪم ڪندو هو. مون ڪيس چيو هو ته اڳ ۾ پڙهه پوءِ ڳاءِ. سُريلو هو. وارهه جي ڏکڻ ۾ اٽڪل ڇهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي، فيض محمد سوڍر جي ڳوٺ جي هن ڳيروءِ شاهنواز سوڍر کي منهنجي صلاح، دل سان آئڙي ته شروع ٿيو پڙهڻ. مان ته وارهه ڇڏي مختلف جاين تي ڀٽڪندو رهيو هوس، پر هن دوست سِلائيءَ جي مشين مان هٿ ڪڍي، وڏا جو ڪتابن ۾ ته ورنيڪيولر فائينل امتحان پاس ڪيائين. تڏهن اهو سال، انهيءَ امتحان جو پوئين سال هو. جنهن کان پوءِ ورنيڪيولر فائينل جو امتحان هميشه لاءِ بند ڪيو ويو، ته جيئن شاگردن ۾ انگريزي پڙهڻ جو شوق اُڀري يا وري سنڌي دشمني شروع ڪيئي ويئي هئي. فائينل جو امتحان پاس ڪري پرائمري ماستر ٿيو. پڙهڻ ۾ ڪيس اهڙي چَسي آئي، جو فائينل کان پوءِ عبدالقادر شائق جي معرفت اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل پاس ڪرڻ سان گڏ انگريزيءَ جا امتحان ڏيندو رهيو. علم جي هن طالب، علم کان تڏهن به بس نه ڪئي هئي، جڏهن "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف جي شاعري" جي موضوع تي پي. ايچ. ڊي ڪيائين. پي. ايچ ڊي ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ليڪچرر طور چونڊيو ويو ته پاڻ سنڌيءَ جي فضيلت پرٺي استاد جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. ونس سنا سنا ڪتاب هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استاد بخاري چوندو هو ته جنهن ماڻهوءَ کي ماءُ جي دعا هوندي آهي، اهو ليڪچرار ٿيندو آهي. جڏهن ته منهنجي راءِ ۾، تاقيل يا اڻ چونڊيل، صدر وزيراعظم، وزيراعليٰ، گورنر توڙي عام وزير وغيره ماءُ جي دعا سان ٿيندا هوندا ۽ ماءُ جي دعا کين چور دروازي مان ٽپڻ ۾ مدد ڪندي هوندي! گهڻو زمانو هڪ ٻئي کان ڏور رهياسين. جڏهن اسان ٻه لاڙڪاڻي ۾ اچي ٽانيڪا ٿياسين ته هن يار کي اڳواٽ ئي لاڙڪاڻي ۾ ٽانيڪو ڏنو ۽ هڪ پيرو وري ايتري ويجهڙائي ٿيندي وئي جو گهران فون ڪري چوندو هو: اچانءِ ٿو ڪٽڻ. پوءِ ٿوري ئي دير ۾ موٽر سائيڪل تي اچي نڪرندو هو ۽ مرضيءَ موجب وٺي هلندو هو. منهنجي طبيعت، هر نئين پراڻي دوست سان سدائين نئين رهي آهي، تنهنڪري محبت ڏيندڙ ماڻهو ته منهنجي مختصر دل ۾ ٻه جاءِ جوڙي ويهي رهندو آهي. فون تي وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندا هئاسين. هڪ پيري ڪيس ٻڌايو هوم ته ٻاهر وڃي رهيو آهيان پر ڪنهن سبب جي ڪري وڃي نه سگهيس ته فون ڪيائين. مون فون کڻندي ته چيائين: "اتي آهين ڇا؟" مون وراڻيو: "اڄ پلا منهنجي گهرَ واريءَ سان ڳالهائڻ جي مُوڊ ۾ هُئين ڇا؟ ته وڏو ٺهڪ ڏيندي چيائين: پينرن سان نه ڳالهائيبو آهي ڇا؟ سيوهڻ ۾ ادبي ڪانفرنس هجي يا سچل ادبي ڪانفرنس خيرپور ۾، مون کان سواءِ نه ويندو. سندس دوستيءَ ۾ عجيب گهڙيون گهاريم. لفظن جا ٻڻ ٻڌياد، پروفيسرن جي علم جا ٻُڻ ٻڌياد، ٽيڪا ٽِپڻي، چرچا، ٺَهڪ وغيره ٻنهي جي مزاج جا حصو ٻڌجي ويا هئا. ڪڏهن ٻه هڪ ٻئي سان اڻ وڻندڙ رويا نه اپريا نه اسريا. ڪامريڊ سوڀي وٽ ته گهڻو ٺڪو وڃڻ ٿيندو هو. ڪيترن اديبن ۽ محققن جي ادب نوازي ۽ تحقيق تي دلُ کولي ڇڙياري ڪندا هئاسين. هڪ ٻئي جي شادين غمين تي، شريڪ ٿيڻ تائين لاڳاپيل رهياسين. ڪانفرنس ۾ سندس مقالا هميشه نئين رنگ ڍنگ سان پيش ٿيندا هئا. نه اجائي پِراڻِ نه ڊيگهه. نوان دليل گڏاري راءِ قائم ڪندو هو.

هڪ ٻئي کان پري سِري ته ويندي هئي پر نه سَرڻ جهڙي، واسطا رهيا ته رابطا رهيا. اجايا سجايا ضابطا، پنهنجي محبتن جي آڏو پٽر نه ٻڌجي سگهيا. ڪيترن موقعن تي منهنجي مالي مدد ٻه ڪندو هو. سنڌي ادبي سنگت شاخ لاڙڪاڻي جا بنيادي ميمبر ۽ سيڪريٽري ٻه ٿي رهياسين. ياري باشي ۾ زنده دلي سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هوندي هئي. ليڪچراريءَ جي دؤر ۾ پاڻ کي چڱو ناهي ورتائين ته اولاد کي ٻه سٺي تعليم ڏياريائين. شاندار طريقي سان اُٿڻ ويهڻ وارو ماڻهو، پاڻ وٽ خاص مهمانن جي اچڻ تي مونکي ٻه اچڻ لاءِ فون تي زور ڀريندو هو. پراڻي واقفيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اهڙي تجديد ٿي هئي جو پن پائرن جيئن بڻجي وياسين. "سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف جي شاعري" ڪانسواءِ، مقالن تي مشتمل ڪتاب "اوجاڳي اجاريا" به آنڌائين. پوئين ڪتاب جي آڻڻ ڪان اڳ مون ڪان بار بار صلاحون وٺندو رهيو هو ۽ جلدي ڪري ڪتاب مارڪيٽ ۾ آنڌائين. مون سان ايتري گهاٽائپ ڪان پوءِ به پنهنجي دل بابت ڏنل ڊاڪٽرن جي راءِ ڪان واقف ٻنهه نه ڪيائين. ڪيس باءِ پاس ڪان ٿي جواب ڏنو ويو هو ۽ 80 سيڪڙو رسڪ تي هلندڙ هيءُ بهادر ماڻهو ڪتاب جي سلسلي ۾ اڪيلي سر ڪراچي ويندو ايندو رهيو. جڻ ته سچ پچ ڪيس ڪجهه به نه هو. خيرپور ميرس ۾ ڪانفرنس تي هلڻ لاءِ فون ڪيائين ته مون ڪيس پنهنجي مجبوريءَ ۾ ڪم ڪان آگاهه ڪيو. پاڻ خيرپور هليو ويو. ٽن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ فقط هڪ ڏينهن شريڪ ٿي واپس گهر آيو. صبح جو هڪ دوست فون ڪري، هيانءَ ڦاٽي پوڻ جهڙي خبر ٻڌائي ته: سوڍر صاحب دل بيهجي وڃڻ ڪري ياري باشي پيجي ويو. جڻ ته گهڙي ڪن لاءِ پاڻ پنهنجي اندر ۾ مري ويو هوس. تڏهن سندس آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سندس ڳوٺ روانو ٿيو هوس. اهڙيءَ طرح هڪ پيار پاٻوهه واري، فضيلت ڀريئي، پڙهيل ڪڙهيل ڊاڪٽر دوست ڪان محروم ٿي ويس.

پائلٽ اسڪول ۾ ٻڌايل دوستن ڪان سواءِ، محمد امين شاهه به استاد هو. جيڪو 1950ع ڪان 1951ع تائين هڪ سال، مون سان پي. وي اسڪول ۾ گڏ پڙهيو هو. ان سان به اڳين راهه رسمن جي تجديد ٿي وئي. فيض محمد پينگر، سليم ڪورائي سان به چڙياري ٿيندي رهي. سليم ڪورائي هن وقت ليڪچرار آهي. سٺو ڪهاڻيڪار آهي. محمد هارون جيڪو رتيديري هاءِ اسڪول ۾ ڪلارڪ هو، استاد ٿي آيو. ٻنگلديري جو عبدالحئي پٽو به هو. جيڪو 1965ع ۾ مون سان گڏ ٽريننگ ۾ هو. مسٽر سڪندر علي عباسي ۽ غلام صديق عباسي جن به بدلي ٿي آيا. بهترين دوست رهيا. غلام صديق جا وڏا به والد محترم جا عقيدتمند هئا. جيڪي وارهه تعلقي جي يارو ديرو ڳوٺ جا رهواسي هئا. پاڻ زيد ڪالونيءَ ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو دل بيهجي وڃڻ سبب وفات ڪري ويو. ساڳئي اسڪول ۾ علي محمد چانڊيو، محمد اڪرم چانڊيو ۽ خادم حسين پٽو به ڏاڍو لحاظ ڪندا هئا. سمورا استاد نهايت ايمانداريءَ سان پنهنجو فرض ادا ڪندا هئا، پوءِ ڪٽي هيڊ ماستر هجي يا نه هجي. هن اسڪول جا به فضيلت ڀريا شاگرد، پنهنجي محنت سان، سٺن عهدن تي پهتا آهن. انهن مان مسٽر روشن علي شيخ، ڪميشن پاس ڪري ڊي. سي جي عهدي تي پهتو ۽ اينٽي ڪرپشن جو ڊپٽي سيڪريٽري رهندي، ڊائريڪٽر ٿيو آهي. پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسٽر فدا حسين مستوئي آهي، جنهن به ڪميشن پاس ڪئي ته ڪيس اي. ايس. پي ڪري کنيو ويو. اڄڪلهه شڪارپور ۾ انويسٽيگيشن ايس. پي رئنڪ تي ڪم ڪري رهيو آهي. مان سائن پراڻو تعلق قائم رکندي رابطي ۾ رهندو آهيان. پاڻ به مونکي مناسب توجهه ڏيندا رهيا آهن. ٻئي شاگرد دوست پاڻ ۾ هم ڪلاس رهيا آهن، تنهنڪري پاڻ ۾ به رابطو قائم اٿن. مان جڏهن ڪراچي پنهنجي علاج لاءِ ويندو هوس، تڏهن ڊاڪٽر قاضي منظر حيات ايس. ايم سي ۾ پڙهندو هو ۽ روشن علي به پڙهندو هو. ڪافي وقت تائين مون سان اچي ڪچهريون ڪندو هو. ان وقت قومپرستيءَ جا لاڙا به هئس. ماڻهوءَ جي ذهن مان مظلومن سان محبت جا عڪس، ڏنڊلا ٿي سگهن ٿا، ختم ٿي نه ٿا سگهن. ڏنڊلا ان ڪري جو وڏي هوندي سرڪاري ذميواريون، ڪاريهر نانگ وانگر ڳچيءَ ۾ ويڙهجي وڃن ٿيون ۽ وڃي رڳو احساس زنده رهن ٿا.

● زندگي، دوستن جي حلقي کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. سماج ۾ رهڻ سان، سماجي رشتا ناتا اُوس جڙن ٿا. شاعرن جي ته دنيا ئي پنهنجي ٿئي ٿي. ڪٿي به ڪو مشاعرو ٿيو ته ڪٿين شاعر سان ڏيٺ ٿي ويندي. اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن پرين پيارن کان سواءِ، اونهاري جي سخت گرم موسم ۾، هڪ گهاٽو ڪڪر، محبت ۽ مهربانين جو مينهن وسائڻ لاءِ اچي ويجهو ٿيو. رڳو دادو شهر کي چا، سڄي سنڌ کي جادو ڪرڻ وارا درييلو انسان، احمد شاهه استاد بخاري، پنهنجي دوستن جي دنيا کي چار چنڊ لڳائڻ لاءِ ملي ويو. سنڌ جي ڳوٺن، شهرن جي گهٽي گهٽي، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايو ويندڙ شيخ اياز کان پوءِ، نهايت معتبر شاعر، سيمابي طبيعت جي مالڪ سان پهرين ملاقات لاءِ ياد نٿو پوي پر لڳيم ٿو ته ازل ابد کان واسطا هئا. صدين جون محبتون هيون، تازي ڪير ۾ ماڪيءَ جهڙي هِن ماڻهوءَ، پنهنجي وجود ۾ محبت جي ڪائنات رکندڙ سان ويجهو ٿيس ته ويجهو ئي ٿيندو ويس. جڏهن منهنجي ذهن ۾ مُلائيت جو گند هو، ته نه استاد سان محبت ڪندو هوس نه ئي نفرت. پيان سيد آباد ۾ هڪ جُڳ مشاعرو ٿيو هو. جڏهن مشاعري کان واندا ٿي، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ اچي ريلوي اسٽيشن تي بيٺا هئاسون ۽ گاڏيءَ جي اچڻ جي، انتظار ۾ هئاسون، تڏهن قاضي مقصود گل، استاد بخاريءَ کان پيرين پئي موڪلايو هو ته مون پنهنجي مَنهن، قاضيءَ کي چنبيو هو. اصل کان ڪنهن کي به ٻئي ڪنهن جي پيرن تي جُهڪڻ کي خراب سمجهندو رهيو آهيان. هڪ استاد هئڻ جي ناتي به پنهنجي شاگردن کي، پنهنجو ننڍو دوست سمجهندو آهيان ۽ انهن کي جهڪڻ کان جهليندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محسوس ٿيندو ۽ شدت سان ٿيندو پر ان کان وڌيڪ اوهان جي طبيعت جي چڱائي پياري اٿم."

جتي به سائس رهاڻ ملهائي ويندي هئي اتي سندس شخصيت ۽ شاعريءَ تي تاثر يا مقالا پڙهڻ، پاڻ تي فرض سمجهندو هوس. اهي شيون، قاضي مقصود گل وٽ ضرور موجود هونديون. اها رهاڻ پنو عاقل ۾ هجي يا شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾، جوهيءَ ۾ هجي يا جهانگارن ۾. اهڙو هنڌ مشڪل هوندو، جتي استاد بخاريءَ سان رهاڻ ٿئي ۽ مان حاضر نه هجان. پاڻ به، جتي سڏ ڪبو هوس ته هليو ايندو هو. بزم - استاد بخاري منڙيءَ پاران، مون سان رهاڻ ملهائي ويئي ته نه رڳو آيو هو پر ڏاڍو خوش ٿيو هو. نئين ديري ۾ منهنجي ڪتاب، امن آب حيات جي مهورتي تقريب ٿي هئي ته به اچي پهتو هو ۽ دل کولي پڙهيائين ۽ ڳالهايائين. ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ مون سان رهاڻ ٿي ته به اچي حاضر ٿيو. 1989ع اپريل ۾ سچي اتر سنڌ جي گهمڻ ۽ هندو دوستن کي کوٽ ڏيڻ کان پوءِ، سنت کنور رام جي ورسيءَ ۾ به شريڪ ٿيو هو، جنهن ۾ ڊاڪٽر الهداد بوهيو، تاج صحرائي، استاد بخاري، ايس جي پاڳيا. ويرو مل ٿاٿو بولا خان کان ۽ رهڙڪيءَ جا هندو دوست ڪنعيا لال وارا به آيا هئا. ڪامريڊ سوڀو ته هوندئن به پنهنجو معزز ۽ مهربان رهيو آهي. ڪٿي به ڪيس تڪليف ڏيندا آهيون ته ايندو آهي. سنت ڪنوار رام جي اها ورسي، ڪلاڪار ساريندڙ سٽ، جي پليٽ فارم تان ڪئي هئي سون، جنهن ۾ مون کان ۽ سرمد کان سواءِ، قاضي صاحب، مختيار گهمرو ۽ ٻيا ڪيترا دوست بنيادي ميمبر هئا. سنڌي شاعرن ۽ منهنجي گهٽگهرن ۾ استاد بخاري وڏو ناڻءُ آهي. استاد بخاريءَ کي شاعري پڙهڻ توڙي ڳارائڻ جو شوق، جنون جي حد تائين هوندو هو ۽ وري يارن دوستن سان ملڻ لاءِ به آتو هوندو هو. عشق، حسن ۽ سنڌ جو ڪل وقتي هيءُ شاعر، جيترو شاعريءَ ۾ قدآور هو، تيترو ئي دوستن سان ڪچهري ڪرڻ جو شوقين. پنهنجو تعلق به ايترو گهاٽو ٿيندو ويو جو سندس ياءُ حاڪم علي شاهه توڙي سندس پٽ به ڏاڍو مانُ ڏيڻ لڳا. قرب ته سنڌي ماڻهن جي فطرت ۾ آهي، تنهنڪري ڪو به سنڌي ماڻهو، قرب کان اوپرو نه هوندو آهي. سندس زندگيءَ ۾ جيڪي به سندس ڪتاب ڇپيا، تن جي مهورت يا ورڪشاپ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت لازمي هوندي هئي. ڪتاب "ڪُوڪڻ يا ڪلياڻ" جي مهورت جي موقعي تي، ڪن شاعر دوستن پاران، ڪتاب ۾ ڪم آندل لفظن لاءِ ڏکيا ۽ متروڪ هئڻ جي راءِ ظاهر ٿي، ته مون پنهنجي ڳالهائڻ وقت چيو ته اها اسان جي علمي کوٽ آهي، جو اسان پنهنجي ٻوليءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي وساري ويٺا آهيون. جڏهن ته ورهاڱي ڪان اڳ، اهي ئي لفظ استعمال ٿيندا هئا. جڏهن هندو عالم هليا ويا ته هٽ وٺي، سنڌي ٻوليءَ کي بازاري بڻايو ويو ۽ هاڻي انهيءَ بازار ۾ رُلندڙ ٻوليءَ جا وارث بڻيا ويٺا آهيون ۽ پنهنجا انڪاري ٿي رهيا آهيون. اهو اسان لاءِ فڪر جو لحو آهي ۽ هڪ نهايت وڏو الميو.

صدارت، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي هئي. انهيءَ صاحب به بخاري جي استعمال ٿيل ٻوليءَ جي ڀرپور طرفداري ڪئي هئي ۽ چيو ته استاد کي جَسُ آهي، جنهن پنهنجي ٻوليءَ کي ٻيهر جَنميو آهي، جن دوستن کي اهي لفظ مشڪل يا متروڪ ڀاسجن ٿا، اهي دوست پنهنجي لغت سِڌي ڪن.

مطلب ته استاد جو هيءُ ڪتاب شاهڪار ڪتاب آهي. ڪيترا شاعر دوست، سندس شاعري ۽ سندس ادائيگيءَ جي انداز ڪان خوفزده هوندا هئا. تنهنڪري مشاعرن ۾ ڪوشش هوندي هئي ته استاد بخاري سڀني ڪان پوءِ شاعري پڙهي ۽ اٿين ئي ٿيندو هو. هُونئن به استاد بخاريءَ جي هوندي انهيءَ مشاعري جي صدارت ٻئي ڪنهن کي ڪينئن پئي ڏيٺي سگهجي!

استاد بخاري، عجيب عجيب ڳالهيون ڪوليندو هو مون سان. هڪ ڀيري اڪيلائيءَ ۾ ويٺا هئاسين، چيائين: سرڪش! بابا ڳڏاري ويو ته سمورا مريد، خادم ڦري آيا، مون کي پڳ ٻڌرائڻ، مون ڪين صاف صاف چيو ته، "اهو ڪم بابا جو هو، ڇا به هو، اهو ان جو مسئلو هو. هاڻي اڳتي مان اوهان سان ننگي ڪرڻ نٿو گهران. مرشدي - مريدي ڪجهه به نه آهي، سواءِ ڪنهن علم ڪان خالي ماڻهوءَ جي، تذليل جي. آءُ مرشد ٿيڻ يا مرشد ڪرڻ جي ٻنهي خلاف آهيان." وڌيڪ ٻڌايائين ته: "پوءِ اهي ماڻهو وڃي هڪ ٻئي ماڻهوءَ جا مريد ٿيا. منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آين. پنهنجي جند سو انهيءَ مڪاريءَ مان آجي ڪرايم."

لاڙڪاڻي شهر ۾ پتو جي ياد ۾، پهريون مشاعرو ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ مون کي به سڏيو ويو هو، جو ته منهنجي نظمن جي پارٽيءَ وارن کي خبر پئي هئي، پر مان شريڪ نه ٿيو هوس. تڏهن به نه ۽ ڪڏهن به نه. استاد بخاري انهيءَ مشاعري ۾ شريڪ ٿيو هو. صبح جو مون وٽ آيو هو ته چيائين ته: يار تو چڱو ڪيو جو مشاعري ۾ نه آئين، شاعر ٿي پاڻ تي ڪينئن ضابطو ڪيئه! مشاعرو ته نه هو، خواري هو، جيڪا ڪِلندي سِرن تي ڪنئي سون. ماڻهن جا انبوهه ۽ انهن جا ڪم، سي مشاعري ٻڌڻ لاءِ ته آيا ئي نه هيا، بينظير کي دردن جون دانهون ڏيڻ آيا هئا. تنهنڪري شاعرن کي ڪنهن به نه ٻڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

استاد بخاري جهڙي محبتي ماڻهو، ٻرک سنڌي شاعر جي محبتن کي ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ ورهين ۾ به سميٽي ڪٿي نٿو سگهجي، ان لاءِ ته سڄي نثين زندگي کپي، سنڌس دل ۽ درد جي ڪاٿي ڪرڻ لاءِ! درازن ۾ سچل ادبي ڪانفرنس ٿي هئي، تنهن ۾ دل کولي شاعري ٻڌائي هئائين ۽ ماڻهن به دل کولي داد ڏنو هوس. مطلب ته هر اهو فنڪشن، هر اها ڪڏجاڻي، جنهن ۾ اُستاد بخاري موجود هوندو ته چڻ، احساسن، فڪرن، ارمانن ۽ پيار پاپوهه جي ڪائنات موجود هوندي.

1989ع جي جُون مهيني ۾، مون تي خُونَ جو ڪُوڙو ڪيس ٿيو هو ۽ 48 ڏينهن مختلف ٿاڻن تي رکيو ويو هوس. تن ڏينهن ۾ هڪ پاسي پ پ جي حڪومت هئي ته وري لاڙڪاڻي جو ڪمشنر ڪي. بي رند صاحب هو، جيڪو مونکي لاڙڪاڻي ۾ اچڻ کان پوءِ سڃاڻڻ لڳو هو. وس ڪيا هئا فريادي اسان کي تڪليفن ڏيڻ ۽ ڏيارڻ جا. ڪي. بي رند جي حوالي ۽ پارٽ سان، پوليس اسان تي بي جا دٻاءُ نه پيشي ڪري ته فريادي وري پ پ جو ڪارڪن هجڻ جي حوالي سان نصرت پنو توڙي حاجي منور عباسيءَ تائين پيچ ڊڪ ڪري رهيو هو. بهرحال اهڙي ڏکئي صورتحال ۾ استاد بخاريءَ لاڙڪاڻي اچي نه رڳو مون سان ملاقات ڪئي هئي، پر ڪي. بي رند سان به انهيءَ مسئلي تي ڪافي ڳالهايو هئائين. تڏهن سڄي سنڌ جي اديبن، شاعر دوستن، جتي ڪٿي احتجاج ڪيا هئا، منهنجي آجي ٿيڻ لاءِ!

ڪافي هنڌن تي استاد بخاريءَ جي ميجتا طور "بزم استاد بخاري" نالي ادبي ادارا کُليا ته مان ڪين، سنڌي ادبي سنگت ۾، گڏجڻ جي صلاح پئي ڏيندو رهيو آهيان. توڙي جو استاد بخاري، سنڌي ادبي سنگت جو پاڻ به ميمبر نه رهيو هو. سنڌي ادبي سنگت، دنيا جي سمورن سنڌي اديبن جي نمائنده ادبي تنظيم آهي. انهيءَ سنگت جي بنياد کان پوءِ ٿي، سنڌي نوجوانن ۾، سگهاري ۽ ترقي پسند تخليق وجود ورتو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن، اهڙين گڏجاڻين ۾ ٿيندڙ تنقيد جي بنياد تي، نوجوان، کهائي توڙي شاعريءَ جي سمورن پاسن تي نظر رکڻ لڳا آهن. اجا به عام جام ليڪچر ڏيڻ جي انتهائي ضرورت آهي.

لاڙڪاڻي ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ، سنڌي ادبي سنگت شاخ جو ميمبر ٿيو هوس ۽ شاخ جي سيڪريٽري ٿيڻ جي ڏينهن ۾، پنهنجي وس آهر، سنگت کي سرگرم رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس. ملڪ آگاڻي، عنايت ميمڻ، سعيد ميمڻ، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، بقا بوزدار، ڪريم ٻروچ، رئوف عباسي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، محمدعلي پناڻ، ڊاڪٽر سڪندر مغل، غلام قادر بروهي، گل ٻرڙو، ڊاڪٽر مولا بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلهوڙو، منور سولنگي، يامين پروچ، قاسم ڪيهر، ادا فضل قاضي، گل محمد دايو، مختيار جاگيراڻي، قدير شيخ، مختيار سمون، اخلاق انصاري، منظور ڪوهيار، رياضت پرڙو، سعيد سومرو وغيره ڪيترن دوستن سان، انهيءَ ادبي سنگت جي ميمبر هئڻ ناتي وڏيڪ ويجهڙائي پيدا ٿي ۽ نثار شاهين، سرتاج جاگيراڻي، جاويد جاگيراڻي، محمدعلي جاگيراڻي، غلام مصطفيٰ چانڊيو، رضا بخاري وغيره دوست ٿيا.

استاد بخاريءَ جي پهرئين آپريشن وقت ٻه مان ڪراچيءَ ۾، ڊاڪٽر قاضي منظر حيات وٽ ترسيل هوس ۽ ڪيترا پيرا، ڪينٽ اسٽيشن جي هوٽل تي ٻه ساٿس اوچتون ڪچهريون ٻه ٿينديون رهيون. استاد بخاري جهڙي محبوب ماڻهوءَ کي، ڪينسر جي بيماري ٿي پئي. علاج لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ سنبريو ته فون ڪئي مانس. چيائين: هائو سرڪش! وڃان پيو ٻاهر. پر ڪنهن ٻه دوست کي خبر نه ڏيڻي آهي جو اهي تڪليف ۾ پون ۽ ڪراچي يا دادو ٿائين اچن. گهر ويٺي ئي نيڪ تمنائون رکن، اهو مون لاءِ ڪافي آهي. ٻه پيرا انگلينڊ علاج لاءِ ويو، پر حساس ماڻهو، ديس ۽ ديس جي دلبرن جي دوري سبب موذي بيماريءَ کيس سخت کان سخت پريشان ڪيو ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اديبن شاعرن جو هيءُ محبوب شاعر، محبوب ماڻهو، سنڌ، سنڌوءَ ۽ سنڌين دوستن کي دعائون ڏيندو اکين کان اوجهل ٿي ويو. سندس چاليهي تي حاضر ته ٿيو هوس پر اسٽيج تي وڃڻ جو حوصلو نه هوم. سندس وچوڙي جي ڪري، دادوءَ جو شهر، منهنجي اکين توڙي اندر ۾ ٻسو ئي ٻسو نظر اچڻ لڳندو آهي. پوءِ ٻه سندس ڪجهه ورسين تي وڃي شريڪ ٿيو آهيان، انتهائي اذيتناڪ احساس سان.

پيڙيل ماڻهن لاءِ لکيو جن آهه فقيه!
تن ماڻهن جي قبرن تي ته جهڪڻ ڏي مونکي.

جڏهن 1978ع ۾ قاضي مقصود گل ۽ مختيار گهمري سان گڏجي جشن لطيف ڪوٺائڻ جو پروگرام رٿيو ته اصلي اٽي ڪرڙا ٿياسين ۽ جتي ڪٿي رُوبرو وڃي شاعرن دوستن کي شرڪت جون دعوتون ڏنيوسين. سکر کان ٿيندا، خيرپور کان گذرندا، سوڀو ٿنا سرن ۾ پروفيسر حامي وٽ پهتاسين. پروفيسر، قاضي مقصود گل جو شاعريءَ ۾ استاد هو. فنڪشن ۾ اچڻ جو واعدو ڪيائين.

حامي ڏاڍو فضيلت پريو ۽ محبتن وارو ماڻهو هو. ايترو پيار ڏيندو هو جو هر ماڻهو ائين سمجهندو هو ته حامي سندس ئي ڳاتو آهي. ڏاڍو مانُ ملندو هوس، نوجوانن وٽان ٻه. پنو جي ڦاهيءَ چڙهڻ کان پوءِ، ڳڙهي خدا بخش ۾ حاضري ضرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرڻ ويندو هو. حاميءَ کان موڪلائي، راشد مورائيءَ کان ٿيندا، حيدرآباد، نوابشاهه، سيوهڻ، دادوءَ جي دوستن کان ٿيندا واپس آيا هئاسين. جشن، ڪانفرنس جي شڪل وٺي ويو هو. نوان هئاسين، انهيءَ پاسي ۾، تنهنڪري ڪجهه غلطيون به ٿي ويون هيون جو صدارت ڪندڙ توڙي خاص مهمان کي ٽوپيون يا اجرڪ پارائڻ جو عمل نه ٿي سگهيو هو ۽ جڏهن نثار لطيفيءَ کي ڪرايي لاءِ پئسا ڏيئي رهيا هئاسون ته سخت ڪاوڙجي پيو هو ۽ شايد اها سندس ڪاوڙ واجبي به هئي. سچي سنڌ جا ڪيترائي شاعر اچي گڏ ٿيا هئا. حامي، شاعرن جي، فني ڪوتاهين تي، شاندار انداز سان طنز پيئي ڪئي، ته به اها ڳالهه مون کي نه پيئي وڻي، جو انهيءَ انداز تي نوان شاعر روح ڪٺي ويندا آهن. شهر جي ماڻهن ۽ ٻاهرين دوستن جي وچ ۾ ڪجهه ناشائستا حالتون پيدا ٿيون ته احمد خان مدهوش وارا ٻاٽيڪات ڪري اٿڻ جي ڪري رهيا هئا. استاد بخاريءَ درگذر ڪرڻ جو چئي، ڪين ويهاريو هو.

حامي دوستن جو امين شخص هو. ڪڙمي ڪاسبيءَ کي عزت سان پيش ايندو هو، ان جو ڪم ڪري، ڪيس بس تي ويهارڻ لاءِ روڊ تائين ضرور ويندو هو. 1982ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس پهرين ورسيءَ تي، سندس پٽ ڊاڪٽر نصير حاميءَ سڏيو هو ته عمراهه ۽ ڏيءُ نااياب سميت وڃي حاضر ٿيو هوس. ڊاڍي متاثر ٿي هئي منهنجي گهرواري توڙي ڏيءُ. انهيءَ پروگرام کان جنهن ۾ راڳ رنگ به ٿيو هو.

● اهڙن پروگرامن کان پوءِ، ڊاڪٽر تنوير عباسي، سچل ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو باضابطا دعوت نامو موڪليو هو ۽ ان ۾ لکيو هئائين ته: "توهان جي ادبي حيثيت کي ڏسي ضروري ٿي پيو آهي ته اوهان کي سچل سرمست جي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گذارش ڪريون." منهنجي خيال ۾ اهي لفظ لکڻ جي هروڀرو ايتري ضرورت ڪانه هئي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر تنوير سان تعلق جي ويجهڙائي پيدا ٿيندي وئي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي، سنڌ جو سيبتو شاعر، ايم بي بي ايس ڊاڪٽر هو. ڊاڪٽريءَ سان گهٽ، ادب سان وڌيڪ واڳيل رهڻ ڪري، ڪيس اديب جي حوالي سان وڌيڪ سڃاتو ويندو هو. منهنجي ڪتاب "امن آبحيات" جو مهاڳ لکيائين. خيرپور ميرس ۾ مير واهه جي ڪاهي ڪپ تي سندس اڪيلي پٽ سرمد جي نالي سان گهر هوندو هو. انهيءَ بنگلي نما گهر تي لکيل هوندو هو، "سرمد جو گهر". پاڻ پڙهيل لکيل ۽ سڀني گهراڻي جو فرد هو. سندس شاعريءَ جو انداز نهايت منفرد آهي. سماج تي ڪَرِڙي نظر هوندي هئس. پنهنجي وجود ۾ رڳو ئي رڳو محبت پالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هٿائين. ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب، تنوير چئي، ڪان سواءِ، شاهه لطيف جي شاعري، تحقيقي ڪتاب لکيائين. سفرنامو به لکيل اٿس. اهڙيءَ طرح شاعريءَ جا ٻيا به ڪتاب اٿس. اڪيون شراب پيئندڙ جهڙيون، سياءَ عاشقن جهڙو جو سندس اکين مان توڙي اندر مان محبت جا جذبا، سنڌيءَ جي چاهت دروازن تي ڇولين جهڙا پيا لڳن. صوفياڻي مزاج جو مالڪ، راڳ رنگ ۾ گم ٿيندڙ، عابده پروين جي راڳ تي جُهومي پوندڙ. ڪنهن به موضوع تي ڳالهائڻ وقت سمنڊ هٿ ۾ ڪندڙ، هر وقت سگريٽ پيئندڙ. سنڌيءَ توڙي انگريزيءَ ۾ ميڊيسن جو عالم، اندر ۾ دُور رهندڙ اڪيلي پٽ جا انتظار پالي پالي، ڪارونجهر جيڏا ڪندڙ. حالتن جي ستم ظريفيءَ هٿان هاءِ بلڊپريشر رکندڙ هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙجي به پ.ندو هو، پنهنجي طبيعت جي خلاف توقع مسئلي تي.

شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي اڳوٽي وي. سي حميد سنڌيءَ سان دلبريءَ جي حد تائين، پَڳ مَٽ ياري هوندي هئس. جنهن ڪيس سچل چيئر ۾ ايڊوائيزر ڪري رکيو هو. دنياداريءَ ۾ غرض جون اجايون سجايون ڳالهيون وڌي وڻ ٿيون ته دلبري گهٽجڻ لڳي، وٿيون وڌڻ لڳيون ۽ وڌنديون ئي وڌنديون هليون ويون. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿي ويندو آهي. غلط فهمين جي اونداهين ۾ ماڻهوءَ جي سوچ ڀٽڪي ويندي آهي، پوءِ ڪٿي ڪٿي ڪا سوچ، پنهنجو اصل وارو ڏگ حاصل ڪري وٺندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ڀٽڪيل ماڻهو ڀٽڪندي ڀٽڪندي پنهنجي هر شيءِ وڃائي ويهندو آهي ۽ پرين پيارن جي نظرن مان ڪِرندڙ شخص پڳڙي جي ڦار به نه لهندو آهي. پرين پيارن جي نظرن مان ڪِرڻ کان ته چڱو آهي، ته اهو ماڻهو سَتِ ماڙ تان ڪِري زندگي وڃائي ويهي! پر ڪڏهن ڪڏهن اجايون سجايون غلط فهميون به دخل انداز ٿي، وٿيون ۽ وڇوڙا پيدا ڪنديون آهن ۽ ڪٿي ڪٿي ناجائز بنياد بڻائي، غليظ سوچن جي هٿان، جاني ٻجهي شڪار ٿي، پنهنجي گهڻ گهرندڙن کي نظر انداز ڪيو ويندو آهي. شال اهي نظرون ئي نه رهن، جيڪي جاني واٽي ڪنهن کي نظر انداز ڪن! ۽ اهڙن ماڻهن کي دنيا ۾ ڪٿان به محبت نه ملي ۽ سموري زندگي پيار پاٻوهه جي لاءِ سِڪي سِڪي، سَنسار ۾ اڪيلا ئي اڪيلا پنهنجي منهن، پنهنجا پَلَ پيڙائن ۾ گذاري ڇڏين! جيڪي ماڻهو رڃ کي پاڻي سمجهي، دريائي ڪنارن ڪان پري هليا وڃن ٿا ته اهي ڪٿي به سُڪون حاصل ڪري نٿا سگهن.

ڊاڪٽر تنوير ۽ حميد سنڌي هڪ ٻئي ڪان ڪاوڙيا ته، نه رڳو محبتن جي پٽين ۾ ڏارون پٽجي ويون پر محبتن جي جاءِ ٿي ڏهي پَٽُ ٿي وئي. هڪ وجود رکندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو، پنهنجي اندر ۾ ڪاچي ۽ ٿَر جيترا پري ٿي ويا. جيڪب آباد جي هڪ ڪانفرنس ۾، ٻين دوستن سان گڏ مون به انهيءَ احتجاج جي ڪاغذ تي صحيح ڪئي هئي، جنهن مطابق ڪيس پيهر سچل چيئر جي سنڀال ڏيڻ جي گهُر ڪئي وئي هئي. پٿرن جون مورتيون سُونهن ته رکنديون آهن پر سُرت ۽ ساڃاهه نه رکنديون آهن. بدبخت آهن اهي ماڻهو، جيڪي پٿرن جي مورتين ۾ سمورو موُهه رکي ويهن ٿا. جن مان ڪنهن به احساس جي، ڪنهن به پيار جي، ڪنهن به چڱائيءَ جي ۽ ڪنهن به نينهن جي نباهه جي اُميد رکڻ، پنهنجي بيوقوفيءَ کان اڳتي ڪجهه به نه آهي. ڪنهن به احتجاج جو ڪجهه به نه ٿيو هو ۽ ڊاڪٽر جي جاءِ تي، سچل سرمست جي گادي نشين سخي قبول محمد کي ڊائريڪٽر ڪري رکيو ويو. جڏهن مان پنهنجي ڪم سانگي يونيورسٽيءَ ڏانهن ويو هوس ته سخي قبول محمد، ڪيترا دستاويز ڏيکاريا هئا، جن مان سندس مقصد هو ته ڊاڪٽر صاحب، ڊائريڪٽر نه پر ائڊوائيزر هو.

اسين سنڌي ماڻهو به انتهائي خود غرض آهيون. تڏهن ته اجوڪي انڊين جا چمڙا ٻڌيا. پنهنجي اُڏامر جون پيا هامُون هڻندا وتون. مان به سڄي عمر خوابن ۾، هوائن ۾ نهايت تيزيءَ سان اڏرندو رهيو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته وري سمنڊ جي مٿاڇري تي ترڻ جا خواب به ڏسندو رهيو آهيان. اهي ته ٿيا خواب، پر اسان جا ڪيترا ماڻهو، حقيقتن کي خوابن جا لبادا پهرائيندا رهن ٿا. پوءِ خوابن جي ڪهڙي حيثيت رهي ٿي! جيستائين جاڳ ۾ انهيءَ خواب کي، جدوجهد جي وسيلي حقيقت جو روپ نٿو ڏجي! اختلاف، نفرتن کي جنم ڏين ٿا ۽ نفرتون دشمنيءَ تائين وٺي وڃن ٿيون.

هڪڙيءَ نياڻيءَ مونکي پنهنجو رازدان ۽ نهايت ويساهه جهڙو سمجهي، هڪڙي نوجوان جي، پاڻ سان پيار جو انتهائي اونهائيءَ سان ذڪر ڪيو هو ۽ چيائين ته: مونکي اهو نوجوان "پَپي" سڏيندو آهي، ته مون ڪيس چيو هو ته، شادي ڪريسِ. مان توسان ٻڌل آهيان، هر اخلاقي، تنهنجي مدد ڪندس، سڀ کان پهريون تنهنجي وارثن کي سمجهائيندس، نه ته پوءِ ڪورٽ پري نه آهي. جهيڙي تڪرار تائين توسان ٻڌل. تڏهن ٻڌايائين ته، ان جي شادي ٿيل آهي. انهيءَ تي مون ڪيس سختيءَ سان روڪيو هو ته ساڻس پنهنجا رابطا ڪَٽي ڇڏ. ان کان پوءِ مونکي اندر جيئڻ ويجهڙي اها نياڻي، مون کان ايترو پري ٿيندي وئي جو منهنجو نانءُ به ٿاندا ٻڌجي، سندس روح جا پير ساڙڻ لڳو ۽ اڄ سوڌو ائين آهي. ورهين جا رشتا ناتا پَچي پور پور ڪري ڇڏيائين. مون ڪافي ڪوشش ڪئي ڪيس سمجهائڻ جي، پر جڏهن ڪجهه به نه ٿيو ته پوءِ: "ڇڏ مَنڊي کي واريءَ ۾" ۽ "ڇڏ انڌي کي کوهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن.“ ڪير. اصل ۾ پنڪي ويل ته واپس ٿيندو آهي، جاڳي واڳي صحرائن جو سفر ڪندڙ ترپي ترپي مَرندو آهي ۽ مرندي گهڙيءَ تائين، سنئين رستي ڪي ڳولي نه سگهندو آهي. ڪوبه راهي، ڪنهن غلط راهه تي شال گمراهيءَ جو شڪار نه ٿئي!

حميد سنڌيءَ، ان کان پوءِ مونکي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ گهرائڻ ڇڏي ڏنو، ڇو ته انهيءَ ڪانفرنس جي چيئرپرسن نبيريءَ جو مالڪ پاڻ هو، تن ڏينهن ۾. اها آهي ذهنيت. سنڌي اديبن جي! جو ننڍڙي ڳالهه تي ايترو پري وڃي نڪرن ٿا. بهرحال اديب به هن ئي سماج جو حصو آهن ۽ ماڻهوءَ جي طبيعتن ۾ ڪٿي نه ڪٿي، سنڌوءَ وارو لاهُه چاڙهُه به فطري آهي ۽ محبتون به ڪکن وانگر ڏڪار جي باهه ۾ سڙي خاڪ ٿي وڃن ٿيون. ائين ئي ٿيو هو، ڊاڪٽر تنوير ۽ حميد سنڌيءَ جي محبتن سان، جيڪي هڪ ٻئي تان ٻلهار پيا ويندا هئا، سي آخر تائين هڪ ٻئي جي ويجهو نه ٿيا.

ڊاڪٽر صاحب جو اڪيلو پٽ سرمد جڏهن ولايت مان تعليم پوري ڪري موٽيو، ته انجي نوڪري اسلام آباد ۾ ٿي. سڄي عمرَ پٽ جي سڪ ۾ سِڪندڙ ڊاڪٽر ۽ منڊم قمر جن به، خيرپور کي آخري هٽ لوڏي، ياريون دوستيون، مِٽيون مائٽيون، پيار پاپوهه جا ٻيڙا ساڙي، سنڌ سان اڻ مَٽي محبت کي ۽ سرمد جي سِڪ کي وجود جي ساهميءَ ۾ توري، اسلام آباد ڏانهن روانا ٿي ويا. تڏهن سنڌن روح ۾ ٿَڪ ۽ اڪرٽين ۾ لڙڪ هئا، ٻن پيڙهين جي سوارن کي اندر جي اڻ تڻ ۽ هاڻهءَ جي هُرکُر، کين اسلام آباد تائين، صحيح سلامت پهچڻ شايد ئي ڇڏيو. سنڌ جو هيءُ لاکيڻو اديب، معتبر شاعر، جسم ۽ روح جو ڊاڪٽر اوچتو بيمار ٿي پيو، اهو ماڻهو جنهن پنهنجي ديهه باديءَ جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد جي لاءِ وصيت ڪري ڇڏي هئي، سو بيماريءَ ڏانهن روز بروز وڌندو سرمد، قمر ۽ هزارين عقيدتمندن، دوستن کي الوداع ڪري هليو ويو. اها خبر پيم ته ڪيتي فونيون ڪڙڪايون هيم، خيرپور، حيدرآباد، ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين، سندس ويجهڙن دوستن ۽ عزيزن وارثن ڏانهن، سندس ميت کي سنڌ ڌرتيءَ جي جهوليءَ ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ. ڪجهه حاصل نه ٿيو هو ۽ کيس اسلام آباد جي ڪنهن مقام ۾ جاءِ ڏني وئي. سندس ياد ۾، خيرپور ۾ ادبي ريفرنس ڏنو ويو هو. جنهن ۾، ڏک ۽ جدائي جي احساسن ۾ ٻُڏل روح ۽ اکيون کڻي مان به شريڪ ٿيو هوس. چيو هوم ته سنڌي اديبن، شاعرن پاران، ڊاڪٽر جي ديهه باڊي کي، سنڌ ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ ڪوششون ۽ نه آڻڻ تي ڏک جو اظهار، اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب سان اٿاهه محبتن جو نتيجو هو. اهڙيءَ طرح انهيءَ ڏک ۾ اکيون آليون ڪندي، ڪجهه احساس، ڪاغذ تي به چٽيا هيم سي هي هئا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شوڪت بخاريءَ جي اهڙن ادبي پروگرامن ڪرائڻ ۾ مظهر علي جلباڻي به هٿ ونڊائيندو رهيو هو پر پوءِ اهو نوجوان زماني جي اڏامندڙ رِئي ۾ گم ٿي ويو هو. ٻئي هڪ نوجوان نظير شهزاد ٻڙديءَ به اتي ئي اسان سان پانهن وراڪا ڏنا هئا. چڱي شاعري ڪندو هو. سندس ڳوٺ ابل واهه جي ساڄي ڪَپَ تي، پرپالوءَ جي پرسان آهي. هيءُ نوجوان، ڪنهن واسينگ جهڙي زهريلي وينگس جي نيڻن ڪان ڪاچي ويو. وينگس پاران مناسب موٽ نه ملڻ تي پاڻ کي فائر ڪري پنهنجي زندگي ۽ محبوبا جي بيوفائيءَ جو انت آندائين.

هي سماج ئي اهڙو آهي، جنهن ۾ ڪي پريم جو شڪار ٿي وڃن ته ڪي وري پريم کي شڪار ڪري ڇڏين ٿا. شوڪت جي پروگرامن ۾ استاد بخاري به دادوءَ کان هلي اچي شريڪ ٿيندو هو، ۽ هڪ ڳيرو بخاري ٻئي وڏي بخاريءَ ۾ ضَمُ ٿي ويندو هو.

28 جولاءِ 1983ع تي مٺڙيءَ ۾ بزم استاد بخاريءَ پاران، ممتاز رڏ، مون سان رهاڻ ملهائي هئي، جنهن جي صدارت، مينهون خان سوز ٻروچ ڪئي، مهمان خاص نشتر ناٿن شاهي، اعزازي مهمان راشد مورائي ۽ ميزباني استاد بخاري ڪئي هئي. استاد بخاريءَ جي صدارت ۾ مشاعرو به ٿيو هو. جنهن ۾ مهمان خاص اظهر گيلاني گهوٽڪيءَ وارو ۽ پنيرو هئا. انهيءَ پروگرام ۾ اختر قاضي، ممتاز رڏ ۽ ٻين منهنجي شاعري ڳائي مونکي پَرَ وِڏا هئا. ورندي صبح تي حاميءَ جي ڳوٺ سوهو ڪناسرا ۾ نصير حامي سان ڪچهري ڪئي هئي ۽ اتان ناشتو ڪري واپسي ڪئي.

5 مئي 1983ع تي آٿونگ جي پروگرام جي سلسلي ۾ قاضي صاحب جن شڪرمل کان ويگن ذريعي لاڙڪاڻي پهتا، سائين مختيار گهمرو، چندو مل، اندر لال، نواز پيتو، عبدالحق شيخ، نانڪ رام ۽ ٻيا دوست هئا. لاڙڪاڻي مان، سائين همسفر ٿيس. ميهڙ ۾ وجي اسحاق راهيءَ سان ملاقات ڪئي. مخدوم بلاول ۽ خدا آباد جي مسجد ڏسي، سيوهڻ پهتا هئاسين ۽ سائين جي. ايم سيد جي موچي پٽ امير حيدر شاهه سان ڪچهري ڪئي سون. اسان جي ميزباني، پياري دوست، سيد ظفر سيوهاڻي ڪئي هئي. ڪافي ادبي ۽ روايتي ڪچهريءَ کان پوءِ رات جو، "ڪافي ڪچهري" ترسيا هئاسين. سيد ظفر ڏاڍو پرين دوست هو. دل جو سخي ۽ هميشه کلمک هِن ماڻهو هڪ پيري جهانگهارا ۾ به مشاعرو ڪرايو هو ته وڃي شريڪ ٿيا هئاسين. استاد بخاري به هو. سڄي رات شعر شاعري ٻڌائيندي ۽ ٻڌندي گذاري ڇڏي هئي. مشاعرو، هڪ پاسي فڪري تفريح آهي ته ٻئي پاسي سيڪڙات شاعرن لاءِ منزل تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچڻ جو ذريعو. گڏوگڏ مختلف شعر ٻڌي شاعرن جي ذهنن ۾ ڪيئي خيال اُڀري پوندا آهن ۽ منجهن شاعري ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ٿيندو آهي.

ٻئي ڏينهن تي سوير قلندر شهباز جي مقبري تي اچي زيارت ڪان پوءِ دادو اچڻ ٿيو هو، جتي استاد بخاريءَ ۽ الهه نواز رڪٽائي سان ڊاڙون ڊشون هٽي، موڪلائي موررو دادو پُل گذري، اتڪل هڪ وڳي نوابشاهه پهتا هئاسون. اتي ماني، قاضي مقصود گل جي وڏي ڀاءُ انجنيئر قاضي خضر حيات وٽ ڪاڌي سون. ان ڪان پوءِ سڪندر آرٽ گئلري ڏسي هالا آياسين، جتي قاضي خضر حيات جي، ڪاشيءَ جي سَهڪاريءَ، استاد ارباب بلاديءَ سان ملڻ ٿيو هو ۽ ڪاشيءَ جو ڪم ٿيندي ڏٺو هو، ڪاشيءَ جي ٿانون وغيره پچڻ جي ڀٺي ٻه ڏٺي. ان ڪان پوءِ مخدوم نوح سروري ۽ سندس رفيقن، عزيزن جون مزارون ڏسي، وڃي شاهه سائين جي اڱڻ تي ارمانن جو ٽڪ لاٿو هوسون. سائين جي مزار سان ڳل لڳي هزارين حسرتن ۽ احساسن جي اندرَ - اور ڪئي هئي سون ۽ ڪافي وقت پنهنجي محبوب سان، مَنَ - موهه جا فاصلا لتاڙي، قرب جي قافلي ۾ رهي، واپسي ڪئي. رات جي ماني دادوءَ ۾ ڪاڌي ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي پهتا هئاسون. ٻارنئين ديري ڏانهن روانا ٿي ويا هئا.

● 23 سيپٽمبر 1988ع تي، نئين ديري ۾ "شاهه عنايت شهيد جي اشتراڪي تحريڪ" تي ليڪچر ڪرايو ويو هو. ليڪچر جناب منير سولنگي ڏنو هو ۽ انهيءَ پروگرام جي صدارت مون ڪان ڪرائي وئي هئي. اسٽيج سيڪريٽري، مختيار گهمرو ٿيو هو. انهيءَ پروگرام ۾ قاضي ياسر، منهنجي وائي (ترنم) ڳائي ٻڌائي هئي. اها وائي هئي: "تبديلي ايندي" جنهن جو آخر بند آهي: سرڪش سنڌي. استحصالي دستورن کي تيلي ايندي، پوءِ ته ڪا تبديلي ايندي.

پروگرام جي شروع ۾ مون، اداري پاران، ليڪچرڪار کي اجرڪ پارايو هو، اهو انتظام تڏهن جي، نئين ديري ۾، قائم "شاهه عنايت ادبي سنگت نئون ديرو" ڪيو هو. انهيءَ پروگرام ۾ قاضي قمر الدين، غلام حسين ڪٽپر، مسرور سيال، امام راشدي، شيرل پٽو، مقصود گل، عبيد ڪٽپر، عالم مهر ۽ ٻيا ڪافي دوست شريڪ ٿيا هئا. صدارتي خطبو ڏيندي، شاهه عنايت شهيد ۽ سنڌس تحريڪ تي ڳالهايو هوم. جنهن ڪان پوءِ مشاعرو ٿيو هو. قاضي قمر الدين، قاضي گل جو پيٽريو سالو آهي. فضيلت پريو، اديب ماٿهو فونز ۾ ڊائريڪٽر آهي.

23 ڊسمبر 1988ع تي، شاهه عنايت ادبي سنگت نئون ديرو پاران، منهنجي ڪتاب "امن آبحيات" جي مهورت تي تقريب عمل ۾ آئي هئي. انهيءَ ڪتاب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصورت نهايت انوکي انداز ۾ ٺهيل هئي. ٻن ننڍڙن ڀارڻن، هڪ پلاسٽڪ جي ٽوڪري، مصورتڪار، استاد بخاريءَ جي هٿن ۾ آڻي ڏني. جڏهن استاد بخاريءَ ٽوڪريءَ جو ڍڪ کوليو ته اڇا ڪبوتر، جيترا جاڳندا، ڦڙڪو ڏئي اُڏري هليا ويا. استاد بخاريءَ، هلڪو چرڪ ڀريو هو. چو ته اهڙو گمان ئي ڪونه هو ته ائين ڪيو ويندو. سمورا دوست ۽ خود مان به حيرانيءَ مان ڏسندو رهجي ويو هوس. پوءِ استاد بخاريءَ، ڪتاب ڪي به سمورن دوستن جي سامهون آندو. جنهن جي ٽائيٽل تي به اڇا ڪبوتر، هڪ ٻئي سان ڳچيون ڳچين سان ملايل ڊيڪاريا ويا هئا. اسٽيج تي به ڪتاب جي ٽائيٽل وارو بينر لڳل هو. ڪتاب جو اهو ٽائيٽل، فتاح هاليپوٽي "شرجيل" جو ٺاهيل هو. هن پروگرام جي صدارت استاد بخاري ڪئي هئي. خاص مهمان نصرت ابڙو ۽ اعزازي مهمان ادل سومرو هئا. مٿين دوستن ڪان سواءِ، سرمد چانڊيو، فتاح عابد، س. ب ڪوسو، ناظم منگي، منير سولنگي، افضل قادري، ملڪ آگاڻي، اعظم عباسي، نشتر ناٿن شاهي، اميد خيرپوري، سوز ٻروچ، مختيار گهمرو، قاضي ڊاڪٽر منظر حيات، مقصود گل، علي دوست عاجز، نذير عباسي، غضنفر راجا، معروف چنو، ضمير ڦل ڊاڪٽر، اختر حيات قاضي، ڊاڪٽر غلام رسول گهمرو ۽ ٻيا ڪيترائي دوست شريڪ ٿيا هئا. استاد دل کولي ڳالهايو هو. مون کي جڏهن به طبيعت ۾ اڇا ترائي يا ٻي چيني ٿيندي هئي ته لطيف سائين ڏانهن ويندو رهيو آهيان. 25 ڊسمبر 1988ع تي به اندر جا احساس اهڙائي اظهار يا ڪنهن کي ٻڌائڻ ڪان سواءِ لطيف سائين ڏانهن روانو ٿيو هوس. ڪجھ ڏينهن اتي رهيو هوس. جڏهن ڪيسي جي بدحالي نظر آئي ته، ٽنڊو آدم اسٽيشن تي ويو هوس. ويتر ڪجھ پئسا نڪري ويا هئا، چڱو ٿيو جو ٽڪيٽ اڳواٽ ورتي هئي. ڪجھ پئسا اڃا هئا ته مگيرن ۽ ترن جي لائي وٺي، ريل گاڏيءَ تي چڙهيو هوس. گاڏيءَ ۾ لائي ڪپائيندو رهيس ۽ هوڪي ۾ چوندو رهيو هوس: جنهن نه کاڌي لائي، ته ان جو جمڻ ئي اجائي. جڏهن گاڏي روهڙيءَ تي آئي ته لهي گهوٽڪيءَ ڏانهن. گهوٽڪيءَ جا پيڙا وٺڻ ويس، چو ته گاڏيءَ ۾ ڪافي پئسا گڏ ٿي پيا هئا. بس تي سامان رکي، پيڙا وٺي رهيو هوس ته اوچتو بس هلي وئي ۽ منهنجو سامان به کڻي وئي. اهڙيءَ طرح گهوٽڪي ۽ گهوٽڪيءَ وارن مون سان ڏاڍيون زيادتيون ڪيون آهن. آءُ نالي ۾ سرڪش، روح ۾ فقير منش ماڻهو آهيان، وري به انهن سيني ماڻهن لاءِ نيڪ تمنائون رکان ٿو، جن پيار ڏنو ۽ ڦريو. جن ٻانهن وراڪا ڏنا به ته واهه جا ۽ هٿ ڪڍي ڇڏيا ته به يادگار! جيسين زنده رهندس ته نه اهي مون کان وسري سگهندا نه ئي مان انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساهه کان پياري نه آزادي وٺون - غير کان ساري نه آزادي وٺون:
تيستائين جيءَ ۾ جايون نه ڏي.
مِلُ پلي، پر عيد - واڌايون نه ڏي.

جڏهن سنڌي قوم آزاد ٿئي ٿي ته سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي، پنهنجي طرفان سموريون قضا ٿيل عيد - واڌايون ڏيندس. پوءِ اهو ماڻهو، فڪر - سيد سان واڳيل رهيو يا نه رهيو. آزادي مبارڪ ۽ عيد مبارڪ. مون وٽ هر سنڌي ماڻهوءَ لاءِ آهن.

دل ته گهرندي رهي ته سنڌي قوم سان گڏ، سيد اعظم، آزاد سنڌ پنهنجي اکين سان ڏسي ها. افسوس جو اها تمنا پوري نٿي سگهي. سائين جڏهن هن پاسي آيو ته سندس پوئلڳن ۾ گمنام جي حيثيت سان شامل رهيس. سائين جڏهن بيمار ٿي I.C.U ڪراچيءَ جناح اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ته پنهنجي عظيم رهبر کي، پنهنجي روح ۾ رهندڙ پيارن سان گڏجي، سائين جا پير چُميا هئا. تڏهن هڪ دعائيه نظم لکيم. جيڪو پوءِ مير صحبت جي ترتيب ڏنل ڪتاب "وٺي هر هر جنم وربو" ۾ ڇپيو هو. اهو نظم هيءَ هو:

مَردُ مَهانُ بچائي ڏي!
سنڌوءَ مانُ بچائي ڏي

سيد هڪڙو شخص نه آ
هيءَ جهانُ بچائي ڏي

سنڌ جو ڀاڳُ بچي پوندو
تون ڀڳوان بچائي ڏي

پٽَ تي پينگ نٿو چاهيان
شاهه جو شانُ بچائي ڏي

آزادي قومن جو شانُ
هي اعلانُ بچائي ڏي

ماڻهوءَ موتَ غلامي آ
هر انسانُ بچائي ڏي

سرڪش سنڌيءَ جو سائين
دين، ايمانُ بچائي ڏي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رات جو سلاطين هوٽل تي اچي رهيا هئاسين. مون سان گڏ ڊاڪٽر امان الله، سندس پيڻ، منهنجي ڌيءُ ڊاڪٽر نُور سنڌوءَ ۽ ٻي ڌيءُ ڊاڪٽر نسيم جن هئا. ڏينهن جو وري ٻه پرينءَ جا پير ڇُهي، ويهين صديءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز وٽ حاضري ڀري هئي. جنهن موڪلائڻ ويل، سيني کي پنهنجي هٿ اکرن سان، پنهنجا ڪتاب تحفي طور ڏنا هئا. منجهند ڪان پوءِ، ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي لاءِ ڪوچ ذريعي آيا هئاسين. اهڙو ڏينهن منهنجي زندگيءَ ۾ ٻيو پيرو آيو هو، جو هڪ طرف سائين جي. ايم سيد جي آخري ملاقات جو امڪاني احساس، روح کي رهڙون پائيندو رهيو هو ۽ وري ٻئي پاسي مون سان گڏجي هلندڙ ماڻهن جو اهو سفر ته مون لاءِ ڪمال جو رهيو. موت ٿي اهڙا، غم ۽ خوشيءَ سان ترڪيب ڏنل ڏينهن وساري سگهي ٿو!

نيٺ امڪانن ۽ احساس جي ڌرتيءَ تي زلزلو آيو. سنڌي قوم جي عظيم رهبر، مفڪر - اعظم، آزاديءَ جي اڳواڻ، سائين جي. ايم سيد جي جدائيءَ جي خبر اچي بدنصيب ڪنن تائين پهتي. اها خبر سنڌ جون سرحدون لتاڙيندي، سڄي دنيا تائين وئي. اکين کي هميشه لاءِ، سائين جي درشن کان محروم رهڻ جو اطلاع مليو. ڪنن کان سائين جي پيار پاٻوهه جون ڳالهيون رُسي ويون، وڏي ڳالهه ته روح کان سمورو قرار فرار ٿي ويو. اکين بس نه ڪئي، ڪوئي ٻي درد ٿي هوندو، جيڪو سيد جي وڇوڙي تي نه رنو هوندو. سيد جا شريف، صالح پوئلڳ هوش ۾ نه رهيا. متا ۽ ديوارون ٽڪرجندا رهيا. سنڌ جي آزاديءَ جي جدوجهد پارَ ڪڍڻ شروع ڪيا. دليون، زخمي پکين جيئن تڙپنديون رهيون، احساس اڌ منا ٿيڻ لڳا، جنهن جتي به خبر ٻڌي اهو اتي پٿر ٿي ويو، ۽ پوءِ جنهن کي جيڪا سواري هٿ آئي، سيد ڏانهن روانو ٿيو. سَنُ، سنڌڪن جي سمنڊ ۾ لڙهي ويو، پوءِ به سندس ڇاتي ويڪري ٿيندي وئي ۽ ڪٿان ڪٿان ڪان آيل، سڄڻ، مخالف، سڀ سَنَ جي ساهه ۾ رهيا ۽ سيد جي آخري ديدار لاءِ اکين جون التجائون هيون ۽ سَنُ شهر تورڙي پرسان سنڌوءَ جا ڏِيما وهڪرا هئا. لڳو پئي ته اهو مرتيو سيد جو نه هو، پر سيد جي هر پوئلڳ جو مرتيو هو، قومپرستيءَ جو مرتيو هو، آزاديءَ جي فڪر جو مرتيو هو، محبتن جو مرتيو هو، بشرطيڪ، قومپرست اڳواڻ ۽ قومپرست ڪارڪنن جي سچاين، قربانيءَ جي جذبن، سنڌ ۽ سيد جي فڪر سان سندن عشق جو مرتيو نه هجي! منزلون ته جدوجهد سان ۽ جدوجهد سان پاڻ ارپڻ وارا احساس ٿي ماڻيندا آهن، اجايا نعرا هڻندڙ، تاڙيون وڄائيندڙ ۽ روح ۾ ڪُوڙا، خالي ڍڪاءُ ڪندڙ ماڻهو ڪجهه به نه ڪري سگهندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعراڻي دنيا ۾ اهي پلاند اٽڪندا رهيا آهن ۽ هميشه رهڻ ڏنا ويا آهن، مون پاران به ته پرَيان به. اهي پلاند ٻين کان سواءِ، ڊاڪٽر عبدالڪريم ادل سومرو ۽ اياز گل سان به اٽڪيل ڇا، زور سان ٻڌل آهن. ادل سومرو سکر جو رهواسي مهربان دوست رهيو آهي. ڪيترائي شاعريءَ جا ڪتاب ڇپيا اٿس. سنڌي ادبي سنگت تي پي. ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتي اٿس. شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي. هُو پيارا سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل ٿي رهيو آهي. نماڻو، نهٺو، مانيٽو، هردلعزيز. شرافت ۽ محبت جو امين، ڳالهائڻ جو مِٺو، سُپاءِ ۾ خُوشبوءِ جهڙو، سيبتو، مانَ کان وڌيڪ، محبت ڏيندڙ. قرب جو ڪاٺو ٿئي نه، دوستيءَ جو گل. جڏهن ۽ جتي سڏ ڪر ته اچي حاضر ٿيندو. شايد ئي ڪنهن دوست کي ڪاٿس کا شڪايت هوندي، جنهن مان سندس وَڏپڻي جا لاڙا بکندا هجن! ڏک سک جو ڀاڱي ڀائيوار دوست. "امن آبحيات" ڪتاب جا پروف پاڻ چيڪ ڪيا هئائين. شال پنهنجي ڪُٽنب سميت سُکي هجي!

سکر جو هڪ ٻيو دوست، جيڪو اندر ٻاهر گُل ئي گُل ۽ بهترين شاعر آهي. تمام گهڻن فنڪارن، وڏي چاهه سان ڳايو اٿس. ڊاڪٽر تنوير کي ته اصلي ماکيءَ جهڙو مٺو لڳندو هو. پنهنجي فطرت ۾ به اٿين ئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جي نظر ۽ شناس دوکو نه کاڌو هو. ڪيترائي ڪتاب آيل اٿس. هڪ وڏو ڪتاب "ڏک جي نه پڇاڻي آ" آيل اٿس. اهو آهي اياز گل. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ ليڪچرار. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي عهدن تي رهيو آهي. سندس ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت چڱي سرگرم رهي. صاف دل، دماغ رکندڙ هيءُ دوست فوٽو گرافس جو به ڏاڍو شوقين ۽ چاتو آهي. جتي به ڪا فطري سُونهن نظر ايندس ته ان کي ڪئميرا جي اک ۾ بند ڪري ڇڏيندو. گل جي ڳالهين مان به محبتن جا گل ڇڻندا آهن. ادل سومرو ۽ اياز گل پاڻ ۾ سنا دوست رهيا آهن. هُونئن به دوستي دل دماغ جي سٺائي ۽ سچائيءَ جو نانءُ آهي. اها ڦٽائڻ لاءِ نه رکبي آهي. جتي خود غرضي جنم وٺندي هجي ته اتي به سٺي دوست کي نباهڻ گهرجي. پيار پاٻوهه ۾ درگذريءَ جا احساس، آوَس هجڻ گهرجن. چو ته دوستي نهايت نازڪ شيءِ پاڻي وچي ٿي پر مون ان کي ڪڏهن به نازڪ نه سمجهيو آهي ۽ مزاج ۾ سڀپ جا ٻج ڇٽي ڇڏيا اٿم. جن جا سَلا ڳالهيٽي کان ٻاهر آهن. محبتن جو اندر ۾ اُهاءُ هجي ٿو ته اهو اندر، اونداهو هرگز نٿو ٿئي، سدائين چانڊوڪين جي گهيري ۾ هجي ٿو، اتي ڏُوريون داخل ٿي نه ٿيون سگهن. اياز گل جي ورتاءُ مان پلسندو آهي ته وٽس پيار پاٻوهه کان سواءِ ڪجهه ڪينهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاهم مون کان وڏيڪ ۽ خود مونکي به پاڙي وارا ٿي چاهن ٿا. ته اندر ۾ ڪيتري محبت آهي ۽ ڪيتري نفرت. نفرت، ته ان جو بنيادي ڪارڻ ڇا آهي! بهرحال منهنجو هي ءِ پيارو، سچي سنڌ جو پيارو، سدائين ٻهڪندو ٽهڪندو رهي!

انهيءَ ٿي ياري باشيءَ جي سفر جو ساٿي، دوست تاج جويو به آهي. پاڻ قاسم آباد ڊگري ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. ياز جي ياريءَ سان ڪم آهي نه خواريءَ سان. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو پراڻو ۽ نئون سيڪريٽري جنرل، سَنَ ۽ سيد جو پانڌيئڙو آهي. هونئن به سمورا (انهيءَ طرف جا) جويا سيد جي فڪر جا پوئلڳ، سنڌ سان اٿاهه محبت رکڻ وارا، علم دوست، عالم، شاعر، اديب آهن. جن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، خاڪي جويو ۽ ميرل جويو اچي وڃن ٿا. ميرل جويو، تاج جويو ۽ خاڪي جويو ته يار ماڻهو آهن. محمد ابراهيم جويو نهايت محترم ۽ مهربان آهي. جڏهن به جتي به، سنڌ ۾، علم، ادب ۽ شاعريءَ جو ذڪر نڪرندو، اتي هي دوست ضرور ذڪر ۾ شامل هوندا. مان ته اهڙن ماڻهن جي پيرن پَٺيءَ جو به مشتاق آهيان، جو اهي پنهنجي ضمير ۾ سنڌ پرست آهن. ڪنهن سان گهٽي، ته ڪنهن سان گهڻ، اچ وڃ رهي آهي ۽ حياتي رهندي ته اها اچ وڃ رهندي ايندي.

اپريل 1984ع ۾ والد محترم، زندگيءَ جو دوست، ڏک سک ۾ سنڀاليندڙ درد تي لُڇي پوندڙ اڻ ڪُٺ ۽ بي لبو پيار ڏيندڙ، پنهنجون سموريون شفقتون، پنهنجا سمورا پيار، پنهنجي سموري دوستي ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا واپس وٺي هميشه لاءِ الائي ڪيڏانهن هليو ويو. ذهن تي ياد ۽ زمين تي سٽن فوٽن جي مٽيءَ جو ڍير ڇڏي ڌار ٿيو هو. الائي ڪيترو رُئندو رهيو هوس. ان لاءِ! اڄ جڏهن هي لکي رهيو آهيان ته جهوري ۽ جهجهڻ اچي ساٿ ڏنو اٿم. سُڏڪا ۽ سُڏڪن ۾ پاڻي تيل ارمان، اڪيون آليون ڪري رهيا آهن.

تنهن کي ڪينن وساري سگهجي،
وسرڻ جهڙو ناهي جيڪو.

● تن ڇئن مهينن کان پوءِ، هڪ ڏينهن لقمان حڪيم جي دڪان تي ويس ته تيهن پنجٽيهن ورهين جو هڪ اڻ ڏٺل ماڻهو ويٺل نظر آيو. لقمان آجيان ڪئي ته هن دوست به آجيان ڪئي. لقمان منهنجي ساڻس ڏيٺ ڪرائي ۽ مون سان سندس ڏيٺ ڪرايائين. اهو ماڻهو، ان ڏينهن کان پوءِ، منهنجو ازل ابد جو دوست بڻجي ويو. پنهنجيءَ پر ۾ مان نوبل شاعرن کي، رجعت پرست شاعرن جي نظر کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوشيون ۽ غم گڏي ڇڏياسين، سي به ڪتنبَ سميت ۽ اڄ سوڏو گڏ رهندا آهيون. سرمد جو، منهنجي وڏي ڀاءُ مولوي عبدالحميد سان، مون کان به وڌيڪ تعلق جڙيو. مولوي صاحب کي ڪڪڙ وغيره وٺي ڏيندو هو. هيءُ دوست، باقاعدي ته چار پنج درجا پرائمري پڙهيل آهي، پر بي قاعدي نه ڇڏيو اٿس ڪو اردو، سنڌي ڪتاب سنئين لڱين مختلف شعبن جا ڪتاب، پاڻيءَ وانگر پيئي پيتا اٿس. سنڌس مطالعي جي گهر ۾، ادب، تاريخ، شاعري، فلسفو، منطق، سائنس، جاگرافي وغيره پنهنجي گهر ڀاتين وانگر رهيا آهن. لسانيات جي ڪتابن سان گڏ، انهن جا مهاڳ، شاهه سائين جي رسالي جي مختلف مرتبن جا مهاڳ، مطلب ته ڪا شيءِ اهڙي نه ڇڏي اٿس، جيڪا سنڌس سمجهڻ واري ٻوليءَ ۾ ملي. نه رڳو اهي ڪتاب پڙهيا اٿس پر اهي نهايت غور فڪر ۽ باريڪ بينيءَ سان سمجهيا به اٿس.

هرفن مولا هيءُ دوست، شاعر به ڏاڍو سٺو آهي. سنڌس لوڪ گيت، گيت، وايون، نظم توڙي غزل خاص مقام ۽ انفراديت رکن ٿا. گيت توڙي لوڪ گيت ۾ ته سوز ۽ درد جا ديرا رکيل هوندا اٿس ۽ ٻڌندڙ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا آهن. ٻُڌندڙن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جو ڪمال حاصل اٿس. البت پڙهڻ ۾ ايتري پرپوريٽ يا رواني نه هوندي اٿس ۽ لڳندو آهي ته جڻ ڪنهن ٻئي جو لکيو پيو پڙهي. شاعريءَ ۾ فن جي حوالي سان ته وري اصل ڏاڍو فنڪار آهي. شال نه ڪنهن جي شاعريءَ ۾ ڪا اڻ لکي ماترا يا وزن جي کوٽ هجي! پاڻ ڪيترن ئي ناليوارن شاعرن جي سموري شاعريءَ جا بحر وزن ڪڍي ڪٺي ميدان تي رکيا اٿس. جيڪا خبر خود شاعرن کي به نه هوندي آهي، تڏهن عوامي تحريڪ ۾ هو. مون سان جو رڪيائين ياري ته ڪيس عوامي تحريڪ کان پاهر آڻي، سنڌ جي سمورن يا گهڻن کان گهڻن اديبن شاعرن سان ملايم ۽ انهن جي ڪچهريءَ ۾ ويهاريومانس. ڪراچيءَ ۾ شيخ اياز، ته اسلام آباد ۾ امرجليل سان ڪچهريون ڪيائين ۽ ڀرپُور ڪچهريون ڪيائين. باقي اديب شاعر ته مشاعرن ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ ملندا ويس. هڪ ڀيري ڪيس سچل ادبي ڪانفرنس تي وٺي ويس ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي کي چيم ته هن دوست کي پڙهايو. ڊاڪٽر صاحب کي اها ڳالهه ڏاڍي ڳوري لڳي. چيائين ته: سرڪش صاحب! امتحان ۾ نه وجهندا ڪريو. مون ڪيس چيو: هڪ سٺي شاعر کي شاعري پڙهڻ جو موقعو ملڻ گهرجي ۽ هن کي پاڙو ڪرايو نه گهرجي. تنهن کان سواءِ سڄي عمر جتي ڪٿي پنهنجا پاڙا خرچ ڪري وڃي پهچندا آهيون. توهان کي امتحان ۾ نه وجهان. ان کان پوءِ ڪيس پڙهايائين ۽ ڪرايو به خوشيءَ سان ڏنو هنائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مولوي فضل الرحمان لاءِ خط گهرين. پاڻ مون ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ: "منهنجي بزرگن جي اولاد لاءِ ڪجهہ نہ ڪيائين ۽ منهنجي روبرو استدعا تي غور نہ ڪيائين تہ ڪهڙو خط ڏيانءِ؟ بيڪار ماڻهو آهي. ان ڏي ڪڏهن بہ خط نہ لکندس."

اسلام آباد ۾ امرجليل سان ڀرپور ڪچهري ڪئي هئي. ڏاڍي اڪير سان مليو هو ۽ الوداع ڪيو هئائين. موڪلائڻ ويل سرمد کان سندس ڪرتِ بابت پڇيو هئائين. جنهن ٽانگو هلائڻ ٻڌايو هوس تہ امرجليل ويساهہ جي چٽ کان هيٺ لهي آيو هو. جڏهن ڪجهہ وقت کان پوءِ هڪ دوست انهيءَ جي تصديق ڪئي هئي تہ حيرت جي دنيا ۾ گم ٿي ويو هو.

اسلام آباد ۾ اديب دوست مليا هئا. جن ۾ منور ٽالپر، حيدر سنڌي ۽ هاشم لغاري شامل هئا. اسان سان اوچتو ملي ڏاڍو خوش ٿيا هئا ۽ ٽيندڙ جشن لطيف ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ زور ڀريو هئائون. انهيءَ فنڪشن جي صدارت بيگم نصرت ڀٽو کي ڪرڻي هئي، پر ڪنهن سبب جي ڪري اها نہ آئي هئي ۽ سندس جاءِ تي تڏهن جو وزير دفاع آفتاب شعبان ميراڻي آيو تہ ايجنسين، ٽرٽلو وجهي ڇڏيو ۽ اهي اديب اُجاتي خوف کان، اسان کي اسٽيج تي آڻڻ کان معذرت خواهہ ٿيا هئا.

انهيءَ ئي وزير دفاع جي نالي مشهور ٿيو هو تہ فوجين ڪيس مارڪٽ ڪئي هئي.

سرمد چانڊيي جي پٽ عزيز قاسماڻيءَ بہ لکڻ شروع ڪيو آهي. مختصر ڪهاڻيون لکي ٿو. جن مان تجريدي گهٽيون اٿس. شيخ اياز تي جامع تحقيقي مواد سهيڙيو اٿس، جنهن جي ڪيترن عالمن ڏاڍي تعريف ڪئي آهي. جيڪڏهن مطالعي ۽ مشاهدي جي دنيا ۾ گم ٿيو ۽ قبيلائي ڪن مان نڪري، جلد بازي ۽ انتها پسنديءَ جو شڪار نہ ٿيو تہ منجهس ڪافي اميدون رکي سگهجن ٿيون. معياري ادب جي سرجڻ جون. پورهيت طبقي جا ماڻهو آهن. عزيز قاسماڻي پرائمري ٽيچر آهي، راحب ۽ منصور، ڪپڙا استري ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح حلال جو خيال. ڪاٽي ويو اٿن يا انهيءَ خيال مان ڪاٽي رهيا آهن.

● هونئن تہ سائين جي. ايم سيد جا ڪيترا نوجوان شيدائي آهن. پر پوڙهن ماڻهن ۾ حفيظ قريشي سينيئر کان سواءِ مومن مليرائي بہ هو. حفيظ قريشي تہ اعليٰ پائي جو تعليمدان، قانوندان، اڪابر، شاندار مقرر، فلسفي ۽ دليل باز هو. پر مومن مليرائي جهڙو پوڙهو ماڻهو، سيد سائين جو عاشق هو. ان جي ذڪر کان سواءِ، منهنجي هيءَ آتم ڪٿا جڻ تہ اڌوري رهندي. ملير، ڪراچيءَ جو رهندڙ هيءُ پيرسن ماڻهو جهڙي تهڙي شاعري تہ ڪندو هو پر انهيءَ عمر ۾ بہ سندس جذبو جوان هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نوجوان پنهنجي ڪم علمي، گهٽ سوچ، تجربي ۽ تربيت جي اڻ هوند جي بنياد تي، سنڌ - دشمنن جي صفن ۾ ويهي، وڏيرن ۽ جاگيردارن جي ٺَلهن ۽ ڪُوڙن آسرن تي، سندن ڪڍلڳن ٿا پر حاصل ڪجهه به نه ٿو ٿئين!

اچو! اي نوجوان! ساڃاهه ۽ سُرت سان اِها ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته سنڌي نوجوانن جو شاندار مستقبل ۽ ان جي ضمانت، پنهنجي وسيلن کي واپس وٺڻ ۾ آهي. جيستائين پنهنجا سمورا وسيلا واپس نه وٺبا تيستائين اُهي بکون، اهي فاقا، اهي پريشانيون، اهي ذلتون ۽ رُسوايون اسان جي انهيءَ بدنصيبيءَ ۾ شامل هونديون، جيڪا اسان جي پنهنجي هٿن ۾ نه آهي، پر مڪار دشمنن جي هٿن ۾ آهي. انهن اسان لاءِ اهي پريشانيون، اهي رُسوائيون مقدر بنائي ڇڏيون آهن. اهڙي مقدر بٺيل رسوائين مان، مستقل طور تي جند ڇڏائڻ لاءِ، سيد اعظم جي فڪر جي ڇانوَ ۾ سوچڻو لوچڻو پوندو ۽ خود پنهنجي صاف سُٿري ۽ سچي سونَ جهڙي، سچي ليڊري ڳولهڻي پوندي. مفاد پرست ليڊر ڪٿي به ۽ ڪڏهن به خود مفاديءَ لاءِ استعمال ڪري تباهه ڪري سگهن ٿا!

مومن مليرائي شاعريءَ سان به ايترو ئي شوق شغف رکندو هو. جيترو سَنَ شهر ڏي ويندڙ رستي سان. توڙي جو ويچاري وٽ شاعري ته بنهه ڪانه هوندي هئي، پر شاعراڻو جذبو، سچ پچ شاعر کان گهٽ هوندو هوس. ڪنهن به فنڪشن لاءِ هڪ ڪارڊ موڪلي ڇڏيوس، پيرسنيءَ ۾، گرميءَ يا سرديءَ جي پرواهه ڪرڻ بنا هلي پهچندو هو اتي ڪيترا پيرا رتيديري ۾ به هلي آيو هو، جڏهن اسٽيج تي چڙهندو هو ته لهڻ جي ٿي نه ڪندو هو. واهه ڙي حضرت عشق! پوڙهن مان به نه مڙئين. انهن کي به دربدر ڪندو رهئين. پر سچل سرمست جي چواڻي: "سَچُه! عشق ٻِڌا نه ٿيوي توڙي چِٽي هوسِ ڏاڙهي"!

سچ پچ ته اصلي زندگي ته آهي ئي عشق ۾. عشق کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. هر حاصلات عشق سان ئي وابستا آهي، پوءِ اها زندگيءَ جي ڪهڙي به شعبي جي حاصلات هجي! سنڌ ڌرتيءَ جي اهڙي عاشقن کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي، جيڪي عشق ڪندي ڪندي، پاڻ عشق بڻجي ويا ۽ عشق بڻجي وڃڻ کان پوءِ نه ڀانهي جو نه ٿي ڏٺيءَ جو فرق رهي ٿو ۽ عشق ئي سڀ ڪجهه آهي. باقي ته آهن زندگيءَ جون واهيات ضرورتون، جن لاءِ ماڻهو هر شيءِ داءِ تي لڳائي ڇڏڻ واري بيوقوفي ڪندو رهي ٿو ۽ شايد ڪندو به رهي! محمد خان مجيدي به اهڙن سچن عاشقن مان هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

● منھنجي، سياسي/ اڌ سياسي/ غير سياسي ماڻھن سان عليڪ سليڪ رھي آھي. دل جي دنيا بہ عجيب دنيا ٿئي ٿي ۽ انھيءَ دنيا ۾ ڪھڙا ڪھڙا محبوب ماڻھو اچي گھرُ ڪري ويھي رھن ٿا. اھڙن دل ۾ زوري زبردستي گھرُ ڪري ويھي رھڻ وارن ماڻھن مان، سنڌ ۽ سيد جو سپاھي بشير خان قريشي، انھيءَ لسٽ جي مُھڙين محبوبن ۾ شامل آھي. مان ھتي ڪنھن جو بہ چونڊ موتائي سگھان ٿو پر رتيديري ۽ حيدرآباد وارن جو چونڊ موتائي نہ ٿو سگھان.

رتيديري شھر جو چائنو، سچي سنڌ جي ماڻھن جي وارثي ڪندڙ عظيم رھبر سائين جي. ايم سيد جي فڪر جو علمبردار، سچو، سپاجھو ۽ سادو نوجوان اَبو جھاد بشير خان قريشيءَ سان تعلق مختصر مختصر رتيديري شھر ۾ ئي جڙيو. مان بہ پنھنجي ڪٽنب سميت رتيديري ۾ پيو رھان ۽ ھيءُ نوجوان جھڙوڪر، رتيديري شھر جو وارث. سيد جي فڪر جو علم کنيو، مِٽي ماٿي لايو، پنھنجي ڌرتيءَ جي مِٽي، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شھر شھر ۾ ھلندو، ماڻھن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ رڙيون ڪندو اکين کي اوجاڳا ڏيندو، جيلن جون صعوبتون ڪاٽيندو، سنڌ دشمنن سان جھيڙيندو، آزاديءَ جا ڪلما پڙھيندو، سنڌي ماڻھن لاءِ، سنڌي ماڻھن جي آزاديءَ لاءِ، سنڌي ماڻھن جي حقن لاءِ، بيقراريءَ جي دنيا ۾ جي رھيو آھي. گھڻ - ياريءَ وارو ماڻھو، سڀن جون محبتون سنڀاليندو سانڍيندو ھڪ جيڏن سان چاھتون ورھيندو، پاڻ وڏن کي ادب احترام سان نوڙتون آچيندو، سيني کي ڪٽي مُٺ ۾ ڪيو اٿس. ڪھڙو ڪمبخت آھي جو اھڙي ماڻھوءَ جي محبتن جو انڪار ڪري سگھي! وڏي محبت، ڌيرج، بردباري، غور فڪر سان سرشار ھيءُ نوجوان، اھا ٿائين تہ سيد اعظم جي فڪر سان سچو ٿي ڪيترين ئي قربانيون ڏيندو رھي ٿو ۽ مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ پنھنجي سموري زندگي انھيءَ سچائي کي ارپي ڇڏيندو جيڪا سچائي، ازلي ابدي سچائي آھي، جيڪا سچائي قومن کي فطري طور تي عطيو ٿي ملندي آھي، جيڪا سچائي سيد جي عظيم فڪر جو جوھر آھي، جيڪا سچائي اصلي زندگي آھي، جيڪا سچائي، اخلاقي جرئت جي زندگي آھي، جيڪا سچائي عظمتون آچيندي آھي ۽ جيڪا سچائي پاڻ اعليٰ عظمت آھي، جنھن جي ڇانوَ ۾ ئي انسانيت جي صحرا سيراب ٿيندي آھي ۽ انسان اعليٰ اخلاقي گڻن سان سينگارجي سنوارجي خوبصورت سماج ۾ ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ لڳندا آھن ۽ اھا سچائي آھي، آزادي.

جيئي سنڌ قومي محاذ جي، ڪارڪنن جي رُوح ۾ لھي ويندڙ ھيءُ نوجوان، اھا سوڌو تہ، منافقن جي منافقين، خود مطلبن جي خود مطلبين ۽ خوف پيدا ڪندڙ/



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، تنهنڪري مون سان گهٽي اچ وڃ رهين. مون به ڪين پنهنجي حقيقي ڏيئرن وانگر عزت ۽ پيار ڏنو ته ويجهڙيون ٿينديون ويون. سُندرتا راشديءَ جي ٻي ننڍڙي پيڻ، چنچل چوڪري سِنڌو راشدي، پنهنجي پاءُ محمد امين شاهه جي حوالي سان، سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ ۾ شامل هئي. امين شاهه نهايت سادو سباجهو انسان آهي، تنهنڪري سندس، توڙي سنڌوءَ جو خيال هو ته مونکي به سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ جي صف ۾ بيهارين. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر سان ملاقات جو بندوبست ڪيو ويو هو. امين شاهه صاحب مونکي وٺڻ آيو، ڊاڪٽر سان ملائڻ لاءِ. ڊاڪٽر ته مونکي اڳ ۾ سڃاڻي پيو. شايد منهنجي درد جو آلاپ ٻُڌو هئائين، ڪافي دير تائين ڪچهري ڪئي هئي سون. پهرين ملاقات هئي، تنهنڪري هر ڪنهن ڌر اخلاقي آداب کي نظر ۾ رکندي، سنيالي سنيالي پير پٽي رکيو ۽ ڪنيو.

ان کان پوءِ جڏهن به ڊاڪٽر لاڙڪاڻي ۾ ايندو هو ته مونکي اطلاع ڪري سانس ملايو ويندو هو. نقطهءِ نظر معلوم ڪرڻ لاءِ، سامهون ڳالهيون ٻڌڻ ٻڌائڻ چڱي روايت آهي. اٿين نه ڪبو ته هڪ ٻئي جي روح کان گهڻو پري رهبو ۽ ڪا سُڌ ٻُڌ نه هوندي. رڳو يارن دوستن جي مڻاچرين ڳالهين تي لڳي، ڪو فيصلو نه ڪرڻ گهرجي. نيٺ جڏهن سانس گهڻيون ملاقاتيون ٿي چڪيون هيون، ته مان به پنهنجي ذهن ۽ زبان کي استعمال ڪرڻ لڳس ته ڪي سندس گهرا دوست، اشاري سان پنهنجي واتَ تي، ڏسڻي آڱر رکي شيٽ ڪندا هئا. جڏهن ته ڊاڪٽر پاڻ وسيع نظريءَ سان منهنجيون ڳالهيون ٻڌندو هو ۽ پنهنجون ٻُڌائيندو هو. سندس حوارين کي شايد اها به خبر نه هئي ته خود سائين جي. ايم سيد سان کُليو ڳالهائبو هو ۽ سائين به کُليو ڳالهائيندو هو. مان ته اهڙو ماڻهو هوسِ ڪين، جو انهن جي شيٽ ڪرڻ تي ڊڄي ماٺ ڪري ويهي رهان. اهڙا ڪارڪن ٿي، اڱواڻ ڪي يا ته عرش تي پهچائي ڇڏيندا آهن، يا وري فرش کان به هيٺ ڪڏ ۾ ڪيرائيندا آهن.

ڊاڪٽر يار سان، لاڙڪاڻي توڙي حيدرآباد ۾ ميل ملاقاتيون شروع ٿي ويون هيون. 30 سيپٽمبر 1988ع تي حيدرآباد ۾ هڪڙو واقعو ٿيو، جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو ماريا ويا هئا. موٽ ۾ پهرين آڪٽوبر 1988ع تي وري ڪراچي شهر ۾ گولي گولي سنڌي ماڻهن کي ماريو ويو هو. عورتون جون ڇاتيون، ڪاتين سان ڪپيون ويون هيون. ان کان پوءِ به ٽارگيٽ ڪلنگس ٿيندا رهيا، جن ۾ چونڊ سنڌي آفيسر ماريا ويا هئا. 30 سيپٽمبر وارو ڪيس، ڊاڪٽر ۽ سندس سائين تي هنيو ويو. اهو سڀ ڪجهه ڇو ٿيو، ڪنهن جي چوڻ تي ٿيو، ڪهڙو فائدو ٿيو، ڪنهن کي ٿيو، سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پين جون نياڻيون پنهنجيون نياڻيون ڄاڻي، احترام ڪندڙ. تَنگي مرد هو زخمي ڇانڊيو. هن جهڙا ڪي ٿورا ماڻهو هوندا، جيڪي سيين پَرين پرين هجن! چورن، لوفرن ۽ پوليس جي زيادتين جو ويري، ڪنهن جي به زيادتي، ڪنهن تي به برداشت نه ڪندڙ ماڻهو هو. ڊکڻ پوليس اسٽيشن تي، پوليس ڪسٽڊيءِ ۾ ڪنهن تُنيي جي موت تي سراپا احتجاج ٿي ويو هو. وٺي جو پوليس خلاف احتجاج ڪرايائين ته پوليس کي، فوتيءَ جي وارثن کي خون بها ڏيڻي پئجي وئي هئي.

چورن توڙي پوليس دشمنيءَ کان سواءِ، پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم ڏيارڻ لاءِ. ڪيس صلاح ڏنم ته لاڙڪاڻي لڏي اچي ويهه. تڏهن سندس سروس به لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هئي. منهنجي صلاح وٺي، اچي شيخ زيد ڪالوني ۾ ويٺو. ڪجهه وقت کان پوءِ وري پنهنجي پاءَ جي جاءِ ۾ گجڻ پور ڏي وڃي ويٺو ۽ اولاد جي تعليم جو اونو رکندو رهيو.

هي انگريزي استاد، شاعر، قومپرست ماڻهو جڏهن ڳوٺ ۾ هو ته، پنهنجي مخالفن کي به نوڪريون وٺي ڏيڻ لاءِ ڊوڙندو رهيو. پنهنجي آسپاس لاءِ بجلي، اسڪول، پُلين وغيره ٺهرائڻ، سندس فرض بڻجي پيو هو ۽ اهي سڀ ڪم ڪيائين. اسڪول لاءِ بلڊنگ ٺهرايائين. نوجوانن ۾ علم ادب جو شوق پيدا ڪيائين. جنهن ڪري چانڊين جي انهيءَ بي تالي ۽ بي سُري قبيلي جي نوجوانن ۾ سليقو پيدا ٿي ۽ علم ادب سان چاهه رکڻ جي ڪري ڪيترائي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار بنجي پيا.

سنڌي ادبي سنگت شڪارپور ضلعي جو رابطا سيڪريٽري رهيو ته بهترين ڪارڪردگيءَ جو ايوارڊ مليس. ڪيئي ليڪچر ڏياريائين. ڪيئي عاليشان ادبي پروگرام ڪرايائين. ڪنهن به ڦني خان جي پرواهه نه ڪيائين. زندگيءَ ۾ سرگرميءَ سان جدوجهد جو نه رڳو قائل رهيو پر ان تي عمل پيرا به رهيو. سُر سان شاعري پڙهندڙ، پنهنجي رُوح ۾ آزاديءَ جو متوالو هو. ويڙهه تي پيو ته روڊ تي ڪم ڪندڙ فوجين سان ويڙهه ڪيائين ۽ رتيديري جو شهر سندس حوالي سان بند ٿي ويو. سڄي سنڌ ۾ دوستين وارو رهيو. نيو ملينيم تي، موهن جي دڙي تي آيل اديبن سان گڏ رهيو ۽ اتي سنڌي قومي ترانو وڏي آواز سان ڳايائين، جنهن ڪري ڪيس لاڙڪاڻي جي جيل جي هوا کائڻي پئجي وئي. منهنجو تمام گهڻو ادب احترام ڪندڙ ۽ هرويرو ناهه نُوهه ۽ خُوشامد کان ڪوهين ڏُور رهندڙ هو.

ياري دوستيءَ وارو ماڻهو. سپروائيزر ٿيو ته پرائمري ٽيچرن سان به دوستاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل ڪيئن نھي وينِي، اُنَ ساڻُ خبر ناھي،
مان سارِيان دلبر ڪي ۽ دَردُ پَڳُو اِيندو آ.

● لاڙڪاڻي جي دوستن ۾ هڪڙو دوست ۽ ڏاڍو مانُ ڏيندڙ حافظ خير محمد چانڊيو بہ آهي، مذهبي رنگ ۾ ٻُڏل، حُسيني مَسلڪ جو پوئلڳ. وارھ جي چوليائي چانڊين مان آهي. مون سان مذهبي تعلقي نہ اٿس ڇو تہ هروپرو ڪٽرپڻو بہ نہ ٿو رکي. نمازن روزن جو پابند. سال ۾ هڪ بہ پيرا عمري تي ويندڙ هڪڙي بي دين سان دوستي نڀائيندو پيو اچي. صحافت جي دنيا ۾ جيئندڙ. الائي ڪيترن ورهين کان وٺي ياراڻيءَ جي شهر جو پاڙيسري رهيو آهي. سياسي اٿڻي ويهڻي پٽو ۽ بينظير پٽو سان رهي اٿس.

منهنجو ڪتاب "پيار ۽ آزادي" پنهنجي هڙان خرچ ڪري چانڊڪا پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيائين. ڇپرائيءَ جو خفو، پياري ڊاڪٽر قاضي منظر حيات پنهنجي سِرَ تي ڪنيو هو. حافظ صاحب، ڪشادي دل ۽ دسترخوان وارو ماڻهو آهي. سندس پاڻرن توڙي پاٽيجن سان بہ عليڪ سليڪ اٿم. ڪڏهن ڪڏهن اچي در بہ ڪڙڪائيندو آهي. سندس اوطاق تي وڃي چار گهڙيون اوري پري جون خبرون ڏيڻي وٺي، ڪنهن سان پيار، تہ ڪنهن تي خار بہ لاهيندا آهيون. اصل ۾ مون جهڙي غريب دوست ۾ الائي ڪهڙي خوبي نظر آئي آهي دوستن ڪي جو مون تي ايترا مهربان رهيا آهن. مان تہ پنهنجي خامين جي چار ۾ ڦاٿل، شرمساريءَ جي اُس ۾ زندگي گذاريندو رهيو آهيان. شال سمورا پرين پيارا سدائين خوش رهن! ۽ سنڌ جا اهي سڀ ماڻهو منهنجا پرين پيارا آهن، جيڪي مفاد پرست، ۽ سنڌي - دشمنن جا دلال يا دوست نہ آهن.

الطاف گوهر پيچوهو محترم دوست آهي. ڪافي پيرا منهنجي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان رقم فراهم ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت جيڪب آباد شاخ جو بنيادي ميمبر رهيو آهي. پاڻ ڊگري ڪاليج ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي. نهايت قربائتو ماڻهو آهي. اڄڪلهہ جي سماج ۾ محبتن جو خيال رکندڙ ماڻهن جو ذڪر آهي، پر هيءُ ماڻهو محبتن جو امين آهي. ڪنهن بہ ڪم لاءِ رڳو خبر پوندي اٿس تہ بنا تاڪيد جي ڪري ڇڏيندو آهي. گهڻ ۽ فضيلت پري دوستيءَ وارو ماڻهو آهي. شال سدائين خوش رهي!

اهڙيءَ طرح جيڪب آباد ۾ ٻيو هڪ دوست بہ ڏاڍو پيارو آهي. جيتوڻيڪ اهو مون وٽ هاءِ اسڪول رتوديرو ۾ ستين ڪلاس جو شاگرد رهيو آهي پر اڄ سَوڙو ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان دوستاڻي روش رهي آهي. لاڙڪاڻي هلي اچي ملندو آهي. بابا سڏيندو آهي. مون بہ کيس اولاد جهڙو پيار ڏنو آهي، سندس نالو تہ پيار ڏنو نہ آهي الله ڏنو آهي. بنهہ نہ لنوائڻ جهڙو دوست آهي. جيڪب آباد وڃڻ ٿيندو آهي تہ وٽس ضرور ويندو آهيان. تمام گهٽي دوستيءِ وارو، وقت شناس ماڻهو آهي. شال سدائين خوش رهي! ان کان سواءِ جيڪب آباد ۾ هڪ هندو دوست فتح چند ڪارڙا بہ آهي. ڏاڍو پيار پاٻوهہ وارو دوست آهي. ڪپڙي جو واپاري آهي. رڪيل شاهہ ۽ چيزل شاهہ جي مريداڻي لڏي مان آهي. انهن مان ڪنهن بزرگ جو صوفياڻو ڪلام ڇپائي ڪتابي صورت ۾ آندو اٿس. اهو ڪتاب مون کي بہ تحفو ڪيائين. زندگي اها ڪامياب آهي، جنهن کي شاندار دوست حاصل ٿين. شال سمورن ماڻهن جا سمورا شاندار دوست سدائين سَنرا ۽ سکيا رهن!

لاڙڪاڻي ۾ اچڻ کان پوءِ، دوستين جا دائرا وسيع ٿيندا ويا ۽ اويل سويل اهڙن ماڻهن سان بہ واسطا پيا، جيڪي دوا درمل بہ ڏيندا رهن تہ دلداري بہ. هونئن تہ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا ڪيترا ڊاڪٽر صاحبان مهربان رهيا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر سلطان احمد شيخ صاحب، ڊاڪٽر سيف الله چامڙو، ڊاڪٽر محبوب علي شاهہ، ڊاڪٽر اديب انقلابي، ڊاڪٽر سڪندر مغل، ڊاڪٽر نثار احمد سومرو وغيره اچي وڃن ٿا.

الطاف حسين آسي چانڊيو، هونئن تہ ريڊيالاجي ۾ ٽيڪنيشن آهي پر ذاتي ڪلينڪ بہ هلائيندو آهي. فوري طور تي ٽِڪي ٽِڙي، سُئي يا ڊرپ وغيره لاءِ کيس تڪليف ڏيندو آهيان. نہ وٺي پئسو نہ ڏوڪڙ. تہ پڇريون تہ وڃبو وٽس. پر جي ڪانئس ڳالهہ متي چڙهي ويندي تہ پوءِ وڃبو پٺي ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن.

الطاف آسيءَ کان سواءِ، سندس والد عبدالغفور سان بہ ٺهڪَ هئا، جيڪو پرائمري ٽيچر ٿي گذريو هو. سندس پاڻرن توڻي گهر وارن سان بہ اچ وڃ آهي. شاعري ڪندو آهي. ٺٺنڪري پاڻ کي آسي سڏائيندو آهي. سندس شاعري، ڪافي راڳين ڳائي آهي. چوٽي آهي تہ: اَچا سُونهن ڪپڙا، اَچا نہ سُونهن وارَ". والد جي حيثيت ڏيئي بابا ڪوٺيندو آهي. واقعي بہ سنڌ ڌرتيءَ جون نوجوان نياڻيون، منهنجيون ڏيئرون ۽ نياڻيون آهن ۽ نوجوان منهنجا پُٽ. جڏهن عوامي مرڪز سامهون، مين روڊ تي سندس ڪلينڪ هوندي هئي تہ سندس ڪلينڪ کان سواءِ، اها اسان جي ڪچهريءَ لاءِ اوطاق جو ڪم بہ ڏيندي هئي. جتي شام جي اهڙي وقت ۾، جڏهن ڊاڪٽر الطاف ڏي مريضن جي اچ وڃ نہ ٿيندي هئي تہ، مان، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، سرمد چانڊيو، زخمي چانڊيو، مسٽر صاحبڏنو سوهو ۽ عبدالقادر شائق گڏ ٿي ادب، سياست،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي پئي هئي. اهو خط، آزاديءَ جي فڪر سان مالامال ۽ سائين جي. ايم سيد جي عقيدت سان سرشار، سنڌ جي هڪ محترم نياڻيءَ طرفان لکيل هو، جنهن ۾ سنڌ جي آزاديءَ جي احساسن ۽ جذبن جي ڀرپور اپٽار ٿيل هئي. مونکي محسوس ٿيو هو ته اها نياڻي، سنڌ جي سرحدن سان پيار ڪري ٿي ۽ سندس رُوح ۾ آزاديءَ جا احساس لُڇن ڦٿڪن ٿا. سندس اکين ۾ آزاديءَ جا خواب پلجن ٿا ۽ سوچيو هوم ته جيڪڏهن، سنڌ ڌرتيءَ جون سموريون نياڻيون ائين سُورميون بڻجي پون ۽ نوجوان، آزاديءَ جي فڪر جو نيهُن پاليندا هجن ۽ روح تائين ٻُڏل هجن، سنڌ سان محبت ۾، ته منزل تي پهچڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي.

انهيءَ نياڻيءَ جو خط، مون لاءِ اُتساهه هو، ايمان هو، سنڌ جي آجپي ۾. مان، جيڪو ڏاڍيءَ دير سان انهيءَ رستي تي آيو هوس، تنهن لاءِ شرمساريءَ جو سبب ۽ يقين جو بنياد بڻجي پيو هو اهو خط. مونکي سنڌ جي سرحدن سان والهانا محبت ڪندڙ لکيو هئائين، جنهن لاءِ دل ۾ ڦِڪو ٽيڻ لڳو هوس ۽ ڪيس لکيو هوم: "نه ٿي سنڌ لاءِ ڦٿڪو ڪاڏو اٿم نه ئي خالي دڙڪو ۽ تو نياڻيءَ ڪٿي عرش تي پهچايو آهي. ڪاوڙ ٿي اچي پاڻ تي."

خط ۾ پنهنجي سَرنامي کان واقف ڪيو هئائين، جيڪو سندن تمام ويجهي عزيز ۽ ميڊيڪل اسٽور جي مالڪ جي معرفت هو. مون ڪيس روحاني ڌيءَ طور مخاطب ٿي ڪو جواب ڏنو هو ۽ سندس انهيءَ جذبي پويان اصلي محرڪ کي ڳولڻ لاءِ، سندس پوري ڪٽنب بابت ڇاڻ وٺڻ گهري هئي ۽ ڪانئنس تعليم بابت به پڇا ڪئي هيم. پنهنجي ٻئي خط ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو هئائين پر اجا انهيءَ ماڻهوءَ تائين پهچي نه سگهيو هوس، جنهن سندس دل، دماغ ۾ آزاديءَ جي روشني پکيڙي هئي ۽ آزاد سنڌ سان محبت، توڙي سائين جي. ايم سيد سان بي انتها عقيدت جا نقش چِٽيا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ، سچل سرمست ادبي ڪانفرنس تي ويس ته انهيءَ نوجوان تائين پهتس، جنهن کي روبرو نه سڃاڻندو هوس پر نالي، ذات ۽ شهر جي حوالي سان اڻ ڇاتل ٿي لڳو. اهو نوجوان ڊاڪٽر امان الله هو، جيڪو انهيءَ نياڻيءَ جو وڏو ڀاءُ هو. ڊاڪٽر اوڙويهن ويهن سالن جي اوسٽا کان وٺي سائين جي. ايم سيد کي گهڻو ويجهو رهيو هو ۽ سمجهيوم هوم ته جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ هڪ نوجوان يا هڪ نياڻي سنڌ پرست هجي ٿي ته اهو سمورو گهرُ، آزاديءَ جي فڪر جي سرچشمي مان سيراب ٿئي ٿو. سموري ڪٽنب جي دلين ۾ انهيءَ فڪر لاءِ وَلولو ۽ ويساهه پيدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1995ع جي جنوريءَ ۾ بنهه خسيسُ غلط فهميءَ تي، مون ڪيس سندس سمورا لکيل خط واپس ڪري ڇڏيا. جنهن تي هيءَ ڪهاڻيڪارا. شاعره. ڊاڪٽر ۽ قومپرست نياڻي اصل تاندا ٻڄي وئي ۽ خط لکڻ ڇڏي ڏنائين. هڪ نياڻيءَ جو اُئين رُسي وڃڻ، خودڪشيءَ جهڙو اذيتناڪ لڳو هوم. ڪيئي خط لکيامانس. مجال جو ڪو جواب ڏي. نيٺ هڪ ڏينهن، هڪ چورس انچ جيتري ڪاغذ تي لکي موڪليائين: "بابا! مون ڪان لفظ رُسي ويا آهن." گنيز بوڪ ۾ رڪارڊ ڪرائڻ جهڙي انهيءَ مختصر خط مان، سندس واپسيءَ جي اميد جي خوشبو اچڻ لڳي هئي. تاهم مان ڏاڍو پريشان هوس ته هڪ نياڻي، جيڪا سنڌ محبت جي حوالي سان مون وٽ آئي، ڏيءَ جو رشتو ڪٽي، ان جو رُسامو برداشت ڪان ٻاهر ٿي ويو هو. ان لاءِ مون هڪ سَوَ ڪان وڌيڪ گيت، غزل، وايون ۽ نظم لکيا هئا. جن ۾ "تون ڪاوڙ ڇڏ، تون ڪاوڙ ڇڏ ــ هيءَ ڪاوڙ تنهنجي مارينديءَ ــ پر هڪڙي مُرڪَ جيارينديءَ." نظم به هو. جنهن ۾ اٽڪل هڪ سؤ مصرعون آهن. اهو نظم سڀ ڪان پهريون. الله ڏني جوٽيجي پنهنجي آواز ۾ ميرپورخاص مان رڪارڊ ڪرايو ۽ ان ڪان پوءِ بدين جي ماسٽر بادل راهي جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيو هو ۽ آخر ۾ ڪاٽَ شاٽَ سان، احمد مغل جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيو ۽ احمد مغل ان کي نئين انداز سان ڪي ٿي اين تي به ڪٽي آيو. هن نظم ۾، مون سنڌ جي عظيم شخصيتن، مشهور ماڻهن جي عظمت ۽ اهميت جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ، داداگيرن جي داداگيريءَ ڪان بيزاريءَ جو اظهار ڪيو آهي ۽ سڀ ڳالهيون نور سنڌوءَ جي پرچائڻ جي حوالي سان ڪيون اٿم.

بدنصيبي ۽ خوش نصيبي جي مليل جُليل حالتن جي انتها هئي، سندس پرچڻ وقت سائين جي. ايم سيد، I.C.U جناح اسپتال ۾ داخل هو ۽ مان سندس طبيعت پڇڻ ۽ ديدار ڪرڻ جي لُڇ پُڇ ۾ جڪڙيل هوس ته اوچتو فون آئي. "بابا! مان ڊاڪٽر امان الله پيو ڳالهايان. سائين جي. ايم سيد. انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ آهي. اوهان جو ڇا پروگرام آهي؟ هلندا اسان سان گڏ؟ مان ۽ اديون ڊاڪٽريائيون بلڪل تيار ويٺا آهيون. ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ؟". ها ــ بابا، مان پهچان ٿو ۽ پوءِ پٽ ڪان پنسا وٺي روانو ٿيس. ڪراچي پهچي سائين جي پيرن کي چميون ڏنيوسين، اکيون آليون ڪيوسين ۽ پنهنجي ڪاوڙيل ڌيءَ کي به پرچايم. رات جو سلاطين هوٽل تي ترسياسين. صبح جو وري به سائين جا پير چُمي، مهان شاعر شيخ اياز سان ڪچهري ڪئي سون. جنهن موڪلائڻ ويل پنهنجي هٿ اکرن سان، پنهنجا ڪتاب تحفي طور ڏنا هئا. جنهن ڪان پوءِ لاڙڪاڻي واپس آياسين. ڊاڪٽر نُور سنڌوءَ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيءَ نوجوان به اکين آڏو آيل نه هو. خط ۾ لکيائين: سنڌ چانڊيا ويلفيئر جو بنياد وجهي رهيو آهيان. اوهان جي سَهڪار گهرجي. الائي ڪنهن ڪيس ڀڙايو هو ته مان به چانڊيو آهيان. مون کيس لکيو: مان ڇا ڇاڻان سچوا مان. سنڌي قوم جي وحدت کي ٽوڙڻ جهڙا سبب ڏيئي کيس قبيلائي تنظيم کان روڪيو هوم. ان کان پوءِ سندس پيو خط، دليلن جا انبار ڪٺي پهتو ته مون کيس لکيو ته: 23 ڊسمبر تي، مهراڻ آرٽس ۽ ويلفيئر سوسائٽي پاران، تنهنجي پاڙي، نوابشاهه ۾ ايوارڊ ڏنو پيو وڃي. پنهنجي گهر، پير ذاڪري لڳ سڪرنڊ ۾ موجود رهجانءِ ته توکي روبرو سمجهائڻو ۽ سمجهڻو آهي. 23 ڊسمبر تي صبح جو، مان ۽ سرمد چانڊيو نوابشاهه لاءِ روانا ٿيا هئاسين. منجهند جي لڳ ڀڳ، روڊ تي سندن ڳوٺ پير ذاڪري نمبر ون ۾ پهتاسين. پير ذاڪريءَ جو ڳوٺ بلڪل سڪرنڊ جي پرسان، اتر ۾ آهي. سندس پُڇا ڪري اوطاق تي وياسين. کيس خط نه پهتو هو يا موڪل نه ملي هئي جو نه آيو هو. سندس سؤٽ شاهنواز مليو ته سڀ کان پهرين مانيءَ جي گهُرَ ڪئي سون. ماني کائي کيس سلام سنيها ۽ مختصر احوال ڏيئي نوابشاهه روانا ٿيا هئاسين. غلام رسول کان سواءِ سندس ٻيا عزيز پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل آهن. انهن ۾ خاص ڪردار علي نواز جو آهي، جيڪو غلام رسول جو سؤٽ آهي ۽ پنهنجي جوءِ توڙي پ پ ۾ چڱي عزت جو مالڪ آهي.

نوابشاهه ۾ منهنجو ڏاڍو پيارو ياڻرن جهڙو دوست قاضي خضر حيات رهي ٿو. پاڻ انجنيئر آهي. اهو سڏ به ان جي حوالي سان ٿيو هو. انهيءَ جشن ۾ اٽڪل 53 ماڻهن کي ايوارڊ ڏنا پئي ويا. جن ۾ مون کان سواءِ، حميد سنڌي وي. سي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ايچ. ايم خواجا جهڙا ماڻهو شامل هئا. پروگرام لاءِ بهترين ماحول ۽ ڪمپيئر مهيا هئا. اتي ئي اعليٰ تعليم دان ايچ. ايم خواجا کي ڏٺوسين، جيڪو نوابشاهه ۾ وڏي تعليمي حيثيت ۽ اثر رسوخ جو مالڪ هو. پروگرام اٽڪل 20 سياسي سماجي ۽ افسر شاهي شخصيتن لاءِ ڪرسيون رکيل هيون. جن ۾ ايس. پي، ڊي. سي، ڪمشنر، وِي. سي، ايم. پي اي وغيره هئا. پير مظهر الحق سرفهرست هو. ڪافي وقت پروگرام ۾ رهياسين. جيئن ته مون کي تمام سوير صبح جو ڪم هو تنهنڪري، جيئن ئي حميد سنڌي پنهنجي پجيرو ۾ حيدرآباد وڃڻ گهريو ته مونکي به صلاح ڪيائين. گهٽي ڏيٺ ويٺ هيس. سنڌس پجيرو تي چڙهي سڪرنڊ ۾ لٿا هئاسين ۽ ڪوچ ذريعي لاڙڪاڻي پهتا هئاسون.

هڪ ڏينهن نما شام جو سَنهڙو، سيپڪڙو، سانورڙو، ناهوڪي شڪل شباهت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو مالڪ، اڪين ۾ مقناطيسي ڪشش رکندڙ، اچي گهر جو دروازو کڙڪايو. ٻاهر نڪتس ته متين نشانين سان نوجوان، غلام رسول چنني جهڪي، ادب، احترام ۽ پنهنجائپ مان مليو ته اصل جڻ خريد ڪري ورتائين. اسان جي ڳوٺ ڏانهن پروگرام هوس، جو زخمي چانڊيو سندس "سچوا" ۾ مرڪزي عهدي تي ڪنيو ويو هو. ساڻس هڪ ٻه ماڻهو ٻيا به هئا. آيل مهمان، ڪُمهلا وڃڻ لاءِ آتا هئا ۽ سڄ به موڪلايو پئي، ساڻن ساٿ ڏيڻ ضروري ڄاتو هوم جو اِهو نوجوان اصلي معشوقن جهڙو لڳو هوم. ڪو جادو هوس اکين ۾، ڳالهين ۾، انداز ۾، جو ڪٽي پنهنجي محبتن جي ڄار ۾ ڦاسايائين. سندن ٿي گاڏيءَ تي ويهي روانو ٿيس ڳوٺ ڏانهن. مون سان سچوا بابت بنهه ڳالهيون نه ڪيائين جو مون ڪيس ڪُتو جواب ڏنو هو. مان به نوجوانن کي پنهنجي عظيم مقصد لاءِ حاصل ڪرڻ ۽ ڪين ٻئي پاسي پٽڪي نه وڃڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان ۽ انهيءَ ڪري ئي مقامي، ادبي تنظيمن کان ٻاهر گل محمد تنيو ۾ به ويندو هوس.

اهو خيال ڪري غلام رسول سان به گهاٽو ٿيندو ويس ته جيئن اهڙو محبوب نوجوان، ڪنهن سماجي تنظيم ۾ پنهنجي روح سميت گم نه ٿي وڃي، نتيجي ۾ قومپرستيءَ جي جذبي سان سرشار ٿيندو ويو ۽ منهنجي ئي ڏس تي لطيف سائين کي پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ اهڙو پڙهيائين، جو لطيف شناس بڻجي پيو. ان کان سواءِ سائين جي. ايم سيد جي فڪر سان مالامال ٿيندو ويو. وٽس انفرادي عشق به آهي ته اجتماعي عشق به. اجتماعيت کي، انفراديت تي گهڻي ترجيح ڏيندڙ هيءُ نوجوان ننڍي هوندي کان هاريي کان وڏيڪ هوٽل جي بيرا گيريءَ تائين پهتو ۽ مزدوري ڪندو رهيو. 13 ورهين جي عمر، ايم آر ڊي جي دؤر ۾، جڏهن نائون ڪلاس پڙهندو هو. سياست سان مُڪا ميل ڪيائين. 1987ع ۾ ڄامشوري جي وٽندڙ هوائن ۽ ماڻهن ۾ گم ٿيڻ لاءِ، سنڌ انقلابي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. انهن ڏينهن ۾ ڪيس مطالعي جو وَجهه به ملندو رهيو. ادريس چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾، هن پارٽيءَ ۾ چڱو ڪردار ادا ڪيو. پارٽي ته هلندي هلندي ٽُٽي وئي پر غلام رسول نه ٽُٽو ۽ آزاد سنڌ جا خواب ڏسندو جيئرو رهيو ۽ پنهنجي ماحول کي جيئڻ جا خوبصورت ڏس گسَ ڏيندو رهيو. 1993ع ۾ سنڌ چانڊيا ويلفيئر جو بنياد وڌهي، سڀ کان پهريون، غريبن سان اُرهه زوراڻي خلاف آصف زرداريءَ سان، چانڊيا ڪالونيءَ جي مسئلي تي قانوني محاذو اٿڪايائين. ڪنريءَ لڳ سونٽي شاخ ۾ ڪن پنجابي ٻارڙن کي ٻوڙي ماريو ويو هو ۽ پنجابي اهو ڪيس، پنهنجي بچاءَ لاءِ چانڊين خلاف درج ڪرايو هو. جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ انهن کي سنڌس چاچي ماريو هو. ان تي نواز شريف، تڏهن جي وزيراعظم پنجابين جي طرفداريءَ جا حڪم ڪيا هئا، ان جي خلاف احتجاج ڪرائي، متس هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرايائين. ڪالا باغ ڊئم خلاف، سجي سنڌ ۾ سچوا ڪي جُرِپُر ۾ آٽي احتجاج ڪرايائين ۽ سنڌوءَ جي سُڪل پيٽ ۾ پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿين جي رت جي ڦيٽا ڏنائين.

ڪالا باغ ۽ ٿل ڪئنال خلاف سجي سنڌ ۾ بشير خان قريشي ۽ غلام رسول سپ کان پهريون احتجاج شروع ڪيا. غلام رسول پٽ ڏٽيءَ جي راڳين کان درياءَ تي ڪيڏارو ڳارايو ۽ ان احتجاج جي اڳواٽي سنڌس امڙ فتح خاتون، بشير خان ۽ پٽ ڏٽيءَ جي راڳين ڪئي هئي. ڄامشوري ۾ چيف آرمي اسٽاف، صدر پرويز مشرف جي ڪالا باغ ڊئم ۽ ٿل ڪئنال جي حمايتي دؤري خلاف، مهراڻ يونيورسٽيءَ وٽ پنهنجي گهر واريءَ نور بانو، امڙ فتح خاتون، پٽ ذوالفقار جي. ايم چانڊيو، ننڍڙي سيما صائمه ۽ رابعه ۽ ڀين کان ڀرپور احتجاج ڪرايائين، جنهن ۾ نياڻين کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو هو ۽ پنجابي ليڊر شجاعت، سنڌين جون سِسيون ڪپڻ جو، وائرڙائيپ وارو اعلان ڪيو هو. اهو احتجاج سڄي دنيا جي ميڊيا تان نشر ٿيو ۽ مقامي اخبارن، ڪالم ۽ ايڊيٽوريل لکيا. داخل ٿيل ڪيس تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ سخت بحث ٿيو هو. جنهن کان پوءِ ڪيس واپس ورتو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ درياءَ جي پاڻيءَ کي بچائڻ لاءِ نون لاڙن جنم ورتو. ڪيس سمورين سياسي پارٽيون گهرائيندين رهيون آهن. پاڻ عبرت اخبار ۾ مزاحمتي انداز سان نثراٿا ٽڪرا لکندو رهيو آهي. متحده جي اڳواڻن سان ملاقات ڪري ڪين لطيف سائين پڙهڻ ۽ سمجهڻ تي زور ڏيندو رهيو آهي. خود الطاف کي ٻه ان تي آماده ڪندو رهيو آهي ۽ شاهه سائين جي فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ هر ضلعي ۾ جشن لطيف ملهائيندو رهيو آهي ۽ ملهائڻ جا پروگرام رکي ٿو. جن ۾ متحده وارن جي شرڪت تي زور ڀريندو رهيو آهي.

حيدرآباد جي اديبن ۾ ٻه چڱو مانُ رکي ٿو. هيءُ نوجوان مون ڏي خط لکندي عشق جي اڳواٽيءَ ۾ يقين جي ڳالهه ڪري ٿو. جنهن لاءِ مان پاڻ سَنَ جي اسٽيج تي زور ڏيندو رهيو آهيان. ٽڪڙا ٽڪڙا تصور ٻه جوڙيندو آهي پر اهي ٽُٽي پوندا اٿس ۽ اُها اُڀرائي سنڌس جذبي ۽ جوانيءَ جي عڪاس آهي. انتها پسند نہ ٿيو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ان تي سوچيندو ضرور آهي. منهنجو عاشق آهي يا مان سنڌس عاشق آهيان، ان جو اندازو اسان کان سواءِ ٻيو ڪو مشڪل سان لڳائي سگهندو. 1995ع جنوريءَ ۾ سنڌس والد گذاري ويو تہ مون کي پنهنجي والد جي حيثيت ڏنائين ۽ گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موجوده چيئرمين لئبرري سائنس ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر الهرکيو پُٽ به، غلام رسول جي ويجهڙائيءِ سبب ويجهو ايندو ويو آهي. ڪير ۾ مصريءِ جهڙي طبيعت جو مالڪ ۽ مثالي ماڻهو آهي. ڄامشوري ويندو آهيان ته به گهڙيون ساڻس جيءِ جهانَ جا ڏک سور ونڊيا آهن ۽ موجود اَلميا اُٿلائبا آهن ۽ انهن تي ڪاوڙ ۽ ڪمزوريءَ جا احساس ظاهر ڪيا آهن.

جن ڏينهن ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب وي. سي هو، سنڌ يونيورسٽيءَ جو. مون سان سيوهڻ ادبي ڪانفرنس ۾ ڏيٺ ويٺ رهندي هيس، هڪڙي غريب دوست جي نوڪريءَ لاءِ چيو هومانس ته اصلي پڙ ڪڍي بيهي رهيو هو. پوءِ ته لٽنگوئج اٿارٽي ۾ اچڻ وقت وڏيڪ ويجهڙ ٿيو پر ميار نه ڏني مانس. وري جن ڏينهن ۾ آر. اي شاهه، وي. سي ٿي آيو ته ان سان به. استاد بخاريءَ جي رهاڻ سبب واقفيت ٿي هئي ۽ سچل ادبي ڪانفرنس تي به ويجهاڻ ٿي هئي. غلام رسول لاءِ ڪوارٽر جي الاٽمينٽ جو مسئلو هو. ڪوارٽر ۾ ته ويٺو هو، پر غير قانوني. مان ڪانٽس درخواست وٺي، آر. اي شاهه سان مليو هوس، چڱيءَ طرح مليو هو، خوش خير عافيت به ڪيائين، جڏهن ڳالهه ڪئي مانس ته منهنجو پُٽ ڪوارٽر ۾ رهندو آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ ملازم آهي، ان کي انهيءَ ڪوارٽر جي الاٽمينٽ ڪپي ۽ ڪوارٽر به ڊي ٽائيپ آهي، جڏهن ته ڪيس سِي ٽائيپ جو ڪوارٽر ڏيڻو آهي. مون کان درخواست وٺي ان تي نوٽ هنيائين: ته انهيءَ ماڻهوءَ کي اهو ڪوارٽر ڇو ۽ ڪيئن ڏنو ويو آهي. رپورٽ ڏيو. اهي آهن حال هنن ماڻهن جي روين ۽ فضيلت جا! پوءِ بشير خان جي چوڻ تي اهو ٿي ڪوارٽر الاٽ ڪرڻ جو حڪم ڪيو هئائين.

پير ذاڪري نمبر ون، غلام رسول جي ڳوٺ ۾، جيڪو ڳوٺ سيد ذاڪر وارن جي حوالي سان آهي، تنهن ۾، نهايت شاندار ٻن سيد ڀائرن سان اکيون چار ٿيون. اهي ٿي سيد، انهيءَ گاديءَ جا مالڪ آهن. سيد منير شاهه ۽ سيد حنيف شاهه. سندن والد بزرگوار احمد شاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهريون پيرو حجت ڪئي هيم. پيرسن سيد پاڻ ڪرسيءَ تي ويٺل هو ۽ مريد خادم هيٺ. هڪڙو فقير ڪيس زور ڏيئي رهيو هو. مون لاءِ رلهي وڇائي ويئي، اتي هيٺ ويهي رهيس. ساڻس، سندس پس منظر بابت ۽ سندس اصلي ڳوٺ، علائقي بابت پڇڻ کان پوءِ پڇي ويٺس ته: دعا قبول پوندي آهي؟ چيائين هائو. چيم: منير سائين لاءِ دعا گهري اٿوَ؟ چيائين: ها. مون چيو: قبول پيئي آهي؟ چيائين: نه. اها دعا حنيف لاءِ قبول پئي آهي. اهڙيءَ طرح به چار پيرا ڪچهريون ٿيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منير شاهه جهڙو آهي صورت جو مالڪ تهڙو آهي سيرت جو مالڪ. ڇو الائي سهڻي سائين دعا بابت انڪار ڪيو هو. شايد ڪي شرعي ڪوتاهيون هونديون! منير شاهه، سائين جي. ايم سيد کي نهايت ويجهو رهيو آهي. سندس رويو انسان دوستيءَ کان وڌيڪ، محبتي رهيو آهي. خانداني بزرگي ۽ سيد اعظم جي پوئلڳيءَ انتهائي اخلاق ۽ رواداريءَ جو مالڪ بنائي ڇڏيو اٿس.

سندس والد، حيدرآباد جي راجپوتانا اسپتال ۾ داخل هو. منهنجو اتي وڃڻ ٿيو. خبر پئي ته ڪانئس پڇڻ ويو هوس. جتي منير شاهه جي ننڍي ڀاءُ حنيف شاهه سان ڪچهري ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ حنيف شاهه، مان، غلام رسول ۽ محمد صفر چانڊيو، شاهه سائين سان روح رهاڻيون ڪيون هيون. حنيف سائين سچي رات شاهه سائين جي راڳين کي زور ڏيندو رهيو هو، صبح سان واپسي ڪئي سون حيدرآباد ڏانهن. وات تي ڪانئس پڇيم: والد جي زندگيءَ ۾ ئي هٿي هنڌ درگاهه ڪولي اٿئي؟ پنهنجي ٿو پارين؟ بلڪل سچائي سان هاڪار ڪيائين. سندس اها گادي تلهار پرسان آهي.

سچ ته منير شاهه ۽ حنيف شاهه جهڙا نوجوان سيد، فضيلت پريا مون اڄ سوڏو نه ڏٺا اهن. ٿي سگهي ٿو پري رهڻ ڪري يا واقعي اهڙا ئي آهن. جهڙا مان پائيان پيو. هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ پير پاڳاري سان ملڻ جو شوق ڪر موڙي جاڳيو هو ته وڃي نڪتو هوس، ڪنگري هائوس تي. وڏي تلهي تي پهچڻ کان پوءِ، ڏاڪڻ ذريعي مٿي پهتس، جتي ڏٺم ته ڪجهه مهاجر ۽ ڪجهه پنجابي سياستدان اندران نڪتا پئي آيا. هڪڙو ڪفني پوش نظاماڻي خليفو دربان ٿيو بيٺو هو. مون سان مليو. چيومانس: سائين سان ملڻ گهران ٿو. اندر ويو، پاهر آيو. پڇيائين ڪنهن جي معرفت آيو آهين؟ چيم: ڪنهن جي به نه. وري اندران ٿي موٽي آيو. پڇيائين: زيارت ڪندين؟ چيم: نه ڪچهري ڪرڻي آهي. وري اندر ويو ۽ موٽي اچي چيائين: سائين کي وقت نه آهي.

سموري سنڌ سيدن سان پري پئي آهي. سيني لاءِ عزت پنهنجي جاءِ تي پر لطيف سائين ۽ سائين جي. ايم سيد ۽ ان جا پوئلڳ منهنجا مالڪ آهن.

غلام رسول، عبدالحڪيم چانڊيو ميهڙ جو وڪيل ۽ مان، ٺٽي ضلعي جي وَرَ ڳوٺ ۾ مُلان قاسم چانڊيو ڏانهن ويا هئاسين. جتي اعجاز شيرازيءَ سان ملاقات ٿي هئي، مون ڪانئس پڇيو هو ته: سنڌ ۾ ناليوارن ايماندار پوليس آفيسرن جي توهان سان ۽ توهان جي انهن سان اٿبٺ ڇو ٿيندي آهي؟ چيائين: پيپلز پارٽيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڪوشش سان شاندار ادبي پروگرام ٿيندا رهيا هئا. اهڙيءَ طرح بزم لطيف، رتيديري بدران، سنڌي ادبي سنگت شاخ رتوديرو ڪولي وئي.

منٺار سولنگي ۽ حسين بخش ناريجو کي به ڌاڙيل اغوا ڪري ويا هئا. ناريجو ته تمام جلد آجو ٿي آيو هو پر منٺار سولنگيءَ کي ڏاڍي تڪليف آئي هئي، گهڻا ڏينهن ونن قيد هجڻ ۽ تاوڻ پري ڏيڻ جي.

سيوهڻ ۾ ادبي ويهڪ ٿي هئي. جنهن ۾ پهريون پيرو "زبان رت سان پري پئي آ" پڙهيم ته سمورو ماحول جذباتي ٿي ويو هو. اتي ئي نوجوان مظفر علي شاهه سان اڪيون چار ٿيون هيون. مظفر علي شاهه، سائين جي. ايم سيد جي نهايت ويجهڙن نو عمر پوئلڳن مان رهيو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، شيخ اياز سان به ويجهڙائي رهيس پر جڏهن شيخ اياز جي خلاف جيئي سنڌ جي شاگرد نوجوانن، گڏهه تي، شيخ اياز جو ناڻءُلڪي ان کي گشت ڪرايو ته انهيءَ جلوس جي اڳواڻي به مظفر علي شاهه ڪئي هئي، تنهنڪري شيخ اياز ڪاوڙ مان، پنهنجي چوڪيداريءَ مان ته ڪڍيو هوس، پر يونيورسٽيءَ مان رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيو هئائينس.

1978ع ۾ جڏهن رتوديرو ۾ جشن لطيف ڪوٺايو هيوسين ته اتي به آيو هو. انهيءَ جشن ۾ مقامي مهاجرن کي به سڏايو هيوسين ۽ مظفر علي شاهه کي دير تائين نه پڙهايو هيوسين ته ڏاڍا ڏوراپا ڏيڻ شروع ڪيا هئائين. سائس اڃا تائين ڪٽي نه ڪٽي، ڪڏهن نه ڪڏهن ميل ميلاپ ٿي ويندو آهي. پاڻ سرڪاري وڪيل آهي پر اڃا تائين سيني ۾ سن، سنڌ، سنڌو، سنڌي ۽ سَن جو سيد وينل اٿس. ڏاڍو پيار ڪندو آهي مون سان.

سيد ظفر سيوهاڻي جهانگارا جي پاهران مقام تي مشاعرو ڪوٺايو هو. استاد بخاري به هو ته اسين به هئاسين، اسان جي شاعريءَ مقام ۾ مري ويل ماڻهن کي ته ڪٿي اٿاري نه سگهي هئي پر جيئرن ماڻهن جي دلين ۾ وڏو ولولو جياريو هو. ڪراچيءَ جي رمپا پلازه ۾ به سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جي ويهڪ ۾ شريڪ ٿيو هوس. فقير محمد لاشاريءَ مشاعرو ڪوٺايو هو ڪراچيءَ ۾ ته سندس انهيءَ هفتيوار ميڙاڪي ۾ پڙهيو هومر:

اکڙين ۾ اُتل آهه، غزل ڪيئن چوان!
آواز بُڏل آهه غزل ڪيئن چوان!

اڳ جنهن جي سهاري سان پئي ساز کي ڇيڙيم،
سا ٻانهن پڳل آهه، غزل ڪيئن چوان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهوئي غزل، سڀ ڪان پهريون چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ ٽن ڏينهن واري سيمينار ۾ پڙهيو هوم. جنهن ۾ غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي جن به شريڪ ٿيا هئا. شام جو مشاعرو ٿيو هو. نوجوان ڊاڪٽر شاگردن، جڏهن ڊاڪٽريائين سان بيهودگي ڪئي هئي ته سڀ ڪان اڳ ۾ انهن کي سختيءَ سان شرمايو هيم ۽ پوءِ غزل پڙهيو هوم.

ڪراچي پي ٽي وي تي محفل مسالمي ۾ سخت پڙهيو هوم ته وري گهرائڻ ڪان توبهه ڪري ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح خيرپور ۾ ڪل سنڌ، سنڌي - اردو مشاعرو ٿيو هو ۽ خود ريڊيو خيرپور تي مشاعرو ٿيو هو ته به يارن سان ياري نڀائي هئي.

مرزاپور ۾ نثار بزمي، ادبي پروگرام ڪرايو هو ته مقصود گل، مختيار گهمرو ۽ مان گڏجي ويا هئاسين. اوچتو مونکي سخت ڊپريشن ٿيو هو، سڄو جسم ٺري ويو هو. تڏهن ڪنهن مُوڊ اسٽيلائيزر ٽڪيءَ جي خبر به نه هئي، تنهنڪري حالت ايتري خراب ٿي وئي جو گدري سومهٽيءَ جو يارن ڪان موڪلائي روڊ تي آيس ته ايتري ۾ گل ۽ مختيار به اچي پهتا. ٽرڪ تي سوار ٿي، ٽنين ديري اسٽيشن ڪان بولان ميل ذريعي اچي گهر پهتو هوس.

پٽ شاهه جون ادبي ڪانفرنسون هجن يا سيوهڻ ادبي ڪانفرنسون، سچل سرمست ادبي ڪانفرنسون هجن يا جيڪب آباد جون ادبي ڪانفرنسون، پنهنجي يارن سان ٽِڪ لڳاسين، پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪيوسين. پنهنجي مليلاسين ۽ وچڙياسين.

حيدرآباد ۾ ڪنهن هوٽل تي ترسيل هوس، ڪراچي وڃڻ لاءِ. خبر پيم ته رهبر ڊائجسٽ جي سلور جوبلي ملهائي پئي وڃي. وري جو ان ۾ شريڪ دوستن يارن ڏسي ورتو ته ڪنيڙن ڪان جهلي ڪٽي انهيءَ ڪانفرنس ۾ نيائون. مان به اهو ڏينهن واندو هوس. پهرين نشست ڪان پوءِ جڏهن ساڳي جاءِ ۾ داخل ٿيس ته اڳين قطار ۾ هڪ صوفي تي هڪ مُنڊي ڪان فيض بخشا پوري ويٺو هو، مان پنهنجي منڊي وٽ وڃي ويٺس ته چيائين: محترم! منهنجي صوفي تي پيو ڪوبه ماڻهو نه ويهندو آهي. مون اُٿندي چيو ته: "واقعي به توسان ويهڻ نه گهرجي." ته ڪو وقت ته مون ڏي شور پائي ڏسندو رهيو هو. فيض بخشا پوريءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌي لفظ ڳوليو نه لڀندو هو. جڏهن شعر پڙهي پورو ڪندو ته هيٺان چوندا هئا ته انهيءَ جو ترجمو ڪري ٻڌايو.

هڪ ڀيري جيڪب آباد ۾ به اٿين ئي ٿيو هو ته ڏاڍو ڪاوڙجي پيو هو. پنهنجي سال تي هُوٽنگ جي امڪاني خدشي ڪان پنهنجي ڳوٺان لاٺڙيا وٺي آيو هو ۽ سندس شاعريءَ تي ڪيل هُوٽنگ سبب، جهيڙو ٿيندي ٿيندي رهجي ويو هو. حيدرآباد توڙي مورو ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿل ۾ ٽوٽي ميرپور ٻرڙو ۾، راڏڻ ٽوٽي سِيتا ۾ ميهڙ ٽوٽي خيرپور ناٿن شاهه ۾، ڏوڪري ٽوٽي ٻگيءَ ۾، ٽرڙي محبت ۾ ٽوٽي جوهيءَ ۾، خيرپور ۾ ٽوٽي پرياලوءَ ۾، شهداد ڪوٽ ۾ ٽوٽي وارهه ۾، ڏکڻ ۾ ٽوڙي شڪارپور ۾، جيڪب آباد ۾ ٽوٽي مديجيءَ ۾، مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ٽوٽي ڪراچيءَ ۾، ٽِان سيد آباد ۾ ٽوٽي نوابشاهه ۾، گهوٽڪيءَ ۾ ٽوٽي شهدادپور ۾، پيچوهن ۾ ٽوٽي پني عاقل ۾، مطلب ته سڄي سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ ادبي سيمينارن ۾ وڃڻ ٿيندو رهيو آهي ۽ يارن دوستن سان مَلِ ٻڪڙي ٿِيو رهيو آهي. چانڊڪا ۾ ڪيترين ئي گڏجاڻين ۾ حاضري ڀري آهي. ڀارت کان هندو اديب آيا ته سندن آجياڻو چانڊڪا ۾ ڏنو ويو هو. جن ۾ گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻيا دوست آيا هئا. جيڪي سنڌوءَ جي سڄڻن کان سڄڻپايون حاصل ڪري، خوش ٿي، گنگا جل ۾ ٻُڏڻ هليا ويا هئا.

اونهارو هو. مقصود گل، سندس پٽ ياسر قاضي ۽ ناصر قاضي سميت، مان پنهنجي ننڍِ مُرڪ کي ساڻ ڪري، مختيار گهمري سان گڏجي ڪوئيٽا گهمڻ جي نامَ ٺاهِي، بولان ميل جڏهن مديجي اسٽيشن جي ٻهرئين سگنل وٽ پهتي ته بيهجي وئي، دير ٿي نه ٿي ته برسٽ شروع ٿي ويا. منهنجي بوگيءَ ۾ ويٺل مسافر سمورا هيٺ لهي سمهي پيا هئا. مون ڪيسي مان پنسا ڪڍي بوٽ اندر وجهي پير بوٽ ۾ وجهي چڏيا. ٽي چار ڌاڙيل مٿي چڙهي آيا. اسان جو ٻهريون گاڏو هو، جيڪو انجڻ سان لڳل هو، اڃڻ سان وري برسٽ هلايائون، جنهن ۾ هڪ ريلوي سپاهي ۽ هڪ مسافر مارجي ويا هئا. مون ڪين چيو ته: اسان جي معصوم ٻارن جا هانوَ ٽا ڦاٽن. چُپ چاپ جو ڪجهه ڪرڻو اٿوَ ڪري وٺو. ڌاڙيلُ جنهن ڪي تِه منتِي چوندا هئا: چيائين: "توهان دلجاءِ ڪريو." پوءِ جيڪي ڦُرڻو هونِ، ڦريائون ۽ آخر ۾ قاضي ياسر جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائون ته ڪين چيم ته هاڻي چيو اٿوَ ته ٻارن ۽ ٻارن وارن کي ڪجهه نه چئبو. هيءُ اسان جو ڇوڪرو ٽا ڪٺو، مان پنهنجي ننڍڙي مُرڪ ۽ ناصر قاضيءَ کي جهوليءَ ۾ ڪيون ويٺو هوس ته مقصود گل، ڌاڙيلن سان ڳنڍيو ويو، جن ڪيس هڪ ٻه بيد جا لڪڻ هڻي ياسر مان ڪٽي هٿ ڪڍيا هئا. خبر پئي ته اسان جي اڳيان، ڪجهه شاگرد لاهي ويا هئا. گاڏي جڏهن شڪارپور پهتي ته ڪوئيٽا وڃڻ جو ارادو لاهي واپسي ڪئي سون. ٻارڙن کي بخار ٿي پيو هو ته اسان جو ڪوئيٽا وارو شوق گذاري ويو. صحت ۽ اندر جا خوش احساسَ، ڪٿان ڪان ڪٿان وڃي گهمائيندا هئا. اصلي محبتن ۽ پيارن جي ڪدِ، ڪانبو ٻَڌي نڪرڻ واري طبيعت رهي آهي. ڪنڊياري جي پير ۾ اُڇڻ ڳوٺ ۾ ٻه اهڙي سلسلي ۾ وڃڻ ٿيو هو. پير ڳوٺ ۾، شهداد ڪوٽ ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سپاهي به ڪچهريءَ لاءِ وڃون، پر وقت بنهه نه هيو ۽ اسان واپس هليا آيا هئاسين لاڙڪاڻي. هڪڙي پيري غلام رسول چانڊيو ساڻ هو. ڪيس اياز سان ڪچهريءَ لاءِ چيم، پر وٽس وقت نه هو ۽ نه وڃي سگهياسين. شيخ صاحب جي ڪچهريءَ ۾ دنيا جهانَ اڳيان اچي بيهندو هو. سياست هجي، سماجيات هجي، شاعري هجي، ادب هجي، فلسفو هجي، تاريخ هجي، اسان جي معتبرائي ۽ اڻ معتبرائيءَ جا داستان پيش ڪندو هو. مطلب ته دنيا جي علم ادب جو عرفان هو اياز.

1989ع اپريل ۾ سنت ڪنور رام جي ورسي ملهائي هئي سون. جُون جي شروعات ۾ هڪ نه ڪيل گناهه جي ڏوهه ۾ مختلف ٿاڻن تي، 48 ڏينهن پوليس جي حراست ۾ رهيس. جنهن ڪان پوءِ سيشن ڪورٽ ۾ جدا ضمانت ڏيڻي پئي هئي ۽ ڊائريڪٽ ڪمپلينٽ ۾ ساڳئي ڪيس ۾ گرفتاريءَ کان اڳ ۾ ضمانت سکر هاءِ ڪورٽ مان ڪرائي وئي. اتڪل ٽي ورهيه ڪيس هلڻ کان پوءِ، انهيءَ قتل جي الزام مان بيڏوهه قرار ڏئي، لاڙڪاڻي سيشن ڪورٽ مان آزاد ڪيو ويو هوس. پوليس جي حراست ۾ ڇا وَهيو واپريو، اها سچي ڪهاڻي "48 ڏينهن" جي عنوان سان، سنڌ رنگ ڊائجسٽ جي پوليس نمبر ۾ ڇپي هئي.

جڏهن طبيعت پريشان ٿيندي هئي ته لطيف سائين وٽان گهمي ڦري ايندو هوس، ڪڏهن ته اتي رهي پوندو هوس. ٻه پيرا وَهندڙ واهن جي تارِ پاڻيءَ ۾ ٻُڏندي ٻُڏندي بچايو ويو هوس. ٽي پيرا بجلي جي سخت جهٽڪن کان بچي ويو هوس ۽ ٻه پيرا ڪُتن چَڪيو هو.

1960ع جي پڇاڙيءَ تي عُمراهه سان شادي ٿيم. عُمراهه پنهنجي وجود ۾ شاندار عورت هئي. اوائلي ڏينهن ۾ بيروزگاريءَ سبب چڪتاڻ ٿيندي هئي، نوڪري ملي ته اها چڪتاڻ گهٽجي وئي هئي. هونئن به بيروزگار کي شادي ڪرائڻ، شاديءَ سان تعدي ڪرڻ آهي. جيستائين نوجوان روزگار سان نه لڳي تيستائين ڪيس بنهه شادي نه ڪرائجي. عُمراهه کي اڳ جي اٿڻين ويهڻين کان به شڪايت هوندي هئي، سندس شاديءَ کان اڳ ۾، جڏهن مٿنين چپ تي جوانيءَ جا پاڇا پوڻ شروع ٿيا هئا، ڪنهن ڏي نهاري ٽڏا ساهه ڪڍڻ لڳو هوس. ڪنهن جي نظرن کان نظرچڻ لڳو هوس ۽ ڪنهن کي نظرڻ لڳو هوس. جُهونگاڙڻ ۽ جُهمر هڻڻ ته اڳي ئي سکيو هوس. عُمراهه سان گڏجي به جُهمريون هنيم ته اڪيلائپ ۾ به، جڻ ته اندر ٻاهر جُهمر ٻڌجي ويو هوس. طبيعت ۾ هلڪو تشدد پسند به رهيس. ڏيڍ افروز مارڪيٽ مان سبزي وٺڻ ۾ دير ڪندي هئي ته دڙڪا داب ۽ ڪڏهن ڪڏهن هلڪي مارَ به ڏيندو هوس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن ڪڏهن ته عُمراهه به منهنجي انهيءَ اُچاتري طبيعت جي چَڙ ۾ لُڙهي ويندي هئي ۽ پوءِ ڏاڍي ڏک ۽ پڇتاءَ مان ڪيس پرچائيندو هوس. ياڪرن پاڻ وارا هٿ، سندس پيرن تي رکيل هوندا هئا، جيستائين پرچي نه ويندي هئي. سندس پرچاءَ جي تارِ پاٽيءَ ۾ لهي ٽيپون هڻڻ شروع ڪندو هوس. هوئنئن به زندگيءَ جي گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا، مرد ۽ عورت ٿين ٿا، تنهنڪري ٻنهي ڦيٿن ڪي هڪ ٻئي سان سهڪاري رهڻ ضروري آهي، ڪڏهن به ڪا زور آوري ٿي وڃي ته اُن تي پڇتاءَ ۽ پرچاءَ سرچاءَ انتهائي ضروري آهي. پهريون ته ڪوشش ڪجي ته اختلاف نه ٿئي، اختلاف ٿئي ته اُبهرائي ۽ هٽ ڇُهائي نه ٿئي پر جي هٽ ڇُهائي به هَٽ چوهائي تائين وڃي پهچي ته هٽ هلڪو رکجي ۽ اهو هٽ پيرن تائين پهچڻ گهرجي. گهڻ ۾ گهڻ مون ته ائين ئي ڪيو آهي.

وڏي ڌيءُ افروز جايم. ڪيس گهرو ڪم جي جار ۾ ڦاسائي ڇڏيم تنهنڪري پڙهي نه سگهي. ٻي ڌيءُ رضيه ناياب جائي، ڪيس پڙهايم. بي. اي، بي ايڊ ڪان سواءِ ايم ايڊ ڪري رهي آهي. پرائمري اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس آهي. وڏي ڌيءُ کي ڇهه ڏيٿر هڪ پٽ ۽ ننڍيءَ کي پنج ڏيٿر ۽ ٽي پٽ آهن. رضيه ناياب پاڻ ته شاعره آهي پر سندس ڌيءُ مُرڪ ۽ آزادي به شاعري ڪنديون آهن. انهن کان پوءِ سنڌو ڌرتي ۽ ڪينجهر به ڏيٿر اٿس. منصور انين ڪلاس ۾، هالار ٻئي ڪلاس ۾ ۽ مصور پهرئين ڪلاس ۾ پڙهندا آهن.

اسلم جائو ته تمنائن جو خال پرجي ويو. هڪ پوٽو اسد الله انين ڪلاس ۾ پڙهندو آهي. باقي امڙ صدف مان به پوپٽن جهڙيون ڏيٿر انمول، جنهن کي مان اُنا سڏيندو آهيان. ٻي مارئي ۽ رابيل جي گل جهڙو ننڍڙو پٽ حُسين سردار آهي.

1971ع ۾ بي ايڊ جو امتحان پاس ڪيم. 1975ع ۾ نائين اسڪيل ۾ هاءِ اسڪول رتيديري ڏانهن بدلي ٿي آيس. گهڻو وقت گذري ويو، پروموشن نه پئي ٿيو. جي ايس ٽي سليڪشن گريڊ 12 به ملي ويو. تڏهن ڊائريڪٽوريٽ حيدرآباد ۾ هوندي هئي. سينيارٽي لسٽ ۾ نالو نه هو. ان لاءِ درخواستون ڪاغذن ۽ سروس بوڪ سميت موڪليم به ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. قاضي اختر حيات جڏهن پبلڪ اسڪول ميرپورخاص ۾ هو ته ڪيس به ڪاغذ ڏنم. تڏهن ڊاڪٽر الهداد بوهيو به حيدرآباد ۾ ئي ڊپٽي ڊائريڪٽر هو، ڪيس به خط لکيم، جنهن لکي موڪليو هو ته: اٽڪل 20 ڪيس پينڊنگ ۾ آهن، جن ۾ اوهان جو به آهي. سروس ٽريبونل ۾ وڃي تعليم کاتي کي چئلينج ڪيو. 1987ع تائين پروموشن نه ٿيو. بي ايڊ پاس ڪرڻ کي سورهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ورهيه ٿي ويا هئا. ٻني پاسي ضياٽي مارشلا لا هئي، سرڪاري ايجنسيون منهنجي خلاف چرپر ۾ هيون. روبرو پائلٽ اسڪول ۾ به آڏي پڇا لاءِ آيا ۽ ڪيترائي ملڪ دشمنيءَ بابت حوالا ڏنائون. مون چيو: مان پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ لکي رهيو آهيان. سنڌين سان ٿيندڙ ناانصافين، زيادتين خلاف لکان پيو ۽ لکندو رهندس. وڏي واڪي، روئي رڙيون ڪري ٻڌائيندو به رهندس. اوهان ڪي جيڪي وڻي سو وجي ڪيو. اهي يار به ڪي سنڌي هئا. چيائون: اوهان جي خلاف رپورٽون به ڪميٽن سنڌين پاران ڪيل آهن. جيڪي سنڌ جو ڪاٺن پيٺن تا ۽ سنڌي دشمني به ڪن تا. مون کين چيو هو ته: اوهان کين ڪميٽو ڪوٺيو آهي، ان کان وڌيڪ غليظ لفظ مون وٽ نه آهن. ان کان پوءِ اهي ماٺحو هليا ويا هئا.

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ به ٻڌايو هو ته: لاڙڪاڻي جي برگيڊيئر وٽ منهنجي خلاف رپورٽون ٽيبل تي آهن. تنهنڪري هوشيار رهڻ کپي. مون دل ۾ فيصلو ڪيو ته پروموشن به نه ٿيو، هي مسئلا به اٿيا آهن. ظالم اٿيا ته سزا به ڏيندا ۽ 26 ورهين جو پورهيو به ڪاٽي ويندا، چو نه رٽائر ڪري ڇڏيان. اهڙيءَ طرح ڪراچي وڃي سروس بوڪ فائينل فڪسيشن ڪرائي اجازت وٺي اچي رٽائرمينٽ جي درخواست ڏيئي ڪاغذ نهرائي ٽن ڏينهن ۾ سلپ وٺي لاڙڪاڻي پهتو هوس. پئسا مليا ته عُمراهه ڪي چيم: حڪم ٿئي، واشينگ مشين، سيف، ٽيپ رڪارڊر جو حڪم ٿيو ۽ پاڻان سونيون چوڙيون به نهرائي ڏنيونمانس. باقي پئسا قومي بچت گهر ۾ فڪس رکيا ويا. ڇهين مهيني نفعو ملندو هو. ڏاڍا مزا ماڻيا. آزاد پکيءَ وانگر هيڏي ڪان هوڏي اُڏامندو رهيو هوس. سوچ جي پَرن ۾ ڪنهن به قسم جو ٽَڪُ يا ڪوٽ جو امان گمانُ ئي نه رهيو. نوڪريءَ کان آجو ٿيس ته زندگي نئون مزو ڏنو. سوچيو هوم ته اها ته نوڪريءَ کان آجاٽپ آهي، قومي آجپي ۾ ڪيتري خوشي هوندي! ڪاٿو ئي نه ڪري سگهه! نه ڪلارڪ جي ڪاڻ نه آفيسر جي ٻَرِگري.

هڪ ڀيري افيشني بار ڪراس لاءِ سروس بوڪ ڊي. اي. او صديقي حبيب الله جي آفيس ۾ پورو مهينو رهيو هو. شاعر دوست هو. نيٺ وڃي ميار ڏني مانس سستيءَ جي. ته تهڪ ڏيندي سروس بوڪ گهرائي، پُورائو ڪرائي ڪٽي هٿ ۾ ڏنائين. وري جڏهن ڊائريڪٽر ٿي آيو هو ته هڪ غريب دوست لاءِ نوڪريءَ جي درخواست ڏني مانس ته پاڪر پاتائين پر نوڪري نه ڏنائين. چو ته نوڪري وڏين جي آشيرواد سان سلهاڙيل هئي. ان کان اڳ ڊاڪٽر الحداد پوهيو ڊائريڪٽر ٿي آيو هو ته پاڻ ئي پڇا ڪري منهنجي ڌيءَ ناياب کي نوڪريءَ جو آرڊر ڏنو هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيتري قدر جائز آهي، توهان ۽ اسان جو وجود. سيد جي فڪر کان ٻاهر ڪجهه به نه آهي. ان تي زين شاهه، لکيل احتجاجي ڪارڊ پيپر، مزار کان پري ڪري رکڻ جو چئي واپس ٿي ويو هو. رات وچي ٻارن وٽ رهياسين. ورندي ڏينهن تي وري اچي احتجاج تي ويناسين ته منل مُهاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ پنج اٺ ڏنڊا ڏوتا مُهاڻا ڦري آيا. جڻ ٻانڌي تي قبضو ڪرڻو هجي. اسان کي اٿڻ لاءِ جلال محمود شاهه جي حڪم کان آگاهه ڪيائون. مون ڪين چيو ته توهان جلال محمود شاهه کي ٻڌايو ته نٿا اٿون. تڏهن چيائون ته، حڪم آهي ته اوهان کي ڪٽي ڪنيي ٻاهر اڇلايون ۽ پوءِ اٿين ٿي ڪيائون. تڏهن مونکي وڏيرن جي وڏيرڪي سوچ جي وڏيڪ خاطري ٿي. هي جو چيو اٿن ته: ”ڏوبي منجهه درياءَ ته به اوجهه نه ڇڏي اوجهري“ واقعي آهي، وڏيرو نيٺ وڏيرو آهي، ٻاهران ڪٽي سونو پاڻي ڏنل چو نه هجيس! اتان اٿي اچي پريس ڪلب ۾ احتجاج تي ويناسين. شام جو سج لهڻ ڏاري بشير خان پنهنجي سٽ سميت اچي، مونکي پنهنجي نياڻين سميت وٺي ڪراچي روانو ٿيو هو. 17 تي صبح جو ڪراچيءَ مان اچي، سيد اعظم جي مزار تي حاضري پري ۽ موٽي توڙهي ڦاٽڪ تي سالگرهه ملهائيءَ جلسو ڪيو. سن جو ميدان، سيد اعظم ڏانهن روئٺهارڪو ڏسندو رهيو هو.

گڏريل اليڪشن ۾ سيد جلال محمود شاهه اميدوار بيٺو هو. ڄامشوري جي دوستن مون کان، ڪيس ووٽ ڏيڻ لاءِ راءِ ورتي هئي. مون چيو هو ته: شينهن جو ٻي سمجهه ٻچڙو به گاهه نه کائيندو آهي، تنهنڪري رهبر اعظم جي اولاد کي ووٽ ڏيو. سالگرهه کان پوءِ نياڻين کي لطيف سائين جي درگاهه تي، وسندڙ مينهن ۾ وٺي ويس. سجڻ جي اڳڻ تي ڪيترين ئي گهڙيون گذاريندي، پنهنجن توٽي پراون جون، ڳل ڳراٽڙيون پائي دانهون ڏنيون ويون. ڏيءَ ناياب سرڪش، مُرڪ، آزادي، سنڌو ڌرتي، ڪينجهر، منصور، هالارءِ مصور ساڻ رهيا.

2002ع اپريل ۾ ساجي ڦٽيءَ ۾ شديد سُور پيو. صبح شام سُيون هڻائيندو رهيس. 24 اپريل تي وٺگن تي چڙهي، سائين جي. ايم سيد جي ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سَن روانو ٿيس. سَنَ ۾ ڏنم ته ساجي ٽنگ پاڙ کان پيرَ جي چوٽيءَ تائين سخت سُڄي وئي. ورسيءَ کان پوءِ لطيف سائين جي ادبي ڪانفرنس ۾ پٽ شاهه تي وڃڻ ٿيو. موٽي گهر آيس. مئي - جون گهر ۾ رهيس. جولاءِ ۾ سول اسپتال ڪراچيءَ ۾، پياري ڊاڪٽر سرجن خورشيد احمد سمون وٽ پهتس. ٽپاسون ٿيون، جن ۾ غدود جو ڪينسر ظاهر ٿيو، انهيءَ مرض جي سُور جي خبر پيم. سڄي پِنيءَ ۾ ايترو سُور پوندو هو جو چِڙ پِڙ کان هلاڪ هوندو هوس. منهنجي ڪينسر جو ٻُڌي، منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءَ جي شريڪ عُمراهه، مون کان ڪِلندي ڳالهائيندي، محض پنجن منٽن ۾، هٽ، هٽ مان ڇڏائي، دل بيهجي وڃڻ سَبب هميشه لاءِ آليون اکيون ڏئي هلي وئي. آڪٽوبر 2002ع ۾ ٽي. يُو. آر. پي ۽ آرڪي ڊيڪٽومي ڪرايم. جيڪا ڊاڪٽر شهزاد لغاري صاحب، يورولاجي ايل. ايم. سي ۾ ڪئي. جنهن کي هڪ محبوب ماڻهو، ڊاڪٽر پروفيسر منير احمد جوڻيجي پارٽ ڪئي ۽ خود ڪينسر وارن ڊاڪٽرن کي به سخت پارٽ ڪيائين. ڊاڪٽر منير احمد جوڻيجي جي ساراهه ايتري آهي جيتري ڏٺيءَ جي. پروفيسر منير احمد سان بشير خان قريشي ڏيٽ ڪرائي هئي. ڇهن هفتن کان پوءِ، سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ ڪينسر کان اينڊروڪرٽڪي، هڪ صبح هڪ شام ڪرائيندو آهيان. ڪينسر اسپتال ڄامشورو ۾، صداقت علي سمون مونکي پنهنجي روح وانگر ويجهڙو آهي. ڏاڍو پيار ۽ مانُ ڏيندو آهي. قومپرست آهي. ان کان سواءِ ميان اقبال ۽ ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ ٻيا نوجوان دوست به جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن.

عُمراهه ته منهنجي ڏک ۾ هلي وئي ۽ مان اجا الائي ڪيترا ڏک سَهڻ لاءِ جيئرو آهيان ۽ انهيءَ جياپي جي واڌاري ۾ نوجوانن جو وڏو هٿ آهي. عُمراهه جي وڇوڙي پٽر وانگر پوري ڇڏيو آهي. گهڙيءَ گهڙيءَ روئي پوان ٿو، ادبي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيڻ ڇڏي ڏنو اٿم. گهڻن ماڻهن جي روبرو روئڻ کان، اڪيلي ۾ روئڻ کي ترجيح ڏني اٿم، ڇو ته ٻين جي روبرو بي اختيار روئڻ تي به ٽوڪن ٿيڻ جو انديشو آهي. انهيءَ ڪمري سان روئڻ، سُڪون ڏئي ٿو، جنهن ۾ سندس ٿَڪ ۽ ڪاوڙ جا ڇِهڪَ پريل آهن. ادبي دنيا ۾ رهڻ ڪري وڏا وڏا اديب مهربان آهن. اٽڪل ٽيهارو کن دوستن جي ڪتابن جا جهڙا تهڙا مهاڳ لکيا آهن.

1. 1993ع ۾ مهراڻ آرٽس ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه پاران ايوارڊ مليو.
2. 94-1993ع ۾ گهوٽڪيءَ مان رشيد رُڪُ ايوارڊ مليو.
3. لاڙڪاڻي جي چانڊڪا آرٽ سنڌ ڪلچرل گروپ پاران ايوارڊ مليو.
4. شهداد ڪوٽ مان پيرل قمبر ايوارڊ 1999ع ۾ مليو.
5. سرمست سچل 2001ع ايوارڊ، سچل يادگار ڪميٽي خيرپور پاران مليو.

ايوارڊن جهڙو ڪوبه ڪم نه ڪيو آهي. قومي آزاديءَ جي جذبي سان جيئڻ ڪري، نوجوانن ايترو مانُ ڏنو آهي، جو ان کان مٿي ڪو ايوارڊ نٿو ٿي سگهي.

عابده پروين ۽ وحيد علي جو راڳ وڻندو رهيو. گلاب جو گل پسند اٿم. ڪاڏو جيڪو ملي سو کاوان. رنگ سُرمئي خاطر خواهه لڳو.

زندگيءَ جي ڪنهن به پاسي ۾ مثالي ڪردار ۽ مثالي ڪاميابي نه ماڻيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روئندو هوس پرچائيندا هئا، پاڪرَ پائيندا هئا
اڄ هن مائٽن مان ڪنهن ناهن، لڙڪ اُگهيا منهنجا

هاءِ وڇوڙا مارَ پَوِنئي ڪا، ڪيئن نه ايندو آن!
اهڙا ڪهڙا لِکندڙ ويهي ڀاڳ لِکيا منهنجا!

دنيا وارا سڀ چائن ٿا، ڇا ڇا ٿو گذري
هڪڙي منهنجي ساجن ناهن حال ڏٺا منهنجا

جاڳي پيو آ سارو پاڙو، منهنجي دانهن تي
روئي روئي مون نه ڪيا سَڏَ، تو نه ٻُڌا منهنجا

مان نه سِڪي ٿي مَرڻو آهيان، سرڪش عُمرِ سجي
ٻئي ڪنهن ڪي نه سِڪائي مارِج، هيئن خدا منهنجا

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نثراٽا ٽُڪرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

★ هُنَ جي چڙهي طاقت بخشي اٿم، تُنهنجي چڙهيءَ تي مَري وڃان ها!
★ تُنهنجي آخري فون ڪڏهن به نه وسرندي ته معنيٰ تون به نه وسرندين.
★ سڀ ڪنهن وٽان چڱائي جي اميد رکڻ چسائي آهي.
★ تَنهائي، خُودڪشيءَ جي ماءُ آهي.
★ "جاڄِڪ ڇَريو ٿئي، لٿا پنهنجن ڏي لاهي" وڏو سَچ آهي.
★ پنهنجي ذهن ۾ تالا پوڪيا اٿئي، پاڻ کي ساڙڻ لاءِ.
★ خود غرض جو نه دوست ٿيءُ نه ٿي پاڙيسري.
★ زندگيءَ تي محبت جي چانوَ نه هجي ها ته سڀ ماڻهو چَريا ٿي وڃن ها.
★ رُوح ۾ لهي ويٺل ماڻهو، رُوح نڪرڻ کان اڳ نه نڪري سگهندا آهن.
★ گهرَ مان نه ته، شهر مان ته فون ڪري سگهجي ٿي، زبان کي ايترو بند رکڻ سان گونگو به ٿي سگهجي ٿو.
★ ماڻهو مَري وڃي ته مَري وڃي، محبت مَرڻ نه ڏجي.
★ عظيم مقصد لاءِ موتُ ماڻڻ، زندگيءَ کان عظيم آهي.
★ ڪالهه هُن سنڌ سُڪڻ خلاف رڙيون پئي ڪيون، اڄ ڊِمر نَهرَ لاءِ ٺهڪ پيو ڏئي - سِنڌ جو وزيراعليٰ ٿيو آهي ڇا؟
★ مونکي تُنهنجي پيءُ جي خبر آهي پر تاريخ تُنهنجي ڏاڏي تان به ڪَکَ لاٿا آهن.
★ منهنجي جِسم کي پلي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪر، پر رُوح خَراشي نه ڪر.
★ سچ چيو اٿن ته: ٻار ڏاڏاڻين يا ناناڻين، تون ناناڻن تي ويو آهين.
★ تُنهنجا نانا هِيرا مَنڊيءَ ۾ ويٺا آهن ۽ مان توکي هِتي پيرين پوندو آهيان.
★ اُهي اکيون آزاديءَ جا خواب ڪيئن ٿيون ڏِسي سگهن، جيڪي هڪ ڀاتيءَ جي مَرتئي تي چوماسي جيئن وسي پون.
★ هُوءَ عورت، جنهنجو اڪيلو پُٽ آزاديءَ لاءِ وڙهندي مارجي وَيو، ڀَهڪي رهي آهي! آءُ جيڪو، قومي ناتي کان سواءِ، سندس ڪجهه به نه ٿيان، روئان پِيو، مان دل نٽو رکان يا هُوءَ؟
★ مان پنجاب جو سوئر ٿيڻ بدران، سنڌ جو گُڏهه ٿيڻ پسند ڪيان ٿو.
★ نفرت فنا آهي ۽ فنا جو فلسفو ئي نه ٿيندو آهي.
★ تو امرت آڇيو، مان ان کان اڳ ۾ زهر پي ويٺو آهيان.
★ ضرورت پوي ٿي ته پيار به وڪڻي ٿا ڇڏيو.
★ منهنجي دوست کي ڪير سمجهائي ته پڄي پيل کي ٽيڪ نه ايندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

★ پنهنجي پاڇي سان پيار ڪرڻ وارا، پيار جي حقيقت ڪان بي خبر هوندا آهن.
★ روح ۾ لهي وڃڻ لاءِ اجازت جي ضرورت نہ پوندي آهي.
★ ڪاوڙ تہ مون تي هُئہ، گل ڇو ڇيتاڙي ڇڏيئہ؟
★ ڪڏهن ڪڏهن فون بي مقصد ٿي ويندي آهي.
★ پاڻيءَ ۾ ٻُڏڻ کان بچڻ لاءِ، نانگن سان وڪوڙيل ٻُوڙي ۾ هٿ وجهجهي ڇا؟
★ تنهنجو منهنجو فيصلو سائين جي. ايم سيد جي تربت تي هٿ رکڻ سان ٿيڻ گهرجي، اگ بہ سندس پيرن ڪي گُڏجي چُميو هيوسين نہ!
★ هڪ هٿ ڪيئہ، پيو وڃايئہ. فائدو؟

❀



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# راهن جي روشني

ڪتاب "جوٽيون جيءَ جهان جون" جو مسودو منهنجي نظر مان گذريو. پنهنجيون پرايون ڪَچيون ۽ سَچيون ٽيل آهن ۽ اها ڳالهه خود ڪتاب جي نالي مان به واڪي پئي ٿئي. جيتوڻيڪ هيءُ ڪتاب هڪ شاعر جي نِجي زندگيءَ بابت لکيل آهي، تاهم ان جي پڙهڻ سان ليکڪ جي هم عصرن توڙي ايندڙ نسل لاءِ ڪي راهون چٽيون ٿين ٿيون. ليکڪ جي زندگي، ٻاروتڻ کان اڄ تائين ڪهڙين ڪهڙين حالتن مان گذري آهي، پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو. نامحرومين، احساس ڪمترين جا گهاٽا بادل، سندس جوانيءَ جي حُسناڪين کي به پيڙائن جي پلاند ۾ گهيرو ڪيو ويٺا رهيا آهن ۽ اها بي ترتيبي، سندس هن ڪتاب جي مواد تائين اثر انداز رهي آهي. نيٺ هن آتم ڪٿا جي ڪتاب جا عڪس، اولڙا، پاڇا وغيره ڪٿان ڪٿان ڪيستائين شروع ٿي ڪٿي وڃي ڪٿڻ ٿا!

آتم ڪٿائون پڙهڻ مان، پڙهندڙن کي پنهنجي زندگيءَ جي ضابطگي توڙي بي ضابطگيءَ کي سمجهڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ انهن جي چانوَ ۾ ذاتي رنجشن ۽ بي سڪونين کي حل ڪرڻ جو ڏانءُ مهيا ٿئي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي داخليت ۽ خارجيت جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڪنهن حد تائين انهيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي ته ڏک ۽ سک دائميت نه ٿا رکن ۽ ڏک ۾ گذرندڙ ڏينهن سُک جو آئيندو ڪٿي اچي سگهن ٿا. نه ته به گهٽ ۾ گهٽ انهن حالتن کي حوصلي سان سامهون ٿيڻ جي سگهه پيدا ٿئي ٿي. وري ائين به ممڪن آهي ته سک جي ڪچ ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهوءَ لاءِ اڻ ميو ڏک به اُپري سگهي ٿو. تنهنڪري نه ڏک کان ڏڪوئجي مايوسين جو شڪار ٿي وڃجي نه ئي سک تي ايترو پروسو ڪجي جو اوچتي ڏک ڏسڻ سان ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ڪچي پتر جيئن پري پوي!

زندگي، معروضي حالتن ۽ اندر ۾ پيدا ٿيندڙ احساسن جو ٻيو نانءُ آهي، جيڪي ڏک ۽ سک مان عبارت ٿين ٿا. قومپرست شاعر جي هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پوءِ هر پڙهندڙ، ليکڪ جي ذاتي زندگيءَ جي لمحن کي ڄاڻڻ سان، سندس ڪوشش بابت ۽ ان ۾ ڪاميابي توڙي فني سٽاءَ جي ناڪاميءَ بابت، پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مخصوص راء رکي سگهي ٿو. مفت خوري ۽ محنت مزدوريءَ ۾ فرق جي احساساتي اظهار کي يقيني بنائي ڪو فيصلو ڏيني سگهڻ جي پوزيشن وٺي ٿو. بهرحال آئنر ڪتا لکڻ، ايندڙ نسل لاءِ، اوسر ۾ مددگار بنجڻ جي اخلاقي ذميواري بڻجي وڃي ٿي. سرڪش سنڌي جي هن ڪتاب ۾ نه رڳو سندس ذاتي زندگيءَ جي ڏک سک جي عڪاسي ٿيل آهي پر سڄي سنڌي قوم سان ٿيندڙ زيادتين جو المياتي اظهار ۽ ان جي روڪٿام جو يقيني ڏس به ڏنل آهي ۽ اهو آهي "قومي ترانو".

**حفظه وگڻ**

ايم - اي

(انگريزي ادب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ذات پات ۽ طبقي جي اوچ نيچ جي اوندهہ وچي تہ دنيا پريم جي روشنيءَ سان چمڪي پوي."

"مٺين شين سان وات مٺو ۽ مٺين ڳالهين سان روح مٺو ٿيندو آهي."

اهي ۽ اهڙا ٽڪرا پنهنجي ڊائريءَ تي لکي ڇڏڻ جهڙا آهن.

**حميرا وڳڻ**

ايم- اي

(انگريزي ادب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻاهرين اک ڪُلي ته گهر ڀاتين ۾ عمر ۾ سڀ کان وڏو هو ابا سرڪش سنڌي، پر تڏهن مونکي فقط اها خبر هئي ته ابا، ابا آهي ۽ وڌيڪ ڪجهه به نه. جڏهن اندرين اک ڪُلي ۽ ابا جو واسطو مختلف ڪتابن سان ڏٺو ويو ته نسبتاً ڪجهه وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿيندي رهي ۽ ابا کي هڪ ٽيچر جي حيثيت سان سڃاڻڻ لڳيس. جڏهن شعور سگهارو ٿيندو ويو ته کيس قومي شاعر جي حيثيت سان سمجهڻ لڳيس ۽ انهيءَ دؤر ۾ ئي مون ۾ به شاعراڻا خيال اپرندا رهيا. مون به جهڙي تهڙي شاعري شروع ڪئي. تڏهن ابا کيس شاعري نه ڏيکاريندي هيس، ڪنهن اڻاتي خوف کان، خوف جيڪو هر سمجهه واري ماڻهوءَ لاءِ ضرور هوندو آهي، ڪٿي نه ڪٿي ۽ ڪجهه نه ڪجهه.

جڏهن پ پ وارن جمهوريت جي حوالي سان مشاعرو ڪرايو هو، ته مان به ان ۾ شريڪ ٿي هيس ۽ ٽيون نمبر انعام کنيو هوم. اها خبر جڏهن ابا کي پيئي ته ڏاڍو خوش ٿيو هو. چيائين: "مون کي اڳ ۾ چو نه ٻڌايو هوءِ." ان کان پوءِ منهنجي شاعري تي نظر وجهڻ لڳو.

اسان سڀني تي شفقت جي نظر ته اڳ ۾ هيس. هاڻي جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي گهاريل گهڙين بابت لکيائين ۽ مون ڪتاب پڙهيو ته سڄو مواد پڙهڻ لاءِ ڪائنس ٿي ڏينهن مهلت ورتم. ماڻهو ويچارو حياتي ڪيئن ٿو گذاري، ڏک سُک ڪيئن ٿا پنهنجا اثر ڇڏين. خبر پيم. انهيءَ موڙ تي سنڌس شاعري ۽ نثر جي لکڻ کان پنهنجي لاءِ رستي جي خبر پئي اتم ۽ خبر پيئي اتم رهبر ۽ رهبريءَ جي.

مُرڪ چانڊيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يادَ اٿم ويندڙ سياري جي موسم ۾ ڪوٽ پاتل هوندو هوم. ننڍي هوندي لُوسڻ جي ٻاري ۾ ٽپا ڏيندي، ڪيڏندي ٽڪجي پوندي هُيس ته ٻاري ۾ ٿي سمهي پوندي هيس. جيستائين اَمڙ مينهن لاءِ لُوسڻ لُڻندي هئي.

پهرين درجي ۾ داخلُ ٿيس ته اسڪول جي دڪاندار کان هر - هر شيءِ وٺندي هيس ته ڏيندو هو. ڇهه، سَتَ پيرا شيءِ وٺندي هئي مانس، شايد اَبا ڪيس پئسا اڳواٽ ڏئي ڇڏيندو هو، يا پوءِ ڏيندو هو. ضرورت وقت ابا جي ڪيسي سان به ڪوئنس ڪري وٺندي هُيس؟ اَبا نظر انداز ڪري ڇڏيندو هو.

پيار ته ڏيندو ئي هو، پر غلطين تي ڇينڀيندو به هو، ڇينڀڻ وقت ٻنهه نه وٺندو هو، تڏهن اَبا کي اَبا، امان کي امان ۽ ياءُ کي ياءُ، ڀيڻ کي ڀيڻ سمجهندي هُيس پر رشتن جي اهميت جو عِلم نه هو ۽ اُهو تڏهن ٿيو جڏهن پاڻُ سڃاڻڻ لڳيس.

هاڻي جڏهن منهنجي عمر تڏهن واري اَبا جي عمر کان به اڳيري ٿي آهي، تڏهن ابا کي رڳو اَبا ئي نه ٿي سمجهان پر اڳي کانِ گهڻو پنهنجي سمجهان، ڇو ته اَبا جي وجود مان ڏئي جي وجودَ جو دَليلُ مليو اٿم. اَبا جا رَوَيا اسان لاءِ عام والدين کان وڌي خاص والدين جهڙا آهن. اَبا جي لکيل، آتم ڪٿا پڙهڻ کان پوءِ، يقين سان چئي سگهان ٿي ته منهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن اَبا جي ننڍپڻ جي ڏينهن کان بهتر هئا. هاڻي ٿي مونکي محترم اياز گل جي اها سِٽ سمجهڻ ۾ آئي آهي "هر شخص ڪهاڻي آ".

پنهنجي زندگيءَ ۾ ضِدي به رهيو آهي، پر بي جا نه، سنڌ پرستي، ضد جي حد کان به وڌيڪ اٿس، چوندو آهي ته خدا پرست ته آهيون، ضرورت قومپرست ٿيڻ جي آهي، جيڪو ماڻهو قومپرست نه آهي اهو خدا پرست به نه آهي. سندس قومپرستي جا چانورا اسان سيني تي پيا آهن، تڏهن ته مون پنهنجي هڪ شعر ۾ لکيو ته:

موتُ ته هُونئن به اچڻو آهي ايندو ضرور<br>
پَر سِنڌڙي توتي سِرُ ڏِيان دِلِ چوندي آ.<br>
نازُ ته پاڻ تي پوءِ به گهڻو آ هوندو پر<br>
سرڪش جو پيو پٽ ٿيان دِلِ چوندي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ شايد ابا سائين جي ڌنل گسَ تي هلَڻ ۾ ڪاٻہ تڪليف محسوس نہ ڪريان ها.

اسان ۽ سنڌ جا ٻيا نوجوان سورهيہ توڙي نياڻيون ڪيس سنڌ جي سرحدن جهڙا پيارا آهن. چوندو آهي: سنڌي نوجوانَ منهنجا پٽ ۽ نياڻيون منهنجون ڌيئر آهن. جيئن چوندو آهي تيئن ئي ڏنو اعمانس، پاڻ شاعرُ آهي ۽ سندس شاعريءَ جي چانوَ مون تي ۽ منهنجي ڀن ڌيئرن مُرڪ ۽ آزاديءَ تي ٻہ پٽي آهي.

شال ابا سائين پنهنجي آخري ۽ خوبصورت خواهش، آزاد سنڌ، پنهنجي زندگي ۾ پوري ٿيندي ڏسي. آمين

نااب سرڪش سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ساڄي کان کاٻي: نامعلوم، سرڪش سنڌي، نثار شيخ، زخمي چانڊيو، احمد مغل ۽ نظر پياسي



سرڪش سنڌي نظر پياسيءَ کي ڳانو ٻڌندي



ساڄي کان کاٻي: سرڪش سنڌي، غلام رسول چانڊيو ۽ عبدالحڪيم چانڊيو (وڪيل) ٿر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ساڄي کان کاٻي: ريشل سرڪش سنڌي، ناياب سرڪش سنڌي
ساڄي کان پيشل سنڌي، آزادي مرڪ
اڳيان ريشل، هلال ڪيپٽن ۽ منصور



ساڄي کان کاٻي: عمران ڪلهوڙو، سرڪش سنڌي، نور سنڌي، صديف،
اڳيان سنڌو (سائين جي.ايم سيد جي مزار تي)



ساڄي کان کاٻي: ناياب سرڪش سنڌي ۽ سرڪش سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ساڄي کان کاٻي: مصور، سرڪش سنڌي، ڪينجهر، آنا، عمراھ، هالار ۽ منصور



ساڄي کان کاٻي: مرڪ چانڊيو ۽ سرڪش سنڌي



ساڄي کان کاٻي: آزادي چانڊيو ۽ سرڪش سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ساجي کان کابي: سوڀو گيانچنداڻي، اڪرام ساگر عباسي ۽ سرڪش سنڌي



ساجي کان کابي: استاد بخاري، علي دوست عاجز، سرڪش سنڌي ۽ سرمد چانڊيو



ساجي کان کابي: سرڪش سنڌي، هدايت منگي، منٺار سولنگي ۽ سرمد چانڊيو


Scanned with CamScanner



ساڄي کان کاٻي: خديجه (عمراهه جي ننڍي ڀيڻ) ۽ عمراهه



ساڄي کان کاٻي: افروز (وڏي ڌيءُ)، اسلم (پٽ) ۽ نسيم (ڀائيجي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



سرڪش سنڌي 1957ع ۾



ساڄي کان کاٻي: نسيم اختر (پاڻيجي)، زبيده (پيڻ)، شبنم (پاڻيجي) ۽ طفيل احمد (پاڻيجو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مولوي عبدالله چانڊيو (سرڪش سنڌيءَ جو والد محترم)



سرڪش سنڌي 1965ع ۾



عبدالرشيد چانڊيو (سرڪش سنڌيءَ جو ننڍو ڀاءُ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ڪاتب پريس لاڙڪاڻو 4844707

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book